ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 04 سيپٽمبر 2026ع 21 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيا شمارو (20)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

جماعتِ اسلامي جي سڏ تي ملڪگير هڙتال؛ ڪاروبار بند، مختلف شهرن ۾ ٻاهيون، ڪيئي مظاهرين گرفتار

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاڳاپيل ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي پاران سڏ ڏنل ملڪي سطح جي هڙتال سبب ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ڪراچي ۾ باهه لڳائڻ ۽ ڀڃ ڊاهه جا واقعا ٿيا

ڪورنگي ڪراسنگ ويجهو نامعلوم ماڻهن باهه لڳائڻ ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي، رستا بند، ٽائرن کي باهه، ٻن موٽر سائيڪلن کي پڻ باهه ڏئي ساڙيو ويو، دوڪاندارن کي ڪاروبار بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو

صبح جو سوير کليل دڪان ۽ پيٽرول پمپ بند ڪرايا ويا، اڪثر مکيه مارڪيٽن ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ مڪمل شٽ ڊائون هڙتال، صدر ۾ موبائيل جون سموريون مارڪيٽون ۽ اليڪٽرانڪس جا دڪان بند

لائيٽ هائوس ۽ بولٽن مارڪيٽ، ڪيميڪل مارڪيٽ، ٽمبر مارڪيٽ، اسٽيل مارڪيٽ، گلبهار سينيٽري مارڪيٽ، پاڪ ڪالوني، قيوم آباد (مارٻل) ۽ فرنيچر مارڪيٽون پڻ بند رهيون

واپارين پيٽروليم ليوي خلاف جماعتِ اسلامي جي مهم جي حمايت ڪئي، راولپنڊي ۾ ڪاروباري سرگرميون جاري رهيون، "تنظيمِ تاجران پاڪستان" هڙتال جي حمايت جو اعلان ڪيو، ڪجهه دوڪان بند رهيا

لاهور جي مختلف علائقن ڪوئينز روڊ، عابد مارڪيٽ، هال روڊ، مال روڊ، نسبت روڊ مارڪيٽ، فيروزپور روڊ ۽ برينڊريٿ وارن علائقن ۾ ڪاروباري مرڪز بند رهيا، مختلف علائقن ۾ احتجاج ڪيو ويو

مال روڊ تي جماعتِ اسلامي جي ڪارڪنن ۽ واپاري برادريءَ وچ ۾ ٽڪراءُ، ٻنهي ڌرين طرفان نعريبازي سبب ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ مال روڊ تي ٿيل ان ٽڪراءُ سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي

حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، ڄامشورو، گهوٽڪي، نوابشاهه، ملتان، منصوره، شيخوپوره، پشاور، ڪوئيٽا سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ پڻ جماعت اسلامي جي سڏ تي ڌرڻا هنيا ويا

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاڳاپيل ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي پاران سڏ ڏنل ملڪي سطح جي هڙتال سبب ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ڪراچي ۾ نامعلوم ماڻهن پاران باهه لڳائڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حڪومتي وفد منصورا پهچي ويو، جماعت اسلامي پاران پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ سميت 4 مطالبا پيش

ڌرڻا ختم ڪرائڻ لاءِ احسن اقبال جي سربراهي ۾ حڪومتي وفد جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪئي

منصوره پهتل حڪومت جي ڳالهين واري ٽيم ۾ وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءُ الله ۽ خواجا سلمان رفيق شامل هئا

جماعت اسلامي کي چيو آهي ته اهڙيون تجويزون آهن، جنهن ذريعي پيٽرول جي اگهه جو بوجهه گهٽائي سگهجي ٿو ته اهي پيش ڪن: حڪومتي وفد

هن سال حڪومت ليوي جي مد ۾ مقرر ڪيل هدف کان به وڌيڪ رقم گڏ ڪئي آهي، مهانگائي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: حافظ نعيم الرحمان

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جا ڌرڻا ختم ڪرائڻ لاءِ احسن اقبال جي سربراهي ۾ حڪومتي وفد جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪئي، جنهن ڪانيءَ ٻنهي ڌرين ڳالهين لاءِ ڪميٽيون جوڙي ڇڏيون

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

صدر پاران پاڪ افغان سرحد تان دراندازي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري اتر وزيرستان ۾ پاڪ افغان سرحد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عمران سرور 3 سالن لاءِ نيشنل بينڪ جو صدر ۽ سي اي او مقرر

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت بينڪنگ شعبي جي ماهر عمران سرور کي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پُوري قوم کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوج تي فخر آهي: وزيراعظم

پاڪ افغان سرحد تي 15 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

مُلڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي پاڙ کان پٽي ختم ڪرڻ تائين سک سان نه ويهنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر وزيرستان جي ويجهو پاڪ افغان سرحد تي فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ خوارج جي دراندازي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ ۽ 15 دهشتگردن کي جهنم

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر ۽ فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ فيز 2 ايڪسٽينشن بابت اجلاس ٿيو

فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ ايڪسٽينشن کي جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي ٻئين فيز جي طور تي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

صحت جي شعبي ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي، اسپتال ۾ جديد ۽ هاءِ ٽيڪ مشينري هئڻ کي يقيني بڻايو وڃي: وزيراعظم جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي صحت جي شعبي ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي. خميس

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙ ڀارتي حمايت يافته 15 دهشتگردن کي ماريو ويو

سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي ۾ پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي

پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز پيشيوراڻي مهارت، صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي انهن جو ڪاميابي سان مقابلو ڪيو

ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ آيو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي ۾ پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙ ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جي 15 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ويو آهي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پمز سانحو؛ نئين ڄاول ٻار کي بچائيندڙ نرس رضيه نورين کي تمغهِ خدمت ۽ هڪ ڪروڙ جو چيڪ ڏنو ويو

وزيراعظم سان پمز ۾ باهه لڳڻ جي واقعي ۾ نئين ڄاول ٻار جي حياتي بچائيندڙ نرس رضيه نورين جي ملاقات ٿي

عظيم مقصد جي لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي نئين ڄاول ٻار جي حياتي بچائڻ عظيم عمل آهي: وزيراعظم شهباز شريف

هڪ ڪروڙ رپين جو انعام اصل ۾ سندس حوصلا افزائي جي لاءِ آهي جنهن جي نرس رضيه نورين حقيقي طور تي مستحق آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پمز ۾ باهه لڳڻ جي واقعي ۾ پنهنجي جان تي کيڏي نئين

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

قوم کي پنهنجي بهادر جوانن تي فخر آهي: وفاقي گهرو وزير

پاڪ افغان سرحد تي فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي مداخلت ناڪام بڻائي وئي

پاڪ فوج جي جوانن وقت تي بهادري سان ڪارروائي ڪري ملڪ جو دفاع يقيني بڻايو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

تعليمي ماهر ساجده يوسف سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سيڪريٽري مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪري تعليمي ماهر ساجده يوسف کي سنڌ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته نوان صوبا ٺهي ويندا: اعظم نذير تارڙ

آزاد ڪشمير ۾ سڀ کان وڏو مسئلو چونڊون ڪرائڻ هو جيڪي چونڊون پرامن ۽ شفاف نموني ٿيون

وزيراعظم ڪيترائي ڀيرا مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت پڻ ڏئي چڪو آهي: وفاقي وزير

لنڊن (م ڊ) وفاقي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته ٻه ڀاڱي ڪي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم "اپنا گهر" تيزي سان ڪاميابي جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي: خرم شهزاد

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي جي وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، بورڊ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

"ڌرتي ماءُ آهي" سنڌ اسيمبلي ۾ صوبي جي ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور، ايم ڪيو ايم جو واڪ آئوٽ، نعريبازي

اسيمبلي جي تاريخي اجلاس ۾ صوبي جي ورهاست ۽ نون صوبن يا انتظامي اڪائين جي قيام جون سڀئي ٻاهريون ڪوششون گڏيل طور تي رد ڪندي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو

سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار يا ٽڪرا ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ جوڳو ناهي، صوبي جو عوام پڻ ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول نه ڪندو: وڏو وزير

اسان سنڌ جي وحدت تي يقين رکون ٿا، پر صوبي ۾ ڪرپشن ۽ بدانتظامي سبب مجبور ٿي نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪريون پيا جيئن ناانصافين جو سلسلو ختم ٿي سگهي: مخالف ڌر ميمبر

سنڌ جي وحدت کي رڳو نقشي تي لڪير ڪڍي ورهائي نٿو سگهجي، هن ڌرتي سان عوام جي جذباتي ۽ تاريخي وابستگي آهي ۽ ورهاڱي جي سازشن خلاف سنڌ جو عوام متحد آهي: حڪومتي ميمبر

سنڌ صوبو مضبوط هوندو ته پاڪستان مضبوط هوندو، پيپلز پارٽي ڪيٽي بندر کان ڪشمير تائين موجود آهي، پ پ ئي وفاق کي متحد رکيو آهي ۽ سازشون بند ڪيون وڃن: موقف

اجلاس ۾ گرما گرم بحث دوران صوبائي اسيمبلي هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور ڪري ورتو، ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن نعريبازي ڪندي ايوان مان واڪ آئوٽ ڪيو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي /راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي جي هڪ وڏي ۽ تاريخي اجلاس ۾ صوبي جي ورهاست ۽ نون صوبن يا انتظامي اڪائين جي قيام جون سڀئي ٻاهريون ڪوششون گڏيل طور تي رد ڪندي هڪ تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ خميس ڏينهن چوٿين ڏينهن به ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام ۽ سنڌ جي ورهاست بابت جاري

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

"سنڌ ڌرتي ماءُ آهي" سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ميمبر بينر کڻي سنڌ ڌرتي کي ڪنهن به ريت ورهائڻ نه ڏيڻ جو عزم ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي علحدگي سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طور تي پاهه ڪري ڇڏيندي: مراد علي شاهه

سنڌ سڀ کان اڳ 1938ع ۾ قائدِ اعظم جي ڪراچي واري جلسي ۾ پاڪستان ٺاهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو هو

1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪندڙ پهرين اسيمبلي به سنڌ اسيمبلي ئي هئي

لاهور جي سيمينار ۾ ويهي پاڪستان کي چوسيندڙ ڪرب پتي واپاري صوبي کي ٽوڙڻ جا فيصلا نٿا ڪري سگهن

ڪراچي: سيد مراد علي شاهه تاريخ جا ورق پليٽيندي چيو ته پاڪستان ٺاهڻ ۾ صوبي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اڄ ايم ڪيو ايم اڪيلي ٿي وئي، پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءَ تي ايم ڪيو ايم ميمبرن جو واڪ آئوٽ ڪرڻ اڳواٽ طئي ٿيل هو

پ پ چونڊيل نمائندا سنڌ جي مفادن صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن

صوبي جي ورهاست يا انتظامي تبديلي جو فيصلو روڊن، جلسن ۽ جلوسن ۾ نه پر آئيني فورم تي ٿيڻ گهرجي

پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اسان کي ڀائيچاري ۽ قومي يڪجهتي کي هٿي ڏيڻي پوندي

ڪراچي : سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ ڳالهائيندي

سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ ان کي ڪنهن به قيمت تي ورهائي نٿو سگهجي: سردار شاهه

اردو ڳالهائيندڙ اسان جا ڀائر آهن سمورن لساني ۽ سماجي طبقن کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻو پوندو

دنيا ۾ تمام گهٽ خطا اهڙا آهن، جن لاءِ مادرِ وطن جهڙا جذباتي لفظ استعمال ٿيندا آهن

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پ پ ڪارڪن ۽ اڳواڻ سنڌ جي وحدت برقرار رکڻ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن: مخدوم محبوب الزمان

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ميمبر مخدوم محبوب الزمان چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي جي سمورن بهادر ميمبرن انتهائي جرئت ۽ يقين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي انتهائي اهم آهي، ڌرتي جي ورهاست کي قبول نه ڪيو ويندو: نثار کهڙو

مون سنڌ جي ورهاست بابت ٻاهر ٿيندڙ تقريرن ۽ بيانن جي روشني ۾ هي تحريڪِ التوا پيش ڪئي

ماضي ۾ به سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ سڃاڻپ کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي سينيئر پارليامينٽيرين نثار احمد کهڙو سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاست، نون صوبن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي شهر ۾ نئين ايم ڪيو ايم ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري پئي: سعيد غني

سنڌ ۾ هڪ ئي وزيراعليٰ، هڪ ئي گورنر، هڪ ئي اسيمبلي ۽ هڪ ئي ڪابينا هوندي

پيپلز پارٽي ۽ ايوان ۾ ويٺل ميمبر سنڌ صوبي ۾ ڪنهن به قسم جي ورهاست نٿا چاهين ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته ايم ڪيو ايم هن وقت ڪنفيوزن جو شڪار آهي، جڏهن ته جماعت اسلامي هن شهر ۾ نئين ايم ڪيو ايم ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي سنڌ اسيمبلي ۾ التوا واري تحريڪ ڪانيءَ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي بحث بدران ڊويزن کي بااختيار بڻايو وڃي: علي خورشيدي

مالي، انتظامي ۽ سياسي اختيارن جي منصفاڻي ورڇ جو مطلب سنڌ جي جغرافيائي ورهاست ناهي

سنڌ جي وحدت، انتظامي ڍانچي ۽ عوامي مسئلن بابت هر بحث پارٽين کان مٿاهون ٿي ڪرڻ گهرجي

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي ڪنهن هڪ جماعت يا فرد جي نه پر سڄي سنڌ جي عوام جي نمائنده ايوان آهي تنهن ڪري سنڌ جي وحدت، انتظامي ڍانچي ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جو واضح عزم آهي ته سنڌ کي ورهائڻ نه ڏنو ويندو: فريال ٽالپر

سنڌ جو ٻچو ٻچو ڌرتي جي وحدت جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي، ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين

اسان کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جون قربانيون نه وسارڻ گهرجن

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي وحدت ۽ ورهاڱي بابت بحث دوران پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ اسيمبلي ميمبر فريال ٽالپر چيو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پنج هزار سالن جي تاريخي سفر باوجود سنڌ اڄ به پنهنجي سڃاڻپ سان قائم آهي: شام سندر

قديم ويدن ۾ به سنڌ ۽ سنڌي تهذيب جو ذڪر ملي ٿو، موئن جو دڙو جي قديم تهذيب تاريخي سڃاڻپ آهي

سنڌ جي تعمير، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ سمورن طبقن کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملا ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: دوست محمد راهموں

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ميمبر دوست محمد راهموں چيو آهي ته سنڌ پاڪستان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسان جي جان ۽ سڃاڻپ آهي، ڌرتي رهندي ته تاريخ ۽ محبت به رهندي: گيانچند ايسراڻي

هتي ايندڙ ماڻهن کي هن ڌرتي ڪڏهن به رد نه ڪيو، پر پنهنجي سيني تي جاءِ ڏني آهي

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي سان تعلق

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي مان پاڪستان جي قومي هم آهنگي جي خوشبو اچي ٿي: رياض شاهه شيرازي

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ميمبر رياض شاهه شيرازي چيو آهي ته ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جي وحدت جي معاملي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، جاگرافيائي وحدت ۾ تبديلي قبول نه ڪئي ويندي: گهرو وزير

نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب عوام ۾ مختلف تاثر پيدا ٿي رهيو آهي

سنڌ جون جاگرافيائي حدون ۽ وحدت انتهائي حساس معاملو آهي، عوام جا جذبات شديد ٿي سگهن ٿا

ڏڦيڙ پکيڙيندڙن کي ملڪ، خاص طور تي بلوچستان جي موجوده صورتحال کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي

ڪراچي : سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي ۾ التوا واري رٿ تي خطاب ڪندي چيو ته اسان جو واضح موقف آهي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي،

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ هر آواز جو سياسي ۽ جمهوري انداز ۾ جواب ڏنو ويندو: عذرا پيچوهو

ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ رڳو انتظامي معاملو نه پر سنڌ جي عوام لاءِ انتهائي حساس مسئلو آهي

سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي حقيقتن کي ڪنهن سياسي موقف لاءِ تبديل نٿو ڪري سگهجي

ڪراچي: صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو آهي ته انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي هرگز قبول نه ڪيو ويندو، سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ هر آواز جو سياسي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

SAFCO MICROFINANCE COMPANY (PVT.) LTD. | Transforming Lives Beyond Finance

سافڪو جي شاندار ڪاميابي
مالياتي شموليت 2026 ۾ عالمي ميچتا
وومين - آءِ چيمپيئن شپ انٽرنيشنل ايوارڊ
ڪوالالمپور، ملائيشيا ۾ وومين - آءِ چيمپيئن شپ ايوارڊ 2026 سان نوازيو ويو

WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026

CAMBRIDGEIFA WOMANi
CERTIFICATE
This is to certify that
SAFCO Microfinance Company (Private) Limited, Pakistan
was chosen to receive
WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026
by the WOMANi Awards Committee
This certificate was issued on the 27th day of August 2026
PROFESSOR HUMAYUN ADAR, PHD (CANTAB)
CHAIRMAN
Cambridge WOMANi Programme

عورتن جي مالياتي شموليت، معاشي خودمختياري ۽ جامع توڙي پائيدار مالياتي حلن لاءِ سافڪو جي مسلسل جدوجهد ۽ پختي عزم جي اعتراف طور سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني (پرائيويٽ) لميٽيڊ کي هي باوقار عالمي ايوارڊ ڏنو ويو.
سافڪو جي باني، صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر سليمان جي. ابڙو صاحب ڪوالالمپور، ملائيشيا ۾ منعقد ٿيل عالمي پروقار تقريب دوران هي اعزاز وصول ڪيو.
هي ايوارڊ سافڪو جي مشن، مسلسل محنت ۾ عورتن جي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش جو عالمي اعتراف آهي.

عورتن جي مالي شموليت کي هٿي وٺرائڻ
عورتن جي ڪاروباري صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ
مالياتي خدمتن تائين رسائيءَ کي وسيع ڪرڻ
جامع ۽ پائيدار مالي مستقبل جي تعمير

Financial Inclusion | Women Empowerment | Gender Inclusion | Inclusive Growth

Proud Moment for SAFCO Family | Building an Inclusive Financial Future

SAFCO
WOMANi
WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026
SAFCO Microfinance Company (Private) Limited, Pakistan

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 04 سيپٽمبر 2026ع 21 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (20)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

جماعتِ اسلامي جي سڏ تي ملڪگير هڙتال؛ ڪاروبار بند، مختلف شهرن ۾ باهيون، ڪيئي مظاهرين گرفتار

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاڳاپيل ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي پاران سڏ ڏنل ملڪي سطح جي هڙتال سبب ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ڪراچي ۾ باهه لڳائڻ ۽ ڀڃ ڊاهه جا واقعا ٿيا ڪورنگي ڪراسنگ ويجهو نامعلوم ماڻهن باهه لڳائڻ ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي، رستا بند، ٽائرن کي باهه، ٻن موٽر سائيڪلن کي پڻ باهه ڏني ساڙيو ويو، دوڪاندارن کي ڪاروبار بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو صبح جو سوير ڪليل دڪان ۽ پيٽرول پمپ بند ڪرايا ويا، اڪثر مکيه مارڪيٽن ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ مڪمل شٽ ڊائون هڙتال، صدر ۾ موبائيل جون سموريون مارڪيٽون ۽ اليڪٽرانڪس جا دڪان بند لائيٽ هائوس ۽ بولٽن مارڪيٽ، ڪيميڪل مارڪيٽ، ٽمبر مارڪيٽ، اسٽيل مارڪيٽ، گلبهار سينيٽري مارڪيٽ، پاڪ ڪالوني، قيوم آباد (ماربل) ۽ فرنيچر مارڪيٽون پڻ بند رهيون واپارين پيٽروليم ليوي خلاف جماعتِ اسلامي جي مهم جي حمايت ڪئي، راولپنڊي ۾ ڪاروباري سرگرميون جاري رهيون، "تنظيمِ تاجران پاڪستان" هڙتال جي حمايت جو اعلان ڪيو، ڪجهه دوڪان بند رهيا لاهور جي مختلف علائقن ڪوئينز روڊ، عابد مارڪيٽ، هال روڊ، مال روڊ، نسبت روڊ مارڪيٽ، فيروزپور روڊ ۽ برينڊريٿ وارن علائقن ۾ ڪاروباري مرڪز بند رهيا، مختلف علائقن ۾ احتجاج ڪيو ويو مال روڊ تي جماعتِ اسلامي جي ڪارڪنن ۽ واپاري برادريءَ وچ ۾ ٽڪراءُ، ٻنهي ڌرين طرفان نعريبازي سبب ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ مال روڊ تي ٿيل ان ٽڪراءُ سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، ڄامشورو، گهوٽڪي، نوابشاهه، ملتان، منصوره، شيخوپوره، پشاور، ڪوئيٽا سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ پڻ جماعت اسلامي جي سڏ تي ڌرڻا هنيا ويا

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاڳاپيل ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي پاران سڏ ڏنل ملڪي سطح جي هڙتال سبب ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ڪراچي ۾ نامعلوم ماڻهن پاران باهه لڳائڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

"ڌرتي ماءُ آهي" سنڌ اسيمبلي ۾ صوبي جي ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور، ايم ڪيو ايم جو واڪ آئوٽ، نعريبازي

اسيمبلي جي تاريخي اجلاس ۾ صوبي جي ورهاست ۽ نون صوبن يا انتظامي اڪائين جي قيام جون سڀئي ٻاهريون ڪوششون گڏيل طور تي رد ڪندڙ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار يا ٽڪرا ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ جوڳو ناهي. صوبي جو عوام پڻ ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول نه ڪندو: وڏو وزير اسان سنڌ جي وحدت تي يقين رکون ٿا، پر صوبي ۾ ڪرپشن ۽ بدانتظامي سبب مجبور ٿي نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪريون پيا جيئن ناانصافين جو سلسلو ختم ٿي سگهي: مخالف ڌر ميمبر سنڌ جي وحدت کي رڳو نقشي تي ليڪ ڪيئي ورهائي نٿو سگهجي، هن ڌرتي سان عوام جي جذباتي ۽ تاريخي وابستگي آهي ۽ ورهاڱي جي سازشن خلاف سنڌ جو عوام متحد آهي: حڪومتي ميمبر سنڌ صوبو مضبوط ٿيندو ته پاڪستان مضبوط ٿيندو پيپلز پارٽي ڪيٽي بندر کان ڪشمير تائين موجود آهي، پ پ ئي وفاق کي متحد رکيو آهي ۽ سازشون بند ڪيون وڃن: موقف اجلاس ۾ گرما گرم بحث دوران صوبائي اسيمبلي هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور ڪري ورتو، ايم. ڪيو ايم. پاڪستان جي ميمبرن نعريبازي ڪندي ايوان مان واڪ آئوٽ ڪيو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي /راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي جي هڪ وڏي ۽ تاريخي اجلاس ۾ صوبي جي ورهاست ۽ نون صوبن يا انتظامي اڪائين جي قيام جون سڀئي ٻاهريون ڪوششون گڏيل طور تي رد ڪندي هڪ تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ خميس ڏينهن چوٿين ڏينهن به ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام ۽ سنڌ جي ورهاست بابت جاري

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

"سنڌ ڌرتي ماءُ آهي" سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ميمبر بينر کڻي سنڌ ڌرتي کي ڪنهن به ريت ورهائڻ نه ڏيڻ جو وچن ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي علحدگي سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طور تي پاهه ڪري ڇڏيندي: مراد علي شاهه

سنڌ سڀ کان اڳ 1938ع ۾ قائدِ اعظم جي ڪراچي واري جلسي ۾ پاڪستان ناهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو هو 1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪندڙ پهرين اسيمبلي به سنڌ اسيمبلي ئي هئي لاهور جي سيمينار ۾ ويهي پاڪستان کي چوسينڊڙ ڪرب پٽي واپاري صوبي کي ٽوڙڻ جا فيصلا نٿا ڪري سگهن

ڪراچي: سيد مراد علي شاهه تاريخ جا ورق پليٽيندي چيو ته پاڪستان ناهڻ ۾ صوبي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اڄ ايم ڪيو ايم اڪيلي ٿي وئي، پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءُ تي ايم ڪيو ايم ميمبرن جو واڪ آئوٽ ڪرڻ اڳواٽ طئي ٿيل هو پ پ چونڊيل نمائندا سنڌ جي مفادن صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن صوبي جي ورهاست يا انتظامي تبديلي جو فيصلو روڊن، جلسن ۽ جلوسن ۾ نه پر آئيني فورم تي ٿيڻ گهرجي پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اسان کي ڀائيچاري ۽ قومي يڪجهتي کي هٿي ڏيڻي پوندي

ڪراچي: سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ ڳالهائيندي

سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ ان کي ڪنهن به قيمت تي ورهائي نٿو سگهجي: سردار شاهه

اردو ڳالهائيندڙ اسان جا ڀائر آهن سمورن لساني ۽ سماجي طبقن کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻو پوندو دنيا ۾ تمام گهٽ خطا اهڙا آهن، جن لاءِ مادرِ وطن جهڙا جذباتي لفظ استعمال ٿيندا آهن

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پ پ ڪارڪن ۽ اڳواڻ سنڌ جي وحدت برقرار رکڻ لاءِ قربانيون ڏيون آهن: مخدوم محبوب الزمان

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ميمبر مخدوم محبوب الزمان چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي جي سمورن بهادر ميمبرن انتهائي جرئت ۽ يقين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جو واضح عزم آهي ته سنڌ کي ورهائڻ نه ڏنو ويندو: فريال ٽالپر

سنڌ جو ٻچو ٻچو ڌرتي جي وحدت جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي، ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين اسان کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جون قربانيون نه وسارڻ گهرجن

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي وحدت ۽ ورهاڱي بابت بحث دوران پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ اسيمبلي ميمبر فريال ٽالپر چيو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پنج هزار سالن جي تاريخي سفر باوجود سنڌ اڄ به پنهنجي سڃاڻپ سان قائم آهي: شام سندر

قديم ويدن ۾ به سنڌ ۽ سنڌي تهذيب جو ذڪر ملي ٿو موئن جو دڙو جي قديم تهذيب تاريخي سڃاڻپ آهي سنڌ جي تعمير، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ سمورن طبقن کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

وزير سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملا ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ وڏي

سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: دوست محمد راهمون

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ميمبر دوست محمد راهمون چيو آهي ته سنڌ پاڪستان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسان جي جان ۽ سڃاڻپ آهي، ڌرتي رهندي ته تاريخ ۽ محبت به رهندي: گيانچند ايسراڻي

دشمن ايندڙ ماڻهن کي هن ڌرتي کان هن به رد نه ڪيو، پر پنهنجي سيني تي جاءِ ڏني آهي

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي سان تعلق

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي مان پاڪستان جي قومي هم آهنگي جي خوشبوءِ اچي ٿي: رياض شاهه شيرازي

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ميمبر رياض شاهه شيرازي چيو آهي ته ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جي وحدت جي معاملي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي انتهائي اهم آهي، ڌرتي جي ورهاست کي قبول نه ڪيو ويندو: نثار کهڙو

مون سنڌ جي ورهاست بابت ٻاهر ٿيندڙ تقريرن ۽ بيانن جي روشني ۾ هي تحريڪِ التوا پيش ڪئي ماضي ۾ به سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ سڃاڻپ کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي سينيئر پارليامينٽيرين نثار احمد کهڙو سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاست، نون صوبن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، جاگرافيائي وحدت ۾ تبديلي قبول نه ڪئي ويندي: گهرو وزير

نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب عوام ۾ مختلف تاثر پيدا ٿي رهيو آهي سنڌ جون جاگرافيائي حدون ۽ وحدت انتهائي حساس معاملو آهي، عوام جا جذبات شديد ٿي سگهن ٿا ڏڦيڙ پکيڙيندڙن کي ملڪ، خاص طور تي بلوچستان جي موجوده صورتحال کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي

ڪراچي: سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي ۾ التوا واري ٺهراءُ تي خطاب ڪندي چيو ته اسان جو واضح موقف آهي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي،

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي شهر ۾ ٽئين ايم ڪيو ايم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري پئي: سعيد غني

سنڌ ۾ هڪ ئي وزيراعليٰ، هڪ ئي گورنر، هڪ ئي اسيمبلي ۽ هڪ ئي ڪابينا هوندي پيپلز پارٽي ۽ ايوان ۾ ويٺل ميمبر سنڌ صوبي ۾ ڪنهن به قسم جي ورهاست نٿا چاهين ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته ايم ڪيو ايم هن وقت ڪنفيوژن جو شڪار آهي، جڏهن ته جماعت اسلامي هن شهر ۾ ٽئين ايم ڪيو ايم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي سنڌ اسيمبلي ۾ التوا واري تحريڪ ڪانيوءِ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي بحث بدران ڊويزن کي بااختيار بڻايو وڃي: علي خورشيدي

مالي، انتظامي ۽ سياسي اختيارن جي منصفاڻي ورڇ جو مطلب سنڌ جي جغرافيائي ورهاست ناهي سنڌ جي وحدت، انتظامي ڍانچي ۽ عوامي مسئلن بابت هر بحث پارٽين کان مٿانهون ٿي ڪرڻ گهرجي

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي ڪنهن هڪ جماعت يا فرد جي نه پر سڄي سنڌ جي عوام جي نمائنده ايوان آهي تنهن ڪري سنڌ جي وحدت، انتظامي ڍانچي ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ هر آواز جو سياسي ۽ جمهوري انداز ۾ جواب ڏنو ويندو: عذرا پيچوهو

ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ رڳو انتظامي معاملو نه پر سنڌ جي عوام لاءِ انتهائي حساس مسئلو آهي سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي حقيقتن کي ڪنهن سياسي موقف لاءِ تبديل نٿو ڪري سگهجي

ڪراچي: صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو آهي ته انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي هرگز قبول نه ڪيو ويندي سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ هر آواز جو سياسي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

حڪومتي وفد منصورا پهچي ويو، جماعت اسلامي پاران پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ سميت 4 مطالبا پيش

ڌرڻا ختم ڪرائڻ لاءِ احسن اقبال جي سربراهي ۾ حڪومتي وفد جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪئي منصوره پهتل حڪومت جي ڳالهين واري ٽيم ۾ وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءُ الله ۽ خواجا سلمان رفيق شامل هئا جماعت اسلامي کي چيو آهي ته اهڙيون تجويزون آهن، جنهن ذريعي پيٽرول جي اگهه جو بوجهه گهٽائي سگهجي ٿو ته اهي پيش ڪن: حڪومتي وفد هن سال حڪومت ليوي جي مد ۾ هزار کيل هلف کان به وڌيڪ رقم گڏ ڪئي آهي، مهانگائي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: حافظ نعيم الرحمان

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جا ڌرڻا ختم ڪرائڻ لاءِ احسن اقبال جي سربراهي ۾ حڪومتي وفد جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات ڪئي، جنهن ڪانيوءِ ٻنهي ڌرين ڳالهين لاءِ ڪميٽيون جوڙي ڇڏيون

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

صدر پاران پاڪ-افغان سرحد تان دراندازي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري اتر وزيرستان ۾ پاڪ-افغان سرحد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عمران سرور 3 سالن لاءِ نيشنل بينڪ جو صدر ۽ سي اي او مقرر

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت بينڪنگ شعبي جي ماهر عمران سرور کي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پوري قوم کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوج تي فخر آهي: وزيراعظم

پاڪ-افغان سرحد تي 15 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي پاڙ ڪان پٽي ختم ڪرڻ تائين سک سان نه ويهنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر وزيرستان جي ويجهو پاڪ-افغان سرحد تي فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ خوارج جي دراندازي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ ۽ 15 دهشتگردن کي جهنم

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر ۽ فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ فيز 2 ايڪسٽينشن بابت اجلاس ٿيو فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ ايڪسٽينشن کي جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي پهرين فيز جي طور تي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو صحت جي شعبي ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي، اسپتال ۾ جديد ۽ هاءِ ٽيڪ مشينري هئڻ کي يقيني بڻايو وڃي: وزيراعظم جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي صحت جي شعبي ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي خميس

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙ ڀارتي حمايت يافته 15 دهشتگردن کي ماريو ويو

سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي ۾ پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز پيشيوراڻي مهارت، صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي انهن جو ڪاميابي سان مقابلو ڪيو ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ آيو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي ۾ پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙ ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جي 15 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ويو آهي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پمز سانحو: ٽارڻي ڄاول ٻار کي بچائيندڙ نرس رضيه نورين کي تمغهِ خدمت ۽ هڪ ڪروڙ جو چيڪ ڏنو ويو

وزيراعظم سان پمز ۾ باهه لڳڻ جي واقعي ۾ نئين ڄاول ٻار جي حياتي بچائيندڙ نرس رضيه نورين جي ملاقات ٿي عظيم مقصد جي لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي نئين ڄاول ٻار جي حياتي بچائڻ عظيم عمل آهي: وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڪروڙ رپين جو انعام اصل ۾ سنڌس حوصلا افزائي جي لاءِ آهي جنهن جي نرس رضيه نورين حقيقي طور تي مستحق آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پمز ۾ باهه لڳڻ جي واقعي ۾ پنهنجي جان تي کيڏي نئين

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

قوم کي پنهنجي بهادر جوانن تي فخر آهي: وفاقي گهرو وزير

پاڪ افغان سرحد تي فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي مداخلت ناڪام بڻائي وئي پاڪ فوج جي جوانن وقت تي بهادري سان ڪارروائي ڪري ملڪ جو دفاع يقيني بڻايو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته نوان صوبا ٺهي ويندا: اعظم نذير تارڙ

آزاد ڪشمير ۾ سڀ کان وڏو مسئلو چونڊون ڪرائڻ هو جنهن جي چونڊون پرامن ۽ شفاف نموني ٿيون وزيراعظم ڪيمرائي پيرا مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت پڻ ڏني چڪو آهي: وفاقي وزير

لنڊن (م د) وفاقي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته نوان صوبا ٺهي ويندا پارليامينٽ چاهينديون ته به پاڪي کي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، بورڊ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

تعليمي ماهر ساجده يوسف سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سيڪريٽري مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪري تعليمي ماهر ساجده يوسف کي سنڌ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم "اپنا گهر" اسڪيم ڪاميابي جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي: خرم شهزاد

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي جي وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

SMC SAFCO MICROFINANCE COMPANY (PVT.) LTD.
Transforming Lives Beyond Finance

سافڪو جي شاندار ڪاميابي
مالياتي شموليت 2026 ۾ عالمي ميڙتا
وومين - آءِ چيمپيئن شپ انٽرنيشنل ايوارڊ
ڪوالالمپور، ملائيشيا ۾ وومين - آءِ چيمپيئن شپ ايوارڊ 2026 سان نوازيو ويو

WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026

CAMBRIDGEIFA WOMANi
CERTIFICATE
This is to certify that
SAFCO Microfinance Company (Private) Limited, Pakistan
was chosen to receive
WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026
by the WOMANi Awards Committee
This certificate was issued on the 27th day of August 2026
PROFESSOR HUMAYUN ADAR, PHD (CANTAB)
CHAIRMAN
Cambridge WOMANi Programme

WOMANi
WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026
SAFCO Microfinance Company (Private) Limited, Pakistan

عورتن جي مالياتي شموليت، معاشي خودمختياري ۽ جامع توڙي پائيدار مالياتي حلن لاءِ سافڪو جي مسلسل جدوجهد ۽ پختي عزم جي اعتراف طور سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني (پرائيويٽ) لميٽيڊ کي هي باوقار عالمي ايوارڊ ڏنو ويو.
سافڪو جي باني، صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر سليمان جي. ابڙو صاحب ڪوالالمپور، ملائيشيا ۾ منعقد ٿيل عالمي پروقار تقريب دوران هي اعزاز وصول ڪيو.
هي ايوارڊ سافڪو جي مشن، مسلسل محنت ۽ عورتن جي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش جو عالمي اعتراف آهي.

عورتن جي مالي شموليت کي هٿي وٺرائڻ
عورتن جي ڪاروباري صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ
مالياتي خدمتن تائين رسائيءَ کي وسيع ڪرڻ
جامع ۽ پائيدار مالي مستقبل جي تعمير

Financial Inclusion
Women Empowerment
Gender Inclusion
Inclusive Growth

Proud Moment for SAFCO Family | Building an Inclusive Financial Future

بقايا 1 روزاني عبرت

بحث دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پارليامينٽرين نثار احمد کهڙو پاران پيش ڪيل التوا واري رٽ تي گرما گرم بحث جاري رهيو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ايوان ۾ اپوزيشن پارٽين جي موقف ۽ ڀڙوپي نيتيءَ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پڌرو ڪيو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار يا ٽڪرا ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ جوڳو ناهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اسپيڪر جا ٿورا مڃيندي ٻڌايو ته هيءَ تحريڪ التوا نثار کهڙو صاحب اسيمبلي ۾ کڻي آيو هو هن چيو ته ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته هيءَ تحريڪ نه اچڻ گهرجي ها ۽ سڌوسنئون ٺهراءُ آڻڻ گهرجي ها. پر پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ اسان جي پارلياماني پارٽي اهو فيصلو ڪيو ته اسان سنڌ جي حقن ۽ سلامتي جي ان اهم معاملي تي هن آئيني فورم جي اندر تفصيلي بحث ڪرڻ چاهيون ٿا. هن پڌرو ڪيو ته لاهور ۾ بزنس ڪميونٽي جي هڪ سيمينار ۾ هڪ وفاقي وزير نون صوبن ۽ انتظامي اڪائين جي ڳالهه ڇيڙي هئي، جنهن کانپوءِ ٽي وي شوز ۽ جلسن جو لڙهه شروع ٿي ويو نثار کهڙو ان بحث کي صحيح جاءِ اسيمبلي ۾ کڻي آيو ته جيئن غير متعلقه جڳهن تي ڳالهيون ڪندڙن جا منهن بند ڪري سگهجن ان موقعي تي حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن پاران جوشائتي انداز ۾ تقريرون ڪيون ويون. حڪومتي ميمبرن پنهنجي موقف کي ورجايو ته کين ۽ صوبي جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول ناهي. جڏهن ته مخالف ڌر جي ميمبرن چيو ته هو به سنڌ جي وحدت تي يقين رکن ٿا، پر صوبي ۾ مسلسل ڪرپشن ۽ بدانتظامي سبب مجبور ٿي نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪري رهيا آهن ته جيئن ناانصافين جو سلسلو ختم ٿي سگهي ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني پنهنجي خطاب ۾ چيو ته بحث دوران مخالف ڌر يا حڪومتي بينچن مان ڪنهن به سنڌ جي ورهاست جي حمايت نه ڪئي جنهن مان واضح ٿي ويو آهي ته ايوان ۾ سنڌ جي ورهاست خلاف اتفاق راءِ موجود آهي هن چيو ته حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي طرفن کان سنڌ جي وحدت جي حق ۾ آواز اٿاريا ويا ۽ سنڌ اسيمبلي جي سڀني ميمبرن سنڌ جي ورهاست جي مخالفت ڪئي آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

سنڌ جو هٿ سڀ کان مٿي هو سنڌ سڀ کان اڳ 1938ع ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ڪراچي جي جلسي ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو جيڪو 23 مارچ 1940ع جي لاهور واري پاڪستان جي ٺهراءَ جو بنياد بڻيو ان کانپوءِ 1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪندڙ پهرين اسيمبلي به سنڌ اسيمبلي ئي هئي هن وڌيڪ ٻڌايو ته 26 جون 1947ع تي برطانوي حڪومت جي هندستان جي ورهاست واري پلان تي لبيڪ چوندي سنڌ اسيمبلي سڀ کان اڳ هندستان کان ڌار ٿيڻ ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو تاريخي فيصلو ڪيو هو هن ڏک جو اظهار ڪيو ته بار بار پاڪستان کي بڻائيندڙ صوبي سنڌ تي ئي الزام تراشي ڪئي ويندي آهي وزير اعلي فروري 1948ع جي ٺهراءَ جو حوالو ڏيندي چيو ته "کير جو سڙيل لسي به ڦوڪي ڦوڪي پيئندو آهي". ماضي ۾ جڏهن ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي مهم هلي هئي ته محمد هاشم گزدر ان جي خلاف اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو هو جنهن ۾ چٽو ڪيو ويو هو ته ڪراچي جي علحدگي سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طور تي پاهڄ ڪري ڇڏيندي ان وقت غير چونڊيل وفاقي دستور ساز اسيمبلي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن جي ابتڙ فيصلو ڪيو هو جيڪو پهرين ڏينهن کان ئي غلط هو ۽ اسان اڄ به ان کي غلط چئون ٿا. هن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته 1973ع جي اصل آئين ۾ هن صوبن کي تحفظ ڏنو هو پر پوءِ آمر ضياءُ الحق آئين ترميم ذريعي آئين کي مسخ ڪري صوبائي خودمختياري کي نقصان پهچايو هن قومي اسيمبلي کي خبردار ڪيو ته آئين جي تحت ڪو به سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ جي ڳالهه به نٿو ڪري سگهي. اپوزيشن جي ان دليل تي ته آبادي وڌڻ سان نوان صوبا ٺهڻ گهرجن وزيراعلي چٽو دليل ڏيندي چيو ته صوبن جو قيام آبادي تي نه پر ضرورت تي ٿيندو آهي هن آمريڪا جو مثال ڏيندي چيو ته ڪيلفورنيا جڏهن 1850ع ۾ آمريڪا ۾ شامل ٿيو ته ان جي آبادي رڳو 92 هزار هئي ۽ اڄ اتي 4 ڪروڙ آهي يعني آبادي 400 ڀيرا وڌڻ جي باوجود ڪيلفورنيا جا ٽڪرا نه ڪيا ويا هن چيو ته لاهور جي سيمينار ۾ ويهي پاڪستان کي چوسيندڙ ڪرب پٽي واپاري ۽ بزنس مين اهڙا فيصلا ڪري رهيا آهن جيڪي رڳو اسيمبلين جو اختيار آهن سيد مراد علي شاهه متحده قومي موومينٽ جي قيادت تي سڌو وار ڪندي مصطفي ڪمال جي ايڊمنسٽريٽو يونٽس واري فارمولي کي پڌرو ڏوکو قرار ڏنو هن چيو ته مصطفي ڪمال ڊويزن کي انتظامي اڪائيون بڻائي اصل ۾ چور دروازي کان نوان صوبا ٺاهڻ چاهي ٿو ته جيئن نوان وزيراعلي بڻجي سگهن اها "ٻلي جي خواب ۾ ڇيڇڙا" واري ڳالهه آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

خطاب ڪندي چيو آهي ته اڄ سنڌ اسيمبلي لاءِ انتهائي اهم ۽ تاريخي ڏينهن آهي. ايوان ۾ نثار احمد کهڙي پاران پيش ڪيل التوا واري رٽ تي بحث ٿي رهيو آهي جيڪا هڪ اهم معاملي سان لاڳاپيل آهي اڄ ٿيندڙ بحث کي سنڌ اسيمبلي جي تاريخ ۾ ياد رکيو ويندو ۽ ايندڙ وقت ۾ اهو پڻ لکيو ويندو ته التوا واري رٽ کهڙي اهم مسئلي تي پيش ڪئي وئي هئي سنڌ اسيمبلي ۾ اڄ ٿيندڙ بحث پنهنجي تاريخي اهميت رکي ٿو ان ڪري التوا واري رٽ تي ٿيندڙ مڪمل بحث کي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويندو ايوان ۾ ٿيندڙ هر تقرير ۽ هڪ هڪ لفظ کي تاريخي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويندو جڏهن ته سنڌ جي وحدت جي معاملي تي ٿيندڙ بحث کي تاريخي دستاويز جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويندو هن ڪتاب ۾ التوا واري رٽ تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي بينچن سان تعلق رکندڙ سمورن ميمبرن جون تقريرون ۽ سندن موقف شامل ڪيا ويندا ته جيئن تاريخ کي مسخ ٿيڻ کان بچائي سگهجي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مڪمل رڪارڊ محفوظ رهي. سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هو ايوان ۾ اڳ بيان ڪيل تاريخ ۽ ماضي جي واقعن کي ٻيهر ورجائڻ نٿا چاهيون ڪيترن مقررين سنڌ جي تاريخ ماضي ۽ موجوده حالتن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري چڪا آهن. جڏهن ته 1948ع کان هيئنر تائين جي واقعن تي پڻ ايوان ۾ تفصيلي روشني وڌي وئي آهي سنڌ جي تاريخ هڪ وسيع موضوع آهي، تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته اڄ جي بحث ۾ انهن نقطن تي ڳالهه ڪئي وڃي، جيڪي اڳ ۾ بحث هيٺ نه آيا آهن هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو سنڌ جي معاملي تي موقف بلڪل واضح آهي ۽ سنڌ حڪومت جو موقف پڻ واضح آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڳ ئي واضح ڪري چڪا آهن ته نون صوبن جي قيام جو فيصلو لاڳاپيل اسيمبلين کي ڪرڻ گهرجي. نئين صوبي جي قيام يا نه ٿيڻ جو فيصلو سنڌ اسيمبلي پنجاب اسيمبلي يا ڪنهن به لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي کي ڪرڻو پوندو هر صوبي جي مستقبل بابت فيصلو ان صوبي جي چونڊيل اسيمبلي ذريعي ٿيڻ گهرجي ۽ نون صوبن جي قيام بابت فيصلو لاڳاپيل صوبائي اسيمبلين جو آئيني مينڊيٽ آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آئين جي آرٽيڪل 239 جي ذيلي شق 4 ۾ صوبي جي حدن ۾ تبديلي جي حوالي سان صوبائي اسيمبلي جي ڪردار کي واضح ڪيو ويو آهي صوبن بابت اهم فيصلا ٽاڪ شوز ۾ نه پر چونڊيل اسيمبلين جي فلور تي ٿيڻ گهرجن نون صوبن جا فيصلا ڪنهن ٽي وي چينل جي ريفرنڊم يا سروي ذريعي نٿا ٿي سگهن ۽ صوبي جي ورهاست يا انتظامي تبديلي جو فيصلو روڊن جلسن ۽ جلوسن ۾ نه پر آئيني فورم تي ٿيڻ گهرجي جيڪڏهن سنڌ جي مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي ته اهو سنڌ اسيمبلي جي فلور تي ٿيڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ اسيمبلي ماضي ۾ پڻ سنڌ جي وحدت بابت ڪيترائي ٺهراءَ منظور ڪري چڪي آهي ۽ اڄ التوا واري رٽ کان پوءِ سنڌ جي وحدت بابت هڪ ٻي قرارداد پڻ ايوان ۾ آڻڻ جي اميد آهي سنڌ جي مستقبل بابت فيصلو عوام جي چونڊيل نمائندن کي آئيني طريقيڪار تحت ڪرڻ گهرجي سنڌ جي وحدت جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جو موقف اڳ به واضح ۽ دوٽوڪ رهيو آهي هن چيو ته سنڌ جا عوام پاڪستان سان جيتري محبت ڪن ٿا، پنهنجي صوبائي وحدت سان پڻ اوتري ئي محبت ڪن ٿا. پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياري اسان لاءِ ريڊ لائن آهي پاڪستان جي آئيني ۽ قانوني حيثيت اسان لاءِ ناقابلِ سمجهوتو آهي ۽ پاڪستان جي وحدت ۽ استحڪام تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي

بقايا 4 روزاني عبرت

۽ انتظامي يونٽن جي قيام بابت جاري بحث تي صوبائي وزير سيد سردار شاهه چيو آهي ته ايوان ۾ ٿيندڙ بحث تي ٻاهر ويٺل ماڻهن سان گڏ سڄي دنيا جون نظرون آهن، جڏهن ته هن بحث عوام ۽ دنيا آڏو ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن هن چيو ته سنڌ کي سمجهڻ لاءِ هتي رهندڙ ۽ سنڌ کي ماءُ سمجهندڙ ماڻهن جي جذبن کي سمجهڻو پوندو. سيد سردار شاهه چيو ته سنڌ کي اڄ تائين صحيح معنيٰ ۾ نه سمجهيو ۽ پرکيو ويو آهي جڏهن ته سنڌ جي اهميت ۽ حيثيت کي ڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ ته ڪڏهن غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو سندس چوڻ هو ته سنڌ بابت هتي رهندڙ ماڻهن جي ذهن ۾ ٻه بنيادي پاسا آهن جن مان هڪ جذباتي ۽ ٻيو سياسي آهي هن چيو ته سنڌ کي صرف هڪ صوبو سمجهڻ ان جي اصل حيثيت کي محدود ڪرڻ برابر آهي سنڌ هڪ تاريخي ڌرتي آهي، جيڪا مختلف دورن مان گذرندي اڄ پاڪستان جو صوبو بڻجي آهي دنيا ۾ تمام گهٽ خطا اهڙا آهن جن لاءِ مادرِ وطن جهڙا جذباتي لفظ استعمال ٿيندا آهن سنڌ لاءِ ماءُ جو لفظ رڳو سياسي نعرو نه پر هتي رهندڙ ماڻهن جي گهري جذبات جي عڪاسي ڪري ٿو سيد سردار شاهه چيو ته سنڌ جي ماڻهن جو پنهنجي ڌرتي سان تعلق بي مثال ۽ غيرمعمولي آهي اهو جذباتي ۽ تاريخي رشتو اڄ تائين مڪمل طور سمجهي نه سگهيو ويو آهي سنڌ جي تاريخ ۽ عوام جي جذبن کي سمجهڻ کانسواءِ سنڌ بابت ڪا به راءِ قائم نٿي ڪري سگهجي

بقايا 5 روزاني عبرت

سان پنهنجو موقف پيش ڪيو جڏهن ته پيپلز پارٽي جي چونڊيل ميمبرن به ڀرپور بهادري سان پنهنجو موقف ايوان ۾ رکيو جيڪو ساراهه جوڳو آهي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي مخدوم محبوب الزمان چيو ته پيپلز پارٽي جي ميمبرن اڄ جيڪو موقف پيش ڪيو آهي اهو سندن ڊگهي عرصي کان جاري موقف جو ورجاءُ آهي پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت بابت پنهنجو موقف اڳ به واضح ڪندي رهي آهي جڏهن ته سنڌ جي وحدت جي حق ۾ قراردادون ماضي ۾ به سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ٿينديون رهيون آهن هن چيو ته سنڌ جي وحدت بابت پهرين تاريخي قرارداد 1948ع ۾ پيش ڪئي وئي هئي ۽ سنڌ جي وحدت جي حق ۾ قراردادون پيش ڪرڻ جي هڪ تاريخي روايت موجود آهي اڄ ايوان ۾ پيش ڪيو ويو موقف ڪو نئون موقف ناهي پيپلز پارٽي اڳ به ساڳي ڳالهه ڪندي رهي آهي مخدوم محبوب الزمان چيو ته سنڌ جي حقن ۽ سنڌ جي وحدت بابت تاريخي طور سنڌ اسيمبلي ۾ اڳ به بحث ٿيندو رهيو آهي جڏهن ته سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻن اسپيڪرن پڻ سنڌ جي وحدت ۽ حقن جي معاملي تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

آهي ته نثار احمد کهڙي جي پيش ڪيل تحريڪ التوا اهم معاملي تي سمورن ميمبرن کي گڏ ڪيو آهي سنڌ جي وحدت جي معاملي تي حڪومت ۽ مخالف ڌر کي گڏجي واضح موقف اختيار ڪرڻو پوندو هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه انتهائي پريشان ڪندڙ ۽ ڳڻتي جوڳي آهي اسان مان ڪوبه سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جي قيام جي حق ۾ ناهي فريال ٽالپر چيو ته پيپلز پارٽي جو واضح عزم آهي ته سنڌ کي ورهائڻ نه ڏنو ويندو سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي سڀ متحد ۽ هڪ آواز آهن سنڌ جو ٻچو ٻچو سنڌ جي وحدت جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي هن چيو ته اڄ سڄيون نظرون سنڌ اسيمبلي تي آهن ۽ اميد آهي ته مخالف ڌر جا ميمبر به سنڌ جي وحدت بابت پيش ڪيل قرارداد جي حمايت ڪندا. هن چيو ته اسان پاڪستاني آهيون ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ يڪجهتي تي يقين رکون ٿا، پر منهنجو تعلق بلوچ خاندان سان هجڻ باوجود مان سنڌ جي ڌيءَ آهيان مان سنڌ ۾ رهندي آهيان سنڌ جو پاڻي پيتو آهي ۽ منهنجي پرورش ۽ جنم به هن ئي ڌرتي تي ٿيو آهي سنڌ اسان کي سڃاڻپ، محبت ۽ پنهنجائپ ڏني ان ڪري هن ڌرتي کي ڪيئن وساري سگهجي ٿو فريال ٽالپر چيو ته سنڌ جي چونڊيل نمائندن کي پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ وڃي عوام کي جواب ڏيڻو پوندو ته هنن سنڌ جي وحدت جي معاملي تي ڪهڙو موقف اختيار ڪيو اسان اسيمبلي ۾ بيهي پنهنجو واضح موقف اختيار ڪيو آهي ۽ اڳتي به اهو ئي موقف برقرار رکنداسين هي قرارداد منظور ٿيندي ۽ سنڌ نه ورهائبي هن چيو ته سنڌ سان گڏ بيٺا آهيون ۽ هميشه بيٺا رهنداسين سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو جيڪڏهن سنڌ لاءِ استعيفيٰ به ڏيڻي پئي ته دير نه ڪنداسين ۽ جيڪڏهن سنڌ جي وحدت لاءِ اسيمبلي جي رڪنيت قربان ڪرڻي پئي ته به پوئتي نه هٽنداسين فريال ٽالپر چيو ته سنڌ جي حفاظت لاءِ جان به ڏيڻي پئي ته ڪنهن قرباني کان پاسو نه ڪنداسين سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي ۽ نه ئي ان کي ڪنهن جي مفاد لاءِ ورهائي سگهجي ٿو سنڌ جي ڌرتي اسان جي آهي ۽ ان جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو

بقايا 7 روزاني عبرت

رکندڙ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر گيانچند ايسراڻي چيو آهي ته سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، سنڌ کي ورهائي نٿو سگهجي سنڌ اسان جي جان ۽ سڃاڻپ آهي سنڌ رهندي ته تاريخ ۽ محبت به رهندي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي گيانچند ايسراڻي چيو ته مان اڄ تائين ان ڳالهه تي حيران آهيان ته سنڌ انهن ماڻهن جو آخر ڇا بگاڙيو آهي ۽ سنڌ انهن کي آخر ڪهڙو نقصان پهچايو آهي؟ اهي ماڻهو 1978ع کان سنڌ ۾ آباد آهن ۽ سنڌ کين هميشه قبول ڪيو آهي هن چيو ته سنڌ هتي ايندڙ ماڻهن کي ڪڏهن به رد نه ڪيو پر پنهنجي ڌرتي تي جاءِ ڏني سنڌ جي عوام انهن ماڻهن کي دل سان قبول ڪيو ۽ محبت ۽ خلوص سان کين پنهنجي ڌرتي جو حصو بڻايو سنڌ هميشه مختلف قومن ۽ برادرين کي محبت سان قبول ڪيو آهي جڏهن سنڌ سڀني کي قبول ڪيو ته پوءِ سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڇو ڪئي پئي وڃي؟ گيانچند ايسراڻي چيو ته جيڪي ماڻهو اڳ هتي آيا، سنڌ انهن کي عزت، اختيار ۽ نمائندگي ڏني ساڳئي سنڌ ڌرتي تي انهن ماڻهن کي گورنر بڻجڻ جو موقعو مليو جڏهن ته انهن ئي ماڻهن سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون هن چيو ته 1997ع ۾ جڏهن مان ايم پي اي هئس ته نواب مرزا صاحب سنڌ اسيمبلي جا اسپيڪر هئا. سنڌ مختلف ماڻهن کي ميئر بڻجڻ جا موقعا ڏنا.

بقايا 8 روزاني عبرت

۽ انتظامي يونٽن جي قيام بابت پيش ڪيل تحريڪ التوا تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي اسان لاءِ انتهائي اهم آهي سنڌ جي ورهاست جي ڪنهن به ڪوشش کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو نثار احمد کهڙي چيو ته ملڪ ۾ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام بابت ٻيهر بحث شروع ٿيو آهي مختلف هنڌن تي سياسي اڳواڻن ۽ ٻين ماڻهن طرفان بيان ڏنا پيا وڃن ان پسمنظر ۾ ضروري سمجهيو ته سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ هن اهم ۽ حساس معاملي تي کليل ۽ تفصيلي بحث ڪيو وڃي هن چيو ته سنڌ جي ورهاست بابت ٻاهر ٿيندڙ تقريرن ۽ بيانن جي روشني ۾ هي تحريڪ التوا پيش ڪئي وئي آهي، جيئن سنڌ اسيمبلي جي چونڊيل نمائندن کي پنهنجو موقف ايوان جي فلور تي بيان ڪرڻ جو موقعو ملي ۽ سنڌ جي مستقبل بابت واضح پارلياماني موقف سامهون اچي نثار احمد کهڙي چيو ته پاڪستان جي قيام کانپوءِ به سنڌ جي وحدت کي مختلف وقتن تي چئلينج ڪيو ويو ون يونٽ جي صورت ۾ صوبن جي حيثيت ختم ڪئي وئي ۽ سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ سڃاڻپ کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سنڌ جي عوام هر دور ۾ پنهنجي وحدت ۽ سڃاڻپ جو تحفظ ڪيو هن چيو ته سنڌ کي ٻيهر ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي قبول نه ڪيو ويندو سنڌ ڪا اهڙي شيءِ ناهي، جنهن کي سياسي مفادن تحت ٽڪرن ۾ ورهائي سگهجي

بقايا 9 روزاني عبرت

جيڪا قرارداد ايندي ۽ ان جي حق ۽ مخالفت ۾ جيڪي ووٽ ڏيندا آهي عوام جي سامهون واضح ٿي ويندا ۽ ڪيترن ئي سياسي جماعتن جون سنڌ ۾ سياسي حقيقتون به پڌريون ٿي وينديون سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته انتظامي يونٽن جي آڙ ۾ جيڪڏهن ڪو چاهي ٿو ته سنڌ صوبي ۾ ڇهه وزيراعليٰ هجن ته ٻڌي ڇڏي ته سنڌ ۾ هڪ ئي وزيراعليٰ هڪ ئي گورنر هڪ ئي اسيمبلي ۽ هڪ ئي ڪابينا هوندي، ان کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه نه ٿي سگهي. سعيد غني چيو ته هو ڪافي عرصي کان چئي رهيو آهي ته اها انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي ته جماعت اسلامي هن شهر ۾ نئين ايم ڪيو ايم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن چيو ته معاملو رڳو ساڙ ۽ گهيراءُ تائين محدود ناهي پر جماعت اسلامي جي سوچ ۽ سياست جو انداز به اهڙو ٿي ويو آهي جنهن ذريعي ڪراچي ۾ نفرت جي سياست کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته ايم ڪيو ايم به ماضي ۾ اهڙي ئي سياست ڪئي هئي ۽ اڄ ايم ڪيو ايم جنهن صورتحال ۽ جنهن هنڌ تي پهتي آهي،

بقايا 10 روزاني عبرت

عوامي مسئلن بابت هر بحث پارٽين کان مٿانهون ٿي ڪرڻ گهرجي نثار احمد کهڙو جي التوا واري رٽ تي بحث دوران خطاب ڪندي علي خورشيدي چيو ته نثار کهڙو کي مبارڪباد ڏني وڃي، پر سوال اهو آهي ته مبارڪباد ڪهڙي ڳالهه جي ڏني پئي وڃي؟ هن چيو ته جيڪڏهن سڄو ايوان سنڌ جي ورهاڱي جي خلاف آهي ۽ مختلف وقتن تي ان حوالي سان قراردادون به منظور ٿي چڪيون آهن ته پوءِ بار بار ساڳئي معاملي تي التوا واريون رٽون ۽ قراردادون آڻڻ جي ضرورت ڇو پيش اچي رهي آهي؟ هن چيو ته پهرين ڏينهن کان ئي واضح ڪيو ويو هو ته جنهن معاملي تي ايوان ۾ اصولي اتفاق موجود آهي ان کي ٻيهر بحث جو موضوع بڻائڻ جو جواز سمجهه کان ٻاهر آهي سنڌ جي ورهاڱي خلاف هر ميمبر پنهنجو موقف واضح ڪري چڪو آهي تنهن ڪري چار ڏينهن تائين مسلسل تقريرون ڪرائڻ بدران عوام جي اصل مسئلن ۽ حڪومتي ڪارڪردگي تي بحث ٿيڻ گهرجي علي خورشيدي چيو ته سنڌ جي عوام کي پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي جو چڱيءَ ريت علم آهي ۽ حڪومتي ڪارڪردگي تي ڳالهائڻ بدران سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي کي سياسي بحث جو مرڪز بڻايو پيو وڃي سندس چوڻ هو ته حڪمران جماعت کي سنڌ جي عوام کي اصل مسئلن، گورننس ۽ ڪارڪردگي بابت جواب ڏيڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ جا رکوالا هجڻ جو حق ڪنهن هڪ سياسي جماعت تائين محدود ناهي سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص ڀلي ڪنهن به سياسي جماعت يا لساني پس منظر سان تعلق رکي، سنڌ جو رهواسي آهي هن چيو ته سندس جماعت 2019ع ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف منظور ٿيل قرارداد جو حصو رهي ۽ ان تي کيس فخر آهي اپوزيشن ليڊر چيو ته جمهوريت ۾ هر شخص کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق آهي، پر لاهور ۾ ويٺل ڪو شخص سنڌ جي مستقبل جو فيصلو نٿو ڪري سگهي سنڌ جي مستقبل ۽ انتظامي ڍانچي بابت فيصلو سنڌ ۾ رهندڙ عوام ۽ چونڊيل ايوان جي راءِ سان ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته حڪومت وٽ سنڌ اسيمبلي ۾ واضح اڪثريت آهي، تنهن ڪري اپوزيشن جون تجويزون به قرارداد ۾ شامل ڪري اهڙي قرارداد منظور ڪئي وڃي، جيڪا سڄي ايوان جي گڏيل ۽ متفقه قرارداد هجي سنڌ جي وحدت جي معاملي تي سڄي اسيمبلي کي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ گهرجي علي خورشيدي چيو ته نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي بحث بدران سنڌ ۾ موجود انتظامي ڊويزن کي بااختيار بڻائڻ تي ڌيان ڏنو وڃي. سنڌ جا ڇهه ڊويزن اڳ ئي انتظامي يونٽ طور موجود آهن جن کي صوبائي فنانس ڪميشن ذريعي مالي اختيار ڏنا وڃن هن چيو ته ارڙهين ترميم کان پوءِ اختيار صوبن ڏانهن منتقل ٿيا، پر اهي اختيار اثرائتي نموني هيٺين سطح تائين منتقل نه ٿي سگهيا آهن اصل مسئلو اهو آهي ته انتظامي، مالي ۽ سياسي اختيار هيٺين سطح تائين ڇو نٿا پهچن هن سوال ڪيو ته گهٽي ۾ پٿر لڳائڻ پارڪ ٺاهڻ يا روڊ تعمير ڪرڻ جو فيصلو صوبائي ڪابينا ئي ڇو ڪري؟ ڊويزن ۽ ضلعن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏنا وڃن ته جيئن عوام جا مسئلا سندن علائقن ۾ ئي حل ٿي سگهن هن چيو ته نون صوبن بدران موجوده انتظامي ڍانچي کي مضبوط ۽ بااختيار بڻائڻ ئي اثرائتي گورننس ۽ سروس ڊليوري جو رستو آهي علي خورشيدي چيو ته گذريل ڪيترن سالن کان اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي جون ڳالهيون ٻڌي رهيا آهيون، پر عملي طور تي ڊيوليوشن نظر نٿي اچي مڪاني ادارا موجود هجڻ باوجود کين مڪمل سياسي، انتظامي ۽ مالي اختيار ناهن ڏنا ويا. هن چيو ته ڊويزن ۽ ضلعن کي اختيار ڏيڻ کي سنڌ ٽوڙڻ سان تعبير ڪرڻ درست ناهي مالي، انتظامي ۽ سياسي اختيارن جي منصفاڻي ورڇ جو مطلب سنڌ جي جغرافيائي ورهاست ناهي پر اختيارن کي عوام جي ويجهو آڻڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته 1973ع جي آئين ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي آئيني سوچ سان وابستگي جو اظهار ڪندي چونڊيل مڪاني حڪومتن کي سياسي، انتظامي ۽ مالي اختيار ڏيڻ مڪاني ادارن کي آئيني تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ صوبائي فنانس ڪميشن کي فعال بڻائڻ ضروري آهي علي خورشيدي چيو ته صوبائي فنانس ڪميشن ذريعي مقامي حڪومتن ۾ صوبائي وسيلن جي شفاف، منصفاڻي ۽ اڳواٽ طئي ٿيل طريقي سان ورڇ يقيني بڻائي سگهجي ٿي. هن چيو ته سنڌوديش جي علحدگي پسند سوچ ۽ سنڌ کي پاڪستان کان ڌار ڪرڻ واري مطالبي جي هو واضح مذمت ڪن ٿا ۽ پاڪستان جي خودمختياري، اتحاد ۽ آئيني جمهوري نظام سان وابستگي جو ورجاءُ ڪن ٿا هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي تجويزن ۾ اهڙو ڪو لفظ نه هو جيڪو پيپلز پارٽي جي موقف سان ٽڪرائجي جيڪڏهن جمهوري رويو اختيار ڪيو وڃي ها ته انهن تجويزن تي ڳالهه ٻولهه ضرور ٿيڻ گهرجي ها. سندس چوڻ هو ته سوال اهو آهي ته ايم ڪيو ايم جون تجويزون قرارداد ۾ شامل ڪرڻ تي اعتراض ڪنهن کي هو؟ اپوزيشن ليڊر چيو ته ايم ڪيو ايم جو موقف واضح آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جي خواهش ناهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه سامهون اچڻ تي ماضي ۾ به پنهنجو موقف واضح ڪيو ۽ مشرف دور ۾ به سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه جي مخالفت ڪئي هئي علي خورشيدي چيو ته سياسي جماعتن کي ڪنهن پوري قوم، زبان يا برادري جي واحد نمائندگي جي دعويٰ ڪرڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي ۽ عملي ڪردار ذريعي عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ گهرجي هن چيو ته جيئن ايم ڪيو ايم سمورن اردو ڳالهائيندڙن جي واحد نمائندگي جي دعويٰ نٿي ڪري سگهي، تيئن پيپلز پارٽي به سمورن سنڌين جي واحد نمائنده جماعت هجڻ جي دعويٰ نٿي ڪري سگهي. هن چيو ته شهري سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم وٽ عوامي ووٽ ۽ سياسي مينڊيٽ موجود آهي ۽ جماعت پنهنجي سياسي سڃاڻپ برقرار رکندي هن وڌيڪ چيو ته "ايم ڪيو ايم هئي ايم ڪيو ايم آهي ۽ ايم ڪيو ايم رهندي علي خورشيدي چارٽر آف رائٽس جو حوالو ڏيندي چيو ته جنهن چارٽر تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، خالد مقبول صديقي، مولانا فضل الرحمان ۽ ٻين قومي اڳواڻن صحيحون ڪيون ان تي عملدرآمد جو مطالبو ڪيو پيو وڃي هن چيو ته چارٽر آف رائٽس ۾ شامل ڪيترن ئي نقطن تي عملدرآمد لاءِ صرف سياسي ارادو ۽ نيڪ نيتي گهربل آهي هن چيو ته چارٽر آف ڊيموڪريسي ۾ به مڪاني حڪومتن کي بااختيار بڻائڻ جو اصول موجود آهي جڏهن ته سپريم ڪورٽ جو آئيني درخواست نمبر 24 آف 2017 بابت فيصلو به مڪاني ادارن کي اختيار ڏيڻ بابت واضح هدايتون ڏئي ٿو هن الزام هنيو ته سنڌ حڪومت ميئر ڪراچي سميت مڪاني حڪومتن کي گهربل مالي ۽ انتظامي اختيار ڏيڻ کان پاسو ڪري رهي آهي علي خورشيدي چيو ته سنڌ حڪومت کي پنهنجي گورننس ۽ ڪارڪردگي تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي جڏهن ته سنڌ جي نوجوانن ۽ عام ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ جي ضرورت آهي هن حيدرآباد ۾ نوجوانن جي احتجاج جو حوالو ڏيندي چيو ته نوجوانن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ کين احتجاج تي مجبور نه ڪيو وڃي هن چيو ته سنڌ جي وحدت بابت گڏيل قرارداد لاءِ ايم ڪيو ايم پنهنجون تجويزون ڏنيون هيون پر انهن کي قرارداد ۾ شامل نه ڪيو ويو هن چيو ته تجويز هئي ته نون انتظامي يونٽن کي اثرائتي، جوابده ۽ عوامي ضرورتن تي ٻڌل گورننس طرف اهم قدم قرار ڏنو وڃي، جنهن سان سنڌ جي وحدت يا جغرافيائي حدن تي ڪو اثر نٿو پوي علي خورشيدي چيو ته سنڌ اسيمبلي ماضي ۾ به سنڌ جي ورهاڱي خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي ۽ انهن تاريخي فيصلن جو مڪمل رڪارڊ ايوان وٽ موجود آهي هن چيو ته هڪ تاريخي اجلاس ۾ 102 مان 98 ميمبرن قرارداد جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو ۽ انهن ميمبرن جا نالا اڄ به اسيمبلي جي تاريخي رڪارڊ جو حصو آهن هن چيو ته ماضي جي فيصلن تي هڪ ٻئي کي الزام ڏيڻ بدران تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي. هن نثار احمد کهڙو پاران معذرت ڪرڻ کي اخلاقي جرئت قرار ڏيندي سندس واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته جيڪڏهن ماضي جي فيصلن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته ٻين ميمبرن کي به پنهنجي ماضي جي فيصلن بابت عوام کي جواب ڏيڻو پوندو

بقايا 11 روزاني عبرت

سنڌ جي موجوده جاگرافيائي وحدت ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي هرگز قبول نه ڪئي ويندي هن چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي قيام بابت ڳالهين عوام ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي هڪ طرف سنڌ جي ورهاڱي کان انڪار ڪيو پيو وڃي ۽ ٻئي طرف نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب عوام ۾ مختلف تاثر پيدا ٿي رهيو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي هن معاملي تي پنهنجو واضح موقف عوام آڏو رکي ڇڏيو آهي. سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سنڌ جون جاگرافيائي حدون ۽ وحدت انتهائي حساس معاملو آهي جڏهن به سنڌ جي حدن بابت ڪو مسئلو اٿاريو ويو سنڌ جي عوام پنهنجي تاريخي حق جي تحفظ لاءِ متحد ٿي آواز اٿاريو جيڪڏهن ڪنهن محدود علائقي جي معاملي تي به عوام جا جذبات ايترا شديد ٿي سگهن ٿا ته سنڌ جي ورهاڱي يا جاگرافيائي حدن ۾ تبديلي جي ڳالهه ڪيتري حساس هوندي، ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو هن چيو ته سنڌ کي انتظامي يونٽن جي نالي تي ورهائڻ جي ڪا به تجويز قابل قبول ناهي جيڪڏهن ڪنهن علائقي جو انتظام هلائڻ يا ڪنهن انتظامي تبديلي جي ضرورت آهي ته ان لاءِ آئيني ۽ قانوني رستو موجود آهي لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ سان قرارداد يا قانون ذريعي معاملو اڳتي وڌايو وڃي ڪنهن به علائقي تي رڳو انتظامي بنياد تي اختيار قائم نٿو ڪري سگهجي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته اڄ موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جو دور آهي، عوام سياسي جماعتن جي بيانن سان گڏ انهن جي عملي قدمن تي به نظر رکي ٿي ان ڪري سياسي اڳواڻن کي پنهنجي موقف ۾ مونجهاري بدران وضاحت اختيار ڪرڻ گهرجي، ته جيئن عوام ۾ پيدا ٿيندڙ تاثر کي ختم ڪري سگهجي هن چيو ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت حساس معاملن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي اهڙن معاملن کي ڇيڙڻ سان عوامي ردعمل ۽ امن امان جي صورتحال متاثر ٿيڻ جو خدشو موجود رهندو آهي ملڪ ۽ خاص طور تي بلوچستان جي موجوده صورتحال کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي ۽ اهڙن حساس معاملن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي، تاريخي حدن ۽ جاگرافيائي وحدت سان گهري وابستگي رکن ٿا، هن معاملي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي اسان جو مقصد پاڪستان جي وحدت اندر هڪ بهتر، پرامن، مستحڪم ۽ خوشحال سنڌ آهي ۽ سنڌ جي ترقي لاءِ سياسي استحڪام ۽ امن جو برقرار رهڻ ضروري آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد ايوان ۾ اچي ته ان جي حمايت ڪئي وڃي، جيڪي سياسي جماعتون سنڌ جي ورهاڱي جي مخالفت جو موقف رکن ٿيون انهن کي انتظامي يونٽن بابت پنهنجون تجويزون ۽ موقف پڻ واضح ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ڪنهن به قسم جو مونجهارو باقي نه رهي ڪراچي جي ٽريفڪ مسئلن تي ڳالهائيندي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ جو نظام بهتر نه هجڻ سبب حادثا ۽ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ جا واقعا پيش اچي رهيا آهن سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٽريفڪ نظام جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته ڪراچي ۾ سيف سٽي منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ 6 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ 9 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا سيف سٽي منصوبي جو مقصد شهرين جي حفاظت سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي ٽريفڪ نظام کي پڻ بهتر بڻائڻ آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته ڪراچي هڪ بين الاقوامي شهر آهي ان لاءِ جديد ۽ اثرائتو ٽريفڪ مئنيجمينٽ سسٽم ناگزير آهي ڪراچي کان پوءِ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ به ٽريفڪ نظام جي بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن جڏهن ته لاڙڪاڻي ۾ پڻ ٽريفڪ نظام کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو پيو وڃي.

بقايا 12 روزاني عبرت

۽ پٿراءَ جا واقعا پيش آيا، جڏهن ته پوليس جماعت اسلامي جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي حراست ۾ ورتو ڪورنگي ڪراسنگ ويجهو نامعلوم ماڻهن باهه لڳائڻ ۽ پٿراءُ ڪري رستا بند ڪيا ۽ ٽائرن کي باهه ڏني، انهن ٻن موٽر سائيڪلن کي پڻ باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو موسميات ۽ صفورا چورنگي وارن علائقن ۾ انهن جي پرپاسي ۾ اڻڄاتل ماڻهن پاران ڪاروبار بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو صبح جو سپر کليل دڪان ۽ پيٽرول پمپ بند ڪرائي ڇڏيا ويا ڪراچي جي اڪثر مکيه مارڪيٽن ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ مڪمل شٽ ڊائون هڙتال ڪئي وئي، جڏهن ته جوڊيا بازار ۾ جزوي هڙتال جاري آهي صدر ۾ موبائيل جون سموريون مارڪيٽون ۽ اليڪٽرانڪس جا دڪان بند رهيون ايم اي جناح روڊ تي واقع لائيٽ هائوس ۽ بولٽن مارڪيٽ پڻ بند آهن ڪيميڪل مارڪيٽ، ٽمبر مارڪيٽ ۽ اسٽيل مارڪيٽ به بند پيل آهن گلبهار سينيٽري مارڪيٽ مڪمل طور تي بند آهي. پاڪ ڪالوني، قيوم آباد (ماربل) ۽ فرنيچر مارڪيٽون پڻ بند آهن زيب النساءِ اسٽريٽ ۽ زينب مارڪيٽ جا دڪان به بند آهن اورنگي ٽائون لياقت آباد، فيڊرل بي ايريا، ناظم آباد ۽ گلشن اقبال ۾ جزوي هڙتال آهي. بوهري بازار ۽ صدر جي ايمپريس مارڪيٽ جي آس پاس به جزوي هڙتال ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي اورنگي ٽائون نمبر 1 جي قذافي چوڪ تي جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ دڪاندارن وچ ۾ جهيڙو پڻ ٿيو شهر جا تقريباً 10 کان 15 سيڪڙو پيٽرول پمپس—جيڪي صبح جو بند ٿي ويا هئا—ٻيهر کلي ويا آهن. جڏهن ته خانگي ۽ تجارتي ٽريفڪ معمول کان گهٽ سطح تي آهي ان دوران ڪراچي بار ايسوسيئيشن پڻ جماعت اسلامي ۽ واپاري برادري پاران سڏيل هڙتال جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ڪراچي بار موجب، ايسوسيئيشن جي بينر هيٺ سنڌ هاءِ ڪورٽ کان پريس ڪلب تائين مهانگائي خلاف هڪ پرامن ريلي ڪڍي ويندي هڙتال ۽ عوامي ٽرانسپورٽ جي کوٽ سبب وڪيلن ۽ مقدمي جي ڌرين لاءِ سٽي ڪورٽس تائين پهچڻ مشڪل ٿي سگهي ٿو ان ڪري عدالت کي درخواست ڪئي وئي آهي ته انهن جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ ڪي به سخت حڪم جاري نه ڪيا وڃن ڪراچي جي مرڪزي علائقي صدر جي ريگل چوڪ تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي، جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر ڪراچي ۽ سڄي پاڪستان جي واپاري برادري کي اپيل ڪئي ته هڙتال کي ڀرپور ڪامياب بڻائين هن پيٽروليم ليوي (ٽيڪس) خلاف واپارين جي هڙتال کي ساراهيو ۽ ان کي ڀتي جهڙو ٽيڪس قرار ڏيندي چيو ته اڄ شهر جون سڀئي مارڪيٽون ۽ بازارون بند آهن منعم ظفر چيو ته اها ليوي - جيڪا في ليٽر 130 رپين جي ڀتي جهڙي ٽيڪس جي برابر آهي - ظلم تي ٻڌل عمل آهي ۽ اها هرگز قبول ناهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪاروباري مرڪزن کي 12 کان 18 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ بيروزگاري وڌي رهي آهي، جڏهن ته اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو مفت بجلي، گيس ۽ ٻارڻ جون سهولتون ماڻي رهيا آهن. اتي عام ماڻهن تي ليوي جي صورت ۾ هن ڀتي جهڙي ٽيڪس جو بار وڌو ويو آهي جماعت اسلامي جي سربراهه جي اپيل تي گادي واري شهر ۾ ڪاروباري ۽ تجارتي مرڪز جزوي طور تي بند آهن. واپارين پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جي مهم جي حمايت ڪئي آهي مختلف تجارتي مرڪزن - جن ۾ سپر مارڪيٽ، آبپاره، جي-8 ۽ جي-9 شامل آهن - ۾ اڪثر دڪان بند رهيا، چاڪاڻ ته پارٽي اڳواڻ جي سڏ تي شهرين اڄ پنهنجا ڪاروبار بند رکيا. ان دوران راولپنڊي شهر ۽ ڪينٽونمينٽ واري علائقي جي تجارتي مرڪزن ۾ ڪاروباري سرگرميون جاري آهن. جيتوڻيڪ "تنظيمِ تاجران پاڪستان" هڙتال جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي، پر اطلاعات موجب ڪجهه علائقن ۾ رڳو ڪجهه چونڊ دڪان ئي بند آهن جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي سڄي ملڪ ۾ ڪيل هڙتال سبب لاهور جي مختلف علائقن—جن ۾ ڪوئينز روڊ، عابد مارڪيٽ، هال روڊ، مال روڊ، نسبت روڊ مارڪيٽ، فيروزپور روڊ ۽ برينڊريٿ روڊ شامل آهن—۾ ڪاروباري مرڪز بند رهيا. مال روڊ تي جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ واپاري برادريءَ وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو سخت بحث مباحثو وڌي آخرڪار هٿوپائيءَ ۾ تبديل ٿي ويو هڙتال بابت اختلافن مال روڊ جنگ جي ميدان جو روپ ڌاري ڇڏيو جنهن ٻنهي طرفان نعريبازيءَ سبب ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ مال روڊ تي ٿيل ان ٽڪراءُ سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي

بقايا 13 روزاني عبرت

حڪومتي وفد منصوره لاهور ۾ جماعت اسلامي جي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون حڪومت جي ڳالهين واري ٽيم ۾ وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءُ الله ۽ خواجا سلمان رفيق شامل هئا، جڏهن ته جماعت اسلامي طرفان نائب امير جماعت اسلامي لياقت بلوچ ڳالهين واري ٽيم جي قيادت ڪئي. ڳالهين کانپوءِ پريس ڪانفرنس دوران احسن اقبال چيو ته اسان سڀ چاهيون ٿا ته عوام کي رليف ملي. ان لاءِ حڪومت ٽيم جوڙي آهي جماعت اسلامي کي به چيو آهي ته جيڪڏهن اهڙيون تجويزون آهن جنهن ذريعي پيٽرول جي اگهه جو بوجهه گهٽائي سگهجي ٿو ته اهي پيش ڪن جماعت اسلامي کي چيو آهي ته ٽيم جوڙي اسان ڳالهين لاءِ تيار آهيون هن چيو ته اسان نٿا چاهيون ته ملڪ ۾ هن وقت اهڙي صورتحال پيدا ٿئي جنهن مان دشمن فائدو وٺي موجوده صورتحال جي گهرج آهي ته اسان سڀ گڏجي ملڪ ۾ اندروني امن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪريون ان موقعي تي راڻا ثناءُ الله چيو ته حافظ نعيم الرحمان ٻڌايو آهي ته وٽن اهڙيون تجويزون آهن جن سان عوام کي رليف ملي سگهي ٿو حڪومت جماعت اسلامي جي عمل جوڳين تجويزن تي عملدرآمد ڪندي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو ته 19 ڏينهن کان ملڪ ۾ 30 هنڌن تي جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري آهن. اسان کي عوام کي تڪليف ڏيڻ جو ڪو شوق ناهي، پر عوامي مسئلن سبب ڌرڻا ڏئي رهيا آهيون هن چيو ته 6 سالن دوران ملڪ ۾ غربت ۾ 33 سيڪڙو واڌ ٿي آهي موٽرسائيڪل هلائيندڙ هڪ ليٽر پيٽرول تي 35 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ تي مجبور آهي سندس چوڻ هو ته عوام اهڙي بجلي جا پئسا ڏيڻ تي مجبور آهي جيڪا پيدا به نه ٿي، پيٽرول تي ليوي معطل ڪرڻ بدران ان ۾ واڌ ڪئي وئي. جڏهن کان ليوي شروع ٿي آهي 8 هزار ارب رپيا گڏ ٿي چڪا آهن. حافظ نعيم الرحمان چيو ته هن سال حڪومت ليوي جي مد ۾ مقرر ڪيل هدف کان به وڌيڪ رقم گڏ ڪئي آهي. مهانگائي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته لياقت بلوچ جي سربراهي ۾ اسان ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي. پيٽرول جي قيمت، ليوي، آءِ پي پيز ۽ ماني جي قيمت گهٽ ڪرڻ اسان جا مطالبا آهن. هن چيو ته پيٽرول تي ليوي ختم ٿيڻ گهرجي. جن شين تي ٽيڪس لاڳو نٿو ٿئي اهي به 35 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪري رهيا آهن سندس چوڻ هو ته پيٽروليم ليوي جو مقصد ريفائنرين جي بهتري بڻائڻ هو پر اسان کان جنگي حالتن ۾ به ليوي وصول ڪئي وئي حافظ نعيم وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي شهرن ۾ اڄ مڪمل هڙتال ٿي آهي ۽ ڌرڻا به جاري رهندا ۽ ڳالهين جو عمل به هلندو رهندو ري گيسيفڪيشن پلانٽن کان به ڪيپيسٽي پيمنٽ وصول ڪئي پئي وڃي. حڪومتي رپورٽ موجب 40 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن

بقايا 14 روزاني عبرت

ٿان دراندازي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب، صدر 15 ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج جي جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت ۽ بهادري کي ساراهيندي چيو ته ملڪ جي سرحدن جي دفاع ۽ امن ۽ استحڪام جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جو عزم قابل تحسين آهي. صدر چيو ته ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن کي پاڪستان ۾ بدامني پکيڙڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

بقايا 15 روزاني عبرت

نيشنل بينڪ آف پاڪستان جو 3 سالن لاءِ صدر ۽ سي اي او مقرر ڪيو آهي سندس مقرري نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ شرط شروع ٿي آهي، عمران سرور ماضي ۾ مختلف بينڪنگ سيڪٽر ۾ اهم ذميواريون سرانجام ڏنيون آهن سندس مقرري جو نوٽيفڪيشن فنانس ڊويزن پاران بينڪس ايڪٽ 1974 تحت ڪئي وئي آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران خميس ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز انتهائي پيشيوراڻين صلاحيتن، صبر ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندي فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو وزيراعظم چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي پاڙ کان پٽي ختم ڪرڻ تائين سيڪيورٽي فورسز جي دهشتگردي جي خاتمي واري "عزم استحڪام" مهم پوري طاقت ۽ عزم سان جاري رهندي پوري قوم کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوج تي فخر آهي جيڪا ملڪ جي سرحدن جي دفاع ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ وڙهي رهي آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر ۽ فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ فيز 2 ايڪسٽينشن جي تعمير جي حوالي سان جائزه اجلاس ٿيو وزيراعظم چيو ته عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي صحت جي شعبي ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي اجلاس ۾ تجويز ڪيل جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر جي عمارت جي تعمير جي حوالي سان مختلف تعميراتي ڊيزائن ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون. اجلاس کي پولي ڪلينڪ فيز 2 ايڪسٽينشن جي تعمير جي اڳڀرائي تي پڻ بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ سيڪٽر جي — 11 ۾ تعمير هيٺ فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ ايڪسٽينشن کي جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي پهرين فيز طور تي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان فيصلي جو مقصد اسپتال کي جلد فعال ڪري شهرين کي صحت جون بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ آهي وزيراعظم هدايت ڪئي ته جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي پهرين فيز کي مارچ 2027ع تائين مڪمل ڪيو وڃي جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر جي پهرين فيز ۾ جديد اسٽيٽ آف دي آرٽ اسپتال ٺاهڻ جي حوالي سان هر ممڪن قدم کنيا وڃن ان اسپتال ۾ جديد ۽ هاءِ ٽيڪ مشينري هئڻ کي يقيني بڻايو وڃي. منصوبي جي اڳڀرائي سان گڏوگڏ ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن جاري رکي وڃي اجلاس ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال پاور ڊويزن واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 18 روزاني عبرت

خميس ڏينهن پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) پاران جاري بيان موجب 31 آگسٽ ۽ 01 سيپٽمبر جي وچ واري رات جو سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي پرسان پاڪ افغان سرحد ذريعي مداخلت جي ڪوشش ڪندڙ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي هڪ گروهه جي چرپر جو پتو لڳايو سيڪيورٽي فورسز پيشيوراڻي مهارت، صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي انهن جو ڪاميابي سان مقابلو ڪيو ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ آيو آهي. جنهن جي ذريعي اهي ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي خراب ڪرڻ جا خواهشمند هئا. پاڪ افغان سرحد تي پيش آيل اهو واقعو هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان جي ان مستقل موقف جي تائيد ڪري ٿو ته افغان طالبان حڪومت پنهنجي سرپرستي هيٺ دهشتگرد تنظيم کي سرحد پار دهشتگردي لاءِ افغان سر زمين استعمال ڪرڻ کان روڪڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهي آهي آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان جون سيڪيورٽي فورسز ملڪي سرحدن جي دفاع لاءِ پرعزم آهن جڏهن ته علائقي ۾ موجود ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم وڌيڪ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

ننڍڙن ٻارن جي حياتي بچائيندڙ نرس رضيه نورين خميس ڏينهن هتي ملاقات ڪئي ۽ سندس همت ۽ جذبي جي واکاڻ ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته نرس رضيه نورين پنهنجي جان تي کيڏي جنهن همت ۽ عظيم مقصد جي لاءِ ان ننڍڙن ٻارن جي حياتي بچائي ان نيڪ عمل جي لاءِ الله تعاليٰ تمام گهڻو اجر عطا فرمائيندو پوري قوم کي مٿس فخر آهي ۽ سندس همت ۽ بهادري جي معترف آهي جنهن ننڍڙن ٻارن جي حياتي بچائي انهن جا والدين به پوري زندگي کيس پنهنجي دعائن ۾ ياد رکندا وزيراعظم چيو ته ٻين جي عظيم مقصد لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ننڍڙن ٻارن جي حياتي بچائڻ عظيم عمل آهي هن چيو ته قوم جي ڌيءَ رضيه نورين جو ڪارنامو تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ ياد رکيو ويندو وزيراعظم چيو ته پوري قوم نمايان ڪارنامو سرانجام ڏيڻ تي رضيه نورين کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي وزيراعظم اعلان ڪيو ته 23 مارچ تي رضيه نورين کي سندس خدمتن جي اعتراف ۾ تمغه خدمت ڏنو ويندو هن وقت هڪ ڪروڙ رپين جو انعام اصل ۾ سندس حوصلا افزائي لاءِ آهي جنهن جي هوءَ حقيقي طور تي مستحق آهي نرس رضيه نورين وزيراعظم کي ٻارڙن جي حياتي بچائڻ ۽ باهه لڳڻ جي واقعي بابت تفصيلن کان آگاهه ڪيو ۽ وزيراعظم جي حوصلا افزائي تي خوشي جو اظهار ڪيو هن چيو ته سندس ٻيون ساٿي نرسز به ايتري ئي محنت ۽ لڳاءُ سان ڪم ڪن ٿيون اهو تمام دل ڏڪوئيندڙ واقعو هو. هن ٻڌايو ته هن باهه کي ڏٺو ۽ جان جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ اندر هلي وئي هن هڪ ننڍڙيءَ ٻارڙيءَ آصفه کي بچايو ۽ ٻاهر آڻي جلدي ڊاڪٽر عبدالرحمان جي حوالي ڪيو ته جيئن رش ۾ هو محفوظ هٿن ۾ رهي ۽ ٻين ٻارن جي حياتي بچائڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي پر هنگامي صورتحال جي ڪري ائين نه ٿي سگهيو باهه تيزي سان پکڙجي وئي ۽ اوچتو اونداهي ٿي وئي ۽ دونهون پکڙجي ويو هن حوصلا افزائي تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا. وزيراعظم چيو ته پمز ۾ باهه لڳڻ تمام گهڻو دل ڏڪوئيندڙ واقعو آهي ذميوارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي جڏهن ته صحت واري وزارت کي پمز اسپتال ۾ سهولتن جي بهتري ۽ مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن ان موقعي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف رضيه نورين کي هڪ ڪروڙ رپين جو چيڪ ڏنو. صحت وارو وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال ۽ اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پڻ ان موقعي تي موجود هئا.

بقايا 20 روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي پاڪ افغان سرحد ويجهو اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي مداخلت جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي. جاري ڪيل بيان موجب هن پاڪ فوج جي بهادري ۽ جرئت جي واکاڻ ڪندي چيو ته پاڪ فوج جي جوانن وقت تي بهادري سان ڪارروائي ڪري سرحد پار کان داخل ٿيندڙ 15 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪيو ۽ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو. محسن نقوي وطن جي دفاع لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته قوم کي پنهنجي بهادر جوانن جي پيشوراڻين صلاحيتن، عسڪري حڪمت عملي ۽ بي مثال جرئت تي فخر آهي ۽ قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا. لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اعظم نذير تارڙ چيو ته آزاد ڪشمير ۾ سڀ کان وڏو مسئلو چونڊون ڪرائڻ هو جيڪي چونڊون پرامن ۽ شفاف نموني ٿيون صوبن بابت ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ جڏهن صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته ٻه ٽين اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم ڪيترائي ڀيرا مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت ڏئي چڪو آهي جڏهن ته آزاد ڪشمير جو وزيراعظم چونڊڻ جو حق نواز شريف وٽ هو

بقايا 22 روزاني عبرت

واپار جي پوري سپلاءِ چين ۾ بهتري آڻڻ ۽ سرحد پار واپار سان لاڳاپيل سڀني ٽيرف معاملن تي فيصلا ڪندو ۽ واپار جي فروغ جي حوالي سان هڪ روڊ ميپ، واپاري سهولت انڊيڪس ۽ نگراني جي سرشتي جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙيندو خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ واپار ۾ سهولتن جي فراهمي جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪ ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ جي صدارت ڪندو تجويز ڪيل بورڊ واپار جي پوري سپلاءِ چين ۾ بهتري آڻڻ ۽ سرحد پار واپار سان لاڳاپيل سڀني ٽيرف معاملن تي فيصلا ڪندو بورڊ واپار جي فروغ جي حوالي سان روڊ ميپ، واپاري سهولت انڊيڪس ۽ نگراني جي سرشتي جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙيندو ۽ وزيراعظم ملڪ جي بندرگاهن جي صلاحيت ۾ بهتري جي لاءِ هدايتون ڏنيون ۽ بندرگاهن جي ڪم کي مختلف ورڪنگ گروپس ٺاهڻ جي هدايت ڪئي ورڪنگ گروپس بندرگاهن جي سگهه بهتر بڻائڻ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ ريگوليٽري فريم ورڪ جي تعميل آمد کان اڳ ڪليئرنس عالمي واپار ۾ ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن جي شموليت سان لاڳاپيل هوندا. وزيراعظم روانگي ۽ آمدني واپارين جي لاءِ بندرگاهن تي سامان جي پهچ، ڪليئرنس ۽ ٻين معاملن کي آسان بڻائڻ ۽ وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ جي به هدايت ڪئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته جاري سڌارن تحت، پورٽ چارجز ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کانپوءِ بندرگاهن جي استعمال ۾ نمايان بهتري آئي آهي جهازن جي آمد کان اڳ ڪليئرنس ڊيڪليئريشن جمع ڪرائڻ جي سهولت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي اجلاس ۾ قومي خوراڪ جي تحفظ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين، واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، ناڻي ۽ ريونيو واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انور چوڌري، وزيراعظم جي صنعتن واري صلاحڪار هارون اختر خان، ريلوي واري وزير مملڪت بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 23 روزاني عبرت

ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جامشورو جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي مختلف شخصيتن ساجده يوسف جي سيڪريٽري طور مقرري جي آجيان ڪئي آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

ملڪ ۾ گهٽ آمدني واري طبقي کي ڇت فراهمي ۽ معاشي سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ وزيراعظم اپنا گهر پروگرام تيزي سان ڪاميابي جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي هاڻي اهو پروگرام هڪ ڪٽنب لاءِ ڇت، ڪاروبار لاءِ مناسب مزدورن لاءِ روزگار ۽ گڏيل طور تي پاڪستان لاءِ پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي "ايڪس" تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته 2026 جون کان وٺي هن اسڪيم تحت هائوسنگ فنانسنگ جي فراهمي ۽ تعميراتي شعبي ۾ تاريخي اڳڀرائي ڏسڻ ۾ آئي آهي جنهن ملڪ جي اقتصادي منظر نامي کي نئون رخ ڏنو آهي ۽ صرف ٻن مهينن جي مختصر عرصي ۾ پروگرام تحت قرضن جي منظوري ۽ رقم جي ادائگين ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي هن چيو ته هن وقت تائين 8 هزار 600 کان وڌيڪ ڪٽنبن کي قرض ڏئي چڪا آهيون عملي طور تي هائوسنگ شعبي ۾ منتقل ٿيل رقم 118 سيڪڙو جي اضافي سان 45 ارب رپين تائين پهچي چڪي آهي جيڪا سڌي ريت تعميراتي ڪمن لاءِ استعمال ٿي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته تعميراتي شعبي جي ان لهر سان ملڪ جون ننڍي ۽ وچولي طبقي جون صنعتون سرگرم ٿيون آهن جنهن سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيا آهن هن چيو ته هي پروگرام هاڻي هڪ ڪٽنب لاءِ ڇت ڪاروبار لاءِ مناسب مزدورن لاءِ روزگار ۽ گڏيل طور تي پاڪستان لاءِ پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

۽ جمهوري انداز ۾ جواب ڏنو ويندو سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته هن بحث ايوان ۾ ان ڳالهه کي سامهون آندو آهي ته ڪجهه حلقن پاران سوال اٿاريو ويو ته سنڌ جي وحدت بابت بحث جي ڇو ضرورت آهي هن چيو ته گذريل عرصي ۾ ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جي ڳالهه سامهون آئي هئي، تنهن ڪري سنڌ جي وحدت تي ڳالهائڻ ضروري ٿي پيو آهي [illegible] ماڻهو اڄ سوال ڪري رهيا آهن ته اهو بحث ڇو آندو ويو آهي [illegible] ڪراچي [illegible] وفاق حوالي [illegible] حساس مسئلو آهي [illegible] ايوان ۾ [illegible] تي بحث [illegible] ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته [illegible] ڪي غلط انداز ۾ بيان ڪرڻ سان حقيقتون تبديل نٿيون ٿين تاريخي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي قائم آهن ۽ هميشه قائم رهنديون هن چيو ته سنڌ جي تاريخي حقيقتن کي ڪنهن سياسي موقف لاءِ تبديل نٿو ڪري سگهجي صوبائي وزير چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت ايوان اندر ۽ ٻاهر مختلف آواز اچي رهيا آهن [illegible] ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته [illegible] بهتر انتظامي [illegible] موجوده انتظامي ڍانچي [illegible] ضرورتون [illegible] ڪفايت [illegible] مالي مشڪلاتن [illegible] انتظامي يونٽ [illegible] گنجائش [illegible] صورتحال ۾ [illegible] قابل عمل [illegible]

بقايا 26 روزاني عبرت

تي هڪ ئي موقف سامهون آيو آهي هر قوم ۽ هر ذات ۽ هر ٻولي جو موقف آهي ته سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي رياض شاهه شيرازي چيو ته وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه التوا واري رٽ تي بحث جي پهرين ڏينهن ئي واضح موقف پيش ڪيو سنڌ جي وحدت بابت سمورن قومن ۽ برادرين جو موقف چٽو آهي ۽ ڪراچي کان ڪشمور تائين عوام سنڌ جي وحدت لاءِ هڪ موقف تي متحد آهن هن چيو ته سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هميشه قائم ۽ دائم رهندي سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به قسم جو اختلاف نه هجڻ گهرجي چاڪاڻ ته سنڌ جا عوام پنهنجي ڌرتي جي وحدت لاءِ گڏ بيٺل آهن رياض شاهه شيرازي چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ هر ذات، هر مذهب ۽ هر قوميت جا نمائندا موجود آهن سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي حقيقي وفاقي نمائندگي جي عڪاسي ڪري ٿي، جتي پنجابي، بلوچ، پٺاڻ ۽ سنڌي سميت سمورن قومن جا نمائندا موجود آهن هن چيو ته سنڌ اسيمبلي مان پاڪستان جي قومي هم آهنگي جي خوشبو اچي ٿي ۽ پاڪستان جا سمورا صوبا پاڪستان سان محبت ڪن ٿا ۽ سنڌ به پاڪستان سان محبت ڪري ٿي رياض شاهه شيرازي چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ مختلف قومين جي موجودگي پاڪستان جي نظام جي خوبصورتي آهي جتي مختلف ٻوليون قومون ۽ برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهو گڏجي عوام جي نمائندگي ڪن ٿا

بقايا 27 روزاني عبرت

کي مضبوط بڻائڻ ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جڏهن ته سنڌ جي تعمير ترقي ۽ استحڪام ۾ سنڌ پنهنجو ڀرپور حصو وڌو آهي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي دوست محمد راهمون چيو ته پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ سنڌ جي سياسي اڳواڻن تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي. ايٽمي طاقت بڻجڻ ۽ ميزائل ٽيڪنالاجي جي واڌ ويجهه ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن جو ڪردار رهيو آهي جڏهن ته آئيني ترميمن ۽ اين ايف سي ايوارڊ جهڙن تاريخي قدمن ۾ به سنڌ جي سياسي اڳواڻن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته پارليامينٽ کي بااختيار بڻائڻ ۾ به سنڌ جي سياسي اڳواڻن اهم جدوجهد ڪئي پارليامينٽ کي جيڪي اختيار منتقل ڪيا ويا، انهن ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن جو ڪردار شامل رهيو آهي سنڌ جي سياسي اڳواڻن اهڙا تاريخي فيصلا ڪيا جن سان پاڪستان کي مضبوط بڻايو دوست محمد راهمون چيو ته سنڌ جي سياسي اڳواڻن جي جدوجهد پاڪستان جي سياسي تاريخ جو اهم حصو آهي ۽ سنڌ پاڪستان جي تعمير ترقي ۽ استحڪام ۾ هميشه پنهنجو حصو وڌو آهي هن چيو ته اڄ اهي ئي ماڻهو سنڌ خلاف ڳالهيون ڪري رهيا آهن جن کي سنڌ پناهه، عزت ۽ مقام ڏنو سنڌ ايندڙ ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي تي جاءِ ڏني ۽ کين عزت ۽ مقام سان نوازيو دوست محمد راهمون چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي سنڌ جي ورهاڱي کي ڪنهن به صورت ۾ منظور نه ڪنداسين سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

بقايا 28 روزاني عبرت

سلامتي جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي ۾ تاريخي بحث جاري آهي جڏهن ته سنڌ کي ٽوڙڻ لاءِ جيڪي سازشون ڪيون پيون وڃن انهن تي ايوان ۾ تاريخي بحث ٿي رهيو آهي سنڌ جي سلامتي ۽ وحدت بابت ايوان ۾ ٿيندڙ بحث کي سڄي دنيا ۾ ڏٺو پيو وڃي سنڌ اسيمبلي جو هي تاريخي اجلاس ايندڙ وقتن ۾ به ياد رکيو ويندو جڏهن ته سنڌ جي وحدت بابت ايوان ۾ ٿيندڙ بحث تاريخ جو حصو بڻجي رهيو آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ جو سفر اڄ به جاري آهي قديم ويدن ۾ به سنڌ ۽ سنڌو تهذيب جو ذڪر ملي ٿو جڏهن ته موئن جي دڙو جي قديم تهذيب سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ جي عڪاسي ڪري ٿي هن چيو ته پنج هزار سالن جي تاريخي سفر باوجود سنڌ اڄ به پنهنجي سڃاڻپ سان قائم آهي سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ هزارين سال پراڻي آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته اڄ جنهن تاريخي ايوان ۾ اسان ويٺا آهيون ان ۾ مختلف سوچن جو ٽڪراءُ هميشه کان موجود رهيو آهي سنڌ جي حامين ۽ سنڌ جي مخالفن جي سوچ ۾ هميشه فرق رهيو آهي. هن چيو ته سنڌ جا مخالف ڪڏهن به نٿا چاهين ته سنڌ ترقي ڪري، اهي سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي جا خواهشمند ناهن ان ابتڙ سنڌ جا حامي ۽ سنڌ سان محبت ڪندڙ چاهين ٿا ته سنڌ هميشه ترقي ڪري، هن چيو ته سنڌ سان محبت ڪندڙ چاهين ٿا ته سنڌ ۽ پاڪستان هميشه آباد ۽ خوشحال رهن سنڌ جي ترقي ۽ پاڪستان جي ترقي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته جڏهن [illegible] سنڌ جي ترقي جي ڳالهه ڪري ٿو ته [illegible] آهي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي هن تاريخي ايوان ۾ اظهار خيال جو موقعو ملڻ تي هو پاڪستان پيپلز پارٽي جو ٿورائتو آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي کيس اڄ هن تاريخي ايوان ۾ ڳالهائڻ جو اعزاز ڏنو جيڪو سندس لاءِ فخر جو لمحو آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ ۾ موجود تاريخي ورثي ۽ هندو برادري جو به ذڪر ڪرڻ ضروري آهي سنڌ جي تاريخ جو ذڪر جيڪڏهن موئن جي دڙو کان شروع ٿئي ٿو ته ان سموري تاريخي سلسلي ۾ هندو برادري پڻ شامل رهي آهي. هن چيو ته سنڌ جا اصل رهواسي هندو برادري جا ماڻهو پڻ هن ڌرتيءَ جي تاريخ ۽ تهذيب جو حصو رهيا آهن سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب ۾ هندو برادري جون خدمتون وساري نٿيون سگهجن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ معاشرت ۾ انهن جو اهم حصو رهيو آهي تنهن ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ هندو برادري جي ڪردار ۽ خدمتن کي به ياد رکڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هندو برادري کي ڪڏهن به وساريو ناهي، جڏهن ته هندو برادري جي حقن ۽ مسئلن کي پڻ اهميت ڏني وڃڻ گهرجي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ هندو برادري سميت سمورن طبقن جو اهم ڪردار آهي ۽ سنڌ جي تعمير، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ سمورن طبقن کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4396-333267097-2026	ENGINEERING CONSULTANCY SERVICES FOR DESIGN, PROCUREMENT SUPPORT, VENDOR ENGINEERING REVIEW AND COMMISSIONING SUPPORT FOR FRONT-END GAS COMPRESSION FACILITIES AT NASHPA GAS PROCESSING PLANT, DISTRICT KARAK, KPK	21.09.2026 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-STIM-333115512-2026	INSPECTION AND TESTING OF CEMENTATION AND STIMULATION EQUIPMENTS	21.09.2026 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-333242896-2026	DESIGN, SUPPLY, INSTALLATION, TESTING AND COMMISSIONING OF 02 NOS LOW VOLTAGE MCC PANELS	21.09.2026 1130 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4392-333279800-2026	RENTAL GAS GENSETS (500-600 KW) FOR DHOK HUSSAIN PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK	22.09.2026 1030 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No.123/10

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

بقايا 1 روزاني عبرت

بحث دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پارليامينٽيرين نثار احمد کهڙو پاران پيش ڪيل الٽوا واري رٽ تي گرما گرم بحث جاري رهيو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ايوان ۾ اپوزيشن پارٽين جي موقف ۽ ٻهروپي نيتيءَ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پڌرو ڪيو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار يا ٽڪرا ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ جوڳو ناهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اسپيڪر جا ٿورا مڃيندي ٻڌايو ته هيءَ تحريڪ الٽوا نثار کهڙو صاحب اسيمبلي ۾ کڻي آيو هو هن چيو ته ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته هيءَ تحريڪ نه اچڻ گهرجي ها ۽ سڌوسنئون ٺهراءُ اچڻ گهرجي ها. پر پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ اسان جي پارلياماني پارٽي اهو فيصلو ڪيو ته اسان سنڌ جي حقن ۽ سلامتي جي ان اهم معاملي تي هن آئيني فورم جي اندر تفصيلي بحث ڪرڻ چاهيون ٿا. هن پڌرو ڪيو ته لاهور ۾ بزنس ڪميونٽي جي هڪ سيمينار ۾ هڪ وفاقي وزير نون صوبن ۽ انتظامي اڪائين جي ڳالهه ڇيڙي هئي، جنهن ڪانپوءِ ٽي وي شوز ۽ جلسن جو لڙهه شروع ٿي ويو نثار کهڙو ان بحث کي صحيح جاءِ اسيمبلي ۾ کڻي آيو ته جيئن غير متعلقه جڳهن تي ڳالهيون ڪندڙن جا منهن بند ڪري سگهجن ان موقعي تي حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن پاران جوشائتي انداز ۾ تقريرون ڪيون ويون. حڪومتي ميمبرن پنهنجي موقف کي ورجايو ته کين ۽ صوبي جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاست قبول ناهي، جڏهن ته مخالف ڌر جي ميمبرن چيو ته هو به سنڌ جي وحدت تي يقين رکن ٿا، پر صوبي ۾ مسلسل ڪرپشن ۽ بدانتظامي سبب مجبور ٿي نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪري رهيا آهن ته جيئن ناانصافين جو سلسلو ختم ٿي سگهي. ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني پنهنجي خطاب ۾ چيو ته بحث دوران مخالف ڌر يا حڪومتي بينچن مان ڪنهن به سنڌ جي ورهاست جي حمايت نه ڪئي، جنهن مان واضح ٿي ويو آهي ته ايوان ۾ سنڌ جي ورهاست خلاف اتفاق راءِ موجود آهي. هن چيو ته حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي طرفن کان سنڌ جي وحدت جي حق ۾ آواز اٿاريا ويا ۽ سنڌ اسيمبلي جي سڀني ميمبرن سنڌ جي ورهاست جي مخالفت ڪئي آهي.

بقايا 2 روزاني عبرت

سنڌ جو هٿ سڀ کان مٿي هو سنڌ سڀ کان اڳ 1938ع ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ڪراچي جي جلسي ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو جيڪو 23 مارچ 1940ع جي لاهور واري پاڪستان جي ٺهراءَ جو بنياد بڻيو ان کانپوءِ 1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪندڙ پهرين اسيمبلي به سنڌ اسيمبلي ئي هئي هن وڌيڪ ٻڌايو ته 26 جون 1947ع تي برطانوي حڪومت جي هندستان جي ورهاست واري پلان تي لبيڪ چوندي سنڌ اسيمبلي سڀ کان اڳ هندستان کان ڌار ٿيڻ ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو تاريخي فيصلو ڪيو هو هن ڏک جو اظهار ڪيو ته بار بار پاڪستان کي بچائيندڙ صوبي سنڌ تي ئي الزام تراشي ڪئي ويندي آهي وزير اعليٰ فيبروري 1948ع جي ٺهراءَ جو حوالو ڏيندي چيو ته "کير جو سڙيل لسي به ڦوڪي ڦوڪي پيئندو آهي". ماضي ۾ جڏهن ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي مهم هلي هئي ته محمد هاشم گزدر ان جي خلاف اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو هو جنهن ۾ چٽو ڪيو هو ته ڪراچي جي علحدگي سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طور تي پاهڄ ڪري ڇڏيندي ان وقت غير چونڊيل وفاقي دستور ساز اسيمبلي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن جي ابتڙ فيصلو ڪيو هو جيڪو پهرين ڏينهن کان ئي غلط هو ۽ اسان اڄ به ان کي غلط چئون ٿا. هن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته 1973ع جي اصل آئين ۾ هن صوبن کي تحفظ ڏنو هو پر پوءِ آمر ضياءَ الحق آئين ۾ ترميم ذريعي آئين کي مسخ ڪري صوبائي خودمختياري کي نقصان پهچايو هن قومي اسيمبلي کي خبردار ڪيو ته آئين جي تحت ڪو به سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ جي ڳالهه به نٿو ڪري سگهي. اپوزيشن جي ان دليل تي ته آبادي وڌڻ سان نوان صوبا ٺهڻ گهرجن، وزيراعليٰ چٽو دليل ڏيندي چيو ته صوبن جو قيام آبادي تي نه پر ضرورت تي ٿيندو آهي هن آمريڪا جو مثال ڏيندي چيو ته ڪيليفورنيا جڏهن 1850ع ۾ آمريڪا ۾ شامل ٿيو ته ان جي آبادي رڳو 92 هزار هئي ۽ اڄ اتي 4 ڪروڙ آهي يعني آبادي 400 ڀيرا وڌڻ جي باوجود ڪيليفورنيا جا ٽڪرا نه ڪيا ويا هن چيو ته لاهور جي سيمينار ۾ ويهي پاڪستان کي چوسيندڙ ڪرپٽ پٽي واپاري ۽ بزنس مين اهڙا فيصلا ڪري رهيا آهن جيڪي رڳو اسيمبلين جو اختيار آهن سيد مراد علي شاهه متحده قومي موومينٽ جي قيادت تي سڌو وار ڪندي مصطفيٰ ڪمال جي 'ايڊمنسٽريٽو يونٽس' واري فارمولي کي پڌرو ڌوڪو قرار ڏنو هن چيو ته مصطفيٰ ڪمال ڊويزنن کي انتظامي اڪائيون بڻائي اصل ۾ چور دروازي کان نوان صوبا ٺاهڻ چاهي ٿو ته جيئن نوان وزيراعليٰ بڻجي سگهن اها "ٻلي جي خواب ۾ ڇيڇڙا" واري ڳالهه آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

خطاب ڪندي چيو آهي ته اڄ سنڌ اسيمبلي لاءِ انتهائي اهم ۽ تاريخي ڏينهن آهي. ايوان ۾ نثار احمد کهڙو پاران پيش ڪيل الٽوا واري رٽ تي بحث ٿي رهيو آهي، جيڪا هڪ اهم معاملي سان لاڳاپيل آهي اڄ ٿيندڙ بحث کي سنڌ اسيمبلي جي تاريخ ۾ ياد رکيو ويندو ۽ ايندڙ وقت ۾ اهو پڻ لکيو ويندو ته الٽوا واري رٽ ڪهڙي اهم مسئلي تي پيش ڪئي وئي هئي سنڌ اسيمبلي ۾ اڄ ٿيندڙ بحث پنهنجي تاريخي اهميت رکي ٿي ان ڪري الٽوا واري رٽ تي ٿيندڙ مڪمل بحث کي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويندو ايوان ۾ ٿيندڙ هر تقرير ۽ هڪ هڪ لفظ کي تاريخي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويندو جڏهن ته سنڌ جي وحدت جي معاملي تي ٿيندڙ بحث کي تاريخي دستاويز جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويندو هن ڪتاب ۾ الٽوا واري رٽ تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي بينچن سان تعلق رکندڙ سمورن ميمبرن جون تقريرون ۽ سندن موقف شامل ڪيا ويندا، ته جيئن تاريخ کي مسخ ٿيڻ کان بچائي سگهجي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مڪمل رڪارڊ محفوظ رهي. سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هو ايوان ۾ اڳ بيان ڪيل تاريخ ۽ ماضي جي واقعن کي ٻيهر ورجائڻ نٿا چاهين ڇو ته ڪيترن مقررين سنڌ جي تاريخ، ماضي ۽ موجوده حالتن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري چڪا آهن. جڏهن ته 1948ع کان هينئر تائين جي واقعن تي پڻ ايوان ۾ تفصيلي روشني وڌي وئي آهي سنڌ جي تاريخ هڪ وسيع موضوع آهي، تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته اڄ جي بحث ۾ انهن نقطن تي ڳالهه ڪئي وڃي، جيڪي اڳ ۾ بحث هيٺ نه آيا آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو سنڌ جي معاملي تي موقف بلڪل واضح آهي ۽ سنڌ حڪومت جو موقف پڻ واضح آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڳ ئي واضح ڪري چڪا آهن ته نون صوبن جي قيام جو فيصلو لاڳاپيل اسيمبلين کي ڪرڻ گهرجي. نئين صوبي جي قيام يا نه ٿيڻ جو فيصلو سنڌ اسيمبلي، پنجاب اسيمبلي يا ڪنهن به لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي کي ڪرڻو پوندو هر صوبي جي مستقبل بابت فيصلو ان صوبي جي چونڊيل اسيمبلي ذريعي ٿيڻ گهرجي ۽ نون صوبن جي قيام بابت فيصلو لاڳاپيل صوبائي اسيمبلين جو آئيني مينڊيٽ آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آئين جي آرٽيڪل 239 جي ذيلي شق 4 ۾ صوبي جي حدن ۾ تبديلي جي حوالي سان صوبائي اسيمبلي جي ڪردار کي واضح ڪيو ويو آهي صوبن بابت اهم فيصلا ٽاڪ شوز ۾ نه پر چونڊيل اسيمبلين جي فلور تي ٿيڻ گهرجن نون صوبن جا فيصلا ڪنهن ٽي وي چينل جي ريفرنڊم يا سروي ذريعي نٿا ٿي سگهن ۽ صوبي جي ورهاست يا انتظامي تبديلي جو فيصلو روڊن، جلسن ۽ جلوسن ۾ نه پر آئيني فورم تي ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌ جي مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي ته اهو سنڌ اسيمبلي جي فلور تي ٿيڻ گهرجي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ اسيمبلي ماضي ۾ پڻ سنڌ جي وحدت بابت ڪيتريون ئي قراردادون منظور ڪري چڪي آهي ۽ اڄ الٽوا واري رٽ ڪان پوءِ سنڌ جي وحدت بابت هڪ ٻي قرارداد پڻ ايوان ۾ آڻڻ جي اميد آهي سنڌ جي مستقبل بابت فيصلو عوام جي چونڊيل نمائندن کي آئيني طريقيڪار تحت ڪرڻ گهرجي سنڌ جي وحدت جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جو موقف اڳ به واضح ۽ ڏرڪ رهيو آهي. هن چيو ته سنڌ جا عوام پاڪستان سان جيتري محبت ڪن ٿا، پنهنجي صوبائي وحدت سان پڻ اوتري ئي محبت ڪن ٿا. پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياري اسان لاءِ ريڊ لائن آهي. پاڪستان جي آئيني ۽ قانوني حيثيت اسان لاءِ ناقابل سمجهوتو آهي ۽ پاڪستان جي وحدت ۽ استحڪام تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي.

بقايا 4 روزاني عبرت

۽ انتظامي يونٽن جي قيام بابت جاري بحث تي صوبائي وزير سيد سردار شاهه چيو آهي ته ايوان ۾ ٿيندڙ بحث تي ٻاهر ويٺل ماڻهن سان گڏ سڄي دنيا جون نظرون آهن جڏهن ته هن بحث عوام ۽ دنيا آڏو ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن هن چيو ته سنڌ کي سمجهڻ لاءِ هتي رهندڙ ۽ سنڌ کي ماءُ سمجهندڙ ماڻهن جي جذبن کي سمجهڻو پوندو سيد سردار شاهه چيو ته سنڌ کي اڄ تائين صحيح معنيٰ ۾ نه سمجهيو ۽ پرکيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌ جي اهميت ۽ حيثيت کي ڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ ته ڪڏهن غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو سندس چوڻ هو ته سنڌ بابت هتي رهندڙ ماڻهن جي ذهن ۾ ٻه بنيادي پاسا آهن، جن مان هڪ جذباتي ۽ ٻيو سياسي آهي هن چيو ته سنڌ کي صرف هڪ صوبو سمجهڻ ان جي اصل حيثيت کي محدود ڪرڻ برابر آهي سنڌ هڪ تاريخي ڌرتي آهي جيڪا مختلف دورن مان گذرندي اڄ پاڪستان جو صوبو بڻجي آهي دنيا ۾ تمام گهٽ خطا اهڙا آهن جن لاءِ مادر وطن جهڙا جذباتي لفظ استعمال ٿيندا آهن سنڌ لاءِ 'ماءُ' جو لفظ رڳو سياسي نعرو نه پر هتي رهندڙ ماڻهن جي گهري جذبات جي عڪاسي ڪري ٿو سيد سردار شاهه چيو ته سنڌ جي ماڻهن جو پنهنجي ڌرتي سان تعلق بي مثال ۽ غيرمعمولي آهي، اهو جذباتي ۽ تاريخي رشتو اڄ تائين مڪمل طور سمجهي نه سگهيو ويو آهي سنڌ جي تاريخ ۽ عوام جي جذبن کي سمجهڻ ڪانسواءِ سنڌ بابت ڪا به راءِ قائم نٿي ڪري سگهجي.

بقايا 5 روزاني عبرت

سان پنهنجو موقف پيش ڪيو جڏهن ته پيپلز پارٽي جي چونڊيل ميمبرن به ڀرپور بهادري سان پنهنجو موقف ايوان ۾ رکيو جيڪو ساراهه جوڳو آهي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي مخدوم محبوب الزمان چيو ته پيپلز پارٽي جي ميمبرن اڄ جيڪو موقف پيش ڪيو آهي اهو سندن ڊگهي عرصي کان جاري موقف جو ورجاءُ آهي پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت بابت پنهنجو موقف اڳ به واضح ڪندي رهي آهي، جڏهن ته سنڌ جي وحدت جي حق ۾ قراردادون ماضي ۾ به سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ٿينديون رهيون آهن هن چيو ته سنڌ جي وحدت بابت پهرين تاريخي قرارداد 1948ع ۾ پيش ڪئي وئي هئي ۽ سنڌ جي وحدت جي حق ۾ قراردادون پيش ڪرڻ جي هڪ تاريخي روايت موجود آهي اڄ ايوان ۾ پيش ڪيو ويو موقف ڪو نئون موقف ناهي پيپلز پارٽي اڳ به ساڳي ڳالهه ڪندي رهي آهي. مخدوم محبوب الزمان چيو ته سنڌ جي حقن ۽ سنڌ جي وحدت بابت تاريخي طور سنڌ اسيمبلي ۾ اڳ به بحث ٿيندو رهيو آهي جڏهن ته سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻن اسپيڪرن پڻ سنڌ جي وحدت ۽ حقن جي معاملي تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

آهي ته نثار احمد کهڙي جي پيش ڪيل تحريڪ الٽوا اهم معاملي تي سمورن ميمبرن کي گڏ ڪيو آهي سنڌ جي وحدت جي معاملي تي حڪومت ۽ مخالف ڌر کي گڏجي واضح موقف اختيار ڪرڻو پوندو هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه انتهائي پريشان ڪندڙ ۽ ڳڻتي جوڳي آهي اسان ڪڏهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جي قيام جي حق ۾ ناهيون فريال ٽالپر چيو ته پيپلز پارٽي جو واضح عزم آهي ته سنڌ کي ورهائڻ نه ڏنو ويندو سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي سڀ متحد ۽ هڪ آواز آهن سنڌ جو ٻچو ٻچو سنڌ جي وحدت جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي هن چيو ته اڄ سڄيون نظرون سنڌ اسيمبلي تي آهن ۽ اميد آهي ته مخالف ڌر جا ميمبر به سنڌ جي وحدت بابت پيش ڪيل قرارداد جي حمايت ڪندا. هن چيو ته اسان پاڪستاني آهيون ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ يڪجهتي تي يقين رکون ٿا، پر منهنجو تعلق بلوچ خاندان سان هجڻ باوجود مان سنڌ جي ڌيءَ آهيان مان سنڌ ۾ رهندي آهيان سنڌ جو پاڻي پيتو آهي ۽ منهنجي پرورش ۽ جنم ۾ هن ئي ڌرتي تي ٿيو آهي سنڌ اسان کي سڃاڻپ، محبت پنهنجائپ ڏني ان ڪري هن ڌرتي کي ڪيئن وساري سگهجي ٿو فريال ٽالپر چيو ته سنڌ جي چونڊيل نمائندن کي پنهنجي حلقن ۾ وڃي عوام کي جواب ڏيڻو پوندو ته هنن سنڌ جي وحدت جي معاملي تي ڪهڙو موقف اختيار ڪيو اسان اسيمبلي ۾ ويهي پنهنجو واضح موقف اختيار ڪيو آهي ۽ اڳتي به اهو ئي موقف برقرار رکنداسين هي قرارداد منظور ٿيندي ۽ سنڌ نه ورهائبي هن چيو ته سنڌ سان گڏ بيٺا آهيون ۽ هميشه بيٺا رهنداسين سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو جيڪڏهن سنڌ لاءِ استعيفيٰ به ڏيڻي پئي ته دير نه ڪنداسين ۽ جيڪڏهن سنڌ جي وحدت لاءِ اسيمبلي جي رڪنيت قربان ڪرڻي پئي ته به پوئتي نه هٽنداسين فريال ٽالپر چيو ته سنڌ جي حفاظت لاءِ جان به ڏيڻي پئي ته ڪنهن قرباني کان پاسو نه ڪنداسين سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي ۽ نه ئي ان کي ڪنهن جي مفاد لاءِ ورهائي سگهجي ٿو سنڌ جي ڌرتي اسان جي ماءُ آهي ۽ ان جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو

بقايا 7 روزاني عبرت

رڪنڊ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر گيانچند ايسراڻي چيو آهي ته سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هڪ رهندي سنڌ کي ورهائي نٿو سگهجي سنڌ اسان جي جان ۽ سڃاڻپ آهي. سنڌ رهندي ته تاريخ ۽ محبت به رهندي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي گيانچند ايسراڻي چيو ته مان اڄ تائين ان ڳالهه تي حيران آهيان ته سنڌ انهن ماڻهن جو آخر ڇا بگاڙيو آهي ۽ سنڌ انهن کي آخر ڪهڙو نقصان پهچايو آهي؟ اهي ماڻهو 1978ع کان سنڌ ۾ آباد آهن ۽ سنڌ کين هميشه قبول ڪيو آهي هن چيو ته سنڌ هتي ايندڙ ماڻهن کي ڪڏهن به رد نه ڪيو پر پنهنجي ڌرتي تي جاءِ ڏني سنڌ جي عوام انهن ماڻهن کي دل سان قبول ڪيو ۽ محبت ۽ خلوص سان کين پنهنجي ڌرتي جو حصو بڻايو سنڌ هميشه مختلف قومن ۽ برادرين کي محبت سان قبول ڪيو آهي. جڏهن سنڌ سڀني کي قبول ڪيو ته پوءِ سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڇو ڪئي پئي وڃي؟ گيانچند ايسراڻي چيو ته جيڪي ماڻهو اڳ هتي آيا، سنڌ انهن کي عزت، اختيار ۽ نمائندگي ڏني ساڳئي سنڌ ڌرتي تي انهن ماڻهن کي گورنر بڻجڻ جو موقعو مليو جڏهن ته انهن ئي ماڻهن سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون هن چيو ته 1997ع ۾ جڏهن مان ايم پي اي هئس ته نواب مرزا صاحب سنڌ اسيمبلي جا اسپيڪر هئا. سنڌ مختلف ماڻهن کي ميئر بڻجڻ جا موقعا ڏنا.

بقايا 8 روزاني عبرت

۽ انتظامي يونٽن جي قيام بابت پيش ڪيل تحريڪ الٽوا تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي اسان لاءِ انتهائي اهم آهي سنڌ جي ورهاست جي ڪنهن به ڪوشش کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو نثار احمد کهڙي چيو ته ملڪ ۾ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام بابت ٻيهر بحث شروع ٿيو آهي مختلف هنڌن تي سياسي اڳواڻن ۽ ٻين ماڻهن طرفان بيان ڏنا پيا وڃن ان پسمنظر ۾ ضروري سمجهيو ته سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ هن اهم ۽ حساس معاملي تي کليل ۽ تفصيلي بحث ڪيو وڃي هن چيو ته سنڌ جي ورهاست بابت ٻاهر ٿيندڙ تقريرن ۽ بيانن جي روشني ۾ هي تحريڪ الٽوا پيش ڪئي وئي آهي، جيئن سنڌ اسيمبلي جي چونڊيل نمائندن کي پنهنجو موقف ايوان جي فلور تي بيان ڪرڻ جو موقعو ملي ۽ سنڌ جي مستقبل بابت واضح پارلياماني موقف سامهون اچي نثار احمد کهڙي چيو ته پاڪستان جي قيام کانپوءِ به سنڌ جي وحدت کي مختلف وقتن تي چيلينج ڪيو ويو ون يونٽ جي صورت ۾ صوبن جي حيثيت ختم ڪئي وئي ۽ سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ سڃاڻپ کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سنڌ جي عوام هر دور ۾ پنهنجي وحدت ۽ سڃاڻپ جو تحفظ ڪيو هن چيو ته سنڌ کي ٻيهر ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي قبول نه ڪيو ويندو سنڌ ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن کي سياسي مفادن تحت ٽڪرن ۾ ورهائي سگهجي.

بقايا 9 روزاني عبرت

جيڪا قرارداد ايندي ۽ ان جي حق ۽ مخالفت ۾ جيڪي ووٽ ڏيندا، اهي عوام جي سامهون واضح ٿي ويندا ۽ ڪيترين ئي سياسي جماعتن جون سنڌ ۾ سياسي حقيقتون به پڌريون ٿي وينديون سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته انتظامي يونٽن جي آڙ ۾ جيڪڏهن ڪو چاهي ٿو ته سنڌ صوبي ۾ ڇهه وزيراعليٰ هجن، ته ٻڌي ڇڏي ته سنڌ ۾ هڪ ئي وزيراعليٰ، هڪ ئي گورنر، هڪ ئي اسيمبلي ۽ هڪ ئي ڪابينا هوندي، ان ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه نه ٿي سگهي سعيد غني چيو ته هو ڪافي عرصي کان چئي رهيو آهي ته اها انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي ته جماعت اسلامي هن شهر ۾ نئين ايم ڪيو ايم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن چيو ته معاملو رڳو ساڙ ۽ گهيراءُ تائين محدود ناهي پر جماعت اسلامي جي سوچ ۽ سياست جو انداز به اهڙو ٿي ويو آهي، جنهن ذريعي ڪراچي ۾ نفرت جي سياست کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته ايم ڪيو ايم به ماضي ۾ اهڙي ئي سياست ڪئي هئي ۽ اڄ ايم ڪيو ايم جنهن صورتحال جنهن هنڌ تي پهتي آهي.

بقايا 10 روزاني عبرت

عوامي مسئلن بابت هر بحث پارٽين کان مٿاهون ٿي ڪرڻ گهرجي نثار احمد کهڙو جي الٽوا واري رٽ تي بحث دوران خطاب ڪندي علي خورشيدي چيو ته نثار کهڙو کي مبارڪباد ڏني وڃي پر سوال اهو آهي ته مبارڪباد ڪهڙي ڳالهه جي ڏني پئي وڃي؟ هن چيو ته جيڪڏهن سڄو ايوان سنڌ جي ورهاڱي جي خلاف آهي ۽ مختلف وقتن تي ان حوالي سان قراردادون به منظور ٿي چڪيون آهن ته پوءِ بار بار ساڳئي معاملي تي الٽوا واريون رٿون ۽ قراردادون آڻڻ جي ضرورت ڇو پيش اچي رهي آهي؟ هن چيو ته پهرين ڏينهن کان ئي واضح ڪيو ويو هو ته جنهن معاملي تي ايوان ۾ اصولي اتفاق موجود آهي ان کي ٻيهر بحث جو موضوع بڻائڻ جو جواز سمجهه کان ٻاهر آهي سنڌ جي ورهاڱي خلاف هر ميمبر پنهنجو موقف واضح ڪري چڪو آهي، تنهن ڪري چار ڏينهن تائين مسلسل تقريرون ڪرائڻ بدران عوام جي اصل مسئلن ۽ حڪومتي ڪارڪردگي تي بحث ٿيڻ گهرجي علي خورشيدي چيو ته سنڌ جي عوام کي پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي جو چڱيءَ ريت علم آهي ۽ حڪومتي ڪارڪردگي تي ڳالهائڻ بدران سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي کي سياسي بحث جو مرڪز بڻايو پيو وڃي سندس چوڻ هو ته حڪمران جماعت کي سنڌ جي عوام کي اصل مسئلن، گورننس ۽ ڪارڪردگي بابت جواب ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته سنڌ جا رکوالا هجڻ جو حق ڪنهن هڪ سياسي جماعت تائين محدود ناهي سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص ڪنهن به سياسي جماعت يا لساني پس منظر سان تعلق رکي، سنڌ جو رکوالو آهي هن چيو ته سندس جماعت 2019ع ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف منظور ٿيل قرارداد جو حصو رهي ۽ ان تي کيس فخر آهي اپوزيشن ليڊر چيو ته جمهوريت ۾ هر شخص کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق آهي پر لاهور ۾ ويٺل ڪو شخص سنڌ جي مستقبل جو فيصلو نٿو ڪري سگهي سنڌ جي مستقبل ۽ انتظامي ڍانچي بابت فيصلو سنڌ ۾ رهندڙ عوام ۽ چونڊيل ايوان جي راءِ سان ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته حڪومت وٽ سنڌ اسيمبلي ۾ واضح اڪثريت آهي، تنهن ڪري اپوزيشن جون تجويزون به قرارداد ۾ شامل ڪري اهڙي قرارداد منظور ڪئي وڃي، جيڪا سڄي ايوان جي گڏيل ۽ متفقه قرارداد هجي سنڌ جي وحدت جي معاملي تي سڄي اسيمبلي کي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ گهرجي علي خورشيدي چيو ته نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي بحث بدران سنڌ ۾ موجود انتظامي ڊويزنن کي بااختيار بڻائڻ تي ڌيان ڏنو وڃي سنڌ جا ڇهه ڊويزن اڳ ئي انتظامي يونٽ طور موجود آهن جن کي صوبائي فنانس ڪميشن ذريعي مالي اختيار ڏنا وڃن هن چيو ته ارڙهين ترميم ڪانپوءِ اختيار صوبن ڏانهن منتقل ٿيا، پر اهي اختيار اڳتي هيٺين سطح تائين منتقل نه ٿي سگهيا آهن اصل مسئلو اهو آهي ته انتظامي، مالي ۽ سياسي اختيار هيٺين سطح تائين ڇو نٿا پهچن هن سوال ڪيو ته گهٽي ۾ پٿر لڳائڻ، پارڪ ٺاهڻ يا روڊ تعمير ڪرڻ جو فيصلو صوبائي ڪابينا ئي ڇو ڪري؟ ڊويزن ۽ ضلعن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏنا وڃن ته جيئن عوام جا مسئلا سندن علائقن ۾ ئي حل ٿي سگهن هن چيو ته نون صوبن بدران موجوده انتظامي ڍانچي کي مضبوط ۽ بااختيار بڻائڻ ئي اثرائتي گورننس ۽ سروس ڊليوري جو رستو آهي علي خورشيدي چيو ته گذريل ڪيترن سالن کان اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي جون ڳالهيون ٻڌي رهيا آهيون پر عملي طور تي ڊيوليوشن نظر نٿي اچي مڪاني ادارا موجود هجڻ باوجود کين مڪمل سياسي، انتظامي ۽ مالي اختيار ناهن ڏنا ويا. هن چيو ته ڊويزن ۽ ضلعن کي اختيار ڏيڻ کي سنڌ ٽوڙڻ سان تعبير ڪرڻ درست ناهي مالي، انتظامي ۽ سياسي اختيارن جي منصفاڻي ورڇ جو مطلب سنڌ جي جغرافيائي ورهاست ناهي، پر اختيارن کي عوام جي ويجهو آڻڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته 1973ع جي آئين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي آئيني سوچ سان وابستگي جو اظهار ڪندي چونڊيل مڪاني حڪومتن کي سياسي، انتظامي ۽ مالي اختيار ڏيڻ مڪاني ادارن کي آئيني تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ صوبائي فنانس ڪميشن کي فعال بڻائڻ ضروري آهي علي خورشيدي چيو ته صوبائي فنانس ڪميشن ذريعي مقامي حڪومتن ۽ صوبائي وسيلن جي شفاف، منصفاڻي ۽ اڳواٽ طئي ٿيل طريقي سان ورهاست يقيني بڻائي سگهجي ٿي هن چيو ته سنڌوديش جي علحدگي پسند سوچ ۽ سنڌ کي پاڪستان کان ڌار ڪرڻ واري مطالبي جي هو واضح مذمت ڪن ٿا ۽ پاڪستان جي خودمختياري، اتحاد ۽ آئيني جمهوري نظام سان وابستگي جو ورجاءُ ڪن ٿا هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي تجويزن ۾ اهڙو ڪو لفظ نه هو جيڪو پيپلز پارٽي جي موقف سان ٽڪرائجي جيڪڏهن جمهوري رويو اختيار ڪيو وڃي ها ته انهن تجويزن تي ڳالهه ٻولهه ضرور ٿيڻ گهرجي ها. سندس چوڻ هو ته سوال اهو آهي ته ايم ڪيو ايم جون تجويزون قرارداد ۾ شامل ڪرڻ تي اعتراض ڪنهن کي هو؟ اپوزيشن ليڊر چيو ته ايم ڪيو ايم جو موقف واضح آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جي خواهش ناهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه سامهون اچڻ تي ماضي ۾ به پنهنجو موقف واضح ڪيو ۽ مشرف دور ۾ به سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه جي مخالفت ڪئي هئي علي خورشيدي چيو ته سياسي جماعتن کي ڪنهن به قوم، زبان يا برادري جي واحد نمائندگي جي دعويٰ ڪرڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي ۽ عملي ڪردار ذريعي عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ گهرجي هن چيو ته جيئن ايم ڪيو ايم سمورن اردو ڳالهائيندڙن جي واحد نمائندگي جي دعويٰ نٿي ڪري سگهي، تيئن پيپلز پارٽي به سمورن سنڌين جي واحد نمائنده جماعت هجڻ جي دعويٰ نٿي ڪري سگهي هن چيو ته شهري سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم وٽ عوامي ووٽ ۽ سياسي مينڊيٽ موجود آهي ۽ جماعت پنهنجي سياسي سڃاڻپ برقرار رکندي هن وڌيڪ چيو ته "ايم ڪيو ايم هئي، ايم ڪيو ايم آهي ۽ ايم ڪيو ايم رهندي علي خورشيدي چارٽر آف رائٽس جو حوالو ڏيندي چيو ته جنهن چارٽر ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، خالد مقبول صديقي، مولانا فضل الرحمان ۽ ٻين قومي اڳواڻن صحيحون ڪيون، ان تي عملدرآمد جو مطالبو ڪيو پيو وڃي هن چيو ته چارٽر آف رائٽس ۾ شامل ڪيترن ئي نقطن تي عملدرآمد لاءِ صرف سياسي ارادو ۽ نيڪ نيتي گهربل آهي هن چيو ته چارٽر آف ڊيموڪريسي ۾ به مڪاني حڪومتن کي بااختيار بڻائڻ جو اصول موجود آهي جڏهن ته سپريم ڪورٽ جو آئيني درخواست نمبر 24 آف 2017 بابت فيصلو به مڪاني ادارن کي اختيار ڏيڻ بابت واضح هدايتون ڏئي ٿو هن الزام هنيو ته سنڌ حڪومت ميئر ڪراچي سميت مڪاني حڪومتن کي گهربل مالي ۽ انتظامي اختيار ڏيڻ کان پاسو ڪري رهي آهي علي خورشيدي چيو ته سنڌ حڪومت کي پنهنجي گورننس ۽ ڪارڪردگي تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي جڏهن ته سنڌ جي نوجوانن ۽ عام ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ جي ضرورت آهي هن حيدرآباد ۾ نوجوانن جي احتجاج جو حوالو ڏيندي چيو ته نوجوانن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ کين احتجاج تي مجبور نه ڪيو وڃي. هن چيو ته سنڌ جي وحدت بابت گڏيل قرارداد لاءِ ايم ڪيو ايم پنهنجون تجويزون ڏنيون هيون پر انهن کي قرارداد ۾ شامل نه ڪيو ويو هن چيو ته تجويز هئي ته نون انتظامي يونٽن کي اثرائتي، جوابده ۽ عوامي ضرورتن تي ٻڌل گورننس طرف اهم قدم قرار ڏنو وڃي، جنهن سان سنڌ جي وحدت يا جغرافيائي حدن تي ڪو اثر نٿو پوي علي خورشيدي چيو ته سنڌ اسيمبلي ماضي ۾ به سنڌ جي ورهاڱي خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي ۽ انهن تاريخي فيصلن جو مڪمل رڪارڊ موجود آهي هن چيو ته هڪ تاريخي اجلاس ۾ 102 مان 98 ميمبرن قرارداد جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو ۽ انهن ميمبرن جا نالا اڄ به اسيمبلي جي تاريخي رڪارڊ جو حصو آهن هن چيو ته ماضي جي فيصلن تي هڪ ٻئي کي الزام ڏيڻ بدران تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي. هن نثار احمد کهڙو پاران معذرت ڪرڻ کي اخلاقي جرئت قرار ڏيندي سندس واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته جيڪڏهن ماضي جي فيصلن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته ٻين ميمبرن کي به پنهنجي ماضي جي فيصلن بابت عوام کي جواب ڏيڻو پوندو

بقايا 11 روزاني عبرت

سنڌ جي موجوده جاگرافيائي وحدت ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي هرگز قبول نه ڪئي ويندي هن چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي قيام بابت ڳالهين عوام ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. هڪ طرف سنڌ جي ورهاڱي کان انڪار ڪيو پيو وڃي، ۽ ٻئي طرف نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب عوام ۾ مختلف ڪاٿا پيدا ٿي رهيا آهن پاڪستان پيپلز پارٽي هن معاملي تي پنهنجو واضح موقف عوام آڏو رکي چڪي آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سنڌ جون جاگرافيائي حدون ۽ وحدت انتهائي حساس معاملو آهي جڏهن به سنڌ جي حدن بابت ڪو مسئلو اٿاريو ويو سنڌ جي عوام پنهنجي تاريخي حق جي تحفظ لاءِ متحد ٿي آواز اٿاريو جيڪڏهن ڪنهن محدود علائقي جي معاملي تي به عوام جا جذبات ايترا شديد ٿي سگهن ٿا ته سنڌ جي ورهاڱي يا جاگرافيائي حدن ۾ تبديلي جي ڳالهه ڪيتري حساس هوندي، ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو هن چيو ته سنڌ کي انتظامي يونٽن جي نالي تي ورهائڻ جي ڪا به تجويز قابل قبول ناهي جيڪڏهن ڪنهن به علائقي ۾ انتظامي تبديلي جي ضرورت آهي ته ان لاءِ آئيني ۽ قانوني رستو موجود آهي لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي مان قرارداد يا قانون ذريعي معاملو اڳتي وڌايو وڃي ڪنهن به علائقي ۾ ڪو به انتظامي بنياد تي اختيار قائم نٿو ڪري سگهجي ضياءَ الحسن لنجار چيو ته اڄ موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جو دور آهي. عوام سياسي جماعتن جي بيانن سان گڏ انهن جي عملي قدمن تي به نظر رکي ٿي. ان ڪري سياسي اڳواڻن کي پنهنجي موقف ۾ مونجهاري بدران وضاحت اختيار ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام ۾ پيدا ٿيندڙ ڪاٿا ختم ڪري سگهجن هن چيو ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت حساس معاملن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي اهڙن معاملن کي ڇيڙڻ سان عوامي ردعمل ۽ امن امان جي صورتحال متاثر ٿيڻ جو خدشو موجود رهندو آهي ملڪ ۽ خاص طور تي بلوچستان جي موجوده صورتحال کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي ۽ اهڙن حساس معاملن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي، تاريخي حدن ۽ جاگرافيائي وحدت سان گهري وابستگي رکن ٿا، هن معاملي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي اسان جو مقصد پاڪستان جي وحدت اندر هڪ بهتر پرامن مستحڪم ۽ خوشحال سنڌ آهي ۽ سنڌ جي ترقي لاءِ سياسي استحڪام ۽ امن جو برقرار رهڻ ضروري آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد ايوان ۾ اچي ته ان جي حمايت ڪئي وڃي. جيڪي سياسي جماعتون سنڌ جي ورهاڱي جي مخالفت جو موقف رکن ٿيون انهن کي انتظامي يونٽن بابت پنهنجون تجويزون ۽ موقف پڻ واضح ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ڪنهن به قسم جو مونجهارو باقي نه رهي. ڪراچي جي ٽريفڪ مسئلن تي ڳالهائيندي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ نظام بهتر نه هجڻ سبب حادثا ۽ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ جا واقعا پيش اچي رهيا آهن سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٽريفڪ نظام جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي هن چيو ته ڪراچي سيف سٽي منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ 6 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ 9 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا. سيف سٽي منصوبي جو مقصد شهرين جي حفاظت سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي ٽريفڪ نظام کي پڻ بهتر بڻائڻ آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته ڪراچي هڪ بين الاقوامي شهر آهي ان لاءِ جديد ۽ اثرائتو ٽريفڪ مئنيجمينٽ سسٽم ناگزير آهي ڪراچي کان پوءِ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ به ٽريفڪ نظام جي بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، جڏهن ته لاڙڪاڻي ۾ پڻ ٽريفڪ نظام کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو پيو وڃي.

بقايا 12 روزاني عبرت

۽ پٿر ڊاهه جا واقعا پيش آيا. جڏهن ته پوليس جماعت اسلامي جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي حراست ۾ ورتو ڪورنگي ڪراسنگ ويجهو نامعلوم ماڻهن باهه لڳائڻ ۽ پٿر ڊاهه ڪئي رستا بند ڪيا ۽ ٽائرن کي باهه ڏني انهن ٻن موٽر سائيڪلن کي پڻ باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو موسميات ۽ صفورا چورنگي وارن علائقن توڙي انهن جي ڀرپاسي ۾ اڻڄاتل ماڻهن پاران ڪاروبار بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو، صبح جو سوير کليل دڪان ۽ پيٽرول پمپ بند ڪرائي ڇڏيا ويا. ڪراچي جي اڪثر مکيه مارڪيٽون ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ مڪمل شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي، جڏهن ته جوڙيا بازار ۾ جزوي هڙتال جاري آهي. صدر ۾ موبائيل جون سموريون مارڪيٽون ۽ اليڪٽرانڪس جا دڪان بند رهيا ايم اي جناح روڊ تي واقع لائيٽ هائوس ۽ بولٽن مارڪيٽ پڻ بند آهن ڪيميڪل مارڪيٽ، ڪمبر مارڪيٽ ۽ اسٽيل مارڪيٽ به بند پيل آهن گلبهار سينيٽري مارڪيٽ مڪمل طور تي بند آهي. پاڪ ڪالوني، قيوم آباد (ماربل) ۽ فرنيچر مارڪيٽون پڻ بند آهن زيب النساء اسٽريٽ ۽ زينب مارڪيٽ جا دڪان به بند آهن اورنگي ٽائون، لياقت آباد، فيڊرل بي ايريا، ناظم آباد ۽ گلشن اقبال ۾ جزوي هڙتال آهي. بوهري بازار ۽ صدر جي ايمپريس مارڪيٽ جي آس پاس به جزوي هڙتال ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي اورنگي ٽائون نمبر 1 جي قذافي چوڪ تي جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ دڪاندارن وچ ۾ جهيڙو پڻ ٿيو شهر جا تقريباً 10 کان 15 سيڪڙو پيٽرول پمپس—جيڪي صبح جو بند ٿي ويا هئا—ٻيهر کلي ويا آهن. جڏهن ته خانگي ۽ تجارتي ٽريفڪ معمول کان گهٽ سطح تي آهي ان دوران ڪراچي بار ايسوسيئيشن پڻ جماعت اسلامي ۽ واپاري برادري پاران سڏيل هڙتال جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ڪراچي بار موجب، ايسوسيئيشن جي بينر هيٺ سنڌ هاءِ ڪورٽ کان پريس ڪلب تائين مهانگائي خلاف هڪ پرامن ريلي ڪڍي ويندي هڙتال ۽ عوامي ٽرانسپورٽ جي کوٽ سبب وڪيلن ۽ مقدمي جي ڌرين لاءِ سٽي ڪورٽس تائين پهچڻ مشڪل ٿي سگهي ٿي ان ڪري عدالت کي درخواست ڪئي وئي آهي ته انهن جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ ڪي به سخت حڪم جاري نه ڪيا وڃن ڪراچي جي مرڪزي علائقي صدر جي ريگل چوڪ تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي، جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر ڪراچي ۽ سڄي پاڪستان جي واپاري برادري کي اپيل ڪئي ته هڙتال کي ڀرپور ڪامياب بڻائين هن پيٽروليم ليوي (ٽيڪس) خلاف واپارين جي هڙتال کي ساراهيو ۽ ان کي ڀتي جهڙو ٽيڪس قرار ڏيندي چيو ته اڄ شهر جون سموريون مارڪيٽون ۽ بازارون بند آهن منعم ظفر چيو ته اها ليوي - جيڪا في ليٽر 130 رپين جي ڀتي جهڙي ٽيڪس جي برابر آهي - ظلم تي ٻڌل عمل آهي ۽ اها هرگز قبول ناهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪاروباري مرڪزن کي 12 کان 18 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ بيروزگاري وڌي رهي آهي جڏهن ته اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو مفت بجلي، گيس ۽ پيٽرول جون سهولتون ماڻي رهيا آهن اتي عام ماڻهن تي ليوي جي صورت ۾ هن ڀتي جهڙي ٽيڪس جو بار وڌو ويو آهي جماعت اسلامي جي سربراهه جي اپيل تي گاديءَ واري شهر ۾ ڪاروباري ۽ تجارتي مرڪز جزوي طور تي بند آهن واپارين پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جي مهم جي حمايت ڪئي آهي مختلف تجارتي مرڪزن - جن ۾ سپر مارڪيٽ، آبپارا، جي-8 ۽ جي-9 شامل آهن - ۾ اڪثر دڪان بند رهيا، چاڪاڻ ته پارٽي اڳواڻ جي سڏ تي شهرين اڄ پنهنجا ڪاروبار بند رکيا ان دوران راولپنڊي شهر ۽ ڪينٽونمينٽ واري علائقي جي تجارتي مرڪزن ۾ ڪاروباري سرگرميون جاري آهن. جيتوڻيڪ 'تنظيم تاجران پاڪستان' هڙتال جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي پر اطلاعات موجب ڪجهه علائقن ۾ رڳو ڪجهه چونڊ دڪان ئي بند آهن جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي سڄي ملڪ ۾ ڪيل هڙتال سبب لاهور جي مختلف علائقن—جن ۾ ڪوئينز روڊ، عابد مارڪيٽ، هال روڊ، مال روڊ، نسبت روڊ مارڪيٽ، فيروزپور روڊ ۽ برينڊريٿ روڊ شامل آهن—۾ ڪاروباري مرڪز بند رهيا. مال روڊ تي جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ واپاري برادريءَ وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو سخت بحث مباحثو وڌي آخرڪار هٿوپائيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. هڙتال بابت اختلافن مال روڊ کي جنگ جي ميدان جو روپ ڏئي ڇڏيو ٻنهي طرفن نعريبازيءَ سبب ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ مال روڊ تي ٿيل ٽڪراءُ سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي

بقايا 13 روزاني عبرت

حڪومتي وفد منصوره لاهور ۾ جماعت اسلامي جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي حڪومت جي ڳالهين واري ٽيم ۾ وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءُ الله ۽ خواجا سلمان رفيق شامل هئا، جڏهن ته جماعت اسلامي طرفان نائب امير جماعت اسلامي لياقت بلوچ ڳالهين واري ٽيم جي قيادت ڪئي. ڳالهين ڪانپوءِ پريس ڪانفرنس دوران احسن اقبال چيو ته اسان سڀ چاهيون ٿا ته عوام کي رليف ملي ان لاءِ حڪومت ٽيم جوڙي آهي جماعت اسلامي کي به چيو آهي ته جيڪڏهن اهڙيون تجويزون آهن جنهن ذريعي پيٽرول جي اگهه جو بوجهه گهٽائي سگهجي ٿو ته اهي پيش ڪن. جماعت اسلامي کي چيو آهي ته ٽيم جوڙي اسان ڳالهين لاءِ تيار آهيون هن چيو ته اسان نٿا چاهيون ته ملڪ ۾ هن وقت اهڙي صورتحال پيدا ٿئي جنهن مان دشمن فائدو وٺي. موجوده صورتحال جي گهرج آهي ته اسان سڀ گڏجي ملڪ ۾ اندروني امن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪريون ان موقعي تي راڻا ثناءُ الله چيو ته حافظ نعيم الرحمان ٻڌايو آهي ته وٽن اهڙيون تجويزون آهن جن سان عوام کي رليف ملي سگهي ٿو حڪومت جماعت اسلامي جي عمل جوڳين تجويزن تي عملدرآمد ڪندي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو ته 19 ڏينهن کان ملڪ ۾ 30 هنڌن تي جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري آهن. اسان کي عوام کي تڪليف ڏيڻ جو ڪو شوق ناهي پر عوامي مسئلن سبب ڌرڻا ڏئي رهيا آهيون هن چيو ته 6 سالن دوران ملڪ ۾ غربت ۾ 33 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. موٽرسائيڪل هلائيندڙ هڪ ليٽر پيٽرول تي 35 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ تي مجبور آهي سندس چوڻ هو ته عوام اهڙي بجلي جا پئسا ڏيڻ تي مجبور آهي، جيڪا پيدا به نٿي ٿئي. پيٽرول تي ليوي معطل ڪرڻ بدران ان ۾ واڌ ڪئي وئي، جڏهن کان ليوي شروع ٿي آهي 8 هزار ارب رپيا گڏ ٿي چڪا آهن حافظ نعيم الرحمان چيو ته هن سال حڪومت ليوي جي مد ۾ مقرر ڪيل هدف کان به وڌيڪ رقم گڏ ڪئي آهي. مهانگائي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته لياقت بلوچ جي سربراهي ۾ اسان ڪميٽي جوڙي آهي پيٽرول جي قيمت، ليوي، آءِ پي پيز ۽ سائي جي قيمت گهٽ ڪرڻ اسان جا مطالبا آهن هن چيو ته پيٽرول تي ليوي ختم ٿيڻ گهرجي ۽ قيمت ۾ گهٽتائي ٿيڻ گهرجي، جن شين تي ٽيڪس لاڳو نٿو ٿئي اهي به 35 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪري رهيا آهن سندس چوڻ هو ته پيٽروليم ليوي جو مقصد ريفائنرين کي بهتر بڻائڻ هو پر اسان کان جنگي حالتن ۾ به ليوي وصول ڪئي وئي حافظ نعيم وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي شهرن ۾ اڄ مڪمل هڙتال ٿي آهي. ڌرڻا به جاري رهندا ۽ ڳالهين جو عمل به هلندو رهندو ريءِ گيسيفڪيشن پلانٽن کان به ڪيپسٽي پيمينٽ وصول ڪئي پئي وڃي، حڪومتي رپورٽ موجب 40 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن

بقايا 14 روزاني عبرت

تان دراندازي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب، صدر 15 ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج جي جهنم واصل ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت ۽ بهادري کي ساراهيندي چيو ته ملڪ جي سرحدن جي دفاع ۽ امن ۽ استحڪام جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جو عزم قابل تحسين آهي صدر چيو ته پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن کي پاڪستان ۾ بدامني پکيڙڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

بقايا 15 روزاني عبرت

نيشنل بينڪ آف پاڪستان جو 3 سالن لاءِ صدر ۽ سي اي او مقرر ڪيو آهي. سندس مقرري نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ شرط شروع ٿي آهي. عمران سرور ماضي ۾ مختلف بينڪنگ سيڪٽر جي ادارن ۾ اهم ذميواريون سرانجام ڏنيون آهن. سندس مقرري جو نوٽيفڪيشن فنانس ڊويزن پاران بينڪس ايڪٽ 1974 تحت ڪئي وئي آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

واصل ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران خميس ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز انتهائي پيشيوراڻين صلاحيتن صبر ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندي فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو وزيراعظم چيو ته ملڪ مان دهشتگرديءَ جي لعنت جي پاڙ کان پٽي ختم ڪرڻ تائين سيڪيورٽي فورسز جي دهشتگردي جي خاتمي واري "عزم استحڪام" مهم پوري طاقت ۽ عزم سان جاري رهندي پوري قوم کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوج تي فخر آهي جيڪا ملڪ جي سرحدن جي دفاع ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ وڙهي رهي آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر ۽ فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ فيز 2 ايڪسٽينشن جي تعمير جي حوالي سان جائزو اجلاس ٿيو وزيراعظم چيو ته عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي صحت جي شعبي ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي اجلاس ۾ تجويز ڪيل جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر جي عمارت جي تعمير جي حوالي سان مختلف تعميراتي ڊيزائن ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون. اجلاس کي پولي ڪلينڪ فيز 2 ايڪسٽينشن جي تعمير ۾ اڳڀرائي تي پڻ بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ سيڪٽر جي — 11 ۾ تعمير هيٺ فيڊرل گورنمينٽ پولي ڪلينڪ ايڪسٽينشن کي جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي پهرين فيز جي طور تي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان فيصلي جو مقصد اسپتال کي جلد فعال ڪرڻ ۽ شهرين کي صحت جون بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ آهي وزيراعظم هدايت ڪئي ته جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي پهرين فيز کي مارچ 2027ع تائين مڪمل ڪيو وڃي. جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر جي پهرين فيز کي جديد ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ اسپتال ٺاهڻ جي حوالي سان هر ممڪن قدم کنيا وڃن. ان اسپتال ۾ جديد ۽ هاءِ ٽيڪ مشينري هجڻ کي يقيني بڻايو وڃي، منصوبي جي اڳڀرائي سان گڏوگڏ ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن جاري رکي وڃي. اجلاس ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال، پاور ڊويزن واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 18 روزاني عبرت

خميس ڏينهن پاڪ فوج جي سڌ سماءُ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) پاران جاري بيان موجب 31 آگسٽ ۽ 01 سيپٽمبر جي وچ واري رات جو سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي پرسان پاڪ افغان سرحد تان مداخلت جي ڪوشش ڪندڙ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي هڪ گروهه جي چرپر جو پتو لڳايو سيڪيورٽي فورسز پيشيوراڻي مهارت، صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي انهن جو ڪاميابي سان مقابلو ڪيو ڪليئرنس ۽ سينيٽائزيشن آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ آيو آهي جنهن جي ذريعي اهي ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي خراب ڪرڻ جا خواهشمند هئا پاڪ افغان سرحد تي پيش آيل اهو واقعو هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان جي ان مستقل موقف جي تائيد ڪري ٿو ته افغان طالبان حڪومت پنهنجي سرپرستي هيٺ دهشتگرد تنظيم کي سرحد پار دهشتگردي لاءِ افغان سر زمين استعمال ڪرڻ کان روڪڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهي آهي آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان جون سيڪيورٽي فورسز ملڪي سرحدن جي دفاع لاءِ پرعزم آهن جڏهن ته علائقي ۾ موجود ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم وڌيڪ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

چاول بار جي حياتي بچائيندڙ نرس رضيه نورين خميس ڏينهن هتي ملاقات ڪئي ۽ سندس همت ۽ جذبي جي واکاڻ ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته نرس رضيه نورين پنهنجي جان تي کيڏي جنهن همت ۽ عظيم مقصد جي لاءِ ان ٽئين چاول بار جي حياتي بچائي، ان نيڪ عمل جي لاءِ الله تعاليٰ تمام گهڻو اجر عطا فرمائيندو پوري قوم کي مٿس فخر آهي ۽ سندس همت ۽ بهادري جي معترف آهي جنهن ٽئين چاول بار جي هن حياتي بچائي ان جي والده به پوري زندگي کيس پنهنجي دعائن ۾ ياد رکندي وزيراعظم چيو ته عظيم مقصد جي لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ٽئين چاول بار جي حياتي بچائڻ عظيم عمل آهي هن چيو ته قوم جي ڌيءَ رضيه نورين جو ڪارنامو تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ ياد رکيو ويندو وزيراعظم چيو ته پوري قوم نمايان ڪارنامو سرانجام ڏيڻ تي رضيه نورين کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي وزيراعظم اعلان ڪيو ته 23 مارچ تي رضيه نورين کي سندس خدمتن جي اعتراف ۾ تمغه خدمت ڏنو ويندو هن چيو ته هڪ ڪروڙ رپين جو انعام اصل ۾ سندس حوصلا افزائي جي لاءِ آهي جنهن جي هوءَ حقيقي طور تي مستحق آهي نرس رضيه نورين وزيراعظم کي ٻارڙي جي حياتي بچائڻ ۽ باهه لڳڻ جي واقعي بابت تفصيلن کان پڻ آگاهه ڪيو رضيه نورين چيو ته هوءَ ان حوصلا افزائي تي خوش آهي هن چيو ته سندس ٻيون ساٿي نرسز به ايتري ئي محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪن ٿيون اهو تمام دل ڏکوئيندڙ واقعو هو هن ٻڌايو ته هن باهه کي ڏٺو ۽ جان جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ اندر هلي وئي ۽ هن هڪ ننڍڙي ٻارڙي آصف کي بچايو ۽ ٻاهر آئي جلدي ڊاڪٽر عبدالرحمان جي حوالي ڪيو ته جيئن رش ۾ هو محفوظ هٿن ۾ رهي ۽ ٻين ٻارن جي حياتي بچائڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي پر هنگامي صورتحال جي ڪري ائين نه ٿي سگهيو باهه تيزي سان پکڙجي وئي ۽ اوندهه ٿي وئي ۽ دونهون پکڙجي ويو هن حوصلا افزائي تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا. وزيراعظم چيو ته پمز ۾ باهه لڳڻ تمام گهڻو دل ڏکوئيندڙ واقعو آهي ذميوارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي جڏهن ته صحت واري وزارت کي پمز اسپتال ۾ سهولتن جي بهتري ۽ مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن ان موقعي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف رضيه نورين کي هڪ ڪروڙ رپين جو چيڪ ڏنو صحت وارو وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال ۽ اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پڻ ان موقعي تي موجود هئا.

بقايا 20 روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي پاڪ افغان سرحد ويجهو اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي مداخلت جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي جاري ڪيل بيان موجب هن پاڪ فوج جي بهادري ۽ جرئت جي واکاڻ ڪندي چيو ته پاڪ فوج جي جوانن وقت تي بهادري سان ڪارروائي ڪري سرحد پار کان داخل ٿيندڙ 15 دهشتگردن کي جهنم واصل ڪيو ۽ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو محسن نقوي وطن جي دفاع لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته قوم کي پنهنجي بهادر جوانن جي پيشيوراڻين صلاحيتن، عسڪري حڪمت عملي ۽ بي مثال جرئت تي فخر آهي ۽ قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اعظم نذير تارڙ چيو ته آزاد ڪشمير ۾ سڀ کان وڏو مسئلو چونڊون ڪرائڻ هو جي چونڊون پرامن ۽ شفاف نموني ٿيون صوبن بابت ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ جڏهن صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته ٻه ٽهائي اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم ڪيترائي ڀيرا مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت ڏئي چڪو آهي، جڏهن ته آزاد ڪشمير جو وزيراعظم چونڊڻ جو حق نواز شريف وٽ هو

بقايا 22 روزاني عبرت

واپار جي پوري سپلاءِ چين ۾ بهتري آڻڻ ۽ سرحد پار واپار سان لاڳاپيل سڀني نان ٽيرف معاملن تي فيصلا ڪندو ۽ واپار جي فروغ جي حوالي سان هڪ روڊ ميپ، واپاري سهولت انڊيڪس ۽ نگراني جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙيندو خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ واپار ۾ سهولتن جي فراهمي جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني. وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڻ ٽريڊ فيسليٽيشن بورڊ جي صدارت ڪندو تجويز ڪيل بورڊ واپار جي پوري سپلاءِ چين ۾ بهتري آڻڻ ۽ سرحد پار واپار سان لاڳاپيل سڀني نان ٽيرف معاملن تي فيصلا ڪندو بورڊ واپار جي فروغ جي حوالي سان روڊ ميپ، واپاري سهولت انڊيڪس ۽ نگراني جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙيندو وزيراعظم ملڪ جي بندرگاهن جي صلاحيت ۾ بهتري جي لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم ڪرڻ ۽ مختلف ورڪنگ گروپس ٺاهڻ جي هدايت ڪئي ورڪنگ گروپس بندرگاهن جي سگهه بهتر بڻائڻ لاڳاپيل ڌرين جي وچ ۾ هم آهنگي جي فروغ ڏيڻ ريگيوليٽري فريم ورڪ جي تعميل، آمد کان اڳ ڪليئرنس عالمي واپار ۾ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن جي شموليت سان لاڳاپيل هوندا وزيراعظم روانگي ۽ آمد وارن واپارين جي لاءِ بندرگاهن تي سامان جي پهچ ڪليئرنس ۽ ٻين معاملن کي آسان بڻائڻ ۽ وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ جي به هدايت ڪئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته جاري سڌارن تحت، پورٽ چارجز ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي. جنهن ڪانپوءِ بندرگاهن جي استعمال ۾ نمايان بهتري آئي آهي. جهازن جي آمد کان اڳ گڏيل ڊيڪليريشن جمع ڪرائڻ جي سهولت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي اجلاس ۾ قومي خوراڪ جي تحفظ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين، واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، ناڻي ۽ روينيو واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انور چوڌري، وزيراعظم جي صنعتن واري صلاحڪار هارون اختر خان، ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 23 روزاني عبرت

ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جامشورو جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي مختلف شخصيتن ساجده يوسف جي سيڪريٽري طور مقرري جي آجيان ڪئي آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

ملڪ ۾ گهٽ آمدني واري طبقي کي ڇت فراهمي ۽ معاشي سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ وزيراعظم اپنا گهر پروگرام تيزي سان ڪاميابي جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي هاڻي اهو پروگرام هڪ ڪٽنب لاءِ ڇت، ڪاروبار لاءِ منافعو مزدورن لاءِ روزگار ۽ گڏيل طور تي پاڪستان لاءِ پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي "ايڪس" تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته جون 2026ع کان پوءِ ان اسڪيم تحت هائوسنگ فنانسنگ جي فراهمي ۽ تعميراتي شعبي ۾ تاريخي اڳڀرائي ڏسڻ ۾ آئي آهي جنهن ملڪ جي انتظامي منظر نامي کي نئون رخ ڏنو آهي ۽ صرف ٻن مهينن جي مختصر عرصي ۾ پروگرام تحت قرضن جي منظوري ۽ رقم جي ادائگين ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو هن چيو ته هن وقت تائين 8 هزار 600 کان وڌيڪ ڪٽنبن کي قرض ڏئي چڪا آهيون عملي طور تي هائوسنگ جي شعبي ۾ منتقل ٿيل رقم 118 سيڪڙو جي اضافي سان 45 ارب رپين تائين پهچي چڪي آهي جيڪا سڌي ريت تعميراتي ڪمن لاءِ استعمال ٿي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته تعميراتي شعبي جي ان لهر سان ملڪ جون ننڍي ۽ وچولي طبقي جون صنعتون سرگرم ٿيون آهن جنهن سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيا آهن هن چيو ته اهو پروگرام هاڻي هڪ ڪٽنب لاءِ ڇت، ڪاروبار لاءِ منافعي ۽ مزدورن لاءِ روزگار ۽ گڏيل طور تي پاڪستان جي پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

۽ جمهوري انداز ۾ جواب ڏنو ويندو سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته هي بحث ايوان ۾ ان ڪري آندو ويو چاڪاڻ ته ڪجهه حلقن پاران سوال اٿاريو ويو ته سنڌ جي وحدت بابت بحث ڇو ٿي رهي آهي هن چيو ته ڪجهه عرصو اڳ ساڳئي ايوان ۾ ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جي ڳالهه پڻ سامهون آئي هئي، تنهن ڪري سنڌ جي وحدت ۽ ڪراچي جي حيثيت بابت بحث ضروري ٿي ويو آهي هن چيو ته جيڪي ماڻهو اڄ سوال ڪري رهيا آهن ته اها بحث ڇو آندي وئي انهن کي ماضي ۾ اٿندڙ آوازن کي به ياد رکڻ گهرجي ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جي ڳالهه رڳو انتظامي معاملو نه پر سنڌ جي عوام لاءِ انتهائي حساس مسئلو آهي. سنڌ جي وحدت ۽ ڪراچي جي حيثيت بابت اٿندڙ هر آواز تي ايوان ۾ ڳالهائڻ ضروري آهي ۽ سنڌ جي معاملن تي بحث کان لڪڻ بدران پنهنجو موقف کلي ڪري پيش ڪرڻ گهرجي ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته انتظامي يونٽن جي ڳالهه ساڳئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جنهن ذريعي سنڌ جي ورهاڱي جي راهه هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي سنڌ جي ورهاڱي لاءِ ڪنهن به قسم جو منصوبو يا تجويز قبول ناهي هن چيو ته ايوان ۾ سنڌ جي تاريخ بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون توڙي مروڙي پيش ڪيون وڃن پر تاريخ کي غلط انداز ۾ بيان ڪرڻ سان حقيقتون تبديل نٿيون ٿي سگهن تاريخي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي قائم آهن ۽ هميشه قائم رهنديون سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي حقيقتن کي ڪنهن سياسي موقف لاءِ تبديل نٿو ڪري سگهجي صوبائي وزير چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت ايوان اندر ۽ ٻاهر مختلف آواز اڄ به اٿي رهيا آهن پر سنڌ جو عوام اهڙو ڪو به قدم قبول نه ڪندو جنهن سان سنڌ جي وحدت متاثر ٿئي. انتظامي نظام بابت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته سنڌ کي بهتر انتظاميا جي نالي تي ورهائي نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سنڌ ۾ اڳ ئي انتظامي يونٽ موجود آهن وڌيڪ يونٽ ٺاهڻ مسئلي جو حل ناهي. موجوده انتظامي ڍانچي کي بهتر بڻائي گورننس ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي هن چيو ته اهڙي وقت ۾ جڏهن ملڪ ۾ ڪفايت شعاري ۽ مالي مشڪلاتن جي ڳالهه ٿي رهي آهي. نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻ دانشمنداڻو فيصلو ناهي چاڪاڻ ته هر نئين يونٽ لاءِ اضافي وسيلا ۽ مالي گنجائش گهربل هوندي. موجوده مالي صورتحال ۾ نون انتظامي يونٽن جو قيام قابل عمل آپشن ناهي

بقايا 26 روزاني عبرت

تي هڪ ئي موقف سامهون آيو آهي، هر قوم ۽ هر ذات جو موقف آهي ته سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي رياض شاهه شيرازي چيو ته وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه الٽوا واري رٽ تي بحث جي پهرين ڏينهن ئي واضح موقف پيش ڪيو سنڌ جي وحدت بابت سمورين قومن ۽ برادرين جو موقف چٽو آهي ۽ ڪراچي کان ڪشمور تائين عوام سنڌ جي وحدت لاءِ هڪ موقف تي متحد آهن هن چيو ته سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هميشه قائم ۽ دائم رهندي سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به قسم جو اختلاف نه هجڻ گهرجي، چاڪاڻ ته سنڌ جا عوام پنهنجي ڌرتي جي وحدت لاءِ گڏ بيٺل آهن رياض شاهه شيرازي چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ هر ذات، هر مذهب ۽ هر قوميت جا نمائندا موجود آهن سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي حقيقي وفاقي نمائندگي جي عڪاسي ڪري ٿي جتي پنجابي، بلوچ، پٺاڻ ۽ سنڌي سميت سمورين قومن جا نمائندا موجود آهن هن چيو ته سنڌ اسيمبلي مان پاڪستان جي قومي هم آهنگي جي خوشبو اچي ٿي پاڪستان جا سمورا صوبا پاڪستان سان محبت ڪن ٿا ۽ سنڌ به پاڪستان سان محبت ڪري ٿي رياض شاهه شيرازي چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ مختلف قومن جي موجودگي پاڪستان جي نظام جي خوبصورتي آهي جتي مختلف ٻوليون، قومون ۽ برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهو گڏجي عوام جي نمائندگي ڪن ٿا

بقايا 27 روزاني عبرت

کي مضبوط بڻائڻ ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڪستان جي تعميري ترقي ۽ استحڪام ۾ سنڌ پنهنجو ڀرپور حصو وڌو آهي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي دوست محمد راهمون چيو ته پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ سنڌ جي سياسي اڳواڻن تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي. ايٽمي طاقت بڻجڻ ۽ ميزائل ٽيڪنالاجي جي واڌ ويجهه ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن جو ڪردار رهيو جڏهن ته آئيني ترميمن ۽ اين ايف سي ايوارڊ جهڙن تاريخي قدمن ۾ به سنڌ جي سياسي اڳواڻن اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته پارليامينٽ کي بااختيار بڻائڻ لاءِ به سنڌ جي سياسي اڳواڻن اهم جدوجهد ڪئي پارليامينٽ کي جيڪي اختيار منتقل ڪيا ويا، انهن ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن جو ڪردار شامل رهيو آهي سنڌ جي سياسي اڳواڻن اهڙن تاريخي فيصلن ۾ ڪردار ادا ڪيو جن پاڪستان کي مضبوط بڻايو دوست محمد راهمون چيو ته سنڌ جي سياسي اڳواڻن جي جدوجهد پاڪستان جي سياسي تاريخ جو اهم حصو آهي ۽ سنڌ پاڪستان جي تعميري ترقي ۽ استحڪام ۾ هميشه پنهنجو حصو وڌو آهي هن چيو ته اڄ اهي ئي ماڻهو سنڌ خلاف ڳالهيون ڪري رهيا آهن، جن کي سنڌ پناهه، عزت ۽ مقام ڏنو سنڌ ايندڙ ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي تي جاءِ ڏني ۽ کين عزت ۽ مقام سان نوازيو دوست محمد راهمون چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ سنڌ جي ورهاڱي ڪنهن به صورت ۾ منظور نه ڪنداسين سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

بقايا 28 روزاني عبرت

سلامتي جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي ۾ تاريخي بحث جاري آهي، جڏهن ته سنڌ کي ٽوڙڻ لاءِ جيڪي سازشون ڪيون پيون وڃن، انهن تي ايوان ۾ تاريخي بحث ٿي رهيو آهي. سنڌ جي سلامتي ۽ وحدت بابت ايوان ۾ ٿيندڙ بحث کي سڄي دنيا ۾ ڏٺو پيو وڃي. سنڌ اسيمبلي جو هي تاريخي اجلاس ايندڙ وقتن ۾ به ياد رکيو ويندو جڏهن ته سنڌ جي وحدت بابت ايوان ۾ ٿيندڙ بحث تاريخ جو حصو بڻجي رهيو آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ جو سفر اڄ به جاري آهي. قديم ويدن ۾ به سنڌ ۽ سنڌي تهذيب جو ذڪر ملي ٿو جڏهن ته موئن جو دڙو جي قديم تهذيب سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ جي عڪاسي ڪري ٿي هن چيو ته پنج هزار سالن جي تاريخي سفر باوجود سنڌ اڄ به پنهنجي سڃاڻپ سان قائم آهي. سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ هزارين سال پراڻي آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته اڄ جنهن تاريخي ايوان ۾ اسان ويٺا آهيون اتي ٻن مختلف سوچن جو ٽڪراءُ هميشه کان موجود رهيو آهي. سنڌ جي حامين ۽ سنڌ جي مخالفن جي سوچ ۾ هميشه فرق رهيو آهي هن چيو ته سنڌ جا مخالف ڪڏهن به نٿا چاهين ته سنڌ ترقي ڪري، اهي سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي جا خواهشمند ناهن ان جي ابتڙ سنڌ جا حامي ۽ سنڌ سان محبت ڪندڙ چاهين ٿا ته سنڌ هميشه ترقي ڪري هن چيو ته سنڌ سان محبت ڪندڙ چاهين ٿا ته سنڌ ۽ پاڪستان هميشه آباد ۽ خوشحال رهن. سنڌ جي ترقي ۽ پاڪستان جي ترقي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته جنهن نشست تي هو سنڌ ڌرتيءَ جي پٽ جي حيثيت سان ڳالهائي رهيو آهي اها سندس لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي. هن چيو ته اڄ کيس سنڌ اسيمبلي جي هن تاريخي ايوان ۾ اظهار خيال جو موقعو مليو جنهن لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ٿورائتو آهيان. هن چيو ته پيپلز پارٽي کيس اڄ هن تاريخي ايوان ۾ ڳالهائڻ جو اعزاز ڏنو جيڪو سندس لاءِ فخر جو لمحو آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ ۾ موجود تاريخي ورثي ۾ هندو برادري جو پڻ اهم ڪردار رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ جو ذڪر جيڪڏهن موئن جو دڙو کان شروع ٿئي ٿو ته ان سموري تاريخي سلسلي ۾ هندو برادري پڻ شامل رهي آهي هن چيو ته سنڌ جا اصل رهواسي هندو برادري جا ماڻهو پڻ هن ڌرتيءَ جي تاريخ ۽ تهذيب جو حصو رهيا آهن. سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب ۾ هندو برادري جون خدمتون وساري نٿيون سگهجن. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته هندو برادري سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ معاشرت جو اهم حصو رهي آهي، تنهن ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ هندو برادري جي ڪردار ۽ خدمتن کي ياد رکڻ گهرجي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هندو برادري کي ڪڏهن به وساريو ناهي، جڏهن ته هندو برادري جي حقن ۽ مسئلن کي پڻ اهميت ڏني وڃي ٿي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ هندو برادري سميت سمورن طبقن جو اهم ڪردار آهي ۽ سنڌ جي تعميري ترقي ۽ خوشحالي لاءِ سمورن طبقن کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4396-333267097-2026	ENGINEERING CONSULTANCY SERVICES FOR DESIGN, PROCUREMENT SUPPORT, VENDOR ENGINEERING REVIEW AND COMMISSIONING SUPPORT FOR FRONT-END GAS COMPRESSION FACILITIES AT NASHPA GAS PROCESSING PLANT, DISTRICT KARAK, KPK	21.09.2026 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-STIM-333115512-2026	INSPECTION AND TESTING OF CEMENTATION AND STIMULATION EQUIPMENTS	21.09.2026 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-333242896-2026	DESIGN, SUPPLY, INSTALLATION, TESTING AND COMMISSIONING OF 02 NOS LOW VOLTAGE MCC PANELS	21.09.2026 1130 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4392-333279800-2026	RENTAL GAS GENSETS (500-600 KW) FOR DHOK HUSSAIN PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK	22.09.2026 1030 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No.123/10

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

3 ارب ڊالر جو يوروبانڊ: اعتماد جي بحالي يا قرض جو نئون بار؟
صفحو 4

اياز وگهيو
روس، چين ۽ پاڪستان جي وڌندڙ ويجهڙائپ: ڀارت لاءِ نئين سفارتي آزمائش
صفحو 4

پهريان پنهنجا مسئلا حل ڪريو
خالد مسعود خان
صفحو 4

رحمت الله برڙو
سنڌ جي ترقيءَ جو نئون نقشو: ڪيٽي بندر کان پنٽي پيل ائڦن تائين !aعل
صفحو 4

شهدادڪوٽ ۾ جماعت اسلامي جي اپيل تي شٽر ڊائون هڙتال، شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز بند

پيٽروليم ليوي، پٽا ٽيڪس، مهانگي بجلي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف شهدادڪوٽ ۾ مڪمل شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي

عوام هاڻي وڌندڙ مهانگائي، ناجائز ٽيڪسن ۽ حڪمرانن جي شاهاڻا خرچن جو بار برداشت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهي: اڳواڻ

پيٽروليم ليوي ۽ ناجائز ٽيڪس ختم، بجلي جون قيمتون گهٽ ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ جماعت اسلامي پاران ڪيل شٽربند هڙتال جو ڏيک

شهدادڪوٽ(ڊ ر) جماعت اسلامي جي اپيل تي شهدادڪوٽ ۾ شٽر ڊائون هڙتال، شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز مڪمل بند رپورٽ موجب امير جماعت اسلامي پاڪستان محترم حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم ليوي، پٽا ٽيڪس، مهانگي بجلي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف شهدادڪوٽ ۾ مڪمل شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي مين شاهي بازار سميت مستوئي محلا، گڙهي خيرو روڊ، اسٽيشن روڊ، سبزي منڊي روڊ، ڪوٽو موٽو چوڪ ۽ دوست علي روڊ تي ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا. ان موقعي تي جماعت اسلامي جي اڳواڻن ڊاڪٽر امتياز شيخ، جمال الدين سومرو، منصور علي ابڙو، صلاح الدين سومرو، ابراهيم دايو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته عوام هاڻي وڌندڙ مهانگائي، ناجائز ٽيڪسن ۽ حڪمرانن جي شاهاڻا خرچن جو بار برداشت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم ليوي ۽ ناجائز ٽيڪس ختم، بجلي جون قيمتون گهٽ ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي. هنن چيو ته عوام جي حقن لاءِ جماعت اسلامي جي جدوجهد جاري رهندي

حيدرآباد جي ماسترن ۽ ماستريائڻين فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ کي رد ڪري ڇڏيو

فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ خلاف حيدرآباد ايجوڪيشن الائنس پاران ڪالهه پريس ڪلب سامهون احتجاجي جلسو

اصلاحات جا مخالف نه آهيون پر اصلاحات جي آڙ ۾ تعليم ۽ استاد دشمني ڪنهن صورت برداشت نه ڪئي ويندي: روشن مشوري

فيس ايپليڪيشن جي غلطين سبب استادن جي درست حاضري ممڪن نه ٿي رهي ۽ استاد ڪراچي جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهن

زيرِ صدارت محترم روشن علي مشوري
حيدرآباد ماسترن ۽ ماستريائڻين فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ خلاف احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي حيدرآباد جي ماسترن ۽ ماستريائڻين فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ کي رد ڪندي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ حيدرآباد ايجوڪيشن الائنس پاران ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي جلسو ڪوٺايو ويو جلسي ۾ سون جي انگ ۾ ماسترن،ماستريائڻين فيس تصديق حاضري سسٽم ۽ اسڪولن جي وقت ۾ واڌ خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي حيدرآباد ايجوڪيشن الائنس جي چيئرمين روشن مشوري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسان تعليم کاتي ۾ اصلاحات جا مخالف نه آهيون پر اصلاحات جي آڙ ۾ تعليم ۽ استاد دشمني ڪنهن صورت برداشت نه ڪئي ويندي هنن چيو ته تعليم کاتي سنڌ پاران استادن ۽ ٻي عملي جي حاضري لاءِ پهريان بايو ميٽرڪ سسٽم هلي رهيو هو وري ان دوران فيس تصديق سسٽم آندو ويو آهي جنهن استاد ۽ استادياڻين سوڌو ٻي عملي کي مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي فيس ايپليڪيشن جي غلطين سبب استادن جي درست حاضري ممڪن نه ٿي رهي ۽ حاضر استاد کي به غير حاضر ڏيکارڻ سبب استاد ڪراچي جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪراچي وڃڻ بعد اتي موجود عملو مارڪيٽ لڳايو ويٺو آهي جيڪو استادن کي چڪر ڪٽرائي تذليل ڪري رهيو آهي جنهن سبب استادن جي ساک متاثر ٿيڻ سان گڏ ٻارن جي تعليم تي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن هنن چيو ته اسڪولن جي وقت ۾ غيرضروري واڌ ڪري استادن،ٻارن ۽ انهن جي سنڀاليندڙن لاءِ وڏو مسئلو پيدا ڪيو ويو آهي ڄاڻايل وقتن تي گيس جي لوڊشيڊنگ سبب ٻار توڙي استاد صبح جي ناشتي توڙي منجهند جي ماني لاءِ پريشان آهن هنن چيو ته تعليم کاتي ۾ اصلاحات جي نالي تي هڪ طرف تعليم کاتي کي بدنام ڪيو پيو وڃي ته ٻي طرف استادن ناڪارا ڄاڻائي ساک متاثر ڪئي پئي وڃي جيڪو عمل خود حڪمرانن جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿاري ٿو هنن چيو ته تعليم کاتي ۾ اصلاحات جي نالي تي هڪ سازش ڪئي پئي وڃي ته سرڪاري اسڪولن جي استادن ۽ عملي کي بدنام ڪري اسڪول خانگي ادارن حوالي ڪيا وڃن ته جيئن ڪرپشن وڌيڪ آسان بڻجي سگهي هنن چيو ته ڪرپٽ استاد ناهي ڪرپٽ آفيسر طبقو آهي جنهن جي هٿن ۾ اختيار آهن جيڪو ڪرپشن ڪرڻ لاءِ روز نوان رستا ڳولي ٿو هنن تعليم کاتي واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه کان مطالبو ڪيو ته تعليم کاتي مان ڪرپٽ ۽ نااهل آفيسرن کي گهر ڀيڙو ڪري استادن ۽ تعليم لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪيو وڃي جيئن سنڌ جي غريب عوام جا ٻچا معياري تعليم حاصل ڪري سگهن

ننگرپارڪر جي ڳوٺ اونڙو پيل ۾ گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري اسڪول بند

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ اونڙو پيل کي تعليم کاتي جي نااهلي سبب هڪ سال کان تالا لڳل

هڪ سئو کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو مستقبل داءَ تي لڳل، تعليم کاتي جي اختيارين اک نه پٽي

ڳوٺ اونڙو جي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري هن جديد دور ۾ اسان جي ٻارن کي تعليم کان محروم ٿيڻ کان بچايو وڃي: ڳوٺاڻا

ننگرپارڪر ڳوٺ اونڙو پيل ۾ گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري اسڪول بند هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ننگرپارڪر(ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ اونڙو پيل ۾ گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري اسڪول بند پيل آهي گذريل ڏينهن ڳوٺاڻن شوو پيل، ونارام پيل، نرسنگهه پيل، ڪنگهار پيل، ماڌڻ پيل، ڀڳت رتو مل پيل، تلچو پيل، ڊاڪٽر الجي موهن لال ۽ ٻين شاگردن سان گڏ بند پيل اسڪول اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ اونڙو پيل گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيمز ڪوڊ 406040465 گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري بند پيل آهي جنهن جي ڪري هڪ سئو کان وڌيڪ شاگردن ۽شاگردياڻين جو مستقبل داءِ تي لڳل آهي هنن چيو ته اسان ڊي اي او ۽ ٽي اي او کي اسڪول کولڻ لاءِ درخواستون ڏنيون پر ڪوبه ڪنوٽيل ڪونه ٿو وٺي. ڳوٺاڻن تعليم جي وزير سردار شاهه، ٿر جي ايم پي اي محمد قاسم سومرو، ايم اين اي امير علي شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ اونڙو جي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري هن جديد دور ۾ اسان جي ٻارن کي تعليم کان محروم ٿيڻ کان بچايو وڃي

پمز اسپتال اسلام آباد جي واقعي کانپوءِ حيدرآباد سول اسپتال جي انتظاميا جاڳي پئي

امڪاني باهه واري واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن وارو فائر سيفٽي ۽ موڪ ڊرل ورڪشاپ منعقد

فائر سيفٽي سيمينار دوران هنگامي صورتحال کي مؤثر انداز ۾ منهن ڏيڻ بابت شرڪت ڪندڙن کي خاص آگاهي

لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جي انتظاميا مريضن، سنڌن وارثن ۽ طبي عملي جي تحفظ کي اولين ترجيح ڏئي رهي آهي: ايم ايس

حيدرآباد سول اسپتال حيدرآباد ۾ منعقد هڪ روزه سيفٽي سيمينار کي ڊاڪٽر ارشاد ڪاظمي ۽ ٻيا خطاب ڪندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پمز اسپتال اسلام آباد جي پيڊياٽرڪ وارڊ ۾ پيش آيل افسوسناڪ باهه لڳڻ واري واقعي کانپوءِ حيدرآباد سول اسپتال جي انتظاميا جاڳي پئي، امڪاني باهه واري واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن وارو فائر سيفٽي ۽ موڪ ڊرل ورڪشاپ منعقد. امڪاني باهه واقعن کان بچاءَ لاءِ انتظام مڪمل. پمز اسپتال اسلام آباد جي پيڊياٽرڪ وارڊ ۾ پيش آيل افسوسناڪ باهه لڳڻ واري واقعي کانپوءِ حيدرآباد سول جي تناظر ۾، لياقت ميڊيڪل ڪاليج (سول اسپتال) حيدرآباد ۾ شعبي حادثات ۽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر محمود سومرو جي نگراني ۾ هڪ ڏينهن وارو فائر سيفٽي سيمينار ۽ موڪ ڊرل منعقد ڪئي وئي. فائر سيفٽي سيمينار دوران هنگامي صورتحال کي مؤثر انداز ۾ منهن ڏيڻ بابت شرڪت ڪندڙن کي خاص آگاهي فراهم ڪئي وئي. سيمينار جي صدارت ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال حيدرآباد ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي ڪئي. ان موقعي تي شعبي حادثات ۽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر محمود سومرو اسپتال جي ڊاڪٽرن نرسنگ اسٽاف ۽ ٻين لاڳاپيل عملي کي باهه لڳڻ سميت ڪنهن به اوچتي ۽ هنگامي صورتحال دوران پنهنجي ۽ مريضن جي جان جي تحفظ، فائر ايمرجنسي وقت فوري ردعمل، باهه وسائڻ وارن اوزارن جي صحيح استعمال ۽ مريضن جي محفوظ منتقلي (Evacuation) بابت تفصيلي آگاهي ۽ عملي تربيت فراهم ڪئي سيمينار جي پڄاڻي تي فائر ايمرجنسي موڪ ڊرل پڻ ڪئي وئي، جنهن دوران باهه لڳڻ جي صورت ۾ فوري ڪارروائي مريضن جي محفوظ منتقلي ۽ هنگامي صورتحال کي منظم انداز ۾ منهن ڏيڻ جو عملي مظاهرو ڪيو ويو سيمينار کي خطاب ڪندي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي چيو ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جي انتظاميا مريضن سنڌن وارثن ۽ طبي عملي جي تحفظ کي اولين ترجيح ڏئي رهي آهي. فائر سيفٽي، ايمرجنسي تياري ۽ محفوظ طبي ماحول کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ عملي قدم مسلسل کنيا پيا وڃن هن چيو ته باهه کان بچاءَ لاءِ اسپتال ۾ 110 فائر ايڪسٽنگوئشرز 45 اسموڪ ڊيٽيڪٽرز 54 پاڻي ۽ واريءَ جون باليٽيون ۽ 10 فائر بلينڪيٽس سميت ٻيا حفاظتي اوزار نصب ڪيا ويا آهن

سيوهڻ ۾ "ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو" جي عنوان سان ريلي

پ ٽ الف تعلقا سيوهڻ پاران سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن جي داخلا مهم بابت ريلي ڪڍي وئي

سيوهڻ ۾ 2 هزار جي لڳ ڀڳ ٻار اسڪولن ۾ داخلا نه ڪرائڻ سبب تعليم کان محروم آهن: اڳواڻ

سيوهڻ(ن ع) پ ٽ الف تعلقا سيوهڻ پاران "ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو" جي عنوان سان سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن جي داخلا مهم بابت ڪالهه سيوهڻ ۾ پ ٽ الف تعلقي سيوهڻ جي صدر محمد بخش رند جي اڳواڻي ۾ اقرا اسڪول کان ڌمال چوڪ تائين هٿن ۾ پمفليٽ ۽ بينر کڻي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ بابر علي بلوچ سميت سوين شاگردن، استادن، سياسي، سماجي، قومپرست اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي ريلي ۾ شامل بوائز هاءِ اسڪول بوائز ڊگري ڪاليج ۽ پرائمري اسڪولن جي شاگردن استادن ۽ شهرين تعليم پرايو سنڌ سنواريو جا زوردار نعرا لڳايا، ان موقعي تي استاد اڳواڻن محمد بخش رند، ڪامل خاصخيلي، علي نواز سولنگي، اشرف شعور سولنگي، مير حاجن ميں پروفيسر الياس پٺو منظور ميمڻ اڪبر ملاح ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته اسان وٽ والدين پاران ٻارن کان پورهيو ڪرائڻ سبب تعلقي سيوهڻ ۾ 2 هزار جي لڳ ڀڳ ٻار اسڪولن ۾ داخلا نه ڪرائڻ سبب تعليم کان محروم آهن ٻارن جي تعليم سان گڏ ڪتاب پڻ مفت آهن پر ان باوجود سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جو تعداد ڪافي گهٽ آهي اسان اڄ هن داخلا مهم بابت جاڳرتا ريلي ڪڍي پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته جيڪڏهن ٻارن کي اسڪولي ڊريس سميت ٻين ضرورت جي شين جي گهرج آهي ته پ ٽ الف والدين کي اهو خرچ به ڏيڻ لاءِ تيار آهي اسان ٻارن جي والدين کي اپيل ٿا ڪريون ته وڌ کان وڌ ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو ته جيئن سنڌن روشن مستقبل سنواري سگهي. هنن آخر ۾ ٻارن کي چيو ته اوهان سرڪاري اسڪولن ۾ اچي داخلا وٺو ڇو ته "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ".

سيوهڻ سيوهڻ ۾ ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو جي عنوان سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

جماعت اهل سنت پاران ڳوٺ بنگل خان چانگ ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي جو پروگرام

هنگورجا(ن ع) جماعت اهل سنت پاران ڳوٺ بنگل خان چانگ ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي سياسي، سماجي، مذهبي شخصيتن، عالمن، عقيدتمندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام کي پاڪستان قادري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ پير سيد گل احمد شاهه جيلاني خصوصي خطاب ڪندي چيو ته ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي 12 ربيع الاول تي ولادت باسعادت پوري عالم اسلام لاءِ خوشي، رحمت ۽ برڪت جو ڏينهن آهي. حضور اڪرم صہ جي آمد سان دنيا مان جهالت، ظلم ۽ اونداهه جو خاتمو ٿيو ۽ انسانيت کي امن، محبت، ڀائيچاري ۽ عدل جو درس مليو هن چيو ته مسلمانن کي گهرجي ته نبي ڪريم صہ جي سيرت طيبه کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائين ۽ پاڪ صہ جي ڏنل تعليمات تي عمل ڪندي معاشري ۾ محبت، رواداري ۽ امن کي هٿي وٺرائين. تقريب دوران نعت خواني ۽ درود و سلام پڻ پيش ڪيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاران جشن عيد ميلاد النبي صہ جي خوشيءَ ۾ نعرا هنيا ويا. آخر ۾ ملڪ، قوم ۽ امت مسلمه جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

حيدرآباد سافڪو کي وومين لاءِ چيمپئن شپ انٽرنيشنل ايوارڊ ملڻ جي خوشيءَ ۾ هيڊ آفيس ۾ ٿيل تقريب جو ڏيک

سافڪو کي ووميناءِ چيمپئن شپ 2026ع جو عالمي اعزاز تي حيدرآباد ۾ تقريب

عالمي مڃتا ڳنڍيل ڪوشش، عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو نتيجو آهي: ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو

محدود وسيلن سان شروع ٿيل مائڪروفنانس اداري جا مالي معاملا سنڀاليندڙ اداري ۾ تبديل ٿي چڪو آهي: سيد سجاد علي شاهه

حيدرآباد (پ ر) سافڪو کي عالمي مڃتا طور ووميناءِ چيمپئن شپ 2026ع جو ايوارڊ ملڻ جي خوشيءَ ۾ حيدرآباد آفيس ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو جي باني، صدر ۽ سي اي او ڊاڪٽر سليمان جي ابڙي چيو ته عالمي سطح تي مڃتا رات جي پيٽ ۾ حاصل نٿي ٿئي اها ڳنڍيل ڪوشش، عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو نتيجو هوندي آهي هن چيو ته واضح سوچ، مقصد، اعتماد، حوصلو، علم ۽ خيالن کي عملي شڪل ڏيڻ جي صلاحيت پائيدار ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي. سافڪو جي سفر جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر ابڙي چيو ته اداري محدود وسيلن سان ڪم جي شروعات ڪئي ۽ ڏکئي سياسي ۽ سماجي ماحول ۾ ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏنو هن چيو ته شروعاتي سالن ۾ مناسب سامان، مالي وسيلن ۽ سهولتن جي کوٽ باوجود سافڪو پنهنجي مقصد لاءِ پرعزم رهيو ۽ ثابت قدمي ۽ اعتماد سان اڳتي وڌندو رهيو هن چيو ته سافڪو عورتن جي ترقي ۽ معاشي بااختياريءَ لاءِ ڊگهي عرصي کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سنڌ سميت پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ عورتن جي حقن صنفي برابري، عورتن جي معاشي شموليت ۽ غيرت جي نالي تي قتل جهڙن مسئلن بابت مختلف پروگرام ڪيا ويا آهن هن بيجنگ ڪانفرنس ڪانپوءِ عورتن جي عالمي ترقيءَ واري عمل ۾ پنهنجي شرڪت جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ چيو ته ان ڪانپوءِ سافڪو جي ڪم کي مختلف قومي ۽ عالمي فورمن تي پيش ڪيو ويو ڊاڪٽر ابڙي چيو ته هي عالمي ايوارڊ ڪنهن هڪ فرد جي ڪاميابي نه پر سافڪو سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن جي ڳنڍيل ڪوشش جو نتيجو آهي هن چيو ته هي اعزاز سافڪو جي مشن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ مالي شموليت توڙي جامع ترقيءَ لاءِ مسلسل ڪم جاري رکڻ جي اضافي ذميواري پڻ وڌائي ٿو ان موقعي تي سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپنيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه چيو ته سافڪو جي اها ڪاميابي تازين ڪوشش جو نتيجو نه پر ٽن کان ساڍن ٽن ڏهاڪن تي پکڙيل هڪ ڏکئي سفرجو ثمر آهي، جنهن دوران ڏکين سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ ڪم ڪرڻ پاڻ هڪ وڏو چئلينج هيو هن چيو ته سافڪو 1994ع ۾ رڳو 5 هزار رپين سان مالي خدمتن جو سفر شروع ڪيو ۽ اڄ اهو ادارو اربين رپين جا مالي معاملا سنڀاليندڙ اداري ۾ تبديل ٿي چڪو آهي هن عالمي ايوارڊ کي اداري جي ڊگهي جدوجهد، ثابت قدمي ۽ عزم جو اعتراف قرار ڏنو

جماعت اسلامي جي سڏ تي سڪرنڊ شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال

هڙتال سبب سڪرنڊ شهر جي اهم ڪاروباري مرڪز بند رهيا، واپارين جي حمايت

جماعت اسلامي جي اڳواڻن جي قيادت ۾ ڪاروباري مرڪزن جو موٽر سائيڪل ذريعي گشت

سڪرنڊ (ن ع) امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي سڪرنڊ شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي، جنهن جي واپارين پاران ڀرپور حمايت ڪري ڪاروباري مرڪز بند رکيا. هڙتال دوران شهر جو ڪاروباري نظام مڪمل طور بند رهيو واپارين ۽ جماعت اسلامي پاران حڪومت کان پيٽروليم شين تي لاڳو ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ، مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ۽ عوام کي وڌندڙ مهانگائي بابت رليف فراهم ڪرڻ جا مطالبا ڪيا ويا آهن هڙتال سبب سڪرنڊ شهر جي اهم ڪاروباري مرڪز بند رهيا جن ۾ شاهي بازار، ابرار مارڪيٽ، سونارا بازار، عبدالغفار مگسي روڊ، قاضي احمد روڊ، محرابپور روڊ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ ۽ موبائل مارڪيٽ شامل هئا جڏهن ته جماعت اسلامي جي اڳواڻن راشد مگسي، رائو ذبير ۽ عاشق پٺاڻ جي اڳواڻيءَ ۾ شهر جي مک ڪاروباري مرڪزن جو موٽر سائيڪل ذريعي گشت پڻ ڪيو جيڪو چانڊيه پمپ کان قاضي سرفراز ميمڻ تائين پڻ پهتو هوڏانهن ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سڪرنڊ شهر جي اهم چوراهن ۽ مرڪزي هنڌن تي پوليس جي اضافي نفري مقرر ڪئي وئي آهي

CREATIVE MINDS SCHOOL
بلال مهر جنرل اسٽور
PEPSI
سڪرنڊ جماعت اسلامي جي سڏ تي سڪرنڊ شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي

سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو پاران مظاهرو

ڊي سي ڄامشورو ۽ اي سي جي سوسائٽي معاملن ۾ بيجا مداخلت خلاف مظاهرو ڪيو ويو

يونيورسٽي ملازمن جي هائوسنگ سوسائٽي جي معاملن ۾ ڊي سي ۽ اي سي مداخلت بند ڪن: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو پاران ڊي سي ڄامشورو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي سوسائٽي معاملن ۾ بيجا مداخلت خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون چيئرمين نثار احمد سميجو،صدر پروفيسر نذير احمد گوپانگ، جنرل سيڪريٽري منور علي ناريجو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ڊي سي ڄامشورو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر يونيورسٽي ملازمن جي هائوسنگ سوسائٽي جي معاملن ۾ بيجا مداخلت ڪري رهيا آهن ۽ مسلسل سيوهڻ ڊوليپمينٽ اٿارٽي جي انتظاميا تي دٻاءُ وجهي رهيا آهن ته سوسائٽي ۾ ملازمن لاءِ ٺهندڙ دڪانن جو نقشو رد ڪيو وڃي. هنن چيو ته سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي 0.75 ايڪڙ ايراضي تي سمورين قانوني تقاضائون پوريون ڪري مارڪيٽ تعمير ڪئي پئي وڃي جيڪا سوسائٽي جي ميمبرن کان قرض حسنا وٺي ٺاهي پئي وڃي ۽ تعمير ٿيندڙ ميمبرن کي ڏنا ويندا جنهن تي ڊي سي ڄامشورو ۽ اي سي پاران اعتراض غلط آهن هنن چيو ته ڊي سي ڄامشورو پاران ٺهندڙ مارڪيٽ تي اعتراضن پٺيان نيب زده اڳوڻا سوسائٽي جا عهديدار آهن جن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته ڊي سي ڄامشورو ۽ اي سي جي اعتراضن جو نوٽيس وٺي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي

حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر جي صدارت هيٺ اجلاس

ضلعي ۾ جاري منصوبن، سرگرمين، اڳڀرائي ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين بابت بريفنگ

سمورا انساني همدردي جا ڀائيوار پنهنجون سرگرميون ضلعي انتظاميا سان هم آهنگ رکن: ڊي سي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر جي صدارت هيٺ انساني همدردي جي ڀائيوارن، اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جي ادارن سان اجلاس ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته ضلعي مٽياري ۾ انساني همدردي جي منصوبن ۽ ترقياتي سرگرمين ۾ اثرائتي رابطي شفافيت ۽ ادارن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جا ادارا پنهنجي جاري سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت ضلعي انتظاميا کي باقاعدگي سان آگاهه ڪن هن چيو ته ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سمورا انساني همدردي جا ڀائيوار پنهنجون سرگرميون ضلعي انتظاميا سان هم آهنگ رکن ته جيئن عوام کي فراهم ٿيندڙ سهولتن ۽ امدادي سرگرمين جا فائدا اثرائتي نموني حقدار ماڻهن تائين پهچي سگهن اجلاس ۾ مختلف اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جي ادارن پاران ضلعي مٽياري ۾ جاري منصوبن سرگرمين اڳڀرائي ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني وئي جڏهن ته گڏيل رابطي ۽ مستقبل جي سرگرمين بابت معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ضلعي مٽياري ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي

مٽياري ڊي سي محمد دانش ذاڪر جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ٽنڊومحمدخان ۾ عالمي مجلس تحفظ ختمِ نبوت پاران ريلي

تحفظِ ختمِ نبوت جي سلسلي ۾ مولانا محمد ابراهيم سومرو جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي

ملڪ ۾ مذهبي معاملن بابت آئين ۽ قانون جي پاسداري کي يقيني بڻايو وڃي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ تحفظِ ختمِ نبوت جي سلسلي ۾ عالمي مجلس تحفظِ ختمِ نبوت پاران ريلي نڪتي ريلي کي اڳواڻن مولانا محمد ابراهيم سومرو، مولانا محمد يونس، محمد امين قادري، عبدالباسط، مولانا جمال الدين ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ختمِ نبوت مسلمانن جي ايمان جو بنيادي حصو آهي ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صہ کي آخري نبي مڃڻ هر مسلمان جي عقيدي جو لازمي جزو آهي هنن چيو ته ملڪ ۾ مذهبي معاملن بابت آئين ۽ قانون جي پاسداري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سمورن شهرين جي قانوني حقن ۽ ذميوارين جو احترام ڪيو وڃي. هنن چيو ته تحفظ ختمِ نبوت جي حوالي سان عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ پرامن ۽ آئيني طريقي سان جدوجهد جاري رکي ويندي.ان موقعي تي آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي، امن، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي

يوم تحفظ ختم نبوت
ختم نبوت زنده باد
7 ستمبر 1974
ٽنڊو محمد خان ۾ تحفظِ ختمِ نبوت جي سلسلي ۾ عالمي مجلس تحفظ ختمِ نبوت پاران ريلي نڪتي ريلي کي اڳواڻن خطاب ڪندي

سيبس يونيورسٽي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ٽيون اجلاس، نصاب ۾ سڌارن ۽ نون پروگرامن جي منظوري

اڪيڊمڪ ڪائونسل چار سالا بيچلر آف فائن آرٽس ۽ ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامجي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني

اجلاس ۾ فائن آرٽس شعبي جي اٺين سيمسٽر جي فائنل ٿيسز پروجيڪٽن جي جاچ پڙتال جي معيار جي پڻ منظوري ڏني وئي

شعبي جي مختلف پروگرامن لاءِ تجويز ڪيل اسڪيم آف اسٽڊيز کي پڻ غور هيٺ آڻي وڌيڪ عملدرآمد لاءِ منظور ڪيو

ڄامشورو سيبس يونيورسٽي جي وي سي ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو ڳچاڻي جي صدارت ڪندي

ڄامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس)يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ٽيون اجلاس وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪيترن ئي اهم تدريسي ۽ نصابي معاملن جو جائزو وٺي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ خاص طور تي هائر ايجوڪيشن ڪميشن (هيڪ) جي پاليسين سان هم آهنگ ڪندي تعليمي پروگرامن کي جديد بڻائڻ، آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ، نون ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام متعارف ڪرائڻ ۽ مختلف شعبن جي اسڪيمن ۽ ڪورس مواد ۾ ترميم ڪرڻ تي غور ڪيو ويو. اڪيڊمڪ ڪائونسل چار سالا بيچلر آف فائن آرٽس۽ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامجي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني، جيڪي 2025ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ لاڳو ٿيندا اهي اسڪيمون هيڪجي انڊر گريجوئيٽ ايجوڪيشن پاليسي 2025ع ۽ نظرثاني ٿيل فائن آرٽس نصاب مطابق تيار ڪيون ويون آهن ان سان گڏ فائن آرٽس شعبي جي اٺين سيمسٽر جي فائنل ٿيسز پروجيڪٽن جي جاچ پڙتال جي معيار جي پڻ منظوري ڏني وئي. آرڪيٽيڪچر شعبي بابت ڪائونسل بيچلر آف آرڪيٽيڪچر پروگرام جي ٽئين کان پنجين سال تائين نظرثاني ٿيل ڪورس مواد، پروگرام ايجوڪيشنل آبجيڪٽوز، پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمز ۽ 2025ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني پهرين سال جي پهرين ۽ ٻي سيمسٽر جي ڪورس مواد جي پڻ منظوري ڏني وئي انٽيريئر ڊيزائنجي شعبي ۾ ڪائونسلبيچلر آف انٽيريئر ڊيزائنپروگرام لاءِ 2025ع کان اڳتي ايندڙ بيچزجي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز،پروگرام ايجوڪيشنل آبجيڪٽوز پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمزجي منظوري ڏني جڏهن ته فائونڊيشن ايئر ۽ ڇهين کان اٺين سيمسٽر تائين نظرثاني ٿيل ڪورس مواد پڻ منظور ڪيو ويو ان کان علاوه 2026ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ ٻن سالن واري ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام ۽ ان جي پهرين سال جي ڪورس مواد جي پڻ منظوري ڏني وئي بيچلر آف آرڪيٽيڪچر ۽ انٽيريئر ڊيزائن پروگرامن لاءِ انٽرنشپ جي ضابطن کي پڻ منظور ڪيو ويو. ڪائونسلڊپارٽمينٽ آف ٽيڪسٽائل ڊيزائن بيچلر آف ٽيڪسٽائل ڊيزائن ۽ بيچلر آف فيشن ڊيزائن پروگرامن جي مشن اسٽيٽمينٽس جي منظوري پڻ ڏني، جڏهن ته ٽيڪسٽائل ڊيزائن شعبي لاءِ اسٽريٽجڪ پلان جي رٿ جي پڻ منظوري ڏني وئي هيڪ جي نظرثاني ٿيل نصاب مطابق 2025ع جي بيچ لاءِ پهرين ۽ ٻي سيمسٽر جي نصاب جي منظوري ڏني وئي ان سان گڏ ٽيڪسٽائل ڊيزائن ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام ۽ ان جي چئن سيمسٽرن جي نصاب جي پڻ منظوري ڏني وئي ڪميونيڪيشن ڊيزائن شعبي بابت ٻن نون ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامن شروع ڪرڻ لاءِ پيش ڪيل سفارشن جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته شعبي جي مختلف پروگرامن لاءِ تجويز ڪيل اسڪيم آف اسٽڊيز کي پڻ غور هيٺ آڻي وڌيڪ عملدرآمد لاءِ منظور ڪيو ويو اجلاس ۾ 2026ع ۽ ان کان پوءِ لاءِ سيمسٽر ۽ امتحاني ضابطن جو پڻ جائزو وٺي سفارش ڪئي وئي ان کان علاوه فال 2025-26 ۽ فال 2026 جي داخلا سيشنن لاءِ داخلا پاليسين جي منظوري ڏني وئي، جڏهن ته 2025-26 جي اڪيڊمڪ ڪئلينڊر جي پڻ توثيق ڪئي وئي اڪيڊمڪ ڪائونسلهيڪيارن انڊر گريجوئيٽ آرٽ ۽ ڊيزائن پروگرامن ۾ پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمزڙريعي گريجوئيٽ خاصيتن کي معياري بڻائڻ ۽ آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشنلاڳو ڪرڻ بابت پڻ غور ڪيو ان سان گڏ انڊسٽريل ريووليوشن 5.0 جي تناظر ۾ ڊگري پروگرامن ۽ نصاب جو جائزو وٺڻ لاءِ قائم ڪيل نيشنل ٽاسڪ فورسجي مقصدن ۽ جوڙجڪ جو پڻ جائزو ورتو ويو هيڪجي معياري فريم ورڪ مطابقسيبسيونيورسٽي جي سمورن بيچلر ڊگري پروگرامن لاءِ معياري ڪورس ڪوڊنگ پيٽرن تي پڻ غور ڪيو ويو اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي ڊپٽي سيڪريٽري لبيڪا اڪرام اڪيڊمڪ ڪائونسل جي نامزد ميمبرن بابر اين شيخ آرڪيٽيڪٽ ماريا اسلم ۽ ڌارئين حسين قائم مقام رجسٽرار محمد سليمان ڀٽو مختلف تعليمي شعبن جي سربراهن شوڪت علي ڪوڪي محمد سليم جهتيال ۽ آرڪيٽيڪٽ فهد شمس نظاماڻي فيڪلٽي ميمبرن فضل الاهي خان راجڪمان زبير احمد ڀٽو صبا قيوم لغاري ۽ رابعه پير بخش سينيئر لائبريرين سيد غلام مرتضيٰ شاهه انچارج امتحانات منور حسين لغاري ۽ ڊائريڪٽر ڪيو اي سي ڊاڪٽر شبينا شيخ مبصر طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي آرڪيٽيڪٽ عرفان بروهي ۽ چندر ڪمار پڻ پنهنجن لاڳاپيل شعبن بابت تفصيل ڏنا.

درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جو ساليانو ميلو اڄ کان شروع، انتظام مڪمل

ميلي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مريدن، عقيدتمندن ۽ زائرين جي وڏي انگ ۾ آمد جو سلسلو جاري

درگاهه تي چادر چاڙهي ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ دعائون گهريون وينديون، زائرين کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون: انتظاميه

درگاهه جي اڱڻ تي مولودن ۽ مشهور فنڪارن جي محفل، ملاکڙو مقابلن ۽ هار سينگار جا دڪان ۽ اسٽال لڳل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جو ساليانو ميلو هر سال جيان هن سال به وڏي عقيدت، احترام ۽ ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي. ميلو هن سال 22، 23 ۽ 24 ربيع الاول مطابق 4، 5 ۽ 6 سيپٽمبر 2026ع، جمع، ڇنڇر ۽ آچر تي ڳوٺ شاهه بخاري، شاهه بخاري روڊ، پاور وليج باءِ پاس لڳ، تعلقو حيدرآباد ڀهراڙي، ضلعي حيدرآباد ۾ ملهايو پيو وڃي. ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ هن ميلي ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان مريدن عقيدتمندن ۽ زائرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ۽ درگاهه تي حاضري ڀرڻ جو سلسلو جاري آهي. درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جو ساليانو ميلو علائقي جي اهم روحاني ۽ ثقافتي سرگرمين مان هڪ آهي، جنهن ۾ هر سال سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عقيدتمند وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. ميلي جي موقعي تي درگاهه ۽ ڀرپاسي واري علائقي ۾ خاص رونق نظر ايندي، جڏهن ته مختلف هنڌن تي دڪان ۽ اسٽال قائم ٿيڻ سان ميلي جو ماحول وڌيڪ رنگين ۽ پرڪشش بڻجي ويو آهي. ميلي جي اهم رسمن ۾ درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ جي رسم پڻ شامل هوندي. ان سان گڏ عقيدتمند مزار تي گلن جون چادرون چاڙهي فاتحه خواني ڪندا ۽ پنهنجي لاءِ ملڪ ۽ سنڌ جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ دعائون گهرندا. سنڌ جي مختلف علائقن مان ايندڙ مريدن ۽ عقيدتمندن لاءِ درگاهه تي حاضري ڀرڻ روحاني عقيدت جو اهم حصو هوندو. ميلي دوران مولود شريف جي خاص محفل پڻ منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ مولودي ۽ نعت خوان حضور اڪرم ﷺ جي شان ۾ مولود شريف، نعتون ۽ عقيدت جا ڪلام پيش ڪندا. محفل ۾ وڏي انگ ۾ عقيدتمند شرڪت ڪندا. ميلي جي هڪ اهم ڪشش صوفي ۽ سنڌ جي مشهور فنڪارن جي محفل پڻ هوندي. سنڌ جي مشهور صوفي فنڪارن ۽ راڳين پاران صوفي شاعرن جو ڪلام ۽ سنڌي لوڪ گيت پيش ڪيا ويندا. جنهن سان ميلي ۾ سنڌ جي صوفي روايت ۽ ثقافتي رنگن جي خوبصورت عڪاسي ٿيندي. ميلي ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙو پڻ منعقد ڪيو ويندو جيڪو ميلي جي خاص رونقن مان هڪ هوندو. جنهن کي ڏسڻ لاءِ مختلف علائقن مان ايندڙ ماڻهو وڏي دلچسپي سان ملاکڙي جي ميدان جو رخ ڪندا. مختلف علائقن جا پهلوان ملاکڙي ۾ حصو وٺي پنهنجي طاقت ۽ مهارت جو مظاهرو ڪندا. جڏهن ته شوقين پهلوانن جي مقابلي مان لطف اندوز ٿيندا. ان کان علاوه ميلي ۾ مذهبي ۽ ثقافتي پروگرامن سان گڏ مٺائين جا دڪان پڻ قائم ڪيا ويندا. ميلي ۾ ماڻهن جي وڏي انگ کي نظر ۾ رکندي حيدرآباد ضلعي انتظاميا، ميئر حيدرآباد سردار ڪاشف علي شورو، ايم پي اي ۽ آبپاشيءَ وارو صوبائي وزير جام خان شورو، پ پ اڳواڻ سردار بلاول خان شورو ۽ ٻين پاران ميلي ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل انتظاميه کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.

ٽنڊوڄام لڳ پرائمري اسڪول الله بچايو ميربحر عمارت ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم

عمارت ۽ بنيادي سهولتون موجود نه هجڻ سبب ٻار سخت گرمي ۽ سياري جي ٿڌ ۾ ڇپري هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور

اسڪول جي موجوده عمارت انتهائي زبون حال ٿي چڪي آهي ۽ ٻارن لاءِ اتي ويهڻ نهايت خطرناڪ آهي: محمد جمن مگسي

سمورا شاگرد سنڌي ڳالهائيندڙ آهن ۽ هڪ مقرر استاد اردو ميڊيم هجڻ ڪري ٻارن کي پڙهائي سمجهڻ ۾ پڻ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي

ٽنڊوڄام پرائمري اسڪول الله بچايو ميربحر عمارت نه هجڻ سبب ٻار ڇپري جي هيٺيان تعليم پرائڻ رهيا آهن

ٽنڊوڄام (ٿ ر) ڳوٺ ولي محمد مگسي ۾ قائم الله بچايو ميربحر پرائمري اسڪول جي لڳ ڀڳ 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ عمارت ۽ بنيادي سهولتون موجود نه هجڻ سبب هو سخت گرمي ۽ سياري جي ٿڌ ۾ ڇپري هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. ڳوٺ جي چڱي مڙس محمد جمن مگسي موجب اسڪول جي موجوده عمارت انتهائي زبون حال ٿي چڪي آهي ۽ ٻارن لاءِ اتي ويهڻ نهايت خطرناڪ آهي، جنهن ڪري منهنجي اوطاق ۾ اسڪول قائم ڪري ٻارن جي تعليم جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. هن چيو ته اسڪول ۾ بجلي، واش روم، بليڪ بورڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون به موجود ناهن، جڏهن ته سمورا شاگرد سنڌي ڳالهائيندڙ آهن ۽ هڪ مقرر استاد اردو ميڊيم هجڻ ڪري ٻارن کي پڙهائي سمجهڻ ۾ پڻ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي. هن چيو ته سرڪاري رڪارڊ موجب اسڪول ۾ ٻيا 2 استاد ۽ هڪ پٽيوالو به مقرر ٿيل آهن پر اهي گذريل 10 سالن کان اسڪول اچن ئي نٿا، جنهن سبب شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته مسئلي بابت تعليم کاتي جي اختيارين کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو ويو پر اڃا تائين ڪو عملي قدم نه کنيو ويو آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه، تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسڪول لاءِ نئين عمارت تعمير ڪرائي بجلي، واش روم، بليڪ بورڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جڏهن ته غير حاضر رهندڙ استادن خلاف ڪارروائي ڪري ٻارن جي تعليم يقيني بڻائي وڃي.

ڏگهڙي ۾ به پيٽروليم شين تي ليوي ٽيڪس خلاف هڙتال

جماعت اسلامي پاڪستان جي سڏ تي شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي

صبح سوير کلندڙ ديريون، ناشتي ۽ چانهه جا هوٽل پڻ مڪمل طور بند رهيا

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ به پيٽروليم شين تي ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي پاڪستان جي سڏ تي ملڪ گير هڙتال جي موقعي تي مڪمل هڙتال رهي شهر جون سموريون ننڍيون وڏيون مارڪيٽون واپاري مرڪز صبح سوير کلندڙ ديريون ناشتي ۽ چانهه جا هوٽل پڻ مڪمل طور بند رهيا.ڏگهڙي ۾ موبائل مارڪيٽ، شاهي بازار، صراف بازار، ميڊيسن مارڪيٽ، ميرواهه روڊ، ڪلاٿ مارڪيٽ، اسٽيشن روڊ، ٽنڊو غلام علي روڊ، ٽنڊو باگو روڊ، غريب آباد، الله آباد ڪالوني ۽ محمدي چوڪ سميت سمورا ڪاروباري مرڪز پرامن ۽ مڪمل طور بند رهيا.ان موقعي تي جماعت اسلامي ڏگهڙي تعلقي جي امير محمد طاهر جاٽ، ڏگهڙي سٽي جي امير شڪيل احمد غوري، جنرل سيڪريٽري محمد عالم جت، ڊسٽرڪٽ ايڊ ڪميٽي جي صدر محمد ياسين گجن اشرف قائمخاني ۽ ٻين اڳواڻن ڏگهڙي ۾ ڪامياب، مڪمل ۽ پرامن هڙتال تي واپاري برادري، واپاري تنظيمن، دڪاندارن ۽ شهرين جا ٿورا مڃيا.ان موقعي تي ڪارڪنن ۽ شهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم ليوي ٽيڪس خلاف ڏگهڙي سميت سڄي ملڪ ۾ ٿيندڙ پرامن ۽مڪمل هڙتال نااهل ۽ ڪرپٽ حڪمرانن جي ناڪام معاشي پاليسين خلاف عوامي ريفرنڊم ۽ نوشتهِ ديوار آهي حڪمران هوش کان ڪم وٺن عوام جي زندگي اجيرن بڻجي چڪي آهي جڏهن ته بدترين مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.هنن چيو ته جيڪڏهن پرامن ڌرڻن احتجاجن ۽ هڙتالن باوجود حڪمرانن پنهنجي نااهلي ڪرپشن ۽ مهانگائي جو خاتمو نه آندو ته حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي سڄي ملڪ مان قافلا اسلام آباد جو رخ ڪندا ۽ پوءِ اها عوامي تحريڪ "حڪمران ڀڄايو ملڪ بچايو" تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويندي، جيڪا ڪرپٽ حڪمرانن جي ناجائز حڪومت جي خاتمي تائين جاري رهندي.ان موقعي تي ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ڪارڪن وقفي وقفي سان "پيٽروليم ليوي نامنظور مهانگي بجلي نامنظور مهانگو اٽو نامنظور مهانگي دوا نامنظور" ۽ "جيسٽائين بک ۽ بدحالي رهندي، جنگ رهندي، جنگ رهندي" جا نعرا هڻندا رهيا.بعد ۾ ڪامياب هڙتال ۽ ريلي ڪانپوءِ جماعت اسلامي پاران صبح جو ڏهين وڳي ڏگهڙي شهر ۾ ڪاروبار کولڻ جي اپيل ڪئي وئي.

ڏگهڙي جماعت اسلامي جي سڏ تي شٽر بند هڙتال جو ڏيک

نيشنل بينڪ پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي)نيشنل بينڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريٽ جاري ڪيا آهن آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 279.24رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.24، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.04 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.14 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.37 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.40 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته جاپاني ين جي وڪري جواگهه 1.7699 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7490 رپيا رهيو

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ جنسن جي اگهه ۾ گهٽتائي، سون ۽ چانديءَ جي اگهه ۾ واڌ جو لاڙو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي جو لاڙو جڏهن ته سون ۽ چانديءَ جي اگهه ۾ اضافي جو لاڙو رهيو ميڊيا رپورٽن موجب ڪموڊٽي مارڪيٽ ۾ سرگرمين دوران آمريڪي ڪچي تيل ڊبليو ٽي آءِ ڪروڊ جا آڪٽوبر لاءِ سودا 0.94 ڊالرز جي گهٽتائي سان 90.07 ڊالرز في بيرل ۽ برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا نومبر لاءِ سودا 1.04 ڊالر جي گهٽتائي سان 94.59 ڊالرز في بيرل ۾ طئه ٿيا. سون جو اگهه 60.60 ڊالرز جي اضافي سان 4475.20 ڊالرز في اونس ۾ طئه ٿيو جڏهن ته چانديءَ جو اگهه هڪ ڊالر جي اضافي سان 66.47 ڊالر في اونس تي پهچي ويو. جنسن جي اگهه ۾ پڻ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي مڪئي جا ڊسمبر لاءِ سودا 3.50 ڊالر جي گهٽتائي سان 540.00 في بشل ۽ ڪڻڪ جا ڊسمبر لاءِ سودا 2.50 ڊالر جي گهٽتائي سان 771.50 ڊالر في بشل ۾ طئه ٿيا.

ايڊيٽوريل

3 ارب ڊالر جو يوروبانڊ: اعتماد جي بحالي يا قرض جو نئون بار؟
صفحو 4

اياز وڳهيو
روس، چين ۽ پاڪستان جي وڌندڙ ويجهڙائپ: ڀارت لاءِ نئين سفارتي آزمائش
صفحو 4

روزاني عبرت

پهريان پنهنجا مسئلا حل ڪريو
خالد مسعود خان
صفحو 4

رحمت الله ٻرڙو
سنڌ جي ترقيءَ جو نئون نقشو: ڪيٽي بندر کان پٽي پيل ائڻن تائين اعل
صفحو 4

شهدادڪوٽ ۾ جماعت اسلامي جي اپيل تي شٽر ڊائون هڙتال، شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز بند

پيٽروليم ليوي، پتا ٽيڪس، مهانگي بجلي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف شهدادڪوٽ ۾ مڪمل شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي

عوام هاڻي وڌندڙ مهانگائي، ناجائز ٽيڪسن ۽ حڪمرانن جي شاهاڻا خرچن جو بار برداشت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهي: اڳواڻ

پيٽروليم ليوي ۽ ناجائز ٽيڪس ختم، بجلي جون قيمتون گهٽ ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ جماعت اسلامي پاران ڪيل شٽربند هڙتال جو ڏيک

شهدادڪوٽ(ه ر) جماعت اسلامي جي اپيل تي شهدادڪوٽ ۾ شٽر ڊائون هڙتال شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز مڪمل بند رپورٽ موجب امير جماعت اسلامي پاڪستان محترم حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم ليوي، پتا ٽيڪس، مهانگي بجلي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف شهدادڪوٽ ۾ مڪمل شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي مين شاهي بازار سميت مستوئي محلا گڙهي خيرو روڊ، اسٽيشن روڊ، سبزي منڊي روڊ، ڪوٽو موٽو چوڪ ۽ درست علي روڊ تي ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا. ان موقعي تي جماعت اسلامي جي اڳواڻن ڊاڪٽر امتياز شيخ جمال الدين سومرو، منصور علي ابڙو، صلاح الدين سومرو، ابراهيم دايو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته عوام هاڻي وڌندڙ مهانگائي ناجائز ٽيڪسن ۽ حڪمرانن جي شاهاڻا خرچن جو بار برداشت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم ليوي ۽ ناجائز ٽيڪس ختم، بجلي جون قيمتون گهٽ ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي. هنن چيو ته عوام جي حقن لاءِ جماعت اسلامي جي جدوجهد جاري رهندي.

حيدرآباد جي ماسترن ۽ ماستريائڻين فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ کي رد ڪري ڇڏيو

فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ خلاف حيدرآباد ايجوڪيشن الائنس پاران ڪالهه پريس ڪلب سامهون احتجاجي جلسو

اصلاحات جا مخالف نه آهيون پر اصلاحات جي آڙ ۾ تعليم ۽ استاد دشمني ڪنهن صورت برداشت نه ڪئي ويندي: روشن مشوري

فيس ايپليڪيشن جي غلطين سبب استادن جي درست حاضري ممڪن نه ٿي رهي ۽ استاد ڪراچي جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهن

زيرصدارت محترم روشن علي مشوري
ڪيشن ملازمين پر مسلط
حيدرآباد ماسترن ۽ ماستريائڻين فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ خلاف احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي حيدرآباد جي ماسترن ۽ ماستريائڻين فيس سڃاڻپ ۽ اسڪول جي ٽائمنگ ۾ واڌ کي رد ڪندي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ حيدرآباد ايجوڪيشن الائنس پاران ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي جلسو ڪوٺايو ويو. جلسي ۾ سون جي انگ ۾ ماسترن،ماستريائڻين فيس تصديق حاضري سسٽم ۽ اسڪولن جي وقت ۾ واڌ خلاف سخت نعري بازي ڪئي. ان موقعي تي حيدرآباد ايجوڪيشن الائنس جي چيئرمين روشن مشوري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسان تعليم کاتي ۾ اصلاحات جا مخالف نه آهيون پر اصلاحات جي آڙ ۾ تعليم ۽ استاد دشمني ڪنهن صورت برداشت نه ڪئي ويندي. هنن چيو ته تعليم کاتي سنڌ پاران استادن ۽ ٻي عملي جي حاضري لاءِ پهريان بايو ميٽرڪ سسٽم هلي رهيو هو وري ان دوران فيس تصديق سسٽم آندو ويو آهي جنهن استاد ۽ استاديائڻين سوڌو ٻي عملي کي مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. فيس ايپليڪيشن جي غلطين سبب استادن جي درست حاضري ممڪن نه ٿي رهي ۽ حاضر استاد کي به غير حاضر ڏيکارڻ سبب استاد ڪراچي جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪراچي وڃڻ بعد اتي موجود عملو مارڪيٽ لڳايو ويٺو آهي جيڪو استادن کي چڪر ڪٽرائي تذليل ڪري رهيو آهي جنهن سبب استادن جي ساک متاثر ٿيڻ سان گڏ ٻارن جي تعليم تي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن.هنن چيو ته اسڪولن جي وقت ۾ غيرضروري واڌ ڪري استادن،ٻارن ۽ انهن جي سنڀاليندڙن لاءِ وڏو مسئلو پيدا ڪيو ويو آهي ڄاڻايل وقتن ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ سبب ٻار توڙي استاد صبح جي ناشتي توڙي منجهند جي ماني لاءِ پريشان آهن هنن چيو ته تعليم کاتي ۾ اصلاحات جي نالي تي هڪ طرف تعليم کاتي کي بدنام ڪيو پيو وڃي ته ٻي طرف استادن ناڪارا ڄاڻائي ساک متاثر ڪئي پئي وڃي جيڪو عمل خود حڪمرانن جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿاري ٿو هنن چيو ته تعليم کاتي ۾ اصلاحات جي نالي تي هڪ سازش ڪئي پئي وڃي ته سرڪاري اسڪولن جي استادن ۽ عملي کي بدنام ڪري اسڪول خانگي ادارن حوالي ڪيا وڃن ته جيئن ڪرپشن وڌيڪ آسان ٿي سگهي. هنن چيو ته ڪرپٽ استاد ناهي ڪرپٽ آفيسر طبقو آهي جنهن جي هٿن ۾ اختيار آهن جيڪو ڪرپشن ڪرڻ لاءِ روز نوان رستا ڳولي ٿو هنن تعليم کاتي واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه کان مطالبو ڪيو ته تعليم کاتي مان ڪرپٽ ۽ نااهل آفيسرن کي گهر پيڙو ڪري استادن ۽ تعليم لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪيو وڃي جئين سنڌ جي غريب عوام جا ٻچا معياري تعليم حاصل ڪري سگهن

ٿرپارڪر جي ڳوٺ اوڙو ڀيل ۾ گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري اسڪول بند

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ اوڙو ڀيل کي تعليم کاتي جي نااهلي سبب هڪ سال کان تالا لڳل

هڪ سئو کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو مستقبل داءِ تي لڳل، تعليم کاتي جي اختيارين اک نه پٽي

ڳوٺ اوڙو جي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري هن جديد دور ۾ اسان جي ٻارن کي تعليم کان محروم ٿيڻ کان بچايو وڃي: ڳوٺاڻا

ٿرپارڪر ڳوٺ اوڙو ڀيل ۾ گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري اسڪول بند هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٿرپارڪر(ن ع) ٿرپارڪر جي ڳوٺ اوڙو ڀيل ۾ گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري اسڪول بند پيل آهي گذريل ڏينهن ڳوٺاڻن شوو ڀيل، ونارام ڀيل، نرسنگهه ڀيل، ڪنگهار ڀيل، ماڌڻ ڀيل، ڀڳت ونو مل ڀيل، تلجو ڀيل، ڊاڪٽر الجي موهن لال ۽ ٻين شاگردن سان گڏ بند پيل اسڪول اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ اوڙو ڀيل گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيمز ڪوڊ 406040465 گذريل هڪ سال کان ماستر بدلي ٿيڻ ڪري بند پيل آهي جنهن جي ڪري هڪ سئو کان وڌيڪ شاگردن ۽شاگردياڻين جو مستقبل داءِ تي لڳل آهي هنن چيو ته اسان ڊي اي او ۽ ٽي اي او کي اسڪول کولڻ لاءِ درخواستون ڏيئون پر ڪوبه ڪڙ تيل ڪونه نڪتو ڳوٺاڻن تعليم جي وزير سردار شاهه، تڪ جي ايم پي اي محمد قاسم سومرو، ايم اين اي امير علي شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ اوڙو جي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري هن جديد دور ۾ اسان جي ٻارن کي تعليم کان محروم ٿيڻ کان بچايو وڃي

پمز اسپتال اسلام آباد جي واقعي ڪانپوءِ حيدرآباد سول اسپتال جي انتظاميا جاڳي پئي

امڪاني باهه واري واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن وارو فائر سيفٽي ۽ موڪ ڊرل ورڪشاپ منعقد

فائر سيفٽي سيمينار دوران هنگامي صورتحال کي مؤثر انداز ۾ منهن ڏيڻ بابت شرڪت ڪندڙن کي خاص آگاهي

لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جي انتظاميا مريضن، سندن وارثن ۽ طبي عملي جي تحفظ کي اولين ترجيح ڏئي رهي آهي: ايم ايس

حيدرآباد سول اسپتال حيدرآباد ۾ منعقد هڪ روزه سيفٽي سيمينار کي ڊاڪٽر ارشاد ڪاظمي ۽ ٻيا خطاب ڪندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پمز اسپتال اسلام آباد جي پيڊياٽرڪ وارڊ ۾ پيش آيل افسوسناڪ باهه لڳڻ واري واقعي ڪانپوءِ حيدرآباد سول اسپتال جي انتظاميا جاڳي پئي. امڪاني باهه واري واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن وارو فائر سيفٽي ۽ موڪ ڊرل ورڪشاپ منعقد. امڪاني باهه واقعن کان بچاءُ لاءِ انتظام مڪمل. پمز اسپتال اسلام آباد جي پيڊياٽرڪ وارڊ ۾ پيش آيل افسوسناڪ باهه لڳڻ واري واقعي ڪانپوءِ حيدرآباد سول جي تناظر ۾، لياقت ميڊيڪل ڪاليج (سول اسپتال) حيدرآباد ۾ شعبي حادثات ۽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر محمود سومرو جي نگراني ۾ هڪ ڏينهن وارو فائر سيفٽي سيمينار ۽ موڪ ڊرل منعقد ڪئي وئي. فائر سيفٽي سيمينار دوران هنگامي صورتحال کي مؤثر انداز ۾ منهن ڏيڻ بابت شرڪت ڪندڙن کي خاص آگاهي فراهم ڪئي وئي. سيمينار جي صدارت ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال حيدرآباد ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي ڪئي. ان موقعي تي شعبي حادثات ۽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر محمود سومرو اسپتال جي ڊاڪٽرن، نرسنگ اسٽاف ۽ ٻين لاڳاپيل عملي کي باهه لڳڻ سميت ڪنهن به اوچتي ۽ هنگامي صورتحال دوران پنهنجي ۽ مريضن جي جان جي تحفظ، فائر ايمرجنسي وقت فوري ردعمل، باهه وسائڻ وارن اوزارن جي صحيح استعمال ۽ مريضن جي محفوظ منتقلي (Evacuation) بابت تفصيلي آگاهي ۽ عملي تربيت فراهم ڪئي. سيمينار جي پڄاڻي تي فائر ايمرجنسي موڪ ڊرل پڻ ڪئي وئي، جنهن دوران باهه لڳڻ جي صورت ۾ فوري ڪارروائي، مريضن جي محفوظ منتقلي ۽ هنگامي صورتحال کي منظم انداز ۾ منهن ڏيڻ جو عملي مظاهرو ڪيو ويو.سيمينار کي خطاب ڪندي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي چيو ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جي انتظاميا مريضن، سندن وارثن ۽ طبي عملي جي تحفظ کي اولين ترجيح ڏئي رهي آهي. فائر سيفٽي، ايمرجنسي تياري ۽ محفوظ طبي ماحول کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ عملي قدم مسلسل کنيا پيا وڃن. هن چيو ته باهه کان بچاءَ لاءِ اسپتال ۾ 110 فائر ايڪسٽنگئشرز، 45 اسموڪ ڊيٽيڪٽرز، 54 پاڻي ۽ واريءَ جون بالٽيون ۽ 10 فائر بلينڪيٽس سميت ٻيا حفاظتي اوزار نصب ڪيا ويا آهن

سيوهڻ ۾ "ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو" جي عنوان سان ريلي

پ ٽ الف تعلقا سيوهڻ پاران سان سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن جي داخلا مهم بابت ريلي ڪڍي وئي

سيوهڻ ۾ 2 هزار جي لڳ ڀڳ ٻار اسڪولن ۾ داخلا نه ڪرائڻ سبب تعليم کان محروم آهن: اڳواڻ

سيوهڻ(ن ع) پ ٽ الف تعلقا سيوهڻ پاران "ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو" جي عنوان سان سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن جي داخلا مهم بابت ڪالهه سيوهڻ ۾ پ ٽ الف تعلقي سيوهڻ جي صدر محمد بخش رند جي اڳواڻي ۾ اقرا اسڪول کان ڏمال چوڪ تائين هٿن ۾ پمفليٽ ۽ بينر کڻي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ بابر علي بلوچ سميت سوين شاگردن، استادن، سياسي، سماجي، قومپرست اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي ريلي ۾ شامل بوائز هاءِ اسڪول، بوائز ڊگري ڪاليج ۽ پرائمري اسڪولن جي شاگردن استادن ۽ شهرين تعليم ڀرايو سنڌ سنواريو جا زوردار نعرا لڳايا، ان موقعي تي استاد اڳواڻن محمد بخش رند، ڪامل خاصخيلي، علي نواز سولنگي، اشرف شعور سولنگي، مير حاجن ميں، پروفيسر الياس پنهور، منظور ميمڻ، اڪبر ملاح ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته اسان وٽ والدين پاران ٻارڙن کان پورهيو ڪرائڻ سبب تعلقي سيوهڻ ۾ 2 هزار جي لڳ ڀڳ ٻار اسڪولن ۾ داخلا نه ڪرائڻ سبب تعليم کان محروم آهن ٻارن جي تعليم سان گڏ ڪتاب پڻ مفت آهن پر ان باوجود سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جو تعداد ڪافي گهٽ آهي، اسان اڄ هن داخلا مهم بابت جاڳرتا ريلي ڪڍي پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته جيڪڏهن ٻارن کي اسڪولي ڊريس سميت ٻين ضرورت جي شين جي گهرج آهي ته پ ٽ الف والدين کي اهو خرچ به ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اسان ٻارن جي والدين کي اپيل ٿا ڪريون ته وڌ کان وڌ ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو ته جيئن سندن روشن مستقبل سنوارجي سگهي، هنن آخر ۾ ٻارن کي چيو ته اوهان سرڪاري اسڪولن ۾ اچي داخلا وٺو جو ته "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ".

سيوهڻ سيوهڻ ۾ ٻار پڙهايو سنڌ سنواريو جي عنوان سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

جماعت اهل سنت پاران ڳوٺ ٻنگل خان چانگ ۾ جشن عيد ميلاد النبي صه جي جو پروگرام

هنگورجا(ن ع) جماعت اهل سنت پاران ڳوٺ ٻنگل خان چانگ ۾ جشن عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي سياسي، سماجي، مذهبي شخصيتن، عالمن، عقيدتمندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام کي پاڪستان قادري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ پير سيد گل احمد شاهه جيلاني خصوصي خطاب ڪندي چيو ته ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صه جي 12 ربيع الاول تي ولادت باسعادت پوري عالم اسلام لاءِ خوشي، رحمت ۽ برڪت جو ڏينهن آهي. حضور اڪرم صه جي آمد سان دنيا مان جهالت، ظلم ۽ اونداهه جو خاتمو ٿيو ۽ انسانيت کي امن، محبت، ڀائيچاري ۽ هدايت جو درس مليو. هن چيو ته مسلمانن کي گهرجي ته نبي ڪريم صه جي سيرت طيبه کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائين ۽ پاڪ صه جي ڏنل تعليمات تي عمل ڪندي معاشري ۾ محبت، رواداري ۽ امن کي هٿي وٺرائين. تقريب دوران نعت خواني ۽ درود ۽ سلام پڻ پيش ڪيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاران جشن عيد ميلاد النبي صه جي خوشيءَ ۾ نعرا هنيا ويا. آخر ۾ ملڪ، قوم ۽ امت مسلمه جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

حيدرآباد سافڪو کي وومين اِن چيمپئن شپ انٽرنيشنل ايوارڊ ملڻ جي خوشيءَ ۾ هيڊ آفيس ۾ ڪيل تقريب جو ڏيک

سافڪو کي وومينءَ چيمپئن شپ 2026ع جو عالمي اعزاز تي حيدرآباد ۾ تقريب

عالمي مڃتا گڏيل ڪوشش، عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو نتيجو آهي: ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو

محدود وسيلن سان شروع ٿيل مائڪرو اڄ اربين رپين جا مالي معاملا سنڀاليندڙ اداري ۾ تبديل ٿي چڪو آهي: سيد سجاد علي شاهه

حيدرآباد (پ ر) سافڪو کي عالمي مڃتا طور وومينءَ چيمپئن شپ 2026 ع جو ايوارڊ ملڻ جي خوشيءَ ۾ حيدرآباد آفيس ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو جي باني صدر ۽ سي اي او ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو چيو ته عالمي سطح تي مڃتا رات جي ڀيٽ ۾ حاصل نٿي ٿئي. اها گڏيل ڪوشش، عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو نتيجو هوندي آهي هن چيو ته واضح سوچ، مقصد، اعتماد، حوصلو، علم ۽ خيالن کي عملي شڪل ڏيڻ جي صلاحيت پائيدار ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي. سافڪو جي سفر جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر ابڙو چيو ته اداري محدود وسيلن سان ڪم جي شروعات ڪئي ۽ ڏکئي سياسي ۽ سماجي ماحول ۾ ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏنو هن چيو ته شروعاتي سالن ۾ مناسب سامان، مالي وسيلن ۽ سهولتن جي کوٽ باوجود سافڪو پنهنجي مقصد لاءِ پرعزم رهيو ۽ ثابت قدمي ۽ اعتماد سان اڳتي وڌندو رهيو هن چيو ته سافڪو عورتن جي ترقي ۽ معاشي بااختياريءَ لاءِ ڏکئي عرصي کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سنڌ سميت پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ عورتن جي حقن، صنفي برابري، عورتن جي معاشي شموليت ۽ غيرت جي نالي تي قتل جهڙن مسئلن بابت مختلف پروگرام ڪيا ويا آهن هن بيجنگ ڪانفرنس کانپوءِ عورتن جي عالمي ترقيءَ واري عمل ۾ پنهنجي شرڪت جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ چيو ته ان کانپوءِ سافڪو جي ڪم کي مختلف قومي ۽ عالمي فورمن تي پيش ڪيو ويو ڊاڪٽر ابڙو چيو ته هي عالمي ايوارڊ ڪنهن هڪ فرد جي ڪاميابي نه پر سافڪو سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي هن چيو ته هي اعزاز سافڪو جي مشن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ مالي شموليت توڙي جامع ترقيءَ لاءِ مسلسل ڪم جاري رکڻ جي اضافي ذميواري پڻ وڌائي ٿو ان موقعي تي سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپنيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه چيو ته سافڪو جي اها ڪاميابي ڏاڍي ڪوشش جو نتيجو آهي ۽ چئن کان ساڍن چئن ڏهاڪن تي پکڙيل هڪ ڏکئي سفرجو ثمر آهي جنهن دوران ڏکين سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ ڪم ڪرڻ پاڻ هڪ وڏو چئلينج هيو هن چيو ته سافڪو 1994ع ۾ رڳو 5 هزار رپين سان مالي خدمتن جو سفر شروع ڪيو ۽ اڄ اهو ادارو اربين رپين جا مالي معاملا سنڀاليندڙ اداري ۾ تبديل ٿي چڪو آهي هن عالمي ايوارڊ کي اداري جي ڏکيي جدوجهد، ثابت قدمي ۽ عزم جو اعتراف قرار ڏنو

جماعت اسلامي جي سڏ تي سڪرنڊ شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال

هڙتال سبب سڪرنڊ شهر جي اهم ڪاروباري مرڪز بند رهيا، واپارين جي حمايت

جماعت اسلامي جي اڳواڻن جي قيادت ۾ ڪاروباري مرڪزن جو موٽر سائيڪل ذريعي گشت

سڪرنڊ (ن ع) امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي سڪرنڊ شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي، جنهن جي واپارين پاران ڀرپور حمايت ڪري ڪاروباري مرڪز بند رکيا. هڙتال دوران شهر جو ڪاروباري نظام مڪمل طور بند رهيو واپارين ۽ جماعت اسلامي پاران حڪومت کان پيٽروليم شين تي لاڳو ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ۽ عوام کي وڌندڙ مهانگائي بابت رليف فراهم ڪرڻ جا مطالبا ڪيا ويا آهن هڙتال سبب سڪرنڊ شهر جي اهم ڪاروباري مرڪز بند رهيا جن ۾ شاهي بازار، ابرار مارڪيٽ، سونارا بازار، عبدالغفار مڱسي روڊ، قاضي احمد روڊ، محراب پور روڊ، قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ ۽ موبائل مارڪيٽ شامل هئا جڏهن ته جماعت اسلامي جي اڳواڻن راشد مڪرم، راڄو ڏيپر ۽ عاشق پٺاڻ جي اڳواڻيءَ ۾ شهر جي مک ڪاروباري مرڪزن جو موٽر سائيڪل ذريعي گشت پڻ ڪيوجيڪو چانڊيو پمپ کان قاضي سرفراز ميمڻ تائين پڻ پهتو هوڙائنهن ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سڪرنڊ شهر جي اهم چوراهن ۽ مرڪزي هنڌن تي پوليس جي اضافي نفري مقرر ڪئي وئي آهي

CREATIVE MINDS SCHOOL
بلال محر جنرل اسٽور
PEPSI
سڪرنڊ جماعت اسلامي جي سڏ تي سڪرنڊ شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي

سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جامشورو پاران مظاهرو

ڊي سي جامشورو ۽ اي سي جي سوسائٽي معاملن ۾ بيجا مداخلت خلاف مظاهرو ڪيو ويو

يونيورسٽي ملازمن جي هائوسنگ سوسائٽي جي معاملن ۾ ڊي سي ۽ اي سي مداخلت بند ڪن: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جامشورو پاران ڊي سي جامشورو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي سوسائٽي معاملن ۾ بيجا مداخلت خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون چيئرمين نثار احمد سميجو،صدر پروفيسر نذير احمد گوپانگ، جنرل سيڪريٽري منور علي ناريجو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ڊي سي جامشورو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر يونيورسٽي ملازمن جي هائوسنگ سوسائٽي جي معاملن ۾ بيجا مداخلت ڪري رهيا آهن ۽ مسلسل سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي انتظاميا تي دٻاءُ وجهي رهيا آهن ته سوسائٽي ۾ ملازمن لاءِ ٺهندڙ دڪانن جو نقشو رد ڪيو وڃي. هنن چيو ته سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي 0.75 ايڪڙ ايراضي تي سمورين قانوني تقاضائون پوريون ڪري مارڪيٽ تعمير ڪئي پئي وڃي جيڪا سوسائٽي جي ميمبرن کان قرض حسنا وٺي ٺاهي پئي وڃي ۽ تعمير ٿيندڙ ميمبرن کي ڏنا ويندا جنهن تي ڊي سي جامشورو ۽ اي سي پاران اعتراض غلط آهن هنن چيو ته ڊي سي جامشورو پاران ٺهندڙ مارڪيٽ تي اعتراضن پٺيان نيب زده اڳوڻا سوسائٽي جا عهديدار آهن جن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته ڊي سي جامشورو ۽ اي سي جي اعتراضن جو نوٽيس وٺي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي

حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر جي صدارت هيٺ اجلاس

ضلعي ۾ جاري منصوبن، سرگرمين، اڳڀرائي ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين بابت بريفنگ

سمورا انساني همدردي جا ڀائيوار پنهنجون سرگرميون ضلعي انتظاميا سان هم آهنگ رکن: ڊي سي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر جي صدارت هيٺ انساني همدردي جي ڀائيوارن اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جي ادارن سان اجلاس ٿيو. ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته ضلعي مٽياري ۾ انساني همدردي جي منصوبن ۽ ترقياتي سرگرمين ۾ اثرائتي رابطي، شفافيت ۽ ادارن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻايو وڃي. جڏهن ته اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جا ادارا پنهنجي جاري سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت ضلعي انتظاميا کي باقاعدگي سان آگاهه ڪن هن چيو ته ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سمورا انساني همدردي جا ڀائيوار پنهنجون سرگرميون ضلعي انتظاميا سان هم آهنگ رکن ته جيئن عوام کي فراهم ٿيندڙ سهولتن ۽ امدادي سرگرمين جا فائدا اثرائتي نموني حقدار ماڻهن تائين پهچي سگهن اجلاس ۾ مختلف اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جي ادارن پاران ضلعي مٽياري ۾ جاري منصوبن، سرگرمين، اڳڀرائي ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني وئي جڏهن ته گڏيل رابطي ۽ مستقبل جي سرگرمين بابت معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ضلعي مٽياري ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز، آءِ اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي

مٽياري ڊي سي محمد دانش ذاڪر جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ عالمي مجلس تحفظ ختمِ نبوت پاران ريلي

تحفظِ ختمِ نبوت جي سلسلي ۾ مولانا محمد ابراهيم سومرو جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي

ملڪ ۾ مذهبي معاملن بابت آئين ۽ قانون جي پاسداري کي يقيني بڻايو وڃي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ تحفظِ ختمِ نبوت جي سلسلي ۾ عالمي مجلس تحفظ ختمِ نبوت پاران ريلي نڪتي ريلي کي اڳواڻن مولانا محمد ابراهيم سومرو، مولانا محمد يونس، محمد امين قادري، عبدالباسط، مولانا جمال الدين ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ختمِ نبوت مسلمانن جي ايمان جو بنيادي حصو آهي ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صه کي آخري نبي مڃڻ هر مسلمان جي عقيدي جو لازمي جزو آهي هنن چيو ته ملڪ ۾ مذهبي معاملن بابت آئين ۽ قانون جي پاسداري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سمورن شهرين جي قانوني حقن ۽ ذميوارين جو احترام ڪيو وڃي هنن چيو ته تحفظ ختمِ نبوت جي حوالي سان عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ پرامن ۽ آئيني طريقي سان جدوجهد جاري رکي ويندي.ان موقعي تي آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي، امن استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي

7 ستمبر 1974
ختم نبوت زنده باد
ٽنڊو محمد خان ۾ تحفظ ختمِ نبوت جي سلسلي ۾ عالمي مجلس تحفظ ختمِ نبوت پاران ريلي نڪتي ريلي کي اڳواڻ خطاب ڪندي

سيبس يونيورسٽي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ٽيون اجلاس، نصاب ۾ سڌارن ۽ نون پروگرامن جي منظوري

اڪيڊمڪ ڪائونسل چار سالا بيچلر آف فائن آرٽس ۽ ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامجي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني

اجلاس ۾ فائن آرٽس شعبي جي اٺين سيمسٽر جي فائنل ٿيسز پروجيڪٽن جي جاچ پڙتال جي معيار جي پڻ منظوري ڏني وئي

شعبي جي مختلف پروگرامن لاءِ تجويز ڪيل اسڪيم آف اسٽڊيز کي پڻ غور هيٺ آڻي وڌيڪ عملدرآمد لاءِ منظور ڪيو

جامشورو سيبس يونيورسٽي جي وي سي ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو گلاڻي جي صدارت ڪندي

جامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس)يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز جامشورو جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ٽيون اجلاس وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪيترن ئي اهم تدريسي ۽ نصابي معاملن جو جائزو وٺي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ خاص طور تي هائر ايجوڪيشن ڪميشن (هيڪ) جي پاليسين سان هم آهنگ ڪندي تعليمي پروگرامن کي جديد بڻائڻ، آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ، نون ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام متعارف ڪرائڻ ۽ مختلف شعبن جي اسڪيمن ۽ ڪورس مواد ۾ ترميم ڪرڻ تي غور ڪيو ويو. اڪيڊمڪ ڪائونسل چار سالا بيچلر آف فائن آرٽس،ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامجي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني جيڪي 2025ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ لاڳو ٿيندا اهي اسڪيمون هيڪجي انڊر گريجوئيٽ ايجوڪيشن پاليسي 2025ع ۽ نظرثاني ٿيل فائن آرٽس نصاب مطابق تيار ڪيون ويون آهن ان سان گڏ فائن آرٽس شعبي جي اٺين سيمسٽر جي فائنل ٿيسز پروجيڪٽن جي جاچ پڙتال جي معيار جي پڻ منظوري ڏني وئي آرڪيٽيڪچر شعبي بابت ڪائونسل بيچلر آف آرڪيٽيڪچر پروگرام جي ٽئين کان پنجين سال تائين نظرثاني ٿيل ڪورس مواد، پروگرام ايجوڪيشنل آبجيڪٽوز، پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمزءِ 2025ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊيز جي منظوري ڏني پهرين سال جي پهرين ۽ ٻي سيمسٽر جي ڪورس مواد جي پڻ منظوري ڏني وئي انٽيريئر ڊيزائنجي شعبي ۾ ڪائونسلبيچلر آف انٽيريئر ڊزائنپروگرام لاءِ 2025ع کان اڳتي ايندڙ بيچزجي نظرثاني ٿيل اسڪيم آف اسٽڊينپروگرام ايجوڪيشنل آبجيڪٽوز، پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمزجي منظوري ڏني جڏهن ته فائونڊيشن ايئر ۽ ڇهين کان اٺين سيمسٽر تائين نظرثاني ٿيل ڪورس مواد پڻ منظور ڪيو ويو ان کان علاوه 2026ع کان شروع ٿيندڙ بيچز لاءِ ٻن سالن واري ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام ۽ ان جي پهرين سال جي ڪورس مواد جي پڻ منظوري ڏني وئي بيچلر آف آرڪيٽيڪچر ۽ انٽيريئر ڊزائن پروگرامن لاءِ انٽرنشپ جي ضابطن کي پڻ منظور ڪيو ويو ڪائونسلڊيپارٽمينٽ آف ٽيڪسٽائل ڊيزائن بيچلر آف ٽيڪسٽائل ڊيزائن ۽ بيچلر آف فيشن ڊيزائن پروگرامن جي مشن اسٽيٽمينٽس جي منظوري پڻ ڏني، جڏهن ته ٽيڪسٽائل ڊيزائن شعبي لاءِ اسٽريٽجڪ پلان جي رخ جي پڻ منظوري ڏني وئي هيڪ جي نظرثاني ٿيل نصاب مطابق 2025ع جي بيچ لاءِ پهرين ۽ ٻي سيمسٽر جي نصاب جي منظوري ڏني وئي ان سان گڏ ٽيڪسٽائل ڊيزائن ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرام ۽ ان جي چئن سيمسٽرن جي نصاب جي پڻ منظوري ڏني وئي ڪميونيڪيشن ڊيزائن شعبي بابت ٻن نون ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامن شروع ڪرڻ لاءِ پيش ڪيل سفارشن جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته شعبي جي مختلف پروگرامن لاءِ تجويز ڪيل اسڪيم آف اسٽڊيز کي پڻ غور هيٺ آڻي وڌيڪ عملدرآمد لاءِ منظور ڪيو ويو اجلاس ۾ 2026ع ۽ ان کان پوءِ لاءِ سيمسٽر ۽ امتحاني ضابطن جو پڻ جائزو وٺي سفارش ڪئي وئي ان کان علاوه فال 26-2025 ۽ فال 2026 جي داخلا سيشنن لاءِ داخلا پاليسين جي منظوري ڏني وئي، جڏهن ته 26-2025 جي اڪيڊمڪ ڪئلينڊر جي پڻ توثيق ڪئي وئي. اڪيڊمڪ ڪائونسلهيڪيارانٽ انڊر گريجوئيٽ آرٽ ۽ ڊيزائن پروگرامن ۾ پروگرام لرننگ آئوٽ ڪمزذريعي گريجوئيٽ خاصيتن کي معياري بڻائڻ ۽ آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشنلاڳو ڪرڻ بابت پڻ غور ڪيو ان سان گڏ انڊسٽريل ريوولوشن 5.0 جي تناظر ۾ ڊگري پروگرامن ۽ نصاب جو جائزو وٺڻ لاءِ قائم ڪيل نيشنل ٽاسڪ فورسجي مقصدن ۽ جوڙجڪ جو پڻ جائزو ورتو ويو هيڪجي معياري فريم ورڪ مطابقسيبسيونيورسٽي جي سمورن بيچلر ڊگري پروگرامن لاءِ معياري ڪورس ڪوڊنگ پيٽرن تي پڻ غور ڪيو ويو اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي ڊپٽي سيڪريٽري لبيڪا اڪرام، اڪيڊمڪ ڪائونسل جي نامزد ميمبرن بابر اين شيخ آرڪيٽيڪٽ ماريا اسلم ۽ ذاڪرين حسين، قائم مقام رجسٽرار محمد سليمان ڀٽو مختلف تعليمي شعبن جي سربراهن شوڪت علي ڪوڪر، محمد سليم جهتيال ۽ آرڪيٽيڪٽ فهد شمس نظاماڻي، فيڪلٽي ميمبرن فضل الاهي خان، راجڪمار، زبير احمد ڀٽو صبا قيوم لغاري ۽ رابعه پير بخش، سينيئر لائبريرين سيد غلام مرتضيٰ شاهه انچارج امتحانات منور حسين لغاري ۽ ڊائريڪٽر ڪيو اي سي ڊاڪٽر شبينا شيخ مبصر طور شرڪت ڪئي.ان موقعي تي آرڪيٽيڪٽ عرفان بروهي ۽ چندر ڪمار پڻ پنهنجن لاڳاپيل شعبن بابت تفصيل ڏنا.

درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جو ساليانو ميلو اڄ کان شروع، انتظام مڪمل

ميلي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مريدن، عقيدتمندن ۽ زائرين جي وڏي لنگد ۾ آمد جو سلسلو جاري

درگاهه تي چادر چاڙهي ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ دعائون گهريون وينديون، زائرين کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون: انتظاميه

درگاهه جي اڱڻ تي مولودن ۽ مشهور فنڪارن جي محفل، ملاکڙو مقابلن ۽ هار سينگار جا دڪان ۽ اسٽال لڳل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جو ساليانو ميلو هر سال جيان هن سال به وڏي عقيدت، احترام ۽ ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي. ميلو هن سال 22، 23 ۽ 24 ربيع الاول مطابق 4، 5 ۽ 6 سيپٽمبر 2026ع، جمع، ڇنڇر ۽ آچر تي ڳوٺ شاهه بخاري، شاهه بخاري روڊ، پام وليج ٻاءِ پاس لنڪ، تعلقو حيدرآباد ڀهراڙي، ضلعي حيدرآباد ۾ ملهايو پيو وڃي. ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ هن ميلي ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان مريدن عقيدتمندن ۽ زائرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ۽ درگاهه تي حاضري پڻ جو سلسلو جاري آهي. درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جو ساليانو ميلو علائقي جي اهم روحاني ۽ ثقافتي سرگرمين مان هڪ آهي، جنهن ۾ هر سال سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عقيدتمند وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. ميلي جي موقعي تي درگاهه ۽ ڀرپاسي واري علائقي ۾ خاص رونق نظر ايندي، جڏهن ته مختلف هنڌن تي دڪان ۽ اسٽال قائم ٿيڻ سان ميلي جو ماحول وڌيڪ رنگين ۽ پرڪشش بڻجي ويو آهي. ميلي جي اهم رسمن ۾ درگاهه حضرت ابراهيم شاهه بخاريءَ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ جي رسم پڻ شامل هوندي، ان سان گڏ عقيدتمند مزار تي گلن جون چادرون چاڙهي فاتحه خواني ڪندا ۽ پنهنجي لاءِ ملڪ ۽ سنڌ جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ دعائون گهرندا. سنڌ جي مختلف علائقن مان ايندڙ مريدن ۽ عقيدتمندن لاءِ درگاهه تي حاضري پڻ روحاني عقيدت جو اهم حصو هوندو. ميلي دوران مولود شريف جي خاص محفل پڻ منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ مولودي ۽ نعت خوان حضور اڪرم ﷺ جي شان ۾ مولود شريف، نعتون ۽ عقيدت جا ڪلام پيش ڪندا. محفل ۾ وڏي انگ ۾ عقيدتمند شرڪت ڪندا. ميلي جي هڪ اهم ڪشش صوفي ۽ سنڌ جي مشهور فنڪارن جي محفل پڻ هوندي، سنڌ جي مشهور صوفي فنڪارن ۽ راڳين پاران صوفي شاعرن جو ڪلام ۽ سنڌي لوڪ گيت پيش ڪيا ويندا، جنهن سان ميلي ۾ سنڌ جي صوفي روايت ۽ ثقافتي رنگن جي خوبصورت عڪاسي ٿيندي. ميلي ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙو پڻ منعقد ڪيو ويندو جيڪو ميلي جي خاص رونقن مان هڪ هوندو جنهن کي ڏسڻ لاءِ مختلف علائقن مان ايندڙ ماڻهو وڏي دلچسپي سان ملاکڙي جي ميدان جو رخ ڪندا. مختلف علائقن جا پهلوان ملاکڙي ۾ حصو وٺي پنهنجي طاقت ۽ مهارت جو مظاهرو ڪندا، جڏهن ته شوقين پهلوانن جي مقابلي مان لطف اندوز ٿيندا. ان کان علاوه ميلي ۾ مذهبي ۽ ثقافتي پروگرامن سان گڏ مٺائين جا دڪان پڻ قائم ڪيا ويندا. ميلي ۾ ماڻهن جي وڏي انگ کي نظر ۾ رکندي حيدرآباد ضلعي انتظاميا، ميئر حيدرآباد سردار ڪاشف علي شورو، ايم پي اي ۽ آبپاشيءَ وارو صوبائي وزير جام خان شورو، پ پ اڳواڻ سردار بلاول خان شورو ۽ ٻين پاران ميلي ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل انتظاميه کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.

ٽنڊو جام لڳ پرائمري اسڪول الله بچايو ميربحر عمارت ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم

عمارت ۽ بنيادي سهولتون موجود نه هجڻ سبب ٻار سخت گرمي ۽ سياري جي ٿڌ ۾ ڇپري هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور

اسڪول جي موجوده عمارت انتهائي زبون حال ٿي چڪي آهي ۽ ٻارن لاءِ اتي ويهڻ نهايت خطرناڪ آهي: محمد جمن مگسي

سمورا شاگرد سنڌي ڳالهائيندڙ آهن ۽ هڪ مقرر استاد اردو ميڊيم هجڻ ڪري ٻارن کي پڙهائي سمجهڻ ۾ پڻ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي

ٽنڊو جام پرائمري اسڪول الله بچايو ميربحر عمارت نه هجڻ سبب ٻار ڇپري جي هيٺيان تعليم پرائي رهيا آهن

ٽنڊو جام (ت ر) ڳوٺ ولي محمد مگسي ۾ قائم الله بچايو ميربحر پرائمري اسڪول جي لڳ ڀڳ 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ عمارت ۽ بنيادي سهولتون موجود نه هجڻ سبب هو سخت گرمي ۽ سياري جي ٿڌ ۾ ڇپري هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. ڳوٺ جي چڱي مڙس محمد جمن مگسي موجب اسڪول جي موجوده عمارت انتهائي زبون حال ٿي چڪي آهي ۽ ٻارن لاءِ اتي ويهڻ نهايت خطرناڪ آهي، جنهن ڪري منهنجي اوطاق ۾ اسڪول قائم ڪري ٻارن جي تعليم جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. هن چيو ته اسڪول ۾ بجلي، واش روم، بليڪ بورڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون به موجود ناهن جڏهن ته سمورا شاگرد سنڌي ڳالهائيندڙ آهن ۽ هڪ مقرر استاد اردو ميڊيم هجڻ ڪري ٻارن کي پڙهائي سمجهڻ ۾ پڻ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي. هن چيو ته سرڪاري رڪارڊ موجب اسڪول ۾ ٻيا 2 استاد ۽ هڪ پٽيوالو به مقرر ٿيل آهن پر اهي گذريل 10 سالن کان اسڪول اچن ئي نٿا، جنهن سبب شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته مسئلي بابت تعليم کاتي جي اختيارين کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو ويو پر اڃا تائين ڪو عملي قدم نه کنيو ويو آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه، تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسڪول لاءِ نئين عمارت تعمير ڪرائي بجلي، واش روم، بليڪ بورڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جڏهن ته غير حاضر رهندڙ استادن خلاف ڪارروائي ڪري ٻارن جي تعليم يقيني بڻائي وڃي.

نيشنل بينڪ پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي)نيشنل بينڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 279.24 رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.24، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.04 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.14 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.37 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.40 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته جاپاني ين جي وڪري جواگهه 1.7699 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7490 رپيا رهيو

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ جنسن جي اگهه ۾ گهٽتائي، سون ۽ چانديءَ جي اگهه ۾ واڌ جو لاڙو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي جو لاڙو جڏهن ته سون ۽ چاندي جي اگهه ۾ اضافي جو لاڙو رهيو ميڊيا رپورٽن موجب ڪموڊٽي مارڪيٽ ۾ سرگرمين دوران آمريڪي ڪچي تيل ڊبليو ٽي آءِ ڪروڊ جا آڪٽوبر لاءِ سودا 0.94 ڊالرز جي گهٽتائي سان 90.07 ڊالرز في بيرل ۽ برينٽ آئل سي ڪروڊ جا نومبر لاءِ سودا 1.04 ڊالر جي گهٽتائي سان 94.59 ڊالرز في بيرل ۾ طئہ ٿيا. سون جو اگهه 60.60 ڊالرز جي اضافي سان 4475.20 ڊالرز في اونس ۾ طئہ ٿيو جڏهن ته چاندي جو اگهه هڪ ڊالر جي اضافي سان 66.47 ڊالر في اونس تي پهچي ويو جنسن جي اگهه ۾ پڻ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي مڪئي جا ڊسمبر لاءِ سودا 3.50 ڊالر جي گهٽتائي سان 540.00 في بشل ۽ ڪڻڪ جا ڊسمبر لاءِ سودا 2.50 ڊالر جي گهٽتائي سان 771.50 ڊالر في بشل ۾ طئہ ٿيا.

ڏگهڙي ۾ به پيٽروليم شين تي ليوي ٽيڪس خلاف هڙتال

جماعت اسلامي پاڪستان جي سڏ تي شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي

صبح سوير کلندڙ ڊيرين، ناشتي ۽ چانهه جا هوٽل پڻ مڪمل طور بند رهيا

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ به پيٽروليم شين تي ليوي ٽيڪس خلاف جماعت اسلامي پاڪستان جي سڏ تي ملڪ گير هڙتال جي موقعي تي مڪمل هڙتال رهي شهر جون سمورون ننڍيون وڏيون مارڪيٽون واپاري مرڪز صبح سوير کلندڙ ڊيرين، ناشتي ۽ چانهه جا هوٽل پڻ مڪمل طور بند رهيا.ڏگهڙي ۾ موبائل مارڪيٽ، شاهي بازار، صرافه بازار، ميڊيسن مارڪيٽ، ميرواهه روڊ، ڪلاٿ مارڪيٽ، اسٽيشن روڊ، ٽنڊو غلام علي روڊ، ٽنڊو باگو روڊ، غريب آباد، الله آباد ڪالوني ۽ محمدي چوڪ سميت سمورا ڪاروباري مرڪز پرامن ۽ مڪمل طور بند رهيا.ان موقعي تي جماعت اسلامي ڏگهڙي تعلقي جي امير محمد طاهر جاٽ، ڏگهڙي سٽي جي امير شڪيل احمد غوري، جنرل سيڪريٽري محمد عالم جت، ڊسٽرڪٽ ايڊ ڪميٽي جي صدر محمد ياسين گجر اشرف قائمخاني ۽ ٻين اڳواڻن ڏگهڙي ۾ ڪامياب، مڪمل ۽ پرامن هڙتال تي واپاري برادري، واپاري تنظيمن، دڪاندارن ۽ شهرين جا ٿورا مڃيا.ان موقعي تي ڪارڪنن ۽ شهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم ليوي ٽيڪس خلاف ڏگهڙي سميت سڄي ملڪ ۾ ٿيندڙ پرامن ۽مڪمل هڙتال نااهل ۽ ڪرپٽ حڪمرانن جي ناڪام معاشي پاليسين خلاف عوامي ريفرنڊم ۽ نوشتِ ديوار آهي حڪمران هوش کان ڪم وٺن عوام جي زندگي اجيرڻ بڻجي چڪي آهي جڏهن ته بدترين مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.هنن چيو ته جيڪڏهن پرامن ڌرڻن احتجاجن ۽ هڙتالن باوجود حڪمرانن پنهنجي نااهلي ڪرپشن ۽ مهانگائي جو خاتمو نه آندو ته حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي سڄي ملڪ مان قافلا اسلام آباد جو رخ ڪندا ۽ پوءِ اها عوامي تحريڪ "حڪمران ڀڄايو ملڪ بچايو" تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويندي، جيڪا ڪرپٽ حڪمرانن جي ناجائز حڪومت جي خاتمي تائين جاري رهندي.ان موقعي تي ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ڪارڪن وقفي وقفي سان "پيٽروليم ليوي نامنظور مهانگي بجلي نامنظور مهانگو اٽو نامنظور مهانگي دوا نامنظور" ۽ "جيستائين ٻڪ ۽ بدحالي رهندي، جنگ رهندي، جنگ رهندي" جا نعرا هڻندا رهيا.بعد ۾ ڪامياب هڙتال ۽ ريلي ڪانپوءِ جماعت اسلامي پاران صبح جو ڏهين وڳي ڏگهڙي شهر ۾ ڪاروبار کولڻ جي اپيل ڪئي وئي.

ڏگهڙي جماعت اسلامي جي سڏ تي شٽر بند هڙتال جو ڏيک

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 04 سيپٽمبر 2026ع

3 ارب ڊالر جو يوروبانڊ: اعتماد جي بحالي يا قرض جو نئون بار؟

پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي مالي مارڪيٽن جو دروازو کڙڪايو آهي ۽ ساڍن پنجن سالن ۽ ڏهن سالن واري يوروبانڊ ذريعي مجموعي طور 3 ارب ڊالر حاصل ڪيا آهن. ساڍن پنجن سالن واري بانڊ مان 1.75 ارب ڊالر ۽ ڏهن سالن واري بانڊ مان 1.25 ارب ڊالر حاصل ٿيا، جڏهن ته انهن تي ترتيبوار 7.50 ۽ 7.90 سيڪڙو ڪوپن ريٽ مقرر ڪيو ويو آهي. حڪومت لاءِ يقيناً هيءَ ڪاميابي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي سيڙپڪارن جي دلچسپي کي پاڪستان جي معيشت تي بحال ٿيندڙ اعتماد جي علامت قرار ڏنو پيو وڃي. پر هن ڪاميابي کي رڳو 3 ارب ڊالر ملڻ تائين محدود ڪري ڏسڻ بدران ان جي ڊگهي مدي وارن اثرن تي به سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ ضروري آهي. يوروبانڊ جي جاري ٿيڻ مان سڀ کان اهم پيغام اهو مليو ته پاڪستان عالمي سرمائي مارڪيٽ مان مڪمل طور ڪٽيل ناهي رهيو. ڪجهه عرصي تائين معاشي بحران، پرڏيهي ناڻي جي کوٽ، ادائگين جي توازن ۽ ڪريڊٽ ريٽنگ بابت خدشن سبب پاڪستان لاءِ عالمي مارڪيٽن مان قرض حاصل ڪرڻ آسان نه رهيو هاڻي جيڪڏهن مختلف کنڊن مان سيڙپڪار پاڪستان جي بانڊ ۾ دلچسپي ڏيکارين ٿا ۽ آرڊر بڪ جاري ڪيل رقم کان به ڀيرا وڌيڪ رهي ٿو ته ان کي عالمي مارڪيٽ ۾ پاڪستان بابت بدلجندڙ تاثر جي حيثيت سان ضرور ڏسي سگهجي ٿو پر هتي هڪ بنيادي سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا عالمي اعتماد جي بحاليءَ جو مطلب، ملڪي معيشت جي بنيادي مسئلن جو حل به آهي؟ جواب ايترو سادو ناهي. بانڊ ذريعي حاصل ٿيندڙ رقم آمدني نه، پر قرض آهي، جيڪو مقرر مدي کان پوءِ واپس ڪرڻو پوندو، ان تي هر سال وياج يا ڪوپن جي ادائگي به ڪرڻي پوندي. تنهن ڪري 3 ارب ڊالر جو اچڻ هڪ طرف مالي سهارو آهي ته ٻئي طرف مستقبل جي ذميواري پڻ آهي. حڪومت جو اهو موقف اهم آهي ته يوروبانڊ جاري ڪرڻ ڏن سالن واري گلوبل ميڊيم ٽرم نوٽ حڪمت عملي جو حصو آهي، جنهن جو مقصد قرض جي ميچورٽي جو مدو وڌائڻ ۽ ريفنانسنگ يا رول اوور جو خطرو گهٽائڻ آهي. جيڪڏهن مختصر مدي وارا قرض ڊگهي مدي وارن قرضن سان تبديل ٿين ٿا ته يقيناً فوري ادائگين جو دٻاءُ گهٽجي سگهي ٿو پر اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن ان سان گڏ ملڪ جي برآمدي آمدني، صنعتي پيداوار ۽ پرڏيهي ناڻي جا مستقل ذريعا به وڌن. پاڪستان جي معاشي مسئلن جي پاڙ رڳو قرض حاصل ڪرڻ جي کوٽ ۾ ناهي، پر قرض واپس ڪرڻ جي صلاحيت ۾ آهي. جيڪڏهن ملڪ پراڻا قرض لاهڻ لاءِ نوان قرض ڪڻندو رهي ته اهو چڪر ڪڏهن ختم نه ٿيندو. ان ڪري يوروبانڊ جي ڪاميابيءَ کي معاشي منزل نه پر معاشي سفر جو هڪ وسيلو سمجهڻ گهرجي.

ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب موجب اپريل 2025 کان پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ ٽي ڀيرا بهتري آئي آهي. اها ڳالهه به يقيناً اميد افزا آهي. عالمي ريٽنگ ادارن جو اعتماد وڌڻ سان مستقبل ۾ پاڪستان لاءِ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي نسبتاً آسان ٿي سگهي ٿي ۽ قرض حاصل ڪرڻ جا شرط به بهتر ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿئي ٿو پر ريٽنگ ۾ بهتريءَ کي برقرار رکڻ لاءِ مالي نظم، سياسي استحڪام، پاليسين جو تسلسل ۽ معيشت ۾ سڌارا لازمي آهن. ان سلسلي ۾ ٽيڪس نظام جي اصلاح انتهائي اهم آهي. ملڪ جي مالي خودمختياريءَ جو بنياد مضبوط ٽيڪس نظام تي ئي رکي سگهجي ٿو جيڪڏهن حڪومت کي هر سال خرچ پورا ڪرڻ، قرضن جون قسطون ادا ڪرڻ ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ ٻيهر قرض وٺڻو پوي ته معاشي آزادي جو خواب اڌورو رهندو ٽيڪس جو دائرو وڌائڻ، ٽيڪس چوري روڪڻ، دستاويزي معيشت کي هٿي ڏيڻ ۽ ٽيڪس نظام کي سادو ۽ منصفاڻو بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ساڳي وقت حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته نون قرضن مان حاصل ٿيندڙ رقم ڪهڙي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿي. جيڪڏهن پرڏيهي قرض رڳو پراڻن قرضن جي ادائگي ۽ روزمره جي خرچن ۾ جذب ٿي وڃن ته ملڪ جي پيداواري صلاحيت ۾ ڪو نمايان اضافو نه ٿيندو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن وسيلن کي توانائي، زراعت، صنعت، برآمدات، انفرااسٽرڪچر ۽ انساني وسيلن تي خرچ ڪيو وڃي ته اهي مستقبل ۾ آمدني پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. اسين سمجهون ٿا ته اصل معاشي خودمختياري اها ناهي ته دنيا پاڪستان کي قرض ڏيڻ لاءِ تيار هجي، بلڪ اصل خودمختياري اها آهي ته پاڪستان کي بار بار قرض وٺڻ جي ضرورت ئي نه پوي.

آه! وضعدار ۽ بهادر يحيٰ پولاني!


محمود شام

روشنيءَ جي شهر جي هڪ ٻي روشني وسامي وئي. شهر قائد جي هڪ سگهارو آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو وضعداريءَ جي روشن روايتن مان هڪ روايت به موڪلائي وئي. پوري طاقت، مڪمل اعتماد، پختي يقين، بنا ڪنهن خوف ۽ شعور سان هر هنڌ هن شهر، هن صوبي ۽ هن ملڪ جي بهتري ۽ استحڪام لاءِ آواز بلند ڪندڙ يحيٰ پولاني به هليو ويو. اڄ جي نفرتن، ڇڪتاڻ، بدگمانين ۽ نفسا نفسيءَ واري دور ۾ ته اهڙين شخصيتن جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي پر نرم مزاج ۽ ساڳئي وقت دبنگ طبيعت رکندڙ ماڻهو موجوده منافقت ڀرئي ماحول کان بيزار به ٿي ويا آهن. سچ پوکيندڙن لاءِ ڪوڙ جي فصل لڻڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ميمڻ برادريءَ ۾ هڪ سناٽو ڇانيل آهي. ڪارادر، ميٺادر، رنڇوڙ لائين، جوبليءَ جي گهٽين ۽ گهرن تي اداسي جڻ پنهنجا وار کوليو سمهي پئي آهي. رات جا ٽي وڳي هئا. موبائل جي اسڪرين اوچتو روشن ٿي. خواجا جهانزيب جي واٽس ايپ. اطلاع ڏنو ته سفر جي دنيا جي هڪ سرگرم ۽ متحرڪ شخصيت هن دنيا کان ابدي سفر تي روانو ٿي ويو آهي. ان ڪانءِ جڻ سڄي اسڪرين تي اونده پکڙجي وئي.

گهڻيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. رڳو هوائي سفر جي حوالي سان نه پر انهن برادرين جي به، جن ڪراچيءَ کي ڪراچي بڻايو؛ انهن ڪاروباري حلقن جي به، جن ڪراچيءَ ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ انهن گڏجاڻين جون به، جن ۾ ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ۾ صنعتڪارن ۽ واپارين وچ ۾ ويجهڙائپ ۽ لاڳاپا مضبوط ڪيا ويندا هئا. اظهار جي آزاديءَ لاءِ سندس دردمنديءَ جا ڪيترائي واقعا به ذهن جي پردي تي تري اچڻ لڳا آهن سندس منجهند جي دسترخوان تي شهر جون چونڊيل ۽ نمايان شخصيتون مهمان ٿينديون هيون ۽ اهو دسترخوان هر ڪنهن لاءِ عام دعوت وانگر هوندو هو. دنيا جي حالتن تي کلي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. ملڪ ۾ سياحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ به ڪيتريون ئي رسمي ۽ غير رسمي گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. منهنجي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن ڏهاڪن کان اها ڪوشش، بلڪ دل جي خواهش رهي آهي ته پاڪستان وٽ سياحت جي حوالي سان جيڪي به وسيلا ۽ امڪان موجود آهن، جيڪڏهن حڪومت ۽ ڪاروباري ماڻهو گڏجي هن شعبي کي سنڀالي وٺن ته اسان جا ڪيترائي معاشي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي کوٽ لساني، نسلي ۽ قبائلي هم آهنگيءَ جي آهي. شايد انهيءَ ڪري ئي اسان اڃا تائين هڪ قوم بڻجي نه سگهيا آهيون. پاڪستانيت جو جذبو اڃا تائين مڪمل پختگي حاصل نه ڪري سگهيو آهي.

اڄ جي پاڪستان ۾ جيڪي چار صوبا ۽ به وفاقي وحدتون شامل آهن، انهن سڀني جو پنهنجو پنهنجو شاندار ماضي آهي. علم ۽ ڏاهپ، ثقافت ۽ ادب، تصوف ۽ روحانيت جا بيشمار خزانا انهن علائقن ۾ موجود آهن. هر خطي جون پنهنجيون ڪيتريون ئي صديون پراڻيون تاريخون آهن. پاڪستان ۾ سياحت تاريخي، روحاني، تفريحي، علمي، تحقيقي ۽ جبلن تي چڙهڻ جي پڻ آهي. جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي ملڪي سياحت لاءِ منصوبابندي ڪريون، واضح قاعدا ۽ ضابطا جوڙيون ۽ اها ڪوشش ڪريون ته اسان جي هر نسل پنهنجي ملڪ کي ڏسي، جنهن سان هو پنهنجي مرضيءَ سان شامل ٿيو هجي يا رڳو هتي پيدا ٿيڻ سبب ان سان لاڳاپيل هجي ته پوءِ گهڻو ڪجهه بدلجي سگهي ٿو. جڏهن ماڻهو ملڪ جي هر حسين خطي کي ڏسندا، ان کي سمجهندا ۽ مختلف علائقن جي ماڻهن جي چهرن تي مرڪون ڏسندا ته صوبن وچ ۾ فاصلا ختم ٿيڻ لڳندا. نفرت بدران نوجوانن کي پاڪستان سان وابستگيءَ تي فخر محسوس ٿيندو. يحيٰ پولاني اهڙي ئي جذبي سان سرشار هو. اسان جي ڪيترن ئي نوجوانن کي پنهنجن خوابن جي تعبير سندس هٿن سان ملي. سندس والد محترم صديق پولاني وٽ به اها محبت ساڳي شدت سان موجود هئي، اميد آهي ته هاڻي اهو ئي جذبو ايندڙ نسل ڏانهن به منتقل ٿيندو.

جڏهن عشقِ نبي ﷺ جو مبارڪ ذڪر ٿيندو آهي ته الحاج حنيف بلو جون يادون تازيون ٿي وينديون آهن. مفتي منيب الرحمان سان سندس عقيدت ۽ ويجهڙائپ به ياد اچي ٿي. سردار ياسين ملڪ به عشقِ رسول ﷺ سان سرشار ٿي انهن محفلن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. حضور اڪرم ﷺ سان سمنڊن کان به وڌيڪ گهري عقيدت ميمڻ برادريءَ جو موروثي اثاثو آهي. يحيٰ پولاني به ان جذبي ۾ اڳيرا هو. ميمڻ برادريءَ کي گهڻو ڪري ڪاروباري برادري چيو ويندو آهي. پاڪستان جي تاريخ تي نظر رکندڙ ماڻهو پاڪستاني معيشت جي استحڪام لاءِ ميمڻ برادريءَ جي بنيادي خدمتن کي وساري نٿا سگهن.

معيشت جي تقريبن هر شعبي ۾، بئنڪن کان وٺي ڪپڙي، ڊزائين، فيشن، هائي انفارميشن ٽيڪنالاجي، دوائن، سفر، گاڏين جي صنعت، ڪاڏي پيتي جي صنعت ۽ ننڍي پيماني جي صنعتن تائين ميمڻ برادري اڳيري نظر اچي ٿي. فلاحي خدمتن ۾ به عبدالستار ايڌي، ڇيپا، عالمگير ۽ ڪيترائي ٻيا ادارا هن برادريءَ جي خدمت جو جهنڊو بلند ڪري رهيا آهن. اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ عارف حبيب ۽ ميمڻ برادريءَ جون ڪيتريون ئي نمايان شخصيتون سرگرم آهن. هاڻي عارف حبيب قومي ايئر لائين جي عظمت به ٻيهر بحال ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌ مدرست الاسلام سان لڳو لڳ پاڙيسري 'پولاني ٽريولز' ۾ جڏهن به وڃڻ ٿيندو هو ته ائين محسوس ٿيندو هو جڻ ته هڪ مڪمل زندگي حرڪت ۾ اچي وئي هجي. الله تعاليٰ طرفان اها وڏي مهرباني آهي ته ڪو ماڻهو پنهنجي بندگيءَ جو حق به ادا ڪري، پنهنجي محبوب سان وفا به ڪري ۽ الله جي ٻانهن جي ڏکن ۽ سورن ۾ به شريڪ رهي. ميمڻ برادريءَ جي هر قابل فخر فرزند وانگر يحيٰ پولاني به بنا ڪنهن ذاتي يا برادريءَ جي فرق جي غريب ۽ مستحق خاندانن جي سار سنڀال ۽ مالي مدد رضاڪارانه طور تي ڪندو هو. سفر جي هن دنيا ۾ مون کي الحاج فضل احمد ڪشمير وارو به ياد اچي ٿو تلوار هٽ ۾ ڪٽيل سفيد لباس واريون سندس تصويرون اڄ به ذهن ۾ تري آيون آهن. اخبارن ۾ هر اهم، عالمي ۽ ملڪي واقعي تي سندس طرفان ڏنل اشتهار ياد اچن ٿا. هو پاڪستان ۾ سفري ڪاروبار جي باني ماڻهن مان هڪ هو. جبار خميساڻي به ياد اچي رهيو آهي. رفيق خان ته اڄ به اهي قيمتي خدمتون جاري رکيو پيو اچي. بهرحال يحيٰ پولاني هڪ وضعدار شخص ۽ قدر لائق روايتن جي امين طور دلين ۾ روشن ڏيئي وانگر هميشه روشن رهندو. الله تعاليٰ سندس درجا بلند فرماءِ ۽ سندس وارثن کي به هن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

روس، چين ۽ پاڪستان جي وڌندڙ ويجهڙائپ: ڀارت لاءِ نئين سفارتي آزمائش

اياز وگهيو

دنيا جي بدلجندڙ جيوپوليٽڪس ۾ طاقت جا مرڪز تيزيءَ سان نئين ترتيب اختيار ڪري رهيا آهن هڪ وقت هو، جڏهن عالمي سياست آمريڪا ۽ سوويت يونين جي ٻن قطبن جي چوڌاري گهمندي هئي پر اڄ دنيا هڪ نئين گهڻ قطبي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي چين جي معاشي طاقت، روس جي عسڪري ۽ توانائيءَ واري حيثيت ۽ پاڪستان جي جاگرافيائي اهميت گڏجي ايشيا ۾ هڪ اهڙو نئون اسٽريٽجڪ منظرنامو پيدا ڪري رهيا آهن جنهن جا اثر ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ نمايان ٿي سگهن ٿا.

روس، چين ۽ پاڪستان وچ ۾ وڌندڙ ويجهڙائپ کي رڳو سفارتي ملاقاتن، گڏيل بيانن يا چند معاهدن تائين محدود ڪري ڏسڻ مناسب نه ٿيندو. ٽنهي ملڪن جا قومي مفاد الڳ الڳ آهن پر علائقائي سلامتي، دهشتگرديءَ خلاف تعاون، واپار، توانائي، رابطن ۽ گهڻ قطبي عالمي نظام بابت ڪيترن ئي معاملن ۾ انهن جي سوچ هڪجهڙائيءَ جي ويجهو اچي رهي آهي خاص طور تي چين ۽ روس جي وڌندڙ اسٽريٽجڪ ويجهڙائپ ايشيا جي طاقت جي توازن تي گهرا اثر وجهي رهي آهي.

چين ۽ روس جا لاڳاپا هن نئين ترتيب جو بنيادي محور بڻجي چڪا آهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ سياسي، اقتصادي، توانائي ۽ دفاعي تعاون گذريل ڪجهه سالن دوران وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي چين روس لاءِ هڪ وڏي معاشي منڊي ۽ اهم واپاري ساٿي بڻجي چڪو آهي، جڏهن ته روس چين لاءِ توانائي ۽ قدرتي وسيلن جو اهم ذريعو آهي ٻنهي ملڪن جي گڏيل سوچ جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته عالمي نظام ۾ ڪنهن هڪ طاقت جي مڪمل بالادستي بدران ڪيترن ئي طاقت مرڪزن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

هن صورتحال ۾ پاڪستان جي اهميت به وڌي رهي آهي پاڪستان چين جو پراڻو ۽ قابل اعتماد اسٽريٽجڪ ساٿي آهي چين-پاڪستان اقتصادي راهداري، گوادر بندرگاهه، توانائي منصوبن، روڊن ۽ ريلوي رابطن سبب پاڪستان چين جي علائقائي معاشي حڪمت عمليءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو جيڪڏهن CPEC کي صرف انفراسٽرڪچر جي منصوبي بدران علائقائي واپار ۽ صنعتي ترقيءَ جي جامع منصوبي طور اڳتي وڌايو وڃي ته ان جا فائدا پاڪستان کان ٻاهر وچ ايشيا ۽ روس تائين به پهچي سگهن ٿا.

روس لاءِ پاڪستان هاڻي رڳو ڏکڻ ايشيا جو هڪ ملڪ ناهي، پر وچ ايشيا، افغانستان ۽ عربي سمنڊ جي وچ ۾ هڪ اهم جاگرافيائي پل آهي ماسڪو وچ ايشيا، افغانستان ۽ ڏکڻ ايشيا سان پنهنجا اقتصادي ۽ سفارتي رابطا وڌائڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو توانائي، ريلوي، گئس، اسٽيل، زراعت، دفاع ۽ واپار جا شعبا روس ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تعاون جا نوان رستا پيدا ڪري سگهن ٿا.

روس ۽ پاڪستان جا اقتصادي لاڳاپا جيڪڏهن عملي منصوبن ۾ تبديل ٿين ٿا ته پاڪستان کي توانائيءَ جي کوٽ، صنعتي ترقي ۽ علائقائي واپار جي حوالي سان فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو ساڳئي وقت روس لاءِ پاڪستان عربي سمنڊ تائين رسائي، وچ ايشيا سان رابطا ۽ ڏکڻ ايشيا جي منڊي تائين پهچ جو اهم ساٿي بڻجي سگهي ٿو.

ڀارت جون پريشانيون ڇو وڌي سگهن ٿيون؟

هن نئين صورتحال جو سڀ کان حساس پاسو ڀارت لاءِ آهي ڀارت ۽ روس وچ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مضبوط دفاعي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپا رهيا آهن روس ڀارت جي دفاعي نظام جو اهم حصو رهيو آهي پر هاڻي روس جا چين سان لاڳاپا غيرمعمولي طور مضبوط ٿي چڪا آهن ۽ پاڪستان سان به ماسڪو جا رابطا وڌي رهيا آهن

نئين دهلي لاءِ اهو هڪ پيچيده سفارتي سوال پيدا ڪري ٿو ڀارت هڪ طرف آمريڪا، جاپان ۽ آسٽريليا سان پنهنجي اسٽريٽجڪ تعاون کي وڌائي رهيو آهي، ٻئي طرف روس سان پراڻا دفاعي ۽ توانائيءَ وارا لاڳاپا برقرار رکڻ چاهي ٿو ساڳئي وقت چين سان ڀارت جا سرحدي اختلاف به موجود آهن جيڪڏهن چين ۽ پاڪستان جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿين ٿا ۽ روس به پاڪستان سان اقتصادي، دفاعي ۽ سفارتي تعاون وڌائي ٿو ته ڀارت لاءِ علائقائي طاقت جو توازن وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿو، پر روس، چين ۽ پاڪستان کي ڪنهن باقاعده فوجي اتحاد طور ڏسڻ به درست نه ٿيندو ٽنهي ملڪن جا پنهنجا قومي مفاد آهن ۽ روس جا ڀارت سان به اهم تعلقات موجود آهن تنهنڪري موجوده صورتحال کي 'اسٽريٽجڪ ملٽي الائنمينٽ' طور سمجهڻ وڌيڪ مناسب آهي

پاڪستان لاءِ هن بدلجندڙ صورتحال ۾ سڀ کان وڏو موقعو معاشي سفارتڪاري آهي ملڪ کي پنهنجي جاگرافيائي اهميت کي معاشي طاقت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو ان لاءِ رڳو سفارتي بيان ڪافي نه آهن پر عملي پاليسي، انفراسٽرڪچر ۽ واپاري منصوبن جي ضرورت آهي

پاڪستان کي چين سان CPEC جي ايندڙ مرحلي ۾ صنعتي زونن برآمدي صنعت ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي روس سان توانائي، ريلوي، زراعت ۽ صنعت ۾ ڊگهي مدي وارا منصوبا شروع ڪرڻ گهرجن وچ ايشيا سان واپار وڌائڻ لاءِ ريل ۽ روڊ رستن کي جديد بڻائڻو پوندو گوادر کي صرف بندرگاهه نه، پر چين، روس، وچ ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا جي وچ ۾ هڪ حقيقي علائقائي واپاري مرڪز بڻائڻ گهرجي جيڪڏهن وچ ايشيا ۽ روس جو سامان پاڪستان جي رستن ذريعي عربي سمنڊ تائين پهچڻ شروع ٿئي ٿو ته پاڪستان کي ٽرانزٽ فيس سان گڏ لاجسٽڪس، گودام، انشورنس ۽ صنعتي خدمتن مان به وڏي معاشي آمدني حاصل ٿي سگهي ٿي پاڪستان کي "هڪ ڪيمپ" چونڊڻ بدران متوازن ۽ قومي مفاد تي ٻڌل پرڏيهي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي چين سان اسٽريٽجڪ دوستي مضبوط رکندي روس سان اقتصادي تعلقات وڌايا وڃن وچ ايشيا سان نوان واپاري رستا کوليا وڃن ۽ آمريڪا، يورپ ۽ خليجي ملڪن سان واپار ۽ سيڙپڪاري جا دروازا به کليل رکيا وڃن

حڪومت کي پنج سالا (Eurasia Economic Strategy) تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ روس، چين ۽ وچ ايشيا سان واپار وڌائڻ جا واضح هدف مقرر ڪيا وڃن ريلوي، روڊ، گوادر، ڪسٽمز ۽ ڊجيٽل ادائگيءَ جي نظام کي علائقائي واپار لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي سفارتخانن کي به واپاري ۽ سيڙپڪاري مرڪزن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سفارتڪاري جا نتيجا عملي معاشي فائدن جي صورت ۾ سامهون اچن

سنڌ جي ترقيءَ جو نئون نقشو: ڪيٽي بندر کان پنٽي پيل علائقن تائين!

رحمت الله ٻرڙو

سنڌ اسيمبليءَ ۾ هاران جيلن ورڪس اينڊ سروسز واري صوبائي وزير علي حسن زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ ۾ جاري ترقياتي سرگرمين، خاص طور تي ڪيٽي بندر جي ترقيءَ بابت ڏنل بيان سنڌ جي مجموعي ترقياتي پاليسيءَ جي هڪ اهم رُخ ڏانهن اشارو آهن صوبائي وزير جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن ۽ ڪيٽي بندر به ترقيءَ جي عمل ۾ شامل ٿي رهيو آهي جتي بنيادي سهولتن سان گڏ مختلف سماجي ۽ مذهبي ضرورتن کي پڻ نظر ۾ رکيو پيو وڃي حقيقت اها آهي ته سنڌ جي ترقيءَ جو سوال صرف وڏن شهرن، صنعتي مرڪزن يا اهم شاهراهن تائين محدود ناهي رهي سگهي هڪ وسيع ۽ گهڻ رخي صوبي جي حقيقي ترقي تڏهن ممڪن ٿيندي، جڏهن ان جي پنٽي پيل ساحلي ريگستاني درياهي ۽ ڏورانهن علائقن کي به ترقيءَ جي مرڪزي ڌارا ۾ شامل ڪيو وڃي ڪيٽي بندر ان حوالي سان هڪ اهم مثال بڻجي سگهي ٿو ڪيٽي بندر سنڌ جي ساموندي پٽيءَ جو اهڙو علائقو آهي جنهن ۾ قدرتي ۽ معاشي صلاحيت موجود آهي پر بنيادي ڍانچي جي کوٽ، محدود مواصلاتي سهولتن، روزگار جي گهٽ موقعن ۽ موسمي خطرن سبب مقامي آبادي ڊگهي عرصي کان ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيندي رهي آهي جيڪڏهن هتي روڊن، پاڻي، صحت، تعليم، مواصلات، بجلي، بندرگاهي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن کي وڌايو وڃي ته ڪيٽي بندر نه رڳو مقامي معيشت کي تبديل ڪري سگهي ٿو پر سنڌ جي ساموندي معيشت لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو صوبائي وزير ڀاران اهو چوڻ ته سنڌ حڪومت، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي ويزن مطابق صوبي جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ان ڳالهه کي نمايان ڪري ٿو ته حڪومت جي پاليسين ۾ عوامي ڀلائي ۽ انفرااسٽرڪچر کي بنيادي اهميت حاصل آهي ڪنهن به ترقياتي پاليسيءَ جي ڪاميابي جو اصل معيار اهو هجڻ گهرجي ته ان جو فائدو عام ماڻهو تائين ڪيترو پهچي ٿو سنڌ ۾ روڊن جي تعمير ۽ مرمت، مواصلاتي نظام جي بهتري، صحت ۽ تعليم جي سهولتن جي توسيع ۽ پاڻيءَ جي فراهمي جهڙا شعبا اهڙا آهن، جن جو سڌو تعلق عام ماڻهو جي روزاني زندگيءَ سان آهي جيڪڏهن ڪنهن ڏورانهن علائقي ۾ بهتر روڊ موجود هجي ته اسڪول، اسپتال، مارڪيٽ ۽ روزگار جا موقعا ماڻهن جي پهچ ۾ اچن ٿا. ساڳيءَ ريت صحت ۽ تعليم جون سهولتون بهتر ٿين ته انساني ترقيءَ جا بنياد مضبوط ٿين ٿا پيپلز پارٽي تاريخي طور تي پاڻ کي عوامي ۽ غريب طبقي جي نمائنده جماعت قرار ڏيندي رهي آهي ان ڪري سنڌ حڪومت لاءِ سڀ کان وڏو امتحان اهو آهي ته ترقياتي بجيٽ ۽ منصوبن جو رُخ واقعي انهن علائقن ڏانهن به هجي جتي بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ آهي سنڌ جي هڪ پاسي ڪراچي جهڙو عالمي شهر آهي ته ٻئي طرف اهڙا علائقا به آهن جتي ماڻهو اڄ به بنيادي صحت، صاف پاڻي، معياري تعليم ۽ بهتر روڊن لاءِ منتظر آهن ٻنهي وچ ۾ موجود فرق ختم ڪرڻ ئي متوازن ترقيءَ جو اصل امتحان آهي حڪومت جيڪڏهن واقعي ترقياتي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ، شفافيت کي يقيني بڻائڻ، معيار برقرار رکڻ ۽ مقامي ضرورتن مطابق منصوبابندي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ته ان جا نتيجا عوام جي زندگيءَ ۾ واضح تبديلي آڻي سگهن ٿا. ان کان علاوه ترقيءَ لاءِ سياسي عزم سان گڏ مضبوط انتظامي صلاحيت، شفاف حڪمراني ۽ مسلسل نگرانيءَ جي ضرورت آهي جيڪڏهن حڪومت پنهنجي موجوده ترقياتي پاليسيءَ کي اهڙي جامع ۽ متوازن انداز سان اڳتي وڌائي ٿي ته ڪيٽي بندر کان وٺي ٿر، ڪشمور، ڪاڇي ۽ پنٽي پيل علائقن تائين ترقيءَ جو هڪ نئون نقشو تيار ٿي سگهي ٿو سنڌ جي خوشحاليءَ جو رستو رڳو وڏن شهرن مان نه پر انهن علائقن مان به گذري ٿو جتي اڄ تائين ترقيءَ جا قدم محدود رهيا آهن اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن ترقيءَ جا ثمر هر شهر ۽ ڳوٺ تائين پهچن

پهريان پنهنجا مسئلا حل ڪريو

خالد مسعود خان

سنڌ جا ماڻهو ٻين معاملن بابت تمام گهڻو حساس آهن ايترا حساس ۽ جذباتي جو انهن ٻنهي معاملن تي ڪنهن به حد تائين وڃي سگهن ٿا. پنجاب ۾ رهندڙ ماڻهو شايد ان حساسيت جو اندازو به نه لڳائي سگهن انهن مان هڪ مسئلو سنڌ صوبي جي ورهاڱي جو آهي ۽ ٻيو سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جو معاملو آهي اهي ٻئي اهڙا مسئلا آهن جن تي سنڌ جي ڀرائيءَ جا ماڻهو زرداري صاحب کي به، جيڪو انهن علائقن ۾ پنهنجي سياسي اثر رسوخ جي بنياد تي پاڻ کي سنڌ جي هر معاملي جو ملڪ سمجهي ٿو سخت جواب ڏئي سگهن ٿا. شايد زرداري صاحب کي اڳ ۾ ان ڳالهه جو مڪمل اندازو نه هو، پر 18 اپريل 2025ع تي سنڌو درياهه تي نون واهن جي تعمير خلاف ٿيل هڙتال کان پوءِ ڪيس ان حقيقت جو عملي تجربو ٿي چڪو آهي ان ڦيٿا روڪ هڙتال دوران عملي طور سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ ٽون ڏينهن تائين ٽريفڪ مڪمل طور بند رهي زرداري صاحب پنهنجي پوري ڪوشش باوجود ان هڙتال کي ختم ڪرائڻ نه پري جي ڳالهه، ان ۾ ڪا نرمي به آڻي نه سگهيو. جيڪڏهن زرداري صاحب کي سنڌ ۾ پنهنجي پارٽيءَ جي مقبوليت ۽ سنڌ جي ماڻهن طرفان پارٽيءَ جي پاليسي يا حڪم جي انڌي پيروي بابت ڪا غلط فهمي هئي ته ان واقعي کان پوءِ اها مڪمل طور ختم ٿي وئي هوندي. زرداري صاحب هڪ سمجهدار ماڻهو آهي ۽ ڪيس چڱيءَ ريت خبر آهي ته جيڪڏهن هو پاڻيءَ يا سنڌ جي ورهاڱي مان ڪنهن هڪ مسئلي تي به سمجهوتو ڪندو ته سنڌ جي سياست مان سندن وجود ئي ختم ٿي سگهي ٿو. گڏيل سال نون ڪئنالن واري معاملي تي سنڌ جي روين بند ٿيڻ جو پسمنظر اهو هو ته حڪومت اڳ ۾ ٿهيل ڪجهه ڪئنالن جي ٻئي مرحلي ۽ ڪجهه نون ڪئنالن جي تعمير جو منصوبو تيار ڪري رهي هئي انهن مان سنڌ جي ماڻهن کي جنهن واهه تي سڀ کان وڌيڪ اعتراض ۽ خدشا هئا، اهو چولستان ڪينال هو هن ڪينال جو بنيادي منصوبو سنڌو درياهه بدران ستلج درياهه جي ٻوڏ واري پاڻيءَ کي چولستان جي ريگستاني علائقن تائين پهچائي انهن کي آباد ۽ قابلِ پوک بڻائڻ بابت هو پر سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪجهه آبي ماهرن جو چوڻ هو ته ستلج درياهه ۾ ٻوڏ وارو پاڻي ايترو وڏي واهه لاءِ گهربل پاڻيءَ جو مستقل ذريعو نٿو ٿي سگهي ڇو ته ستلج ۾ ٻوڏ واري پاڻيءَ جي اچڻ جو دارومدار ڀارت طرفان ستلج ۾ ايندڙ ٻوڏ جي وهڪري تي آهي اهو ته رڳو پاڻيءَ جي فراهميءَ جو مستقل ذريعو ناهي پر هر سال ٻوڏ جي موسم ۾ به ان جي مقدار تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي انهن ماهرن جو موقف هو ته رڳو غيرمعمولي برساتن تي ڀاڙيندڙ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي اميد تي اهڙو منصوبو ته رڳو ناقابل عمل آهي پر ان تي ڪنهن به صورت ۾ ڀروسو نٿو ڪري سگهجي سنڌين جو چوڻ هو ته آخرڪار هن واهه ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سنڌو درياهه مان پوري ڪئي ويندي ۽ سنڌ، جيڪا اڳ ئي پاڻيءَ جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي انهن واهن جي تعمير کان پوءِ پاڻيءَ جي وڌيڪ سنگين بحران ۾ مبتلا ٿي ويندي.

اها ڳالهه درست آهي ته سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان پاڻيءَ جي سخت کوٽ آهي گذريل سال سنڌ جي سانگهڙ، ميرپورخاص، نوابشاهه، بدين، ٺٽي، مٽياري ۽ عمرڪوٽ وغيره ضلعن ۾ ڊسمبر کان مئي تائين پاڻيءَ جي اهڙي کوٽ رهي جو ڪڻڪ جي فصل کي گهربل مقدار ۾ پاڻي نه ملي سگهيو ڪپهه جي پوک دير سان ٿي ۽ ڪيترن ئي علائقن ۾ ته ڪپهه جي پوک ٿي ئي نه سگهي انهن علائقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال نظر آئي ۽ فصلن جي پوک دوران پاڻيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ گهربل مقدار موجود نه هو اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي ماڻهن جو موقف آهي ته سنڌو درياهه مان واهه ڪڍي چولستان وغيره کي آباد ڪرڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته سنڌ جون زرخيز ۽ پوک لائق زمينون پاڻيءَ کان محروم ٿي بنجر بڻجي وينديون

اسان ايران ۽ آمريڪا جي تڪرار ۾ پاڪستان کي عالمي سطح تي ملندڙ عزت ۽ ساک تي تاڙيون وڄائي رهيا آهيون ۽ خوشيءَ ۾ سرشار آهيون پر جيڪڏهن ان معاملي ۾ گهڻو الجهڻ بدران ملڪ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ بابت مستقبل لاءِ ٿورو سوچيون ۽ ڪجهه عملي قدم کڻون ته اهي قدم ملڪ جي زرعي بقا جو سبب بڻجي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ ايندڙ ڏهن سالن اندر پاڻيءَ جو مسئلو ايترو سنگين ۽ شديد ٿي سگهي ٿو جو مئي ۽ جون جي مهينن ۾ اسان وٽ فصلن کي ڏيڻ لاءِ پاڻي ئي موجود نه هجي حڪومتن کي اهڙا ترقياتي ڪم ڪرڻ کان فرصت نٿي ملي جيڪي فوري طور نظر اچن ٿا، پر جن جي نه ڪا ڊگهي مدي واري اهميت آهي ۽ نه ئي ملڪ جي حقيقي ترقيءَ ۾ ڪو وڏو حصو حڪومتون برقي بسن، ميٽرو منصوبن، فلاءِ اوورن ۽ انڊر پاسن جي چڪر ۾ قائل آهن. جڏهن ته هن وقت ملڪ کي اهڙن ڊگهي مدي وارن قدمن جي ضرورت آهي، جيڪي مستقبل ۾ معاشي استحڪام جو بنياد بڻجي سگهن ايندڙ اٺ ڏهن سالن کان پوءِ جنهن ڏينهن اهي برقي بسون ڪباڙ ۾ وڪامڻ جي حالت ۾ پهچي وينديون، ان وقت شايد اسان وٽ انهن بجليءَ سان هلندڙ بسن کي چارج ڪرڻ لاءِ نه بجلي هوندي ۽ نه ئي انهن تي ڏني ويندڙ سبسڊي برداشت ڪرڻ جي سگهه. ٻوڏ جي امڪاني صورتحال اسان جي سامهون آهي سنڌو درياهه جي نظام بابت ڀارت جي قدمن ۽ هٺ ڌرمي کي نظر ۾ رکندي جيڪڏهن اسان اڃا به پاڻيءَ جي مسئلي تي قومي اتفاق ۽ هم آهنگي پيدا نه ڪئي ته ايندڙ ڏينهن هڪ انتهائي خراب صورتحال جو نقشو پيش ڪري رهيا آهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ صلح ڪرائڻ جهڙين ڪوششن تي مون کي ڪو اعتراض ناهي پر منهنجي خيال ۾ ٻين جي گهر جي ڳُنڀتي ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري ڪم اهو آهي ته اسان ملڪ اندر پاڻيءَ جو ڪو قابلِ عمل حل ڪيون، ڇاڪاڻ ته هن ملڪ جي بقا ۽ اسان جي زندگين جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي خدا نه ڪري ته اهڙي صورتحال پيدا ٿئي، پر جيڪڏهن موجوده صورتحال اهڙي ئي رهي ته ڪجهه سالن کان پوءِ صوبا پاڻيءَ جي مسئلي تي پاڻ ۾ وڙهندي نظر ايندا

لطيفي لات ـــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَڄو صَافُ نَہ اُڀِرَي، سَرِلِي وِڃَانِ سِڄَ،
مُنهِن ڇَڙِهئَو مَاڻُهِن کي، ڏي وَاڏَايُون وِڄَ،
هِينئڙا ڪَٻَ مَ ڪِڄَ، سِگها مِلَنڌِئِي سَپرِيِن.

آسمان ڪڪرن يا جهڙ سان اهڙو ڍڪيل جو انهن مان سج به نظر نه پيو اچي کنوڻ جا تجلا اهڙا آهن جو ماڻهن جون اکيون ئي پورجيو وڃن اي اياڻي دل تون اجايو پئي بيزار ٿئين اِجهو ڪي اِجهو سڄڻ پهچڻ وارا آهن!! لطيف سائينءَ آسر وند ۽ اکنڊين دلين جي ڪيفيت ٿو ٻڌائي جيڪي پنهنجي سڄڻن سان ملڻ لاءِ بيتاب آهن. جو نه اهي وسڪاري واري مند ۾ موٽندا آهن تنهن ڪري سندن من اندر ۾ اڀرائي اٿن ته ڪڏهن ميٺهن وسندو، ڪڏهن اهڙو ڏينهن ايندو جو منهنجا پرين مون وٽ پهچندا!! تن دلين دلاسو ڏيندي چئين پئي ته ڇو مانديون ٿيون آهيو؟ ڏسو ته پيون ته وچ اهڙا وراڪا ۽ تجلا پئي ڏي جو ان سامهون اکيون ئي نه ٿيون پٽجن پنهنجي دل من شانت رکو، اجائي بڇان ۽ بيزاري نه ڪريو، سگهوئي سڄڻ ملڻ وارا آهن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ---- 04 سيپٽمبر

فوزيه سومرو

اڄ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره فوزيه سومري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي

راڳ جي هن راڻيءَ 1966ع ڌاري ٽنڊو محمد خان ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. سندس والد حاجي نٿو سومرو به هڪ سٺو راڳي هو. فوزيه جو اصل نالو حڪيم هو ۽ هن راڳ جي ابتدائي سکيا پنهنجي والد کان حاصل ڪئي هن سورهن سالن جي عمر ۾ باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو ريڊيو پاڪستان تي ڪيس مشهور پروڊيوسر تصير مرزا متعارف ڪرايو هن جو پهريون رڪارڊ ٿيل ڪلام "بيقدرا قدر نه ڪيئي ڪو" جڏهن هوائن جي آڏار ريڊيو جي ٻڌندڙن تائين پهتو ته هر طرف واهه واهه مچي وئي ۽ پوءِ سنڌ جي مشهور ترين ڪلاڪاره بڻجي وئي هن جي ڪلامن جون سوين ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون جن هن جي مشهوريءَ کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا سندس فن کي مڃتا ڏيندي ڪيس لطيف ايوارڊ سميت ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو سهڻي آواز واري هن سنگيتڪاره 4 سيپٽمبر 2002ع تي هي جهان ڇڏيو ڪيس ٽنڊو محمد خان جي سخي برهان شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو.

محرم پٽي

هن مشهور صحافيءَ ۽ ليکڪ جو جنم 30 جون 1936ع تي ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ سوني خان پٽيءَ ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ 1960ع ڌاري لکڻ شروع ڪيائين هو "روزاني عبرت"، "انڊس ٽائيمس" ۽ ٻين اخبارن سان لاڳاپيل رهيو سندس لکيل مضمون، رپورٽون، فيچر ۽ ڪالم مختلف اخبارن جي ورقن جي زينت بڻيا هن 4 سيپٽمبر 1987ع ۾ نواب شاهه ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو هو نوابشاهه پريس ڪلب جي باني ميمبرن مان هڪ هو سندس صحافتي خدمتن کي مڃتا ڏيندي نواب شاهه جي پريس ڪلب جي هال کي محرم علي پٽيءَ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي

جان محمد فدا

هن قادرالڪلام شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1885ع ۾ تعلقي ڪڪڙ ضلعي دادو جي ڳوٺ ٻوڙتيءَ ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جو سال 1885ع بجاءِ 1882ع ڄاڻايو ويو آهي سندس واسطو سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي جي خاندان سان هو هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ڪجهه عرصو ٽڳا جي ديني مدرسي ۾ به پڙهيو هن سنڌي فائنل جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيو هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جا ڏينهڙا گذاريا. هن پنهنجي ذاتي مطالعي وسيلي عربي، اردو، سنسڪرت، پشتو، بروهڪي ۽ بلوچي ٻولين تي عبور حاصل ڪيو هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ شاعريءَ ۾ "فدا" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام "ديوان فدا" جي نالي سان قلمبند ٿيل آهي هن اپريل 1921ع ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو

محمد سومر سومرو

هن نامور سگهڙ ۽ لوڪ ادب جي پارکوءَ جو جنم 4 سيپٽمبر 1949ع تي شڪارپور ۾ ٿيو سگهڙائپ ۾ محمد ملوڪ عباسي سندس استاد رهيو هن ريڊيو، پاڪستان ٽيليويزن ۽ ڪجهه نجي ٽيليويزن چينلن تان نشر ٿيندڙ لوڪ ادب جي پروگرامن ۽ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ڀرپور حصو ورتو سندس شاعري مختلف ادبي رسالن جي سونهن بڻجندي رهي آهي سگهڙن جي مشهور ڪتاب "سهڻل جا سينگار" ۾ به هن جو مختصر تعارف ۽ شاعري شامل آهي اهو ڪتاب عاجز رحمت الله لاشاريءَ ۽ گل حسن گل ملڪ ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي

مولانا محمد عثمان نورنگزاده

مولانا محمد عثمان نورنگزاده انگريزن جي دور جو وڏو عالم، درويش ۽ متقي بزرگ هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي مولانا صاحب جي ولادت 1854ع ڌاري موجوده بدين ضلعي جي شهر ڪور واهه ۾ ٿي سندس والد جو نالو حافظ محمد نورنگزاده هو هن ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي ۽ ان بعد وقت جي برڪ علمن کان فقہ، حديث، تفسير، منطق، فلسفي ۽ تاريخ جي تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو ڪيس عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تي به عبور حاصل هو پاڻ 1850ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ۾ فقہ جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄا سارا 28 سال علم جي آبياري ڪري رٽائر ٿيو هو پنهنجي دور جو جيد عالم، شاعر ۽ مفڪر هو هن مختلف ديني موضوعن تي 15 بيش بها ڪتاب لکيا انهن ڪتابن جي فهرست ٽماهي مهراڻ رسالي جي جنوري 2020ع واري شماري ۾ پڙهي سگهجي ٿي سندس شاعريءَ جا ڪجهه نمونا به ساڳئي شماري ۾ پڙهي سگهجن ٿا. هن نيڪ بزرگ 4 سيپٽمبر 1918ع تي راهه رباني ورتي ڪيس ڪراچي گهنور جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

امداد علي سرائي

امداد علي سرائي پنهنجي دور جو مشهور محقق، اديب ۽ شاهه جي شاعريءَ جو سچو عاشق ۽ پارکو هو هن

قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر نصيرآباد ۾ 4 سيپٽمبر 1936ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر نصيرآباد مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين هن سنڌ جي روينيو کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو، جن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار، انچارج مختيارڪار ۽ ڪمشنر حيدرآباد جو آفيس سپرنٽينڊنٽ وغيره جهڙا عهدا شامل آهن هن کي ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي شمس العلماءُ علامه عمر بن محمد دائودپوٽي کي شاهه جو رسالو ترتيب ڏيڻ ۾ مددگار رهيو ڀٽائيءَ جو اڻڇپيل ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ رڻ ڪڇ ۾ ٻاڙمير، آديپور، گانڌيڌام، احمدآباد ۽ الهاس نگر جهڙن ڏورانهن علائقن جو سفر ڪيائين ان کان علاوه هندستان جي ٻين به علائقن جو سفر ڪيائين هن جيڪي بيش بها ڪتاب لکيا، تن ۾ "الملهم ان توريا"، "گدم ڪاپڙين جا" ۽ "ڪشتي منجهه ڪتا" شامل آهن هن انمول انسان 16 سيپٽمبر 2002ع تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلايو.

فقير محمد لاشاري

اڄ سنڌ جي مشهور صحافيءَ ۽ ليکڪ فقير محمد لاشاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 4 سيپٽمبر 1951ع تي قمبر

شهدادڪوٽ ضلعي جي مشهور ڳوٺ گاجي کهاوڙ ۾ محمد حسن لاشاريءَ جي گهر ۾ ڄائو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول وارهه ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (اڪنامڪس) ۽ ايل ايل بي جون سندون ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين.

مختيار اٽر

1972ع ۾ پرائمري استاد ۽ 1976ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي لينگويج ٽيچر مقرر ٿيو. ڪراچيءَ ۾ ئي صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين پهريائين روزاني هلال پاڪستان اخبار جو سب ايڊيٽر مقرر ٿيو هلال پاڪستان مئگزين جو انچارج پڻ رهيو. ان بعد روزاني عوامي آواز ۽ روزاني جاڳو جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. انهن اخبارن لاءِ لکيل سندس ايڊيٽوريل ۽ ڪالم ڪافي مشهور ٿيا. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "سنڌ جا سور ڌرتيءَ جي ڌاتهن"، "سگهارو همالي هيٺا ماڻهو"، "ڇپر جا سونهان"، "رڃ جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ" ۽ "سنڌ جام صادق عليءَ کان پيپلز پارٽيءَ تائين" شامل آهن. هن 17 جولاءِ 1993ع ۾ روڊ حادثي ۾ وفات ڪئي 1994ع ۾ پاڪستان سرڪار سندس لاءِ ستاره امتياز جو اعلان ڪيو.

خالده نسرين

اڄ سنڌي ۽ اردو ٻولين جي مشهور شاعره خالده نسرين جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن نامور

شاعره جو جنم 4 سيپٽمبر 1954ع تي نواب شاهه ۾ ٿيو هن بي اي فائن آرٽس ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات ليڪچرار طور ڪيائين ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ڪيائين. هن 1973ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي سندس ڇپيل شعري مجموعن ۾ "پيڙا جي پاتار ۾"، "چنڊ مٽي آڪاس" ۽ "غزلن جو ديوان" شامل آهن ان کان علاوه سندس اردو شاعريءَ جو ڪتاب اڻ ڇپيل صورت ۾ تيار آهي

ڊاڪٽر رضا چانڊيو

ڊاڪٽر رضا چانڊيو سنڌ جو نامور شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي سندس

جنم 4 سيپٽمبر 1961ع تي ڳوٺ ميٺهون خان چانڊيو ۾ ٿيو اهو ڳوٺ تعلقي ڀريا ضلعي نوشهري فيروز جو هڪ مشهور ڳوٺ آهي هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول هوت خان جلباڻيءَ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊوڄام ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين هن 1987ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي هن سنڌ جي مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر ۽ معالج طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ 2021ع ۾ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ طور رٽائر ٿيو ادبي دنيا ۾ هو هڪ سرموڙ شاعر ۽ ليکڪ طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. سندس ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، ڪتابن تي تبصرا ۽ سوانحي خاڪا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ادبي رسالن جي سونهن بڻجندا رهيا آهن. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "واجهوڙا وجود ۾" ۽ ڪهاڻين جو مجموعو "منهنجي ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن.

حافظ علي اڪبر مجروح

هن بزرگ شاعر جي زندگيءَ جو پيرائتو احوال نه ملي سگهيو آهي پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر هو خاص طور تي سندس مولود، مداحون، مناجاتون، حمد ۽ نعتون مشهور هيون هن جو جنم هالا پراڻا ۾ آخوند محمد قاسم جي گهر ۾ ٿيو عربي ۽ فارسيءَ جي چڱي ڄاڻ حاصل هئس هن 4 سيپٽمبر 1936ع تي وفات ڪئي سندس هڪ مناجات ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" ۾ شامل ڪئي آهي

مرزا امام علي بيگ

مرزا امام علي بيگ سنڌ جو ناليوارو شاعر ۽



مصور هو سندس جنم 1881ع ڌاري ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ مرزا قاسم علي بيگ جي گهر ۾ ٿيو هن ان وقت جي مشهور عالمن ۽ استادن وٽ علم جي آبياري ڪئي سندس استادن ۾ آخوند علي محمد ۽ مولانا ابوالحسن لکنوي جهڙا نامور عالم شامل هئا هن کي ننڍي هوندي کان ئي مصوريءَ ۽ شاعريءَ جو شوق هو سندس اڪر به ڏاڍا سهڻا هوندا هئا. هن جي شاعريءَ ۾ مرثيه، سلام، غزل، مناجاتون، نعتون ۽ قصيدا وغيره شامل آهن هن قادرالڪلام شاعر 4 سيپٽمبر 1955ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو

سليم ڳاڙهوي

اڄ مشهور شاعر سليم ڳاڙهويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن قادرالڪلام شاعر جو جنم 15 مارچ 1925ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ڳاڙهي ۾ ٿيو هن جو اصل نالو الهوريو مهر هو سندس والد فقير حاجي الهڏنو مهر ڀٽائيءَ جي درگاهه جو مجاور هو هن پهريان چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا ۽ سنڌي فائنل جو امتحان پريلوءَ جي اسڪول مان پاس ڪيائين 1947ع ڌاري شاعري شروع ڪيائين ۽ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين سندس ابتدائي شاعري اديب سٽ رسالي ۾ ڇپي هئي شاعريءَ ۾ مرحوم محمود خادم لاڙڪاڻوي سندس استاد هو 1956ع ڌاري سندس دوستن ۽ ادبي شاگردن "بزم سليم" نالي هڪ ادبي تنظيم جو بنياد رکيو جتي هو نون شاعرن جي تربيت ڪندو هو ۽ ادبي گڏجاڻيون پڻ منعقد ٿينديون هيون سليم ڳاڙهويءَ 4 سيپٽمبر 1987ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر قادر بخش انصاري

ڊاڪٽر قادر بخش انصاري مشهور ڊاڪٽر، ميڊيڪل آفيسر ۽ سماج سڌارڪ انسان هو سندس جنم 27 ڊسمبر 1923ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم مٽياريءَ مان حاصل ڪئي ۽ ايم بي بي ايس جي سند ممبئيءَ مان حاصل ڪيائين. محترم مقصود احمد قاضيءَ پنهنجي ڪتاب تاريخ مٽياريءَ ۾ لکيو آهي ته پاڪستان ٺهڻ بعد ڊاڪٽر انصاري پهريون ڊاڪٽر هو جيڪو بحيثيت آنرري سرجن سنڌ جي اسپتالن ۾ ڪم ڪري رهيو هو. 1955ع ۾ جڏهن حيدرآباد ميڊيڪل ڪاليج جو بنياد رکيو ويو ته ڊاڪٽر انصاريءَ کي انهيءَ ڪاليج جو پهريون پرنسپال مقرر ڪيو ويو. هن کي سيڪريٽري هيلٿ سميت ڪيترن ئي اعليٰ عهدن جي آڇ ڪئي وئي پر هن ڪا به آڇ قبول نه ڪئي 1983ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن مٽياري شهر ۾ ڪيترائي عام ڀلائيءَ جا ڪم ڪرايا. شهر جون گهٽيون پڪيون ڪرائڻ ۽ ڊاڪٽرن جي لاءِ رهائشي ڪالوني ٺهرائڻ سندس سماجي ڪمن جا ٻه مثال آهن هن ٻيا به ڪيترائي عام ڀلي جا ڪم ڪرايا. هن 4 سيپٽمبر 2000ع ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پليلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 04 سيپٽمبر 2026ع

3 ارب ڊالر جو يوروبانڊ: اعتماد جي بحالي يا قرض جو نئون بار؟

پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي مالي مارڪيٽن جو دروازو کڙڪايو آهي ۽ ساڍن پنجن سالن ۽ ڏهن سالن واري يوروبانڊ ذريعي مجموعي طور 3 ارب ڊالر حاصل ڪيا آهن. ساڍن پنجن سالن واري بانڊ مان 1.75 ارب ڊالر ۽ ڏهن سالن واري بانڊ مان 1.25 ارب ڊالر حاصل ٿيا. جڏهن ته انهن تي ترتيبوار 7.50 ۽ 7.90 سيڪڙو ڪوپن ريٽ مقرر ڪيو ويو آهي. حڪومت لاءِ يقيناً هيءَ ڪاميابي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي سيڙپڪارن جي دلچسپي کي پاڪستان جي معيشت تي بحال ٿيندڙ اعتماد جي علامت قرار ڏنو پيو وڃي. پر هن ڪاميابي کي رڳو 3 ارب ڊالر ملڻ تائين محدود ڪري ڏسڻ بدران ان جي ڊگهي مدي وارن اثرن تي به سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ ضروري آهي. يوروبانڊ جي جاري ٿيڻ مان سڀ کان اهم پيغام اهو ملي ٿو ته پاڪستان عالمي سرمائي مارڪيٽ مان مڪمل طور ڪٽيل ناهي رهيو. ڪجهه عرصي تائين معاشي بحران، پرڏيهي ناڻي جي ڪوٽ، ادائگين جي توازن ۽ ڪريڊٽ ريٽنگ بابت خدشن سبب پاڪستان لاءِ عالمي مارڪيٽن مان قرض حاصل ڪرڻ آسان نه رهيو هو، جڏهن ته هاڻي جيڪڏهن مختلف ڪنڊن مان سيڙپڪار پاڪستان جي بانڊ ۾ دلچسپي ڏيکارين ٿا ۽ آرڊر بڪ جاري ڪيل رقم کان به ڀيرا وڌيڪ رهي ٿو ته ان کي عالمي مارڪيٽ ۾ پاڪستان بابت بدلجندڙ تاثر جي حيثيت سان ضرور ڏسي سگهجي ٿو پر هتي هڪ بنيادي سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا عالمي اعتماد جي بحاليءَ جو مطلب، ملڪي معيشت جي بنيادي مسئلن جو حل به آهي؟ جواب ايترو سادو ناهي. بانڊ ذريعي حاصل ٿيندڙ رقم آمدني نه، پر قرض آهي، جيڪو مقرر مدي کان پوءِ واپس ڪرڻو پوندو. ان تي هر سال وياج يا ڪوپن جي ادائگي به ڪرڻي پوندي. تنهن ڪري 3 ارب ڊالر جو اچڻ هڪ طرف مالي سهارو آهي ته ٻئي طرف مستقبل جي ذميواري پڻ آهي. حڪومت جو اهو موقف اهم آهي ته يوروبانڊ جاري ڪرڻ ٽن سالن واري گلوبل ميڊيم ٽرم نوٽ حڪمت عملي جو حصو آهي، جنهن جو مقصد قرض جي ميچورٽي جو مدو وڌائڻ ۽ ريفنانسنگ يا رول اوور جو خطرو گهٽائڻ آهي. جيڪڏهن مختصر مدي وارا قرض ڊگهي مدي وارن قرضن سان تبديل ٿين ٿا ته يقيناً فوري ادائگين جو دٻاءُ گهٽجي سگهي ٿو پر اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن ان سان گڏ ملڪ جي برآمدي آمدني، صنعتي پيداوار ۽ پرڏيهي ناڻي جا مستقل ذريعا به وڌن. پاڪستان جي معاشي مسئلن جي پاڙ رڳو قرض حاصل ڪرڻ جي ڪوٽ ۾ ناهي، پر قرض واپس ڪرڻ جي صلاحيت ۾ آهي. جيڪڏهن ملڪ پراڻا قرض لاهڻ لاءِ نوان قرض کڻندو رهي ته اهو چڪر ڪڏهن ختم نه ٿيندو. ان ڪري يوروبانڊ جي ڪاميابيءَ کي معاشي منزل نه، پر معاشي سفر جو هڪ وسيلو سمجهڻ گهرجي.

ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب موجب اپريل 2025 کان پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ ٽي ڀيرا بهتري آئي آهي. اها ڳالهه به يقيناً اميد افزا آهي. عالمي ريٽنگ ادارن جو اعتماد وڌڻ سان مستقبل ۾ پاڪستان لاءِ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي نسبتاً آسان ٿي سگهي ٿي ۽ قرض حاصل ڪرڻ جا شرط به بهتر ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿئي ٿو پر ريٽنگ ۾ بهتريءَ کي برقرار رکڻ لاءِ مالي نظم، سياسي استحڪام، پاليسين جو تسلسل ۽ معيشت ۾ سڌارا لازمي آهن. ان سلسلي ۾ ٽيڪس نظام جي اصلاح انتهائي اهم آهي. ملڪ جي مالي خودمختياريءَ جو بنياد مضبوط ٽيڪس نظام تي ئي رکي سگهجي ٿو جيڪڏهن حڪومت کي هر سال خرچ پورا ڪرڻ، قرضن جون قسطون ادا ڪرڻ ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ ٻيهر قرض وٺڻو پوي ته معاشي آزادي جو خواب اڌورو رهندو. ٽيڪس جو دائرو وڌائڻ، ٽيڪس چوري روڪڻ، دستاويزي معيشت کي همٿائڻ ۽ ٽيڪس نظام کي سادو ۽ منصفاڻو بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ساڳئي وقت حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته نون قرضن مان حاصل ٿيندڙ رقم ڪهڙي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿي. جيڪڏهن پرڏيهي قرض رڳو پراڻن قرضن جي ادائيگي ۽ روزمره جي خرچن ۾ جذب ٿي وڃن ته ملڪ جي پيداواري صلاحيت ۾ ڪو نمايان اضافو نه ٿيندو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن وسيلن کي توانائي، زراعت، صنعت، برآمدات، انفرااسٽرڪچر ۽ انساني وسيلن تي خرچ ڪيو وڃي ته اهي مستقبل ۾ آمدني پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. اسين سمجهون ٿا ته اصل معاشي خودمختياري اها ناهي ته دنيا پاڪستان کي قرض ڏيڻ لاءِ تيار هجي، بلڪ اصل خودمختياري اها آهي ته پاڪستان کي بار بار قرض وٺڻ جي ضرورت ئي نه پوي.

آهہ! وضعدار ۽ بهادر يحيٰ پولاني!



محمود شام

روشنيءَ جي شهر جي هڪ ٻي روشني وسامي وئي. شهرِ قائد جي هڪ سگهارو آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو. وضعداريءَ جي روشن روايتن مان هڪ روايت به موڪلائي وئي. پوري طاقت، مڪمل اعتماد، پختي يقين، بنا ڪنهن خوف ۽ شعور سان هر هنڌ هن شهر، هن صوبي ۽ هن ملڪ جي بهتري ۽ استحڪام لاءِ آواز بلند ڪندڙ يحيٰ پولاني به هليو ويو. اڄ جي نفرتن، ڇڪتاڻ، بدگمانين ۽ نفسا نفسيءَ واري دور ۾ ته اهڙين شخصيتن جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي پر نرم مزاج ۽ ساڳئي وقت دبنگ طبيعت رکندڙ ماڻهو موجوده منافقت ڀريئي ماحول کان بيزار به ٿي ويا آهن. سچ پوکيندڙن لاءِ ڪوڙ جي فصل لُڻڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ميمڻ برادريءَ ۾ هڪ سناٽو ڇانيل آهي. کارادر، ميٺادر، رنڇوڙ لائين، جوبليءَ جي گهٽين ۽ گهرن تي اداسي ڄڻ پنهنجا وار کولي سمهي پئي آهي. رات جا ٽي وڳي هئا. موبائل جي اسڪرين اوچتو روشن ٿي. خواجا جهانزيب جي واٽس ايپ. اطلاع ڏنو ته سفر جي دنيا جي هڪ سرگرم ۽ متحرڪ شخصيت هن دنيا کان ابدي سفر تي روانو ٿي ويو آهي. ان ڪانيءَ ڄڻ سيني اسڪرين تي اوندهه پکڙجي وئي.

گهڻيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. رڳو هوائي سفر جي حوالي سان نه، پر انهن برادرين جي به، جن ڪراچيءَ کي ڪراچي بڻايو، انهن ڪاروباري حلقن جي به، جن ڪراچيءَ ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ انهن گڏجاڻين جون به، جن ۾ ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ۾ صنعتڪارن ۽ واپارين وچ ۾ ويجهڙائپ ۽ لاڳاپا مضبوط ڪيا ويندا هئا. اظهار جي آزاديءَ لاءِ سندس دردمنديءَ جا ڪيترائي واقعا به ذهن جي پردي تي ترڻ لڳا آهن. سندس منجهند جي دسترخوان تي شهر جون چونڊيل ۽ نمايان شخصيتون مهمان ٿينديون هيون ۽ اهو دسترخوان هر ڪنهن لاءِ عام دعوت وانگر هوندو هو. دنيا جي حالتن تي کلي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. ملڪ ۾ سياحت کي همٿائڻ لاءِ به ڪيتريون ئي رسمي ۽ غير رسمي گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. منهنجي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن ڏهاڪن کان اها ڪوشش، بلڪ دل جي خواهش رهي آهي ته پاڪستان وٽ سياحت جي حوالي سان جيڪي به وسيلا ۽ امڪان موجود آهن، جيڪڏهن حڪومت ۽ ڪاروباري ماڻهو گڏجي هن شعبي کي سنڀالي وٺن ته اسان جا ڪيترائي معاشي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي ڪوٽ لساني، نسلي ۽ قبائلي هم آهنگيءَ جي آهي. شايد انهيءَ ڪري ئي اسان اڃا تائين هڪ قوم بڻجي نه سگهيا آهيون. پاڪستانيت جو جذبو اڃا تائين مڪمل پختگي حاصل نه ڪري سگهيو آهي.

اڄ جي پاڪستان ۾ جيڪي چار صوبا ۽ ٻه وفاقي وحدتون شامل آهن، انهن سڀني جو پنهنجو پنهنجو شاندار ماضي آهي. علم ۽ ڏاهپ، ثقافت ۽ ادب، تصوف ۽ روحانيت جا بيشمار خزانا انهن علائقن ۾ موجود آهن. هر خطي جون پنهنجيون ڪيتريون ئي صديون پراڻيون تاريخون آهن. پاڪستان ۾ سياحت تاريخي، روحاني، تفريحي، علمي، تحقيقي ۽ جبلن تي چڙهڻ جي پڻ آهي. جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي ملڪي سياحت لاءِ منصوبابندي ڪريون، واضح قاعدا ۽ ضابطا جوڙيون ۽ اها ڪوشش ڪريون ته اسان جي هر نسل پنهنجي ملڪ کي ڏسي، جنهن سان هو پنهنجي مرضيءَ سان شامل ٿيو هجي يا رڳو هتي پيدا ٿيڻ سبب ان سان لاڳاپيل هجي ته پوءِ گهڻو ڪجهه بدلجي سگهي ٿو. جڏهن ماڻهو ملڪ جي هر حسين خطي کي ڏسندا، ان کي سمجهندا ۽ مختلف علائقن جي ماڻهن جي چهرن تي مرڪون ڏسندا ته صوبن وچ ۾ فاصلا ختم ٿيڻ لڳندا. نفرت بدران نوجوانن کي پاڪستان سان وابستگيءَ تي فخر محسوس ٿيندو. يحيٰ پولاني اهڙي ئي جذبي سان سرشار هو. اسان جي ڪيترن ئي نوجوانن کي پنهنجن خوابن جي تعبير سندس هٿن سان ملي. سندس والد محترم صديق پولاني وٽ به اها محبت ساڳي شدت سان موجود هئي ۽ اميد آهي ته هاڻي اهو ئي جذبو ايندڙ نسل ڏانهن به منتقل ٿيندو.

جڏهن عشقِ نبي ﷺ جو مبارڪ ذڪر ٿيندو آهي ته الحاج حنيف بلوچ جون يادون تازيون ٿي وينديون آهن. مفتي منيب الرحمان سان سندس عقيدت ۽ ويجهڙائپ به ياد اچي ٿي. سردار ياسين ملڪ به عشقِ رسول ﷺ سان سرشار ٿي انهن محفلن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. حضور اڪرم ﷺ سان سمنڊن کان به وڌيڪ گهري عقيدت ميمڻ برادريءَ جو موروثي اثاثو آهي. يحيٰ پولاني به ان جذبي ۾ اڳيرا هو. ميمڻ برادريءَ کي گهڻو ڪري ڪاروباري برادري چيو ويندو آهي. پاڪستان جي تاريخ تي نظر رکندڙ ماڻهو پاڪستاني معيشت جي استحڪام لاءِ ميمڻ برادريءَ جي بنيادي خدمتن کي وساري نٿا سگهن.

معيشت جي تقريبن هر شعبي ۾، ٻُنڻ کان وٺي ڪپڙي، ڊزائين، فيشن، هائي انفارميشن ٽيڪنالاجي، دوائن، سفن گاڏين جي صنعت، کاڌي پيتي جي صنعت ۽ ننڍي پيماني جي صنعتن تائين ميمڻ برادري اڳيري نظر اچي ٿي. فلاحي خدمتن ۾ به عبدالستار ايڌي، ڇيپا، عالمگير ۽ ڪيترائي ٻيا ادارا هن برادريءَ جي خدمت جو جهنڊو بلند ڪري رهيا آهن. اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ عارف حبيب ۽ ميمڻ برادريءَ جون ڪيتريون ئي نمايان شخصيتون سرگرم آهن. هاڻي عارف حبيب قومي ايئر لائين جي عظمت به ٻيهر بحال ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌ مدرست الاسلام سان لڳو لڳ پاڙيسري 'پولاني ٽريولز' ۾ جڏهن به وڃڻ ٿيندو هو ته ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ ته هڪ مڪمل زندگي حرڪت ۾ اچي وئي هجي. الله تعاليٰ طرفان اها وڏي مهرباني آهي ته ڪو ماڻهو پنهنجي بندگيءَ جو حق به ادا ڪري، پنهنجي محبوب سان وفا به ڪري ۽ الله جي ٻانهن جي ڏکن ۽ سورن ۾ به شريڪ رهي. ميمڻ برادريءَ جي هر قابل فخر فرزند وانگر يحيٰ پولاني به بنا ڪنهن ذاتي يا برادريءَ جي فرق جي غريب ۽ مستحق خاندانن جي سار سنڀال ۽ مالي مدد رضاڪاراڻي طور تي ڪندو هو. سفر جي هن دنيا ۾ مون کي الحاج فضل احمد ڪشمير وارو به ياد اچي ٿو. تلوار هٽ ۾ ڪنيل سفيد لباس وارين سندس تصويرون اڄ به ذهن ۾ تري آيون آهن. اخبارن ۾ هر اهم، عالمي ۽ ملڪي واقعي تي سندس طرفان ڏنل اشتهار ياد اچن ٿا. هو پاڪستان ۾ سفري ڪاروبار جي باني ماڻهن مان هڪ هو. جبار خميساڻي به ياد اچي رهيو آهي. رفيق خان ته اڄ به اهي قيمتي خدمتون جاري رکيو پيو اچي. بهرحال يحيٰ پولاني هڪ وضعدار شخص ۽ قدر لائق روايتن جي امين طور دلين ۾ روشن ڏيئي وانگر هميشه روشن رهندو. الله تعاليٰ سندس درجا بلند فرمائي ۽ سندس وارثن کي به هن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

روس، چين ۽ پاڪستان جي وڌندڙ ويجهڙائپ: ڀارت لاءِ نئين سفارتي آزمائش

اياز وگهيو

دنيا جي بدلجندڙ جيوپوليٽڪس ۾ طاقت جا مرڪز تيزيءَ سان نئين ترتيب اختيار ڪري رهيا آهن. هڪ وقت هو، جڏهن علمي سياست آمريڪا ۽ سوويت يونين جي ٻن قطبن جي چوڌاري گهمندي هئي پر اڄ دنيا هڪ نئين گهڻ قطبي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي. چين جي معاشي طاقت، روس جي عسڪري ۽ توانائيءَ واري حيثيت ۽ پاڪستان جي جاگرافيائي اهميت گڏجي ايشيا ۾ هڪ اهڙو نئون اسٽريٽجڪ منظرنامو پيدا ڪري رهيا آهن، جنهن جا اثر ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ نمايان ٿي سگهن ٿا.

روس، چين ۽ پاڪستان وچ ۾ وڌندڙ ويجهڙائپ کي رڳو سفارتي ملاقاتن، گڏيل بيانن يا چند معاهدن تائين محدود ڪري ڏسڻ مناسب نه ٿيندو. ٽنهي ملڪن جا قومي مفاد الڳ الڳ آهن پر علائقائي سلامتي، دهشتگرديءَ خلاف تعاون، واپار، توانائي رابطن ۽ گهڻ قطبي علمي نظام بابت ڪيترن ئي معاملن ۾ انهن جي سوچ هڪٻئي جي ويجهو اچي رهي آهي. خاص طور تي چين ۽ روس جي وڌندڙ اسٽريٽجڪ ويجهڙائپ ايشيا جي طاقت جي توازن تي گهرا اثر وجهي رهي آهي.

چين ۽ روس جا لاڳاپا هن نئين ترتيب جو بنيادي محور بڻجي چڪا آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ سياسي، اقتصادي، توانائي ۽ دفاعي تعاون گذريل ڪجهه سالن دوران وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي. چين روس لاءِ هڪ وڏي معاشي منڊي ۽ اهم واپاري ساٿي بڻجي چڪو آهي، جڏهن ته روس چين لاءِ توانائي ۽ قدرتي وسيلن جو اهم ذريعو آهي. ٻنهي ملڪن جي گڏيل سوچ جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته علمي نظام ۾ ڪنهن هڪ طاقت جي مڪمل بالادستي بدران ڪيترن ئي طاقت مرڪزن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

هن صورتحال ۾ پاڪستان جي اهميت به وڌي رهي آهي. پاڪستان چين جو پراڻو ۽ قابل اعتماد اسٽريٽجڪ ساٿي آهي. چين-پاڪستان اقتصادي راهداري، گوادر بندرگاهه، توانائي منصوبن، روڊن ۽ ريلوي رابطن سبب پاڪستان چين جي علائقائي معاشي حڪمت عمليءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. جيڪڏهن CPEC کي صرف انفرااسٽرڪچر جي منصوبي بدران علائقائي واپار ۽ صنعتي ترقيءَ جي جامع منصوبي طور اڳتي وڌايو وڃي ته ان جا فائدا پاڪستان کان ٻاهر وچ ايشيا ۽ روس تائين به پهچي سگهن ٿا.

روس لاءِ پاڪستان هاڻي رڳو ڏکڻ ايشيا جو هڪ ملڪ ناهي، پر وچ ايشيا، افغانستان ۽ عربي سمنڊ جي وچ ۾ هڪ اهم جاگرافيائي پُل آهي. ماسڪو وچ ايشيا، افغانستان ۽ ڏکڻ ايشيا سان پنهنجا اقتصادي ۽ سفارتي رابطا وڌائڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو. توانائي، ريلوي، گئس، اسٽيل، زراعت، دفاع ۽ واپار جا شعبا روس ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تعاون جا نوان رستا پيدا ڪري سگهن ٿا.

روس ۽ پاڪستان جا اقتصادي لاڳاپا جيڪڏهن عملي منصوبن ۾ تبديل ٿين ٿا ته پاڪستان کي توانائيءَ جي ڪوٽ، صنعتي ترقي ۽ علائقائي واپار جي حوالي سان فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. ساڳئي وقت روس لاءِ پاڪستان عربي سمنڊ تائين رسائي، وچ ايشيا سان رابطا ۽ ڏکڻ ايشيا جي منڊي تائين پهچ جو اهم ساٿي بڻجي سگهي ٿو.

ڀارت جون پريشانيون ڇو وڌي سگهن ٿيون؟:

هن نئين صورتحال جو سڀ کان حساس پاسو ڀارت لاءِ آهي. ڀارت ۽ روس وچ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مضبوط دفاعي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپا رهيا آهن. روس ڀارت جي دفاعي نظام جو اهم حصو رهيو آهي پر هاڻي روس جا چين سان لاڳاپا غيرمعمولي طور مضبوط ٿي چڪا آهن ۽ پاڪستان سان به ماسڪو جا رابطا وڌي رهيا آهن.

نئين دهلي لاءِ اهو هڪ پيچيده سفارتي سوال پيدا ڪري ٿو. ڀارت هڪ طرف آمريڪا، جاپان ۽ آسٽريليا سان پنهنجي اسٽريٽجڪ تعاون کي وڌائي رهيو آهي، ٻئي طرف روس سان پراڻا دفاعي ۽ توانائيءَ وارا لاڳاپا برقرار رکڻ چاهي ٿو. ساڳئي وقت چين سان ڀارت جا سرحدي اختلاف به موجود آهن. جيڪڏهن چين ۽ پاڪستان جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿين ٿا ۽ روس به پاڪستان سان اقتصادي، دفاعي ۽ سفارتي تعاون وڌائي ٿو ته ڀارت لاءِ علائقائي طاقت جو توازن وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿو پر روس، چين ۽ پاڪستان کي ڪنهن باقاعده فوجي اتحاد طور ڏسڻ به درست نه ٿيندو. ٽنهي ملڪن جا پنهنجا قومي مفاد آهن ۽ روس جا ڀارت سان به اهم تعلقات موجود آهن. تنهنڪري موجوده صورتحال کي 'اسٽريٽجڪ ملٽي الائنمينٽ' طور سمجهڻ وڌيڪ مناسب آهي.

پاڪستان لاءِ هن بدلجندڙ صورتحال ۾ سڀ کان وڏو موقعو معاشي سفارتڪاري آهي. ملڪ کي پنهنجي جاگرافيائي اهميت کي معاشي طاقت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. ان لاءِ رڳو سفارتي بيان ڪافي نه آهن، پر عملي پاليسي، انفرااسٽرڪچر ۽ واپاري منصوبن جي ضرورت آهي.

پاڪستان کي چين سان CPEC جي ايندڙ مرحلي ۾ صنعتي زونن، برآمدي صنعت ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. روس سان توانائي، ريلوي، زراعت ۽ صنعت ۾ ڊگهي مدي وارا منصوبا شروع ڪرڻ گهرجن. وچ ايشيا سان واپار وڌائڻ لاءِ ريل ۽ روڊ رستن کي جديد بڻائڻو پوندو. گوادر کي صرف بندرگاهه نه، پر چين، روس، وچ ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا جي وچ ۾ هڪ حقيقي علائقائي واپاري مرڪز بڻائڻ گهرجي. جيڪڏهن وچ ايشيا ۽ روس جو سامان پاڪستان جي رستن ذريعي عربي سمنڊ تائين پهچڻ شروع ٿئي ٿو ته پاڪستان کي ٽرانزٽ فيس سان گڏ لاجسٽڪس، گودام، انشورنس ۽ صنعتي خدمتن مان به وڏي معاشي آمدني حاصل ٿي سگهي ٿي. پاڪستان کي "هڪ ڪيمپ" چونڊڻ بدران متوازن ۽ قومي مفاد تي ٻڌل پرڏيهي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي. چين سان اسٽريٽجڪ دوستي مضبوط رکندي روس سان اقتصادي تعلقات وڌايا وڃن. وچ ايشيا سان نوان واپاري رستا کوليا وڃن ۽ آمريڪا، يورپ ۽ خليجي ملڪن سان واپار ۽ سيڙپڪاري جا دروازا به کليل رکيا وڃن.

حڪومت کي پنج سالا (Eurasia Economic Strategy) تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ روس، چين ۽ وچ ايشيا سان واپار وڌائڻ جا واضح هدف مقرر ڪيا وڃن. ريلوي، روڊ، گوادر، ڪسٽمز ۽ ڊجيٽل ادائيگيءَ جي نظام کي علائقائي واپار لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. سفارتخانن کي به واپاري ۽ سيڙپڪاري مرڪزن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سفارتڪاري جا نتيجا عملي معاشي فائدن جي صورت ۾ سامهون اچن.

سنڌ جي ترقيءَ جو نئون نقشو: ڪيٽي بندر کان پنتي پيل علائقن تائين!

رحمت الله ٻرڙو

سنڌ اسيمبليءَ ٻاهران جيلن ورڪس اينڊ سروسز واري صوبائي وزير علي حسن زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ ۾ جاري ترقياتي سرگرمين، خاص طور تي ڪيٽي بندر جي ترقيءَ بابت ڏنل بيان، سنڌ جي مجموعي ترقياتي پاليسيءَ جي هڪ اهم رُخ ڏانهن اشارو آهن. صوبائي وزير جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن ۽ ڪيٽي بندر به ترقيءَ جي عمل ۾ شامل ٿي رهيو آهي. جتي بنيادي سهولتن سان گڏ مختلف سماجي ۽ مذهبي ضرورتن کي پڻ نظر ۾ رکيو پيو وڃي. حقيقت اها آهي ته سنڌ جي ترقيءَ جو سوال صرف وڏن شهرن، صنعتي مرڪزن يا اهم شاهراهن تائين محدود ناهي. سنڌ جهڙي وسيع ۽ گهڻ رخي صوبي جي حقيقي ترقي تڏهن ممڪن ٿيندي، جڏهن ان جي پنتي پيل ساحلي، ريگستاني، درياهي ۽ ڳوٺاڻن علائقن کي به ترقيءَ جي مرڪزي ڌارا ۾ شامل ڪيو وڃي. ڪيٽي بندر ان حوالي سان هڪ اهم مثال بڻجي سگهي ٿو. ڪيٽي بندر سنڌ جي ساموندي پٽيءَ جو اهڙو علائقو آهي، جنهن ۾ قدرتي ۽ معاشي صلاحيت موجود آهي پر بنيادي ڍانچي جي ڪوٽ، محدود مواصلاتي سهولتن، روزگار جي گهٽ موقعن ۽ موسمي خطرن سبب مقامي آبادي ڊگهي عرصي کان ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيندي رهي آهي. جيڪڏهن هتي روڊن، پاڻي، صحت، تعليم، مواصلات، بجلي، بندرگاهي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن کي وڌايو وڃي ته ڪيٽي بندر نه رڳو مقامي معيشت کي تبديل ڪري سگهي ٿو پر سنڌ جي ساموندي معيشت لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. صوبائي وزير پاران اهو چوڻ ته سنڌ حڪومت، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي ويزن مطابق صوبي جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان ڳالهه کي نمايان ڪري ٿو ته حڪومت جي پاليسين ۾ عوامي ڀلائي ۽ انفرااسٽرڪچر کي بنيادي اهميت حاصل آهي ڪنهن به ترقياتي پاليسيءَ جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار اهو هجڻ گهرجي ته ان جو فائدو عام ماڻهو تائين ڪيترو پهچي ٿو. سنڌ ۾ روڊن جي تعمير ۽ مرمت، مواصلاتي نظام جي بهتري، صحت ۽ تعليم جي سهولتن جي توسيع ۽ پاڻيءَ جي فراهمي جهڙا شعبا اهڙا آهن، جن جو سڌو تعلق عام ماڻهو جي روزاني زندگيءَ سان آهي جيڪڏهن ڪنهن ڏورانهن علائقي ۾ بهتر روڊ موجود هجي ته اسڪول، اسپتال، مارڪيٽ ۽ روزگار جا موقعا ماڻهن جي پهچ ۾ اچن ٿا. ساڳيءَ ريت صحت ۽ تعليم جون سهولتون بهتر ٿين ته انساني ترقيءَ جا بنياد مضبوط ٿين ٿا. پيپلز پارٽي تاريخي طور تي پاڻ کي عوامي ۽ غريب طبقي جي نمائنده جماعت قرار ڏيندي رهي آهي ان ڪري سنڌ حڪومت لاءِ سڀ کان وڏو امتحان اهو آهي ته ترقياتي بجيٽ ۽ منصوبن جو رُخ واقعي انهن علائقن ڏانهن به هجي جتي بنيادي سهولتن جي شديد ڪوٽ آهي سنڌ جي هڪ پاسي ڪراچي جهڙو علمي شهر آهي ته ٻئي طرف اهڙا علائقا به آهن جتي ماڻهو اڄ به بنيادي صحت، صاف پاڻي، معياري تعليم ۽ بهتر روڊن لاءِ منتظر آهن. ٻنهي وچ ۾ موجود فرق ختم ڪرڻ ئي متوازن ترقيءَ جو اصل امتحان آهي. حڪومت جيڪڏهن واقعي ترقياتي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ، شفافيت کي يقيني بڻائڻ، معيار برقرار رکڻ ۽ مقامي ضرورتن مطابق منصوبابندي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ته ان جا نتيجا عوام جي زندگيءَ ۾ واضح تبديلي آڻي سگهن ٿا. ان کان علاوه ترقيءَ لاءِ سياسي عزم سان گڏ مضبوط انتظامي صلاحيت، شفاف حڪمراني ۽ مسلسل نگرانيءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي موجوده ترقياتي پاليسيءَ کي اهڙي جامع ۽ متوازن انداز سان اڳتي وڌائي ٿي ته ڪيٽي بندر کان وٺي ٿر، ڪشمور، ڪاڇي ۽ پنتي پيل علائقن تائين ترقيءَ جو هڪ نئون نقشو تيار ٿي سگهي ٿو. سنڌ جي خوشحاليءَ جو رستو رڳو وڏن شهرن مان نه، پر انهن علائقن مان به گذري ٿو جتي اڄ تائين ترقيءَ جا قدم محدود رهيا آهن اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن ترقيءَ جا ثمر هر شهر ۽ ڳوٺ تائين پهچن

پهريان پنهنجا مسئلا حل ڪريو

خالد مسعود خان

سنڌ جا ماڻهو پاڻي جي معاملن بابت تمام گهڻو حساس آهن ايترا حساس ۽ جذباتي جو انهن پنهنجي معاملن تي ڪنهن به حد تائين وڃي سگهن ٿا. پنجاب ۾ رهندڙ ماڻهو شايد ان حساسيت جو اندازو به نه لڳائي سگهن انهن مان هڪ مسئلو سنڌ صوبي جي وراهڪي جو آهي ۽ ٻيو سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جو معاملو آهي اهي ٻئي اهڙا مسئلا آهن جن تي سنڌ جي ڀڙاڪيءَ جا ماڻهو زرداري صاحب کي به، جيڪو انهن علائقن ۾ پنهنجي سياسي اثررسوخ جي بنياد تي پاڻ کي سنڌ جي هر معاملي جو مالڪ سمجهي ٿو، سخت جواب ڏئي سگهن ٿا. شايد زرداري صاحب کي اڳ ۾ ان ڳالهه جو مڪمل اندازو نه هو پر 18 اپريل 2025ع تي سنڌو درياهه تي نون واهن جي تعمير خلاف ٿيل هڙتال کان پوءِ کيس ان حقيقت جو عملي تجربو ٿي چڪو آهي ان ڦيٿا روڪ هڙتال دوران عملي طور سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ ٽن ڏينهن تائين ٽريفڪ مڪمل طور بند رهي زرداري صاحب پنهنجي پوري ڪوشش باوجود ان هڙتال کي ختم ڪرائڻ ته پري جي ڳالهه، ان ۾ ڪا نرمي به آڻي نه سگهيو جيڪڏهن زرداري صاحب کي سنڌ ۾ پنهنجي پارٽيءَ جي مقبوليت ۽ سنڌ جي ماڻهن طرفان پارٽيءَ جي پاليسي يا حڪم جي انڌي پيروي بابت ڪا غلط فهمي هئي ته ان واقعي کان پوءِ اها مڪمل طور ختم ٿي وئي هوندي زرداري صاحب هڪ سمجهدار ماڻهو آهي ۽ کيس چڱيءَ ريت خبر آهي ته جيڪڏهن هو پاڻيءَ يا سنڌ جي وراهڪي مان ڪنهن هڪ مسئلي تي به سمجهوتو ڪندو ته سنڌ جي سياست مان سندن وجود ئي ختم ٿي سگهي ٿو. گذريل سال نون ڪئنالن واري معاملي تي سنڌ جي روڊن بند ٿيڻ جو پسمنظر اهو هو ته حڪومت اڳ ۾ ٺهيل ڪجهه ڪئنالن جي ٻئي مرحلي ۽ ڪجهه نون ڪئنالن جي تعمير جو منصوبو تيار ڪري رهي هئي. انهن مان سنڌ جي ماڻهن کي جنهن واهه تي سڀ کان وڌيڪ اعتراض ۽ خدشا هئا، اهو چولستان ڪئنال هو. هن ڪئنال جو بنيادي منصوبو سنڌو درياهه بدران ستلج درياهه جي ٻوڏ واري پاڻيءَ کي چولستان جي ريگستاني علائقن تائين پهچائي انهن کي آباد ۽ قابلِ پوک بڻائڻ بابت هو پر سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪجهه آبي ماهرن جو چوڻ هو ته ستلج درياهه ۾ ٻوڏ وارو پاڻي ايتري وڏي واهه لاءِ گهربل پاڻيءَ جو مستقل ذريعو ٿي نٿو سگهي ڇو ته ستلج ۾ ٻوڏ واري پاڻيءَ جي اچڻ جو دارومدار ڀارت طرفان ستلج ۾ ايندڙ ٻوڏ جي وهڪري تي آهي اهو نه رڳو پاڻيءَ جي فراهميءَ جو مستقل ذريعو ناهي پر هر سال ٻوڏ جي موسم ۾ به ان جي مقدار تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي انهن ماهرن جو موقف هو ته رڳو غيرمعمولي برساتن تي ڀاڙيندڙ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي اميد تي اهڙو منصوبو نه رڳو ناقابل عمل آهي پر ان تي ڪنهن به صورت ۾ ڀروسو نٿو ڪري سگهجي سنڌ جو خدشو هو ته آخرڪار هن واهه ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ سنڌو درياهه مان پوري ڪئي ويندي ۽ سنڌ، جيڪا اڳ ئي پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي انهن واهن جي تعمير کان پوءِ پاڻيءَ جي وڌيڪ سنگين بحران ۾ مبتلا ٿي ويندي.

اها ڳالهه درست آهي ته سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ آهي گذريل سال سنڌ جي سانگهڙ، ميرپورخاص، نوابشاهه، بدين، ٺٽي، مٽياري ۽ عمرڪوٽ وغيره ضلعن ۾ ڊسمبر کان مئي تائين پاڻيءَ جي اهڙي ڪوٽ رهي جو ڪڻڪ جي فصل کي گهربل مقدار ۾ پاڻي نه ملي سگهيو. ڪڻڪ جي پوک دير سان ٿي ۽ ڪيترن ئي علائقن ۾ ته ڪڻڪ جي پوک ٿي ئي نه سگهي انهن علائقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال نظر آئي ۽ فصلن جي پوک دوران پاڻيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ گهربل مقدار موجود نه هو اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي ماڻهن جو موقف آهي ته سنڌو درياهه مان واهه ڪڍي چولستان وغيره کي آباد ڪرڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته سنڌ جون زرخيز ۽ پوک لائق زمينون پاڻيءَ کان محروم ٿي بنجر بڻجي وينديون.

اسان ايران ۽ آمريڪا جي تڪرار ۾ پاڪستان جي علمي سطح تي ملندڙ عزت ۽ ساک تي تاڙيون وڄائي رهيا آهيون ۽ خوشيءَ ۾ سرشار آهيون پر جيڪڏهن ان معاملي ۾ گهڻو الجهڻ بدران ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ بابت مستقبل لاءِ ٿورو سوچيون ۽ ڪجهه عملي قدم کڻون ته اهي قدم ملڪ جي زرعي بقا جو سبب بڻجي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ ايندڙ ڏهن سالن اندر پاڻيءَ جو مسئلو ايترو سنگين ۽ شديد ٿي سگهي ٿو، جو مئي ۽ جون جي مهينن ۾ اسان وٽ فصلن کي ڏيڻ لاءِ پاڻي ئي موجود نه هجي. حڪومتن کي اهڙا ترقياتي ڪم ڪرڻ کان فرصت نٿي ملي، جيڪي فوري طور نظر اچن ٿا، پر جن جي نه ڪا ڊگهي مدي واري اهميت آهي ۽ نه ئي ملڪ جي حقيقي ترقيءَ ۾ ڪو وڏو حصو. حڪومتون برقي بسن، ميٽرو منصوبن، فلاءِ اوورن ۽ انڊر پاسن جي چڪر ۾ ڦاٿل آهن. جڏهن ته هن وقت ملڪ کي اهڙن ڊگهي مدي وارن ڊئمن جي ضرورت آهي، جيڪي مستقبل ۾ معاشي استحڪام جو بنياد بڻجي سگهن. ايندڙ اٺن ڏهن سالن کان پوءِ جنهن ڏينهن اهي برقي بسون ڪباڙ ۾ وڪامڻ جي حالت ۾ پهچي وينديون. ان وقت شايد اسان وٽ انهن بجليءَ سان هلندڙ بسن کي چارج ڪرڻ لاءِ نه بجلي هوندي ۽ نه ئي انهن تي ڏني ويندڙ سبسڊي برداشت ڪرڻ جي سگهه. ٻوڏ جي امڪاني صورتحال اسان جي سامهون آهي. سنڌو درياهه جي نظام بابت ڀارت جي قدمن ۽ هٺ ڌرميءَ کي نظر ۾ رکندي جيڪڏهن اسان اڃا به پاڻيءَ جي مسئلي تي قومي اتفاق ۽ هم آهنگي پيدا نه ڪئي ته ايندڙ ڏينهن هڪ انتهائي خراب صورتحال جو نقشو پيش ڪري رهيا آهن. ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ صلح ڪرائڻ جهڙين ڪوششن تي مون کي ڪو اعتراض ناهي، پر منهنجي خيال ۾ ٻين جي گهر جي ڳُتڻي ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري ڪم اهو آهي ته اسان ملڪ اندر پاڻيءَ جو ڪو قابلِ عمل حل ڪيون، ڇاڪاڻ ته هن ملڪ جي بقا ۽ اسان جي زندگين جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي. خدا نه ڪري ته اهڙي صورتحال پيدا ٿئي، پر جيڪڏهن موجوده صورتحال اهڙي ئي رهي ته ڪجهه سالن کان پوءِ صوبا پاڻيءَ جي مسئلي تي پاڻ ۾ وڙهندي نظر ايندا.

لطيفي لات ———— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَڄو صَافُ نہ اُپَرِي، سَرِلِي وِڃَانِ سِڄَ،
مُنهِن چَڙهِئو مَاڻُهِن کي، ڏِي وَاڏَايُون وِڄَ،
هِينئڙا کَپُ مَ کِڄَ، سِگها مِلَنديئي سَپِرِين.

آسمان ڪڪرن يا جهڙ سان اهڙو ڍڪيل جو انهن مان سج به نظر نه پيو اچي ڪنوڻ جا تجلا اهڙا آهن جو ماڻهن جون اکيون ئي پورجيو وڃن ۽ اياڻي دل تون اڃايو پئي بيزار ٿئين اڇهو ڪي اڇهو سڄڻ پهچڻ وارا اٿئي! لطيف سائينءَ آسر وند ۽ اڪنڊين دلين جي ڪيفيت ٿو ٻڌائي جيڪي پنهنجي سڄڻن سان ملڻ لاءِ بيتاب آهن. جو ته اهي وسڪاري واري مند ۾ موٽندا آهن تنهن ڪري سندن من اندر ۾ اڀرائي اٿن ته ڪڏهن مينهن وسندو، ڪڏهن اهڙو ڏينهن ايندو جو منهنجا پرين مون وٽ پهچندا؟ تن دلين دلاسو ڏيندي چئين پئي ته جو ماٺيون ٿيون آهيو؟ ڏسو ته پيون ته وڄ اهڙا وراڪا ۽ تجلا پئي ڏئي جو ان سامهون اکيون ئي ته ٿيون پڇن پنهنجي دل من شانت رکو، اڻائي ٻچان ۽ بيزاري نه ڪريو، سگهوئي سڄڻ ملڻ وارا آهن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اچوڪو ڏينهن ---- 04 سيپٽمبر

فوزيه سومرو

اڄ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره فوزيه سومري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي راڳ جي هن راڻيءَ 1966ع ڌاري ٽنڊي محمد خان ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. سندس والد حاجي ٿڌو سومرو به هڪ سٺو راڳي هو. فوزيه جو اصل نالو حڪيمه هو ۽ هن راڳ جي ابتدائي سکيا پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. هن سورهن سالن جي عمر ۾ باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو. ريڊيو پاڪستان تي کيس مشهور پروڊيوسر نصير مرزا متعارف ڪرايو. هن جو پهريون رڪارڊ ٿيل ڪلام "بيقدرا قدر نه ڪيئي ڪو" جڏهن هوائن جي آڌار ريڊيو جي ٻڌندڙن تائين پهتو ته هر طرف واهه واهه مچي وئي ۽ هوءَ سنڌ جي مشهور ترين ڪلاڪاره بڻجي وئي. هن جي ڪلامن جون سوين ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون، جن هن جي مشهوريءَ کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. سندس فن کي مڃتا ڏيندي کيس لطيف ايوارڊ سميت ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو. سهڻي آواز واري هن سنگيتڪاره 4 سيپٽمبر 2002ع تي هي جهان ڇڏيو. کيس ٽنڊي محمد خان جي سخي برهان شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو.

محرم پٽي

هن مشهور صحافيءَ ۽ ليکڪ جو جنم 30 جون 1936ع تي ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ سوني خان پٽيءَ ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ 1960ع ڌاري لکڻ شروع ڪيائين هو "روزاني عبرت"، "انڊس ٽائيمس" ۽ ٻين اخبارن سان لاڳاپيل رهيو. سندس لکيل مضمون، رپورٽون، فيچر ۽ ڪالم مختلف اخبارن جي ورقن جي زينت بڻيا. هن 4 سيپٽمبر 1987ع ۾ نوابشاهه ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. هو نوابشاهه پريس ڪلب جي باني ميمبرن مان هڪ هو. سندس صحافتي خدمتن کي مڃتا ڏيندي نوابشاهه جي پريس ڪلب جي هال کي محرم علي پٽيءَ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.

جان محمد فدا

هن قادرالڪلام شاعر جو جنم اچوڪي ڏينهن تي 1885ع ۾ تعلقي ڪڪڙ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ پوڙيءَ ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جو سال 1885ع بجاءِ 1882ع ڄاڻايو ويو آهي سندس واسطو سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي جي خاندان سان هو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ڪجهه عرصو ٽڳا جي ديني مدرسي ۾ به پڙهيو. هن سنڌي فائنل جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيو. هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جا ڏينهڙا گذاريا. هن پنهنجي ذاتي مطالعي وسيلي عربي، اردو، سنسڪرت، پشتو، بروهڪي ۽ بلوچي ٻولين تي عبور حاصل ڪيو هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ شاعريءَ ۾ "فدا" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام "ديوان فدا" جي نالي سان قلمبند ٿيل آهي هن اپريل 1921ع ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

محمد سومر سومرو

هن نامور سگهڙ ۽ لوڪ ادب جي پارکوءَ جو جنم 4 سيپٽمبر 1949ع تي شڪارپور ۾ ٿيو سگهڙائپ ۾ محمد ملوڪ عباسي سندس استاد رهيو هن ريڊيو، پاڪستان ٽيليويزن ۽ ڪجهه نجي ٽيليويزن چينلن تان نشر ٿيندڙ لوڪ ادب جي پروگرامن ۽ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ڀرپور حصو ورتو سندس شاعري مختلف ادبي رسالن جي سونهن بڻجندي رهي آهي سگهڙن جي مشهور ڪتاب "سهڻل جا سينگار" ۾ به هن جو مختصر تعارف ۽ شاعري شامل آهي اهو ڪتاب عاجز رحمت الله لاشاري ۽ گل حسن گل ملڪ ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي.

مولانا محمد عثمان نورنگزاده

مولانا محمد عثمان نورنگزاده انگريزن جي دور جو وڏو عالم، درويش ۽ متقي بزرگ هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي مولانا صاحب جي ولادت 1854ع ڌاري موجوده بدين ضلعي جي شهر ڪورواهه ۾ ٿي سندس والد جو نالو حافظ محمد نورنگزاده هو هن ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي ۽ ان بعد وقت جي ٻين عالمن کان فقه، حديث، تفسير، منطق، فلسفي ۽ تاريخ جي تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو کيس عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تي به عبور حاصل هو پاڻ 1850ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ۾ فقه جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄا سارا 28 سال علم جي آبياري ڪري رٽائر ٿيو هو پنهنجي دور جو جيد عالم، شاعر ۽ مفڪر هو هن مختلف ديني موضوعن تي 15 بيش بها ڪتاب لکيا انهن ڪتابن جي فهرست ٽماهي مهراڻ رسالي جي جنوري 2020ع واري شماري ۾ پڙهي سگهجي ٿي سندس شاعريءَ جا ڪجهه نمونا به ساڳئي شماري ۾ پڙهي سگهجن ٿا هن نيڪ بزرگ 4 سيپٽمبر 1918ع تي راهه رباني ورتي کيس ڪڙئي گهنور جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

امداد علي سرائي

امداد علي سرائي پنهنجي دور جو مشهور محقق، اديب ۽ شاهه جي شاعريءَ جو سچو عاشق ۽ پارکو هو هن قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر نصيرآباد ۾ 4 سيپٽمبر 1936ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر نصيرآباد مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين هن سنڌ جي روينيو کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو جن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار، انچارج مختيارڪار ۽ ڪمشنر حيدرآباد جو آفيس سپرنٽينڊنٽ وغيره جهڙا عهدا شامل آهن هن کي ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي شمس العلماءَ علامه عمر بن محمد دائودپوٽي کي شاهه جو رسالو ترتيب ڏيڻ ۾ مددگار رهيو ڀٽائيءَ جو اڻڇپيل ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ رڻ ڪڇ ٻاڙمير، آديپور، گانڌيڌام، احمدآباد ۽ الهاس نگر جهڙن ڏورانهن علائقن جو سفر ڪيائين ان کان علاوه هندستان جي ٻين به علائقن جو سفر ڪيائين هن جيڪي بيش بها ڪتاب لکيا، تن ۾ "ملهه اڻ توريا"، "قدم ڪاپڙين جا" "ڪشتي منجهه ڪتا" شامل آهن هن انمول انسان 16 سيپٽمبر 2002ع تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلايو.

فقير محمد لاشاري

اڄ سنڌ جي مشهور صحافيءَ ۽ ليکڪ فقير محمد لاشاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 4 سيپٽمبر 1951ع تي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي مشهور ڳوٺ ڳاڄي کهاوڙ ۾ محمد حسن لاشاريءَ جي گهر ۾ ڄائو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول وارهه ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (اڪنامڪس) ۽ ايل ايل بي جون سندون ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين.

مختيار اثر

1972ع ۾ پرائمري استاد ۽ 1976ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي لينگويج ٽيچر مقرر ٿيو. ڪراچيءَ ۾ ئي صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين پهريائين روزاني هلال پاڪستان اخبار جو سب ايڊيٽر مقرر ٿيو هلال پاڪستان ميگزين جو انچارج پڻ رهيو. ان بعد روزاني عوامي آواز ۽ روزاني جاڳو جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. انهن اخبارن لاءِ لکيل سندس ايڊيٽوريل ۽ ڪالم ڪافي مشهور ٿيا. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "سنڌ جا سور ڌرتيءَ جي دانهن"، "سگهارو هماليه هيٺا ماڻهو"، "چيهر جا سونهان"، "رڃ جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ" ۽ "سنڌ جام صادق عليءَ کان پيپلز پارٽيءَ تائين" شامل آهن. هن 17 جولاءِ 1993ع ۾ روڊ حادثي ۾ وفات ڪئي. 1994ع ۾ پاڪستان سرڪار سندس لاءِ ستاره امتياز جو اعلان ڪيو.

خالده نسرين

اڄ سنڌي ۽ اردو ٻولين جي مشهور شاعره خالده نسرين جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن نامور شاعره جو جنم 4 سيپٽمبر 1954ع تي نواب شاهه ۾ ٿيو هن بي اي فائن آرٽس ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات ليڪچرار طور ڪيائين ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ڪيائين. هن 1973ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس ڇپيل شعري مجموعن ۾ "پيڙا جي پاتار ۾"، "چنڊ مٺي آڪاس" ۽ "غزلن جو ديوان" شامل آهن ان کان علاوه سندس اردو شاعريءَ جو ڪتاب اڻ ڇپيل صورت ۾ تيار آهي.

ڊاڪٽر رضا چانڊيو



ڊاڪٽر رضا چانڊيو سنڌ جو نامور شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي سندس جنم 4 سيپٽمبر 1961ع تي ڳوٺ ميهون خان چانڊيو ۾ ٿيو اهو ڳوٺ تعلقي ڀريا ضلعي نوشهري فيروز جو هڪ مشهور ڳوٺ آهي هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول هوت خان جلباڻيءَ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊوجام ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين هن 1987ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي هن سنڌ جي مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر ۽ معالج طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ 2021ع ۾ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ طور رٽائر ٿيو ادبي دنيا ۾ هو هڪ سرموڙ شاعر ۽ ليکڪ طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو سندس ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، ڪتابن تي تبصرا ۽ سوانحي خاڪا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ادبي رسالن جي سونهن بڻجندا رهيا آهن هن جي شاعريءَ جو مجموعو "واڇوڙا وجود ۾" ۽ ڪهاڻين جو مجموعو "منهنجي ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن.

حافظ علي اڪبر مجروح

هن بزرگ شاعر جي زندگيءَ جو پيرائتو احوال نه ملي سگهيو آهي پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر هو خاص طور تي سندس مولود، مداحون، مناجاتون، حمد ۽ نعتون مشهور هيون هن جو جنم هالا پراڻا ۾ آخوند محمد قاسم جي گهر ۾ ٿيو عربي ۽ فارسيءَ جي چڱي ڄاڻ حاصل هئس هن 4 سيپٽمبر 1936ع تي وفات ڪئي سندس هڪ مناجات ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" ۾ شامل ڪئي آهي

مرزا امام علي بيگ

مرزا امام علي بيگ سنڌ جو نليولو شاعر ۽ مصور هو سندس جنم 1881ع ڌاري ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ مرزا قاسم علي بيگ جي گهر ۾ ٿيو هن ان وقت جي مشهور عالمن ۽ استادن وٽ علم جي آبياري ڪئي سندس استادن ۾ آخوند علي محمد ۽ مولانا ابوالحسن لکنويءَ جهڙا نامور علم شامل هئا هن کي ننڍپڻ کان ئي مصوريءَ ۽ شاعريءَ جو شوق هو سندس اکر به ڏاڍا سهڻا هوندا هئا. هن جي شاعريءَ ۾ مرثيه، سلام، غزل، مناجاتون، نعتون ۽ قصيدا وغيره شامل آهن هن قادرالڪلام شاعر 4 سيپٽمبر 1955ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو.

سليم ڳاڙهوي

اڄ مشهور شاعر سليم ڳاڙهويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن قادرالڪلام شاعر جو جنم 15 مارچ 1925ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ڳاڙهي ۾ ٿيو هن جو اصل نالو الهوڙايو مهر هو سندس والد فقير حاجي الهڏنو مهر پٽائيءَ جي درگاهه جو مجاور هو هن پهريان چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا ۽ سنڌي فائنل جو امتحان پريلوءَ جي اسڪول مان پاس ڪيائين 1947ع ڌاري شاعري شروع ڪيائين ۽ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين سندس ابتدائي شاعري اديب سٽ رسالي ۾ ڇپبي هئي شاعريءَ ۾ مرحوم محمود خادم لاڙڪاڻوي سندس استاد هو 1956ع ڌاري سندس دوستن ۽ ادبي شاگردن "بزم سليم" نالي هڪ ادبي تنظيم جو بنياد رکيو جتي هو نون شاعرن جي تربيت ڪندو هو ۽ ادبي گڏجاڻيون پڻ منعقد ٿينديون هيون سليم ڳاڙهويءَ 4 سيپٽمبر 1987ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر قادر بخش انصاري

ڊاڪٽر قادر بخش انصاري مشهور ڊاڪٽر، ميڊيڪل آفيسر ۽ سماج سڌارڪ انسان هو سندس جنم 27 ڊسمبر 1923ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم مٽياريءَ مان حاصل ڪئي ۽ ايم بي بي ايس جي سند ممبئيءَ مان حاصل ڪيائين محترم مقصود احمد قاضيءَ پنهنجي ڪتاب تاريخ مٽياريءَ ۾ لکيو آهي ته پاڪستان ٺهڻ بعد ڊاڪٽر انصاري پهريون ڊاڪٽر هو جيڪو بحيثيت آنرري سرجن سنڌ جي اسپتالن ۾ ڪم ڪري رهيو هو 1955ع ۾ جڏهن حيدرآباد ميڊيڪل ڪاليج جو بنياد رکيو ويو ته ڊاڪٽر انصاريءَ کي انهيءَ ڪاليج جو پهريون پرنسپال مقرر ڪيو ويو. هن کي سيڪريٽري هيلٿ سميت ڪيترن ئي اعليٰ عهدن جي آڇ ڪئي وئي پر هن ڪابه آڇ قبول نه ڪئي 1983ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن مٽياري شهر ۾ ڪيترائي عام ڀلائيءَ جا ڪم ڪرايا. شهر جون گهٽيون پڪيون ڪرائڻ ۽ ڊاڪٽرن جي لاءِ رهائشي ڪالوني ٺهرائڻ سندس سماجي ڪمن جا به مثال آهن هن ٻيا به ڪيترائي عام ڀلي جا ڪم ڪرايا. هن 4 سيپٽمبر 2000ع ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شازيه ..پلينٽف بخلاف. (1) عبدالله ولد عرس محمد (2) عرس محمد ولد غلام قادر ذات چانڊيو رهندڙ ايرا چوڪ بيپر اسٽاپ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار پاسٽ، پريزنٽ، فيوچر مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظيرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 70 سال 2026

(1) مسمات فوزيه بيواهه مرحوم راوت علي (2) نور پري (3) اسد ٻئي ڌي پٽ مرحوم راوت علي مائنر معرفت ماءُ رهندڙ ڳوٺ گاهي خان رند بي او 68 موري ديهه 21 نصرت تعلقو دوڙ ..ايپليڪينٽ بخلاف. (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) اسسٽنٽ مينيجر نادرا سانگهڙ روڊ نوابشاهه (3) رجسٽرار QUEST نوابشاهه (4) مسمات نوري بيواهه مشاهد علي رند.....اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 370،372 سڪسيشن ايڪٽ سيڪشن 5(B) Read With Section 2(B) ليٽر آف ايڊمنسٽريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي فوتي راوت علي ولد مشاهد علي رند جي سروس بينفٽ، گروپ انشورنس، رهيل پگهارون، LPR Period، ڊفرنس بلس، فنانشل اسسٽنٽ (امبريلا اسڪيم) فيملي پينشن، ڪميونيڪيشن وغيره QUEST نوابشاهه کان حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان
(روبرو جناب عبدالحڪيم)
سول اپيل نمبر 23 سال 2026

حسين بخش ولد گل محمد ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) سنڌ حڪومت معرفت ڊي سي ٽنڊو محمد خان (2) اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر (3) مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر (4) سب رجسٽرار ٽنڊو محمد خان (5) محمد خان ولد هوت خان (6) ميرزادي ڌيءُ بچل مسلم بالغ ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان (7) شاهنواز ولد راڻو خان مسلم بالغ ذات جمالي رهندڙ ڳوٺ سونو خان جمالي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين (8) محبوب احمد ولد محمد اسلم مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 201 اولڊ فش مارڪيٽ ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (9) محمد رمضان ولد غلام قادر مسلم بالغ رهندڙ ڪشميري محلا ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (10) محمد اڪرم ولد غلام رسول مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 253 ڪچي محلا ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (11) غلام الله ولد مصري خان مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ محمد عثمان حجام پي او پنگريو تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين (12) غلام مرتضيٰ ولد مٺو مسلم بالغ ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ مير محمد لغاري تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان (13) حسين بخش ولد غلام محمد (14) مسمات حنيفان ڌيءُ غلام محمد (15) مسمات سائين ڌيءُ غلام محمد (16) مسمات قربان ڌيءُ غلام محمد ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان... ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 5 کان 16 ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊگري خلاف جيڪا 26-03-2026 تي پاس ڪئي سينئر سول جج II ٽنڊو محمد خان ايف سي سوٽ نمبر 109 سال 2023 (حسين بخش پتافي خلاف سنڌ صوبو ۽ ٻيا) تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج اينڊ جي ايم I چمبڙ
فيملي سوٽ نمبر 13 سال 2026

مسمات مجيدان زال چتون ذات شيخ رهندڙ ڳوٺ داد خان جروار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف بخلاف. چتون ولد لالو ذات شيخ رهندڙ ناگو شاهه پي ايس صدر تعلقو ٽي ايم خان..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج اينڊ جي ايم I چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽي ايم خان
گارڊين درخواست نمبر سال 2026

مسمات شازيه ڌيءُ وزير احمد بيواهه درمحمد ذات ڪولاچي رهندڙ ديهه دوڏي ٽپو سعيدپور ضلعو ٽنڊو محمد خان ..ايپليڪينٽ..بخلاف. (1) محمد شهباز ولد مرحوم در محمد (2) مسمات نازيه ڌيءُ مرحوم در محمد مائنر (3) مسمات ناديه ڌيءُ مرحوم در محمد مائنر (4) مسمات نورجهان ڌيءُ مرحوم در محمد مائنر (5) مسمات ماهنور ڌيءُ مرحوم در محمد (6) محمد يوسف ولد مرحوم در محمد (7) جنرل پبلڪ...اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽي ايم خان

عام اطلاع

اسين ٿالي هيٺ صحيح ڪندڙ ٻئي زالون سڪندر محمد احمد، پنهنجي هوش حواس، بنا ڪنهن زور بار هن قسم نامي ذريعي لکي ڏئي رهيون آهيون. ته ٿالي مرحوم سڪندر محمد احمد ولد احمد ڪنڊ اسان جو حقيقي مڙس هيو جيڪو 29 جولائي 2025 ۾ فوت ٿي ويو جنهن جي وارثن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ٻن زالن ۽ ٻارن ۾ هر هڪ عائشه، سميه، احمد، عبدالله، محمد سيني جي ولديت سڪندر محمد احمد شامل آهن هن قسم نامي ذريعي لاڳاپيل سرڪاري ادارن توڙي هر عام و خاص کي اطلاع ڪجي ٿو ته فوتي جي ڇڏيل ملڪيت جنهن ۾ 12 جريب زرعي زمين، حيدري محلا ۾ پلاٽ، 16 دڪان ۽ هڪ گهر شامل آهي جنهن تي اسان ٻنهي گهر وارين ۽ اولاد جو قانوني ۽ شرعي حق آهي. ڄاڻايل مليڪت ٻي ڪنهن جي به دعوي کي ڪوڙو سمجهيو وڃي. نه ئي ڄاڻايل ملڪيت جو مٿي ظاهر ڪيل وارثن کان علاوه ڪنهن سان به ليڻ ڏيڻ ڪئي وڃي هي قسم نامو اخباري اشتهار لاءِ ڏئي رهيون آهيون. ته سند رهي وقت ضرورت ۾ ڪم اچي

فاطمه زال سڪندر محمد احمد 43402-0577713-0
حسنه زال سڪندر محمد احمد 43402-0570642-0
وڪيل: ريشم گلي، قمبر علي خان، ڊسٽرڪٽ قمبر شهدادڪوٽ

مختارنامي جي منسوخي

جيئن ته اسان هر هڪ ٿالي محمد گل ولد محمد اسماعيل گورگيج بلوچ ۽ محمد رياض ولد محمد اسماعيل گورگيج بلوچ جن ٻنهي عام مختيار نامون جناب سب رجسٽرار آفيس ٽنڊو الهيار جي جريان نمبر 857 تاريخ 14-03-2023 رجسٽرڊ نمبر 06 بڪ IV تاريخ 14-03-2023 موجب ٿالي عبداللطيف ولد عبدالڪريم گورگيج قومي شناختي ڪارڊ نمبر 4220113187507 کي پنهنجي زرعي زمين واقع ديهه ريجل ٽپو اي ڪوڪر تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار جي سروي نمبر 135-1 مان (16-0) گهنٽه سروي نمبر 135-2 مان (38-3) ايڪڙ سروي نمبر 136-1 مان (16-1) ايڪڙ جملي ايراضي (30-5) ايڪڙ ۽ سروي نمبر 93-3 مان (10-1) ايڪڙ سروي نمبر 93-4 (32-3) ايڪڙ سروي نمبر 94-2.2A (27-1) ايڪڙ سروي نمبر 94-3 (00-4) ايڪڙ سروي نمبر 94-5 (11-2) ايڪڙ سروي نمبر 94-3 مان (19-0) گهنٽه جملي ايراضي (19-13) ايڪڙ سروي نمبر 164 (00-16) ايڪڙ سروي نمبر 133-4 مان (19-2) ايڪڙ سروي نمبر 131-1 مان (00-4) ايڪڙ سروي نمبر 131-2 مان (29-0) ايڪڙ جملي ايراضي (23-08) ايڪڙ بابت رجسٽري ڪري ڏنو هو جنهن موجب اسان جي زرعي زمين جو عام مختيار عبداللطيف ولد عبدالڪريم هو ۽ محمد رياض، محمد اسماعيل جو اسپيشل پاور آف اٽارني پڻ مونکي مليل آهي تنهنڪري هي ملڪيت منهنجي آهي ۽ منهنجي قبضي هيٺ آهي تنهنڪري آئون پنهنجي رضا خوشي سالم هوش ۽ عقل جي ڏنل عام مختيارنامون منسوخ يعني رد ٿو ڪريان جيڪو هاڻ هر طرح سان منسوخ ۽ رد سمجهيو وڃي

محمد گل ولد محمد اسماعيل
شناختي ڪارڊ نمبر 4220123483801 رهندڙ حال ديهه ريجل تعلقو ضلع ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 111 سال 2026

(1) مسمات مريم خاتون ڌيءُ محمد بچل زال نذير محمد رهندڙ لوڪو شيڊ محمود آباد ميرپورخاص (2) مسمات حاجران بيبي ڌيءُ نذير محمد مائنر (3) روشن علي ولد نذير محمد ..پلينٽف. بخلاف. نذير محمد ولد مجنون ماڇي رهندڙ شاهي پلي موڙ تعلقو پٿورو ضلعو عمر ڪوٽ .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري ڊوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 172 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 1873 سال 2025

مسمات فريال ٽالپر زال مير قادر ٽالپر رهندڙ A-48 فيز 2 مير حسين آباد يونٽ نمبر 03 لطيف آباد حيدرآباد..پلينٽف. بخلاف. مير عبدالقادر خان ٽالپر ولد مير غلام الله ٽالپر رهندڙ گهر نمبر A-115 سنڌ مسلم هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف Execution Application Brief Resume of the face of the Matter لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات عارفه ڌيءُ نصرالله زال محسن سالار ذات ڪمبراڻي رهندڙ مير شاهه محمد ڪالوني ٽنڊو الهيار..پلينٽف. بخلاف. محسن سالار ولد ليمون خان ذات خاصخيلي رهندڙ جمن شاهه جان انور پير مگسهار ٽنڊو عالم 03333655934 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

علي اڪبر ولد مشتاق علي ذات جروار رهندڙ ڳوٺ پير بخش جروار ديهه 128 تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات غلام فاطمه بيواهه مشتاق احمد (2) مس امروز خان (3) مس اسما (4) پير بخش (مائنر) سڀ پٽ ڌيئرون مشتاق احمد (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ريسپونڊنٽس

.. مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي JS Bank عمرڪوٽ برانچ روڊ ميرپورخاص برانچ کان امائونٽ جي رڪوري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سول اپيل نمبر 94 سال 2025

بلاول حق ولد علي حيدر مهر رهندڙ ڳوٺ علي محمد مهر رهندڙ ديهه 99 تعلقو حسين بخش مري ..ايپليڪينٽ. بخلاف. شاهنواز ولد محمد رمضان رهندڙ PWD ڪوارٽرس گرڊ اسٽيشن ميرپورخاص. ريسپونڊنٽس

.. مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي ري ڪالنگ آف آرڊر تاريخ 28-04-2026 لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 52 سال 2026

مسمات ماروي ڌيءُ نهال زال گلزار رهندڙ ديهه 170 تعلقو ڏگهڙي..پلينٽف. بخلاف. گلزار ولد محمد ڪبري رهندڙ ڳوٺ عبدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 36 سال 2026

مسمات فرزانه ڌيءُ هوت محمد زال اڪرم رهندڙ ڳوٺ بچو خان ٽنگڙي تعلقو جهڏو..پلينٽف. بخلاف. اڪرم ولد محمد وارث رهندڙ ڳوٺ بچو خان ٽنگڙي تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 109 سال 2026

مسمات شاهزينا زال منظور احمد رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري تعلقو سڪرنڊ .. پلينٽف بخلاف. حفيظ ولد وزير رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 285 سال 2026

مسمات شهناز گل ڌيءُ علي اڪبر سولنگي رهندڙ مهراڻ ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف بخلاف. ظفر ولد مرحوم وحيد علي انصاري رهندڙ حقاني ڪالوني نوابشاهه سيل نمبر 03003252902 ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته وارڊ A محلا بدر آباد ڪالوني دادو سٽي سروي نمبر 928/36 مان ايراضي 1050 چورس فوٽ جڳهه ٺهيل آهي جيڪا وڪرو ڪندڙ ڊر ظهير الدين ولد ارباب علي پاران بلاول ولد سراج الدين کي وڪرو ڪري ڏني آهي جنهن جي ايگريمينٽ مطابق رقم ڏني وئي آهي ڪنهن به ڌر کي اعتراض هجي ته 07 ستن ڏينهن اندر رابطو ڪري ٻي صورت ۾ ڪنهن به ڌر جو قانوني حق نه هوندو هي بيان رڪارڊ ۾ رکيو وڃي

بلاول ولد سراج الدين وينل بدرآباد ڪالوني تعلقو ضلعو دادو

تاريخ پيدائش جي درستي

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي جيئن ته منهنجي اسڪول رڪارڊ / تعليمي بورڊ جي دستاويزن ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 03-03-2008 لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صحيح تاريخ پيدائش 03-04-2008 لکيو ۽ پڙهيو وڃي

خيرمحمد ولد علي نواز رهندڙ ڳوٺ غلام حسين ٽالپر بخشو لغاري تعلقو ضلعو حيدرآباد

عام اطلاع

هرخاص عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته تعلقو ڪوٽ غلام محمد جو روينيو رڪارڊ 2007 ۾ سڙي ويو هو ٿون ڪمپيوٽرائيزڊ رڪارڊ 2014 ۾ مڪمل ٿي ويو هو ديهه A-290 تعلقو ڪوٽ غلام محمد جي روينيو رڪارڊ ۾ آڻ ٿهيل آهي رهجي ويل آهن هاڻ درخواستگذار ٿالي غلام مرتضيٰ ولد محمد اشرف ۽ ٻيا رهندڙ ديهه A-290 جن جناب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 صاحب ميرپورخاص کي درخواستگذار دستاويز پيش ڪيا آهن سروي نمبر 262،276،265 ايراضي 11-10 ايڪڙ ديهه A-290 ۾ آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ڄاڻايل پلاٽ نمبر يا سروي نمبرن ۽ ايراضي بابت ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائيندا ٻي صورت ۾ مذڪوره پلاٽ/ سروي نمبر ۽ ايراضي مٿين ڪاتيدارن جي نالي تي روينيو رڪارڊ ۾ داخل ڪئي ويندي

مختيارڪار روينيو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

بقايا 1 “روزاني عبرت”

يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ شاگردن جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي جي ڪئين ڏينهن بعد خوف ۽ ڇڪتاڻ واري فضا برقرار رهي، يونيورسٽي انتظاميه حالتون معمول تي آڻڻ لاءِ ڪي به قدم نه کڻي سگهي آهي. گذريل ٻن ڏينهن کان لاڳيتو تدريسي عمل معطل رکڻ بعد يونيورسٽي انتظاميا 7 تاريخ کان شروع ٿيندڙ مڊٽرم امتحان به اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيا، ڪراپ پروڊڪشن، وٽرنري اينڊ اينيمل سائنسن سوشل سائنسن ڪراپ پروٽيڪشن، ايگريڪلچر انجنيئرنگ فيڪلٽين ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر ۽ ٻين فيڪلٽين جا مڊٽرم امتحان ملتوي ڪيا ويا.

بقايا 2 “روزاني عبرت”

ٽنڊوآدم پاران عريف الله سيفي عبدالغفور انصاري . مشتاق عادل عبدالستار انصاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ويو آهي ته مهانگائي عوام جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ماڻهو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهن مٿان حڪومت پاران پيٽرول گئس بجليءَ جي اگهن کي ناجائز ٽيڪس لڳائي عوام کان جيئڻ جو حق کسيو پيو وڃي هنن مطالبو ڪيو آهي ته مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري پيٽرول بجلي ۽ گئس جا اگهه گهٽ ڪيا وڃن ناجائز ٽيڪسن ۽ اضافي چارجز جو خاتمو آندو وڃي ۽ حڪمرانن جون غير ضروري مراعتون پروٽوڪول ۽ شاهاڻا خرچ گهٽائي عوام کي حقيقي رليف فراهم ڪيو وڃي هنن ڪامياب ۽ پرامن هڙتال تي ٽنڊوآدم جي شهرين واپارين صنعتڪارن ۽ ڪاروباري برادري جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته عوامي مسئلن جي حل ۽ ظالماڻن ٽيڪسن جي خاتمي تائين جدوجهد جاري رکي ويندي

بقايا 3 “روزاني عبرت”

ڪلاڪن کان پوءِ واپاري برادري دڪان کولي ٻيهر ڪاروباري سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون ملڪ گير شٽر ڊائون احتجاج جي سڏ تي جماعت اسلامي ضلعي سکر جي ڪارڪنن پاران ريلي پڻ ڪڍي وئي ۽ گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ريلي ۽ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙن پيٽروليم ليوي ۽ مهانگائي خلاف سخت نعريبازي ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ۽ وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 “روزاني عبرت”

خليفي سائين واري قبرستان ۾ جنازه نماز ادا ڪرڻ بعد مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

بقايا 5 “روزاني عبرت”

ڇهن شاگردن کي رسٽيڪيٽ ڪرڻ شاگردن کي ديوار سان لڳائڻ جي برابر آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا ۽ يونيورسٽي انتظاميا کي چتاءُ ٿا ڏيون ته شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪري هاسٽلن اندر بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ شاگردن کي اداري مان بيدخل ڪرڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سنڌ جي ٻين يونيورسٽين تائين وڌايو ويندو

بقايا 6 “روزاني عبرت”

اسپتال منتقل ڪيو ويو اهڙو اطلاع وارثن کي ملڻ تي گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو مچي ويو آهي

بقايا 7 “روزاني عبرت”

ويو جن ۾ خان محمد، محمد ياسين، سينگار علي، توفيق احمد، گل محمد، اعجاز علي، شفيع محمد، مجيب، صداس ٽنگر خان، معشوق، رشيد، ممتاز راهب چانڊين تي داخل ڪيو ويو جڏهن ته 2 ڄڻن جي قتل جو ڪيس 20 سڃاتل ۽ 2 اڻسڃاتل جوابدارن مٿان راهب چانڊيو جي فرياد تي داخل ڪيو ويو

بقايا 8 “روزاني عبرت”

سائٿس گڏ هئا. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مسرور سيال ميان محمد اسلم قادري مير افتخار احمد لنڊ رائيس امان الله چاچڙ سميت صوبائي قيادت ۽ ٻين اڳواڻن وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه ۽ مرڪزي اڳواڻن جو استقبال ڪيو وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل آفريدي رحيم يار خان ايئرپورٽ کان ريلي جي صورت ۾ سنڌ-پنجاب سرحد ڪموں شهيد پهتو جتي پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ شهرين پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ڪموں شهيد تي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل آفريدي سنڌ جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو ته سنڌ جي غيرتمند عوام اڳ به شاندار استقبال ڪيو هو پر هن ڀيري عوام جو جوش ڏسي محسوس ٿي رهيو آهي ته استقبال جا سمورا رڪارڊ ٽٽڻ وارا آهن محمد سهيل آفريدي چيو ته سنڌ جي عوام کي خبر آهي ته سنڌ تي مسلسل ڪنهن جي حڪومت آهي ۽ اهو پڻ ڏسي رهي آهي ته عوام سان ڪيتريون زيادتيون ٿي رهيون آهن سنڌ کي ان جو حق ۽ ترقيءَ جو حق نه ڏنو پيو وڃي. عوام جو جذبو ٻڌائي رهيو آهي ته سنڌ ۾ زرداري راڄ جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي هن چيو ته تمام جلد سنڌ جي عوام کي عمران خان سندن حق ڏياريندو پي ٽي آءِ سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي عوام به عمران خان سان گڏ بيٺل آهي. وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل آفريدي چيو ته 27 سيپٽمبر تي عمران خان قوم جو انتظار ڪندو، ڇا قوم تيار آهي؟ 27 سيپٽمبر جي تيارين جي سلسلي ۾ جاري اسٽريٽ موومينٽ اڄ سنڌ ڌرتيءَ ۾ داخل ٿي رهي آهي ان شاءَ الله 27 سيپٽمبر تي ڪراچي کان مڪران، خيبر کان مهراڻ ۽ لاهور کان گلگت بلتستان تائين سڄو پاڪستان روڊن تي هوندو ان موقعي تي پي ٽي آءِ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل بئريسٽر سلمان اڪرم راجا چيو ته اسان سنڌ ڌرتيءَ جي عوام وٽ عمران خان جو پيغام کڻي آيا آهيون اهو پيغام محبت، سنڌ جي ترقي ۽ سنڌ جي حقن جو پيغام آهي هن چيو ته اسان سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺا آهيون ۽ سندن حقن لاءِ جدوجهد ڪنداسين اسان سنڌ جي پاڻي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي حفاظت ڪنداسين سنڌ جو فيصلو سنڌ جي عوام ڪندي انهن جعلي حڪمرانن کي سنڌ ڌرتيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو ڪو به حق ناهي بئريسٽر سلمان اڪرم راجا چيو ته ڪنهن به ظلم ۽ جبر کي سنڌ ڌرتيءَ تي مسلط ٿيڻ نه ڏينداسين سنڌ ڌرتيءَ جا سمورا مسلمان ۽ غير مسلم باشندا هن ڌرتيءَ جا وارث آهن اسان آخري دم تائين سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺا رهنداسين فتح عوام جي ٿيندي قومي اسيمبلي جي ميمبر مخدوم زاده زين حسين قريشي چيو ته وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ جي مرڪزي قيادت کي سنڌ ڌرتيءَ تي اچڻ تي ڀليڪار چوان ٿو سنڌ جي غيرتمند عوام کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ته فسطائيت باوجود ڪموں شهيد تي عوام شاندار استقبال ڪيو هن چيو ته سنڌ ڌرتي هاڻي تبديلي لاءِ تيار آهي سنڌ جي عوام ظلم جون زنجيرون ٽوڙڻ لاءِ تيار آهي ڪموں شهيد جو استقبال برسات جي ڀيرين ٽوڙي ثابت ٿيندو سڄو سنڌ عمران خان سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي عوام حقيقي آزاديءَ جي جنگ ۾ گڏ بيٺي آهي ايم اين اي زين حسين قريشي چيو ته پوري قوم چاهي ٿي ته باني پي ٽي آءِ مخدوم شاهه محمود قريشي سميت سمورن اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو ته وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه سهيل آفريدي ۽ مرڪزي اڳواڻن کي سنڌ ڌرتيءَ تي اچڻ تي ڀليڪار چوان ٿو پي ٽي آءِ جا اڳواڻ عمران خان جو پيغام کڻي سنڌ آيا آهن حليم عادل شيخ چيو ته اڄ سنڌ جي عوام ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته عوام ڪنهن سان گڏ بيٺل آهي وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه جو پنج ڏينهن وارو سنڌ جو دورو تاريخي ثابت ٿيندو عوام پيپلزپارٽي کان بيزار ٿي چڪي آهي پيپلزپارٽي 18 سالن ۾ سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته سنڌ جي عوام جا حق مسلسل هڙپ ڪيا پيا وڃن سنڌ جي پاڻيءَ جو سودو ڪندڙ سنڌ جا خيرخواهه نٿا ٿي سگهن پيپلزپارٽي سنڌ دشمن جماعت آهي 18 سالن جي ڪرپشن جو دور جلد ختم ٿيڻ وارو آهي حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ جي عوام جي حقن جو تحفظ عمران خان ڪندو سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي عوام به عمران خان جي آزادي چاهي ٿي ۽ اڄ سنڌ جي عوام ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته اها عمران خان سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 9 “روزاني عبرت”

عبدالحفيظ ولد سجڻ ڪنبر ڪنبر پاڙي ڪنڊياري، مختيار علي ولد محمد هاشم منگريو ڳوٺ يار محمد منگريو ورهاست جي تقريب ۾ پريس ڪلب ڪنڊياريءَ جو صدر عقيل احمد وسان، صحافي محمد عرس ڪنبر پ پ پ ميناري جي اڳواڻ ڊاڪٽر نرسنگ ڪنول صحافي ڪونڌل ناز منگي، سوشل فورم جو عبدالرزاق چانڊيو ۽ ٻيا پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 10 “روزاني عبرت”

مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي مسمات شمشاد پٺو مسمات ڪلثوم پٺو رابيل پٺو فهد پٺو محبت پٺو ۽ ٻين ڪئي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مقتول فيصل گلزار پٺو جي والده مسمات گلشاد پٺو پاران زمين جي تڪرار بابت ڏنل موقف درست ناهي ۽ سندس بيان ۾ ڪا به صداقت ناهي. مظاهرين جو چوڻ هو ته مقتول فيصل گلزار پٺو اسان جو به پٽ هيو ۽ اسان پڻ چاهيون ٿا ته سندس قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي پر سندن چوڻ موجب سندن پٽ عبدالاحد پٺو ۽ ڀاءُ علي گل پٺو کي بيگناهه هجڻ باوجود قتل جي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي مظاهرين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 11 “روزاني عبرت”

سامهون اچڻ گهرجي ته ماڻهون موت جو ڪاروبار ڪن ٿا، سڄاول ضلعو سڄي ملڪ ۾ وڌيڪ غربت سٽيل علائقو آهي جيڪو 82 سيڪڙو کان وڌيڪ غربت لڪير هيٺ آهي، هن وڌيڪ چيو ته پ پ پ سنڌ حڪومت پنهنجا گناهه لڪائڻ لاءِ سنڌاسيمبلي ۾ بحث ڪرائي رهي آهي سنڌ جا ماڻهون شعور رکن ٿا پ پ پ وارن کي گهڻو سڃاڻن ٿا پر اهيو بحث آخري هجڻ گهرجي ۽ هاڻ ڪڏهن به نه ٿيڻ گهرجي انهي موقعي تي مولانا عبدالقيوم هاليجوي، سائين مولانا عبدالله ٿهيم مولوي اقبال ٿهيم ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 12 “روزاني عبرت”

دعا پڻ ڪئي وئي ياد رهي ته گذريل رات ٿاڻي ايئرپورٽ جي حد ۾ بچل شاهه پل ويجهو پوليس اهلڪارن تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي هئي.

بقايا 13 “روزاني عبرت”

حيسڪو انتظاميا هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته ماهه ربيع الاول ۾ مغرب کان فجر تائين بغير تعطل جي بجلي فراهم ڪئي وڃي، ان کان علاوه پريٽ آباد 4 فيڊر تي ٻن ڏينهن جي بجليءَ جي تعطل کي خودملاحظه ڪندس ۽ انڪوائري ڪندس ته خلل ڇو ٿيو گذريل پنڌن ٻن سالن ۾ حيسڪو انتظاميا خلق خدا جي خدمت جي جذبي تحت وليرائيندڙ درست سروس پاليسي تحت 24 ڪلاڪ بجلي ڏيندي 68 فيڊرس تان سروس ڏئي رهي آهي.

بقايا 14 “روزاني عبرت”

آهي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي جوابدارن جي گرفتاري ۽ ڦريل چوپائي مال جي برآمدگي لاءِ پوليس ٽيمون جوڙي ڪارروايون شروع ڪيون ويون ڊي ايس پي ٽنڊوباگو محمود پوٽ جي سربراهي ۾ ڊي آءِ سي انچارج محمد عارف جروار ايس ايڇ او ڊيٽي ٿاڻي انسپيڪٽر اياز علي پٺو ۽ عبدالخالق جروار پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي گينگ جي مک جوابدار صابو چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان ڦريل 13 ٻڪر ۽ 3 ٻڪريون پڻ هٿ ڪري ورتيون آهن پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته واردات ۾ ملوث گينگ جي ٻين گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي

بقايا 15 “روزاني عبرت”

ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ جو مين رستو ڪيلي جي زميندارن ۽ ٺيڪيدارن پاران ڪيلي جا ٿڦ پن ۽ ٻيو ڪچرو روڊ تي رکڻ سبب سوڙهو ٿي ويو آهي

بقايا 16 “روزاني عبرت”

هڪ نوجوان کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي مظاهرين موجب هنن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڦورن جو پيڇو ڪري ڦريل موٽرسائيڪل ۽ مبينا ڦورن کي پڪڙي بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس حوالي ڪيس پر پوليس ڦورو کي آزاد ڪري ڇڏيو رهواسين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي جاچ ڪري سخت قدم کنيا وڃن

بقايا 17 “روزاني عبرت”

تڪليف پهتي جنهن تي افسوس آهي هن چيو ته آئينده اهڙي قسم جو واقعو ٻيهر پيش نه ايندو ايس ايس پي دادو وڌيڪ چيو ته معاشري ۾ صحافت ۽ پوليس ٻنهي جو اهم ڪردار آهي تنهنڪري ٻنهي ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو جيئن سماج ۾ موجود سماجي برائين ۽ ڏوهن تي ضابطو آڻي عوام کي تحفظ فراهم ڪري سگهجي هن چيو ته ايس ايڇ او ٿلجي اسٽيشن افتخار جمالي ۽ سندس عملي پاران معذرت ڪئي وئي آهي ۽ آئينده صحافي برادري کي اهڙي قسم جي ڪا به شڪايت نه ملندي ان موقعي تي صحافي برادري پاران پوليس عملدارن جي معذرت کي قبول ڪندي اميد ظاهر ڪئي وئي ته مستقبل ۾ صحافين سان احترام ۽ قانون موجب رويو رکيو ويندو ۽ پوليس توڙي صحافت عوام جي حقن ۽ تحفظ لاءِ گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 18 “روزاني عبرت”

سمورن لاڳاپيل کاتن ۽ اسٽيڪ هولڊرز کي پنهنجي ذميوارين تي مڪمل طور عمل ڪرڻو پوندو هن هدايت ڪئي ته ممڪن حد تائين استادن کي پوليو مهم ۾ شامل نه ڪيو وڃي.

بقايا 19 “روزاني عبرت”

زبان تان ڦري ويو ۽ ٻج ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو لال خان سريءُ الزام لڳائيندي ٻڌايو ته محمد حسن مگسي سندس خلاف عدالت ۾ 22-اي بي تحت درخواست داخل ڪرائي، پر عدالت سگوريءَ درخواست تي ڪارروائي ڪندي سندس ئي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته محمد حسن مگسي ميڊيا ذريعي منهنجي خلاف ڪوڙا ۽ بي بنياد بيان پڻ ڏئي رهيو آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي صداقت ناهي - هن وڌيڪ چيو ته محمد حسن مگسي ڪيترن ئي دڪاندارن ۽ واپارين سان به فراڊ ڪيو آهي - هن ايس ايس پي مٽياري - ڊي ايس پي هالا سميت اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو ته عدالتي حڪم جي روشني ۾ محمد حسن مگسي خلاف فوري طور ڪيس داخل ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي-

بقايا 20 “روزاني عبرت”

مڙس موج علي لنڊ کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته رشيد احمد لنڊ سخت زخمي ٿي پيو. وارثن موجب موج علي لنڊ ۽ رشيد احمد لنڊ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ حاضري لاءِ وڃي رهيا هئا ته سومر موري پرسان رستي ۾ هٿياربندن مٿن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ موج علي لنڊ گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته رشيد احمد لنڊ سخت زخمي ٿي پيو. زخمي رشيد احمد لنڊ کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي واضح رهي ته لنڊ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ڪن سالن کان سڱاوتي تڪرار هلندڙ آهي جنهن دوران 3 ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ ڪنهن به جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي

بقايا 21 “روزاني عبرت”

ڪيو ويو جتي علاج دوران هن دم ڏئي ڇڏيو نوجوان جي چاچي منير لاشاري ٻڌايو ته محمد عمر جي ڪنهن سان به ڪا دشمني نه هئي هن چيو ته نوجوان واقعي کان لڳ ڀڳ ٻه ڪلاڪ اڳ گهران نڪتو هو جنهن بعد اطلاع مليو ته هو جيمس خان پرسان بيهوشي واري حالت ۾ پيل آهي منير لاشاري وڌيڪ ٻڌايو ته نوجوان اسپتال پهچڻ وقت به بيهوش هو ۽ هوش ۾ اچڻ کان سواءِ دم ڏئي ڇڏيو ضروري قانوني ڪارروائي بعد نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس موجب امڪان آهي ته نوجوان نشي آور شيءِ استعمال ڪرڻ سبب فوت ٿيو هجي جڏهن ته موت جو اصل سبب پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد ئي معلوم ٿي سگهندو

بقايا 22 “روزاني عبرت”

اچي ويا آهن گمبٽ شهر جي مختلف بازارن ۽ دڪانن تي شين جا مختلف اگهه وصول ڪرڻ سبب خريداري لاءِ ايندڙ شهرين ۾ بيچيني وڌي وئي آهي. گمبٽشهرين جو چوڻ آهي ته لاڳاپيل ادارن پاران دڪاندارن خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ سبب اٽي کنڊ، چانور داليون گيهه تيل کير چانهه ۽ ٻين روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه دڪاندار پنهنجي مرضي سان مقرر ڪري ڇڏيا جڏهن ته ڪيترن ئي دڪانن تي سرڪاري ريٽ لسٽون نمايان طور لڳل نظر نٿيون اچن شهرين موجب هڪ ئي شي مختلف دڪانن تي مختلف اگهن ۾ وڪرو ٿيڻ سبب عام ماڻهو کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته سرڪاري اگهه ڪهڙو آهي

بقايا 23 “روزاني عبرت”

گذري وڃڻ باوجود نوجوان جو پتو نه پئجي سگهيو جڏهن ته وارثن ۽ لاڳاپيل ادارن پاران درياهه سنڌ ۾ نوجوان جي ڳولا جاري رکي وئي ڊيپارجا چيئرمين شاهنواز ڍر جي ڪوششن سان صوبائي گهرو وزير ضياءُ لنجار سان رابطو ڪيو ويو جنهن بعد ريسڪيو 1122 جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي ريسڪيو 1122 جي ٽيم پاران نوجوان ذوالفقار ڍر جي درياهه سنڌ ۾ ڳولا جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين نوجوان جو لاش هٿ اچي نه سگهيو هو

بقايا 24 “روزاني عبرت”

عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران وڏي وزير سيد مراد علي شاهه لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن تي مشتمل جديد اسپتال جولاءِ 2028ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪندي منصوبي کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ ۽ تعميراتي معيار يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 25 “روزاني عبرت”

ڪرايو ۽ 3 ڏينهن لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي ڪوٽڙي سائيٽ جي لميٽيڊ جي ملازمن ابراهيم علي جويو لال بخش امتياز سهتو شفيق سولنگي لياقت چانڊيو بخشل رند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪلي ڪچهري ۾ شڪايت ڪرڻ جي سزا ڏني پئي وڃي اسان جون ٻن مهينن جون رهيل پگهارون ادا نه ڪيون وڃن ۽ پينشنرن کي پينشنون ادا نه ڪيون وڃن ملازم فاقا ڪشي تي مجبور آهن انهن وڌيڪ ٻڌايو ته اسٽيٽ انجنيئر اڪائونٽ آفيسر سب انجنيئر واٽر سپلاءِ سب انجنيئر بين دار هي ڪرپٽ آفيسر آهن انهن کي فلفور هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ گورنمينٽ جي وقت مطابق پگهار ڏني وڃي ۽ ريگيولر نوڪري ڪندڙ ماڻهن جون حاضريون نه ڪٽيون وڃن ۽ ويزا تي ويل ملازمن جي پگهار بند ڪري ڊيوٽي ورتي وڃي. اسان جا مطالبا تسليم ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاجي ڪيمپ قائم رهندي

بقايا 26 “روزاني عبرت”

بڻائڻ واري منصوبي تي عملدرآمد جو جائزو .ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪوٽڙي جي دربار هال ۾ ضلعي رابطي واري ڪميٽي جي اهم گڏجاڻي منعقد ٿي گڏجاڻي دوران سنڌ حڪومت جي سماجي تحفظ واري کاتي تحت جاري "سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي فراهمي واري نظام کي مضبوط بڻائڻ" واري منصوبي تي عملدرآمد ۽ ان جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.

بقايا 27 “روزاني عبرت”

اقبال اڄڻ ٿڏي تي فوت جڏهن مڙس اقبال اڄڻ سخت زخمي ٿي پيو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن فوتي عورت ۽ زخمي مرد گمبٽ لڳ ڳوٺ يار محمد اڄڻ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا جڏهن نوجوان ناري جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 28 “روزاني عبرت”

استاد اسلم چانگ گذريل ڪجهه ڏينهن کان گهريلو پريشانين سبب ذهني دٻاءُ جو شڪار هو جنهن ڪري هن اهڙو انتهائي قدم کنيو استاد جي فوت ٿيڻ بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو استاد اسلم چانگ ڳوٺ ملوڪ مجيداڻو جي اسڪول ۾ پرائمري استاد طور مقرر ٿيل هو مرحوم جي جنازي نماز هاءِ اسڪول پڪاچانگ جي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ استادن شاگردن شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا 29 “روزاني عبرت”

موجود هئا. مير رضا جي بزنس پارٽنر احمد پردي ۽ عبدالله دوستن رازق ۽ حليم جڏهن ته مير رضا کي رائيڊز فراهم ڪندڙ ڊرائيور احسان علي پڻ ڪميشن آڏو پيش ٿيا. جوڊيشل ڪميشن مير رضا جي بزنس پارٽنر احمد پردي کي طلب ڪري کانس مختلف سوال ڪيا. ڪميشن پڇاڻو ڪيو ته هو مير رضا کي ڪيتري عرصي کان سڃاڻي ٿو جنهن تي احمد پردي ٻڌايو ته هو مير رضا کي ننڍپڻ کان سڃاڻي ٿو ۽ ٻنهي پهرين جماعت کان گڏ پڙهيو هن ٻڌايو ته ڪاليج ۾ به گڏ رهيا.

بقايا 30 “روزاني عبرت”

آهي شهرين ٻڌايو ته مورو روڊ تي گٽر نالي جو ترقياتي ڪم ڪافي عرصي کان سست رفتاري سان هلندڙ آهي موٽرسائيڪل خطرناڪ طريقي سان گٽرنالي ۾ ڪرڻ ٿي پيو موٽرسائيڪل سوار هڪ ڄڻو سريا پيٽ ۾ لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي پيو آهي

بقايا 31 “روزاني عبرت”

مسمات راڳني الزام لڳائيندي چيو ته جوابدارن سندن گهر تي مبينا حملو ڪيو آهي هنن چيو ته هو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ بار بار اي سيڪشن ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن پر پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي خيرپور ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ کين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 32 “روزاني عبرت”

سائيڪل سوار 50 ورهين جو مستري شوڪت آرائين ولد محمد طفيل آرائين فوت ٿي ويو ميرواهه گورچاڻي جي سومرا ڪالوني جو رهواسي 50 ورهين جو مستري شوڪت آرائين موٽرسائيڪل تي وڃي رهيو هو ته ڪنگورو شاخ اسٽاپ وٽ تيز رفتار آلٽو ڪار کيس زوردار ٽڪر هنئي جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو حادثي ڪانپوءِ ڪار ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو فوت ٿيل شوڪت آرائين مسلم ليگ (ن) ڏگهڙي سٽي جي صدر محمد رمضان آرائين جو سئوٽ ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 33 “روزاني عبرت”

پرسان ٻاٿر ڌرين پاران غيرقانوني قبضا ڪيا ويا آهن جنهن سبب رستو تقريبن 10 فوٽن تائين محدود ٿي ويو آهي ان صورتحال سبب محلي واسين عام ماڻهن ۽ چوپائي مال جي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلات پيدا ٿي رهيون آهن قبضاگيرن مال جي گئوچر ۽ 66 فوٽن واري قديمي لنگهه تي به قبضا ڪري رستا بند ڪري ڇڏيا آهن احتجاج ڪندڙن موجب سروي نمبر 65، 66، 67 ۽ 68 وچ ۾ ۽ ڀرپاسي موجود سرڪاري گئوچر ۽ لنگهه تي به اڏاوتون جاري آهن قبضا ٿيل آهن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار کي بار بار درخواستن باوجود ڪارروائي نه ٿا ڪن قبضا گيرن جا ساٿاري بڻيل آهن مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته انتظاميا شڪايتن جو ازالو ڪرڻ بدران کين آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪري رهي آهي متاثرن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سرڪاري زمين گئوچر ۽ لنگهن تي ٿيل مبينا قبضن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 34 “روزاني عبرت”

علي گل پٺو سوٽ عبدالاحد پٺو ۽ دانيال پٺو کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي هن ٻڌايو ته ملڪيت جي تڪرار تان فيصل گلزار پٺو جي قتل جو مبينا سبب ٻڌيو قتل ڪيس ۾ چرڪائيندڙ انڪشاف سامهون آيا آهن مقتول جي والده مسمات گلشاد پٺو جي فرياد تي ڪوٽڏيجي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ياد رهي ته گذريل مهيني 23 آگسٽ تي مقتول فيصل پٺو کي هٿيار بندن قتل ڪيو هو

بقايا 35 “روزاني عبرت”

هيڊڪوارٽر ۾ 77 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جن ۾ ليڊي پوليس اهلڪار پڻ شامل هيون جو اردلي روم ڪيو اردلي روم دوران ايس ايس پي خيرپور مسلسل غير حاضر رهندڙ ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪندڙ 40 پوليس اهلڪارن کي ڊسمس فرام سروس، 3 اهلڪارن کي جبري رٽائرڊ، 27 اهلڪارن کي ڪوارٽر گارڊ جڏهن ته هڪ اهلڪار جي ٻن سالن جي سروس ضبط ڪرڻ سان گڏ 6 اهلڪارن کي معمولي سزا ڏني پوليس ملازمن جي پينڊنگ شوڪاز نوٽيسز ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ اردلي روم منعقد ڪيو ويو اردلي روم دوران پوليس اهلڪارن ٽرانسفر پوسٽنگ ۽ ٻين مسئلن بابت پڻ پنهنجا عرض ۽ گذارشون پيش ڪيون جنهن تي ايس ايس پي خيرپور لاڳاپيل عملي کي پوليس ملازمن جي ڀلائي ۽ جائز مسئلن جي فوري حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون ايس ايس پي خيرپور چيو ته جيڪو به پوليس آفيسر يا اهلڪار سٺي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندو ان کي انعامن سان نوازيو ويندو جڏهن ته پنهنجن فرضن ۾ غفلت ڪندڙن خلاف کاتي اندر قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 36 “روزاني عبرت”

بروهي، يونس منگي، حسنين چنه ۽ غلام حسين مگسهار کان علاوه شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ذيشان سارين حسيب لنڊ، عاطفه سوريو ايان علي انوار فاطمه نسرين سولنگي ۽ ٻين نعتون پڙهيون جڏهن ته اقراءِ پٺو عاطفه سوريو عارفه سوريو اقصيٰ مغيري، دانيال انصاري ۽ ٻين شاگردن توڙي شاگردياڻين تقريرون پيش ڪري ٻنهي جهانن جي سردار حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو شان بيان ڪيو آخر ۾ پوزيشن ماڻيندڙ ٻارڙن کي انعام طور ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا ۽ ميلاد جو لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 37 “روزاني عبرت”

جي هدايتن تي ميهڙ اي سيڪشن ۽ شاهه پنجو ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس پاران ڪامياب ڪارروايون ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن مظهر علي ٿائج جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي ميهڙ اي سيڪشن پوليس غيرقانوني اسلحه سميت ايڪٽو ڪرمنل احمد بخش عرف ريشمي جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا 38 “روزاني عبرت”

کي فوري طور تي تعلقه اسپتال پهچايو ويو جتان کيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل ورتا. خبر فائل ٿيڻ تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي

بقايا 39 “روزاني عبرت”

زخمي ٿيو آهي ۽ کيس علاج لاءِ سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 40 “روزاني عبرت”

جي ڪوشش ۾ بجليءَ جي ٿنڀي تي چڙهي ويو جتي هو بجليءَ جي تارن سان رهڙي پيو ۽ ڪرنٽ لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

بقايا 41 “روزاني عبرت”

حيدرآباد، ڄامشورو ٽول ۽ سائيٽ مل ايريا ڏانهن ايندڙ ويندڙ گاڏيون معطل ٿي ويون جنهن سبب مسافرن کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پيو

بقايا 42 “روزاني عبرت”

ٻارن کي مزدوري کان پري رکڻ ۽ نوجوانن لاءِ فني تربيت، سکيا، روزگار ۽ معاش جا بهتر موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ PMPKL جي اهم قدمن مان هڪ آهي

بقايا 43 “روزاني عبرت”

اڳوڻو ايس ايڇ او قابل پيو پوليس اهلڪار نثار مهر ۽ ولي محمد ميراڻي ضمانت لاءِ سيشن ڪورٽ گهوٽڪي پهچي ويا. اڳوڻو ايس ايڇ او قابل پيو پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ عبدالله گهوٽو معرفت سيشن ڪورٽ ۾ پيش ٿيو جتي ٽنهي جوابدارن پاران ضمانت لاءِ درخواستون داخل ڪيون ويون عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد ٽنهي جوابدارن جون عبوري ضمانتون 9 سيپٽمبر تائين منظور ڪري ورتيون ٻئي طرف ڄاڻايل معاملي ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو جي سنڌ هاءِ ڪورٽ مان پڻ 8 سيپٽمبر تائين عبوري ضمانت منظور ٿيل آهي هوڏانهن سيشن ڪورٽ گهوٽڪي ۾ قابل پيو جو ڪيس کڻڻ جي معاملي تي قابل پيو جي وڪيل ايڊووڪيٽ عبدالله گهوٽو ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن گهوٽڪي جي صدر ايڊووڪيٽ شاهنواز وسير وچ ۾ منهن ماري ٿي پئي. واضح رهي ته نوجوان ملهڻ شر پاران انڌل سنڌراڻي ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ مبينا تشدد ۽ تذليل جا الزام لڳائڻ بعد معاملو سامهون آيو هو جنهن تي اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو کي معطل ڪيو ويو هو معاملي جي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ عدالت ۾ ٻڌڻي ايندڙ تاريخ تي جاري رهندي

بقايا 44 “روزاني عبرت”

جنهن تي ٿل پوليس مطابق فوري ڪارروائي ڪندي ڪار هٿ ڪري معين ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته هي اصل ڏيتي ليتي جو مسئلو هيو ممتاز ڪوسو يونس ڪوسو وارن جا پيسا صابر لغاري جي ڀاءُ پرويز لغاري ڏي هيا جيڪي هنن کي نه پئي ڏنا جنهن جي جواب ۾ هنن صابر لغاري کان ڪار کسي ورتي هئي.

بقايا 45 “روزاني عبرت”

واردات، گهر جي هڪ بزرگ عورت کي يرغمال بڻائي روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦرڻ بعد جوابدار فرار ٿي ويا.

SUKKUR ELECTRIC POWER COMPANY (SEPCO)

TENDER NOTICE FOR SALE OF OLD / SCRAP / UNSERVICEABLE MATERIAL

1. SUKKUR ELECTRIC POWER COMPANY INVITES E-BIDS ON “AS IS WHERE IS BASIS” THROUGH SINGLE STAGE SINGLE ENVELOPE PROCEDURE ON NATIONAL COMPETATIVE BIDDING FROM TAX PAYER REGISTERED FIRMS FOR SALE OF OLD UNSERVICEABLE POWER TRANSFORMERS.
2. INTRESTED AND ELIGILBLE BIDDER MAY INSPECT UNSERVICEABLE MATERIAL ON ANY WORKING DAY FROM PUBLICATION OF TENDER UNTIL OPENING OF TENDER DURING OFFICE HOURS AT THE BELOW MENTIONED LOCATION:

Tender No.	Date of Opening & Time
PMU/SEPCO/PTR-03/2025-26-R	28-09-2026 (Monday) at 11:30 Hrs

Tender No.	Name of Store	Item Description	Qty	Bid Security	PPRA Reference
PMU/SEPCO/PTR-03/2025-26-R	SS&T Division SEPCO Dadu, Sindh	Unserviceable Power Transformers of various capacities (Copper Winding HV, LV & Tertiary, Core Lamination and Tank & Tube)	14 Nos.	11,055,050/-	D10765

3. STORES WILL BE SOLD ON **“TENDER WISE AS IS WHERE IS BASIS”** AND NO DISPUTE THEREON IS ENTERTAINED. FIRM SHALL QUOTE RATE FOR COMPLETE TENDER / LOT OTHERWISE THE BID WILL BE REJECTED.
4. BIDDING DOCUMENT CONTAINING DETAILED TERMS & CONDITIONS, BID SECURITY, BID VALIDITY, EVALUATION CRITERIA, METHOD OF PROCUREMENT, STORE LOCATION AND LOCATION OF SCRAP ETC IS AVAILABLE ON E-PADS V2.0 AT PPRA WEBSITE. INTERESTED BIDDERS ARE REQUIRED TO BE REGISTER ON E-PADS AND SUBMIT THEIR DOCUMENTS ON E-PADS. FOR REGISTRATION, TRAINING OR ANY OTHER INFORMATION RELATED TO E-PADS, BIDDERS HAVE TO CONTACT PPRA 1ST FLOOR FBC BUILDING SECTOR G-5/2 ISLAMABAD. BID SUBMITTED OTHER THAN E-BID WILL BE TREATED AS **“NON-RESPONSIVE”**.
5. E-BID SHALL REMAIN VALID FOR 120 CALENDAR DAYS FROM THE DATE OF BID OPENING. E-BID HAVING VALIDITY LESS THAN REQUIRED WILL BE TREATED AS **“NON-RESPONSIVE”.**
6. ALL BIDS MUST BE ACCOMPANIED BY BID SECURITY / EARNEST MONEY FROM SCHEDULE BANKS OF PAKISTAN IN SHAPE OF CDR, BANK GUARANTEE OR PAY ORDER VALID FOR 150 DAYS FROM THE DATE OF OPENING OF TENDER IN FAVOUR OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO SUKKUR AND SHALL BE SUBMITTED IN AN ENVELOPE CLEARLY MARKED WITH TENDER NO. TITLE OF PROCUREMENT, DATE & TIME OF OPENING BEFORE THE E-BID SUBMISSION DEADLINE IN THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO, ROOM: 201, 2ND FLOOR, AL SEHRA BUILDING, MINARA ROAD NEAR SESSION COURT SUKKUR OTHERWISE BID WILL BE REJECTED. BID SECURITY IN THE NAME OTHER THAN MENTIONED WILL NOT BE ACCEPTED AND SUCH BID WILL BE REJECTED BY THE DISPOSAL COMMITTEE DURING TENDER OPENING.
7. TENDER WILL BE OPENED ON E-PADS IN THE PRESENCE OF BIDDER'S REPRESENTATIVES WHO WISH TO ATTEND IN THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU, SEPCO, ROOM: 201, 2ND FLOOR, AL SEHRA BUILDING, MINARA ROAD, NEAR SESSION COURT SUKKUR.
8. THE BIDDER WHO IS NOT BLACK LISTED / NOT DEBARRED / NOT DEFAULTED IN WAPDA / NTDC / DISCOS AGAINST ANY DISPOSAL ORDER SHALL HAVE TO PROVIDE UNDERTAKING ON NON-JUDICIAL STAMP PAPER WORTH **RS. 100/-** OR ABOVE IN THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO SUKKUR BEFORE SUBMISSION OF TENDER.
9. ALL THE PROCUREMENT WILL BE GOVERNED UNDER WAPDA DISPOSAL PROCEDURE AND DISPOSAL OF PUBLIC ASSESTS REGULATIONS 2025 (AMENDED TO DATE).
10. SEPCO RESERVES ALL RIGHTS REGARDING REJECTION OF TENDER AS DEFINED IN CLAUSE-33 (1) OF PPRA RULES 2004 (AMENDED TO DATE).
11. FURTHER INFORMATION OR DETAIL CAN BE OBTAINED DURING OFFICE HOURS FROM THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEVELOPMENT) PMU, SEPCO SUKKUR, ROOM # 201 AL-SEHRA BUILDING, MINARA ROAD, NEAR SESSION COURT, SUKKUR **(PH: +92-71-9310094, FAX: +92-71-9310055, EMAIL: sepcopmu@gmail.com**/SEPCO WEBSITE **www.sepco.com.pk** AND PPRA WEB SITE **www.ppra.org.pk)**

PID(H) 60/2026

CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO SUKKUR

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شازيه ..پلينٽف بخلاف. (1) عبدالله ولد عرس محمد (2) عرس محمد ولد غلام قادر ذات چانڊيو رهندڙ ابرا چوڪ بيرر اسٽاپ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار پاسٽ، پريزنٽ، فيوچر مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظيرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 70 سال 2026

(1) مسمات فوزيه بيواهه مرحوم راوت علي (2) نور پري (3) اسد پٽي ڌي پٽ مرحوم راوت علي مائنر معرفت ماءُ رهندڙ ڳوٺ گاهي خان رند بي او 68 موري ديهه 21 نصرت تعلقو دوڙ ..ايپليڪينٽ بخلاف. (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) اسٽنٽ مينيجر نادرا سانگهڙ روڊ نوابشاهه (3) رجسٽرار QUEST نوابشاهه (4) مسمات نوري بيواهه مشاهد علي رند.....اپونٽس

.مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372،370 سڪسيشن ايڪٽ سيڪشن 5(B) Read With Section 2(B) ليٽر آف ايڊمنسٽريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي فوتي راوت علي ولد مشاهد علي رند جي سروس بينفٽ، گروپ انشورنس، رهيل پگهارون، LPR Period، ڊفرنس بلس، فنانشل اسٽنٽ (امبريلا اسڪيم) فيملي پينشن، ڪميونيڪيشن وغيره QUEST نوابشاهه کان حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان
(روبرو جناب عبدالحڪيم)
سول اپيل نمبر 23 سال 2026

حسين بخش ولد گل محمد ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) سنڌ حڪومت معرفت ڊي سي ٽنڊو محمد خان (2) اسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر (3) مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر (4) سب رجسٽرار ٽنڊو محمد خان (5) محمد خان ولد هوت خان (6) ميرزادي ڌيءِ بچل مسلم بالغ ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان (7) شاهنواز ولد راڻو خان مسلم بالغ ذات جمالي رهندڙ ڳوٺ سونو خان جمالي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين (8) محبوب احمد ولد محمد اسلم مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 201 اولڊ فش مارڪيٽ ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (9) محمد رمضان ولد غلام قادر مسلم بالغ رهندڙ ڪشميري محلا ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (10) محمد اڪرم ولد غلام رسول مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 253 ڪچي محلا ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (11) غلام الله ولد مصري خان مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ محمد عثمان حجام پي او پنگريو تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين (12) غلام مرتضيٰ ولد منو مسلم بالغ ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ مير محمد لغاري تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان (13) حسين بخش ولد غلام محمد (14) مسمات حيفان ڌيءِ غلام محمد (15) مسمات سائين ڌيءِ غلام محمد (16) مسمات قربان ڌيءِ غلام محمد ذات پتافي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان.. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 5 کان 16 ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول اپيل زير قل 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري خلاف جيڪا 26-03-2026 تي پاس ڪئي سينئر سول جج II ٽنڊو محمد خان ايف سي سوٽ نمبر 109 سال 2023 (حسين بخش پتافي خلاف سنڌ صوبو ۽ ٻيا) تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندي

ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج اينڊ جي اير I چمبڙ
فيملي سوٽ نمبر 13 سال 2026

مسمات مجيدان زال چتون ذات شيخ رهندڙ ڳوٺ داد خان جروار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف بخلاف. چتون ولد لاڳو ذات شيخ رهندڙ ناڪو شاهه پي ايس صدر تعلقو ٽي اير خان..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج اينڊ جي اير I چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽي اير خان
گارڊين درخواست نمبر سال 2026

مسمات شازيه ڌيءِ وزير احمد بيواهه درمحمد ذات ڪولاچي رهندڙ ديهه دردي ٽپو سعيدپور ضلعو ٽنڊو محمد خان..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) محمد شهباز ولد مرحوم در محمد (2) مسمات نازيه ڌيءِ مرحوم در محمد مائنر (3) مسمات ناديه ڌيءِ مرحوم در محمد مائنر (4) مسمات نورجهان ڌيءِ مرحوم در محمد مائنر (5) مسمات ماهنور ڌيءِ مرحوم در محمد (6) محمد يوسف ولد مرحوم در محمد (7) جنرل پبلڪ..اپونٽس

.مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽي اير خان

عام اطلاع

اسين نالي هيٺ صحيح ڪندڙ ٻئي زالون سڪندر محمد احمد، پنهنجي هوش حواس، ٻنا ڪنهن روز بار هن قسم نامي ذريعي لکي ڏئي رهيون آهيون. ته نالي مرحوم سڪندر محمد احمد ولد احمد ڪنڊ اسان جو حقيقي مڙس هيو جيڪو 29 جولائي 2025 ۾ فوت ٿي ويو، جنهن جي وارثن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ٻن زالن ۽ ٻارن ۾ هڪ عائشه، سميه، احمد، عبدالله، محمد سيتي جي ولديت سڪندر محمد احمد شامل آهن. هن قسم نامي ذريعي لاڳاپيل سرڪاري ادارن توڙي هر عام و خاص کي اطلاع ڪجي ٿو ته فوتي جي ڇڏيل ملڪيت جنهن ۾ 12 جريب زرعي زمين، حيدري محلا ۾ پلاٽ، 16 دڪان ۽ هڪ گهر شامل آهي جنهن تي اسان ٻنهي گهر وارين ۽ اولاد جو قانوني ۽ شرعي حق آهي ڇڏيل ملڪيت بابت ڪنهن جي به دعوي کي ڪوڙو سمجهيو وڃي، نه ڇڏيل ملڪيت جو مٿي ظاهر ڪيل وارثن کان علاوه ڪنهن سان به لين دين ڪئي وڃي هي قسم نامو اخباري اشتهار لاءِ ڏئي رهيون آهيون. ته سند رهي وقت ضرورت ۾ ڪم اچي

فاطمه زال سڪندر محمد احمد 43402-0577713-0
حسنه زال سڪندر محمد احمد 43402-0570642-0
وڪيل: ريشم گلي، قمبر علي خان، ڊسٽرڪٽ قمبر شهدادڪوٽ

مختيارنامي جي منسوخي

جيئن ته اسان هر هڪ نالي محمد گل ولد محمد اسماعيل گورگيج بلوچ ۽ محمد رياض ولد محمد اسماعيل گورگيج بلوچ جن ٻنهي عام مختيار نامون جناب سب رجسٽرار آفيس ٽنڊو الهيار جي جريان نمبر 857 تاريخ 14-03-2023 رجسٽرڊ نمبر 06 بڪ IV تاريخ 14-03-2023 موجب نالي عبداللطيف ولد عبدالڪريم گورگيج قومي شناختي ڪارڊ نمبر 4220113187507 کي پنهنجي زرعي زمين واقع ديهه ريجل ٽپو اي ڪوڪر تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار جي سروي نمبر 135-1 مان (0-16) گهنٽا سروي نمبر 135-2 مان (3-38) ايڪڙ سروي نمبر 136-1 مان (1-16) ايڪڙ جملي ايراضي (5-30) ايڪڙ ۽ سروي نمبر 93-3 مان (1-10) ايڪڙ سروي نمبر 93-4 (3-32) ايڪڙ سروي نمبر 94-2،2A (1-27) ايڪڙ سروي نمبر 94-3 (4-00) ايڪڙ سروي نمبر 94-5 (2-11) ايڪڙ سروي نمبر 94-3 مان (0-19) گهنٽا جملي ايراضي (13-19) ايڪڙ سروي نمبر 164 (16-00) ايڪڙ سروي نمبر 133-4 مان (2-19) ايڪڙ سروي نمبر 131-1 مان (4-00) ايڪڙ سروي نمبر 131-2 مان (0-29) ايڪڙ جملي ايراضي (23-08) ايڪڙ بابت رجسٽري ڪري ڏنو هو جنهن موجب اسان جي زرعي زمين جو عام مختيار عبداللطيف ولد عبدالڪريم هو ۽ محمد رياض، محمد اسماعيل جو اسپيشل پاور اٽارني پڻ مونکي مليل آهي تنهنڪري هي ملڪيت منهنجي آهي ۽ منهنجي قبضي هيٺ آهي تنهنڪري آئون پنهنجي رضا خوشي سالم هوش ۽ عقل جي ڏنل عام مختيارنامون منسوخ يعني رد ٿو ڪريان جيڪو هاڻ هر طرح سان منسوخ ۽ رد سمجهيو وڃي

محمد گل ولد محمد اسماعيل
شناختي ڪارڊ نمبر 4220123483801 رهندڙ حال ديهه ريجل تعلقو ضلع ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 111 سال 2026

(1) مسمات مريم خاتون ڌيءِ محمد بچل زال نذير محمد رهندڙ لوڪو شيد محمود آباد ميرپورخاص (2) مسمات حجران بيبي ڌيءِ نذير محمد مائنر (3) روشن علي ولد نذير محمد ..پلينٽف. بخلاف. نذير محمد ولد مجنون ماڇي رهندڙ شاهي پلي موڙ تعلقو پٿورو ضلعو عمرڪوٽ .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ رڪوري ڊوربهاري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 172 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 1873 سال 2025

مسمات فريال ٽالپر زال مير قادر ٽالپر رهندڙ A-48 فيز 2 ميرحسين آباد يونٽ نمبر 03 لطيف آباد حيدرآباد.پلينٽف. بخلاف. ميرعبدالقادر خان ٽالپر ولد مير غلام الله ٽالپر رهندڙ گهر نمبر A-115 سنڌ مسلم هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف Execution Application Brief Resume of the face of the Matter لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات عارفه ڌيءِ نصرالله زال محسن سالار ذات قمبراڻي رهندڙ مير شاهه محمد ڪالوني ٽنڊو الهيار.پلينٽف. بخلاف. محسن سالار ولد ليمون خان ذات خاصخيلي رهندڙ جمن شاهه جان انور پير مگنهار ٽنڊو عالم 03333655934 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

علي اڪبر ولد مشتاق علي ذات جروار رهندڙ ڳوٺ پير بخش جروار ديهه 128 تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات غلام فاطمه بيواهه مشتاق احمد (2) مس امروز خان (3) مس اسما (4) پير بخش(مائنر) سڀ پٽ ڌيئرون مشتاق احمد (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ريسپونڊنٽس

.. مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي JS Bank عمرڪوٽ برانچ روڊ ميرپورخاص برانچ کان امائونٽ جي رڪوري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سول اپيل نمبر 94 سال 2025

بلاول حق ولد علي حيدر مهر رهندڙ ڳوٺ علي محمد مهر رهندڙ ديهه 99 تعلقو حسين بخش مري ..ايپليڪينٽ. بخلاف. شاهنواز ولد محمد رمضان رهندڙ PWD ڪوارٽرس گرڊ اسٽيشن ميرپورخاص. ريسپونڊنٽس

.. مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي ري ڪالنگ آف آرڊر تاريخ 28-04-2026 لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدلت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 52 سال 2026

مسمات ماروي ڌيءِ نهال زال گلزار رهندڙ ديهه 170 تعلقو ڏگهڙي.پلينٽف. بخلاف. گلزار ولد محمد ڪبير رهندڙ ڳوٺ عبدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدلت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 36 سال 2026

مسمات فرزانه ڌيءِ هوت محمد زال اڪرم رهندڙ ڳوٺ بچو خان ٽنگڙي تعلقو جهڏو.پلينٽف. بخلاف. اڪرم ولد محمد وارث رهندڙ ڳوٺ بچو خان ٽنگڙي تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 109 سال 2026

مسمات شاهزينا زال منظور احمد رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري تعلقو سڪرنڊ .. پلينٽف بخلاف. حفيظ ولد وزير رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد.ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 285 سال 2026

مسمات شهناز گل ڌيءِ علي اڪبر سولنگي رهندڙ مهراڻ ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف. ڦلو ولد مرحوم وحيد علي انصاري رهندڙ حقاني ڪالوني نوابشاهه سيل نمبر 03003252902.ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته وارڊ A محلا بدر آباد ڪالوني دادو سٽي سروي نمبر 928/36 مان ايراضي 1050 چورس فوٽ جڳهه ٺهيل آهي جيڪا وڪرو ڪندڙ ڊر ظهير الدين ولد ارباب علي پاران بلاول ولد سراج الدين کي وڪرو ڪري ڏني آهي جنهن جي ايگريمينٽ مطابق رقم ڏني وڃي آهي ڪنهن کي ڊر جي اعتراض هجي ته 07 ستن ڏينهن اندر رابطو ڪري ٻي صورت ۾ ڪنهن به ڊرجو قانوني حق نه هوندو هي بيان رڪارڊ ۾ رکيو وڃي

بلاول ولد سراج الدين وينل بدرآباد ڪالوني تعلقو ضلعو دادو

تاريخ پيدائش جي درستي

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي جيئن ته منهنجي اسڪول رڪارڊ / تعليمي بورڊ جي دستاويزن ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 03-03-2008 لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صحيح تاريخ پيدائش 03-04-2008 لکيو ۽ پڙهيو وڃي

خيرمحمد ولد علي نواز رهندڙ ڳوٺ غلام حسين ٽالپر بخشو لغاري تعلقو ضلعو حيدرآباد

عام اطلاع

هرخاص عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته تعلقو ڪوٽ غلام محمد جو روينيو رڪارڊ 2007 ۾ سڙي ويو هو ٿون ڪمپيوٽرائيزڊ رڪارڊ 2014 ۾ مڪمل ٿي ويو هو ديهه A-290 تعلقو ڪوٽ غلام محمد جي روينيو رڪارڊ ۾ آن لهيل آهي رهجي ويل آهن هاڻ درخواستگذار نالي غلام مرتضيٰ ولد محمد آشرف ۽ ٻيا رهندڙ ديهه A-290 جن جناب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 صاحب ميرپورخاص کي درخواستگذار دستاويز پيش ڪيا آهن سروي نمبر 265،276،262 ايراضي 11-10 ايڪڙ ديهه A-290 ۾ آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ڄاڻايل پلاٽ نمبر يا سروي نمبرن ۽ ايراضي بابت ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائيندا ٻي صورت ۾ مذڪوره پلاٽ/ سروي نمبر ۽ ايراضي مٿين ڪاتيدارن جي نالي تي روينيو رڪارڊ ۾ داخل ڪئي ويندي

مختيارڪار روينيو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ شاگردن جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي جي ڪئين ڏينهن بہ خوف ۽ ڇڪتاڻ واري فضا برقرار رهي، يونيورسٽي انتظاميه حالتون معمول تي آڻڻ لاءِ ڪي بہ قدم نہ کڻي سگهي آهي. گذريل ٻن ڏينهن کان لاڳيتو تدريسي عمل معطل رکڻ بعد يونيورسٽي انتظاميا 7 تاريخ کان شروع ٿيندڙ مڊٽرم امتحان بہ اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيا، ڪراپ پروڊڪشن، وٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز سوشل سائنسز ڪراپ پروٽيڪشن، ايگريڪلچر انجنيئرنگ فيڪلٽين ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر ۽ ٻين فيڪلٽين جا مڊٽرم امتحان ملتوي ڪيا ويا.

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

ٽنڊوآدم ۾ پاران عريف الله سيفي عبدالغفور انصاري . مشتاق عادل عبدالستار انصاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ويو آهي تہ مهانگائي عوام جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ماڻهو ٻن ويلن جي ماني گيهي لاءِ پريشان آهن مٿان حڪومت پاران پيٽرول گئس بجليءَ جي اگهن کي ناجائز ٽيڪس لڳائي عوام کان جيئڻ جو حق کسيو پيو وڃي هنن مطالبو ڪيو آهي تہ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري پيٽرول بجلي ۽ گئس جا اگهه گهٽ ڪيا وڃن ناجائز ٽيڪسن ۽ اضافي چارجز جو خاتمو آندو وڃي ۽ حڪمرانن جون غير ضروري مراعتون پروٽوڪول ۽ شاهاڻا خرچ گهٽائي عوام کي حقيقي رليف فراهم ڪيو وڃي هنن ڪامياب ۽ پرامن هڙتال تي ٽنڊوآدم جي شهرين، واپارين صنعتڪارن ۽ ڪاروباري برادري جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ عوامي مسئلن جي حل ۽ ظالماڻن ٽيڪسن جي خاتمي تائين جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

ڪلاڪن کان پوءِ واپاري برادري دڪان کولي بيهر ڪاروباري سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون ملڪ گير شٽر ڊائون احتجاج جي سڏ تي جماعت اسلامي ضلعي سکر جي ڪارڪنن پاران ريلي پڻ ڪڍي وئي ۽ گھنٽا گھر چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ريلي ۽ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙن پيٽروليم ليوي ۽ مهانگائي خلاف سخت نعريبازي ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ۽ وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

خليفي سائين واري قبرستان ۾ جنازه نماز ادا ڪرڻ بعد مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

جهن شاگردن کي رسٽيڪيٽ ڪرڻ شاگردن کي ديوار سان لڳائڻ جي برابر آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا ۽ يونيورسٽي انتظاميا کي چتاءُ ٿا ڏيون تہ شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪري هاسٽلن اندر بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ شاگردن کي اداري مان بيدخل ڪرڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سنڌ جي ٻين يونيورسٽين تائين وڌايو ويندو

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

اسپتال منتقل ڪيو ويو اهڙو اطلاع وارثن کي ملڻ تي گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو مچي ويو آهي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

ويو جن ۾ خان محمد، محمد ياسين، سينگار علي، توفيق احمد، گل محمد، اعجاز علي، شفيع محمد، مجيب، صدام ٺڪر خان معشوق، رشيد، ممتاز راهب چانڊين تي داخل ڪيو ويو جڏهن تہ 2 ڄڻن جي قتل جو ڪيس 20 سڄاڻل ۽ 2 اڻسڄاڻل جوابدارن مٿان راهب چانڊيو جي فرياد تي داخل ڪيو ويو

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

ساٿين گڏ هئا. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مسرور سيال ميان محمد اسلم قادري مير افتخار احمد لنڊ رائيس امان الله چاچڙ سميت صوبائي قيادت ۽ ٻين اڳواڻن وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه ۽ مرڪزي اڳواڻن جو استقبال ڪيو. وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل آفريدي رحيم يار خان ايئرپورٽ کان ريلي جي صورت ۾ سنڌ-پنجاب سرحد ڪموں شهيد پهتو جتي پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ شهرين پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ڪموں شهيد تي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل آفريدي سنڌ جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو تہ سنڌ جي غيرتمند عوام اڳ بہ شاندار استقبال ڪيو هو پر هن ڀيري عوام جو جوش ڏسي محسوس ٿي رهيو آهي تہ استقبال جا سمورا رڪارڊ ٽٽڻ وارا آهن محمد سهيل آفريدي چيو تہ سنڌ جي عوام کي خبر آهي تہ سنڌ تي مسلسل ڪنهن جي حڪومت آهي ۽ اهو پڻ ڏسي رهي آهي تہ عوام سان ڪيتريون زيادتيون ٿي رهيون آهن سنڌ کي ان جو حق ۽ ترقيءَ جو حق نہ ڏنو پيو وڃي عوام جو جذبو ٻڌائي رهيو آهي تہ سنڌ ۾ زرداري راڄ جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي هن چيو تہ تمام جلد سنڌ جي عوام کي عمران خان سندن حق ڏياريندو پي ٽي آءِ سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي عوام بہ عمران خان سان گڏ بيٺي آهي وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل آفريدي چيو تہ 27 سيپٽمبر تي عمران خان قوم جو انتظار ڪندو ڇا قوم تيار آهي؟ 27 سيپٽمبر جي تيارين جي سلسلي ۾ جاري اسٽريٽ موومينٽ اڄ سنڌ ڌرتيءَ ۾ داخل ٿي رهي آهي ان شاءَ الله 27 سيپٽمبر تي ڪراچي کان مڪران، خيبر کان مهراڻ ۽ لاهور کان گلگت بلتستان تائين سڄو پاڪستان روڊن تي هوندو ان موقعي تي پي ٽي آءِ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل بئريسٽر سلمان اڪرم راجا چيو تہ اسان سنڌ ڌرتيءَ جي عوام وٽ عمران خان جو پيغام کڻي آيا آهيون اهو پيغام محبت، سنڌ جي ترقي ۽ سنڌ جي حقن جو پيغام آهي هن چيو تہ اسان سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺا آهيون ۽ سندن حقن لاءِ جدوجهد ڪنداسين اسان سنڌ جي پاڻي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي حفاظت ڪنداسين سنڌ جو فيصلو سنڌ جي عوام ڪندي، انهن جعلي حڪمرانن کي سنڌ ڌرتيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو ڪو بہ حق ناهي بئريسٽر سلمان اڪرم راجا چيو تہ ڪنهن بہ ظلم ۽ جبر کي سنڌ ڌرتيءَ تي مسلط ٿيڻ نہ ڏينداسين سنڌ ڌرتيءَ جا سمورا مسلمان ۽ غير مسلم باشندا هن ڌرتيءَ جا وارث آهن اسان آخري دم تائين سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺا رهنداسين، فتح عوام جي ٿيندي قومي اسيمبلي جي ميمبر مخدوم زاده زين حسين قريشي چيو تہ وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ جي مرڪزي قيادت کي سنڌ ڌرتيءَ تي اچڻ تي ڀليڪار چوان ٿو سنڌ جي غيرتمند عوام کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو تہ فسطائيت باوجود ڪموں شهيد تي عوام شاندار استقبال ڪيو هن چيو تہ سنڌ ڌرتي هاڻي تبديلي لاءِ تيار آهي سنڌ جي عوام ظلم جون زنجيرون ٽوڙڻ لاءِ تيار آهي ڪموں شهيد جو استقبال برسات جي پهرين ڦڙي ثابت ٿيندو سڄو سنڌ عمران خان سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي عوام حقيقي آزاديءَ جي جنگ ۾ گڏ بيٺي آهي ايم اين اي زين حسين قريشي چيو تہ پوري قوم چاهي ٿي تہ باني پي ٽي آءِ مخدوم شاهه محمود قريشي سميت سمورن اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو تہ وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه سهيل آفريدي ۽ مرڪزي اڳواڻن جي سنڌ ڌرتيءَ تي اچڻ تي ڀليڪار چوان ٿو پي ٽي آءِ جا اڳواڻ عمران خان جو پيغام کڻي سنڌ آيا آهن حليم عادل شيخ چيو تہ اڄ سنڌ جي عوام ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ عوام ڪنهن سان گڏ بيٺل آهي وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه جو پنج ڏينهن وارو سنڌ جو دورو تاريخي ثابت ٿيندو عوام پيپلزپارٽي کان بيزار ٿي چڪي آهي پيپلزپارٽي 18 سالن ۾ سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي هن چيو تہ سنڌ جي عوام جا حق مسلسل هڙپ ڪيا پيا وڃن سنڌ جي پاڻيءَ جو سودو ڪندڙ سنڌ جا خيرخواهه ٿي نٿا سگهن پيپلزپارٽي سنڌ دشمن جماعت آهي 18 سالن جي ڪرپشن جو دور جلد ختم ٿيڻ وارو آهي حليم عادل شيخ چيو تہ سنڌ جي عوام جي حقن جو تحفظ عمران خان ڪندو سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي عوام بہ عمران خان جي آزادي چاهي ٿي ۽ اڄ سنڌ جي عوام ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ اها عمران خان سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

،عبدالحفيظ ولد سڄڻ ڪنير ڪنير پاڙو ڪنڊياري، مختيار علي ولد محمد هاشم منگريو ڳوٺ يار محمد منگريو ورهاست جي تقريب ۾ پريس ڪلب ڪنڊياري جو صدر عقيل احمد وساڻ صحافي محمد عرس ڪنبر پ پ پ ميناري اڳواڻ ڊاڪٽر نرسينگ ڪنول صحافي ڪوڙل ناز منگي، سوشل فورم جو عبدالرزاق چانڊيو ۽ ٻيا پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳواڻي مسمات شمشاد پنهور مسمات ڪلثوم پنهور رابيل پنهور فهد پنهور محبت پنهور ۽ ٻين ڪئي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ مقتول فيصل گلزار پنهور جي والده مسمات گلشاد پنهور پاران زمين جي تڪرار بابت ڏنل موقف درست ناهي ۽ سندس بيان ۾ ڪا بہ صداقت ناهي. مظاهرين جو چوڻ هو تہ مقتول فيصل گلزار پنهور اسان جو بہ پٽ هيو ۽ اسان پڻ چاهيون ٿا تہ سندس قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي پر سندن چوڻ موجب سندن پٽ عبدالاحد پنهور ۽ ڀاءُ علي گل پنهور کي بيگناهه هجڻ باوجود قتل جي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي. مظاهرين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو تہ قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

سامهون اچڻ گهرجي تہ ماڻهون موت جو ڪاروبار ڪن ٿا سڄاول ضلعو سڄي ملڪ ۾ وڌيڪ غربت سٽيل علائقو آهي جيڪو 82 سيڪڙو کان وڌيڪ غربت لڪير هيٺ آهي. هن وڌيڪ چيو تہ پ پ پ سنڌ حڪومت پنهنجا گناهه لڪائڻ لاءِ سنڌاسيمبلي ۾ بحث ڪرائي رهي آهي سنڌ جا ماڻهون شعور رکن ٿا پ پ پ وارن کي گهڻو سڃاڻن ٿا پر اهيو بحث آخري هجڻ کپي ۽ هاڻ ڪڏهن بہ نہ ٿيڻ گهرجي انهي موقعي تي مولانا عبدالقيوم هاليجوي، سائين مولانا عبدالله ٿهيم، مولوي اقبال ٿهيم ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

دعا پڻ ڪئي وئي ياد رهي تہ گذريل رات ٿاڻي ايئرپورٽ جي حد ۾ بچل شاهه پل ويجهو پوليس اهلڪارن تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي هئي.

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

حيسڪو انتظاميا هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ ماهه ربيع الاول ۾ مغرب کان فجر تائين بغير تعطل جي بجلي فراهم ڪئي وڃي ان کان علاوه پريت آباد 4 فيڊر تي ٻن ڏينهن جي بجليءَ جي تعطل کي خودملاحظ ڪندي ۽ انڪوائري ڪندي تہ خلل جو ٿيو. گذريل پنڌن ٻن سالن ۾ حيسڪو انتظاميا خلق خدا جي خدمت جي جذبي تحت وايرائيندڙ دوست سروس پاليسي تحت 24 ڪلاڪ بجلي ڏيندي 68 فيڊرس تان سروس ڏئي رهي آهي

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

آهي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي جوابدارن جي گرفتاري ۽ ڦريل چوپائي مال جي برآمدگي لاءِ پوليس ٽيمون جوڙي ڪارروايون شروع ڪيون وييون ڊي ايس پي ٽنڊوباگو محمود پوٽ جي سربراهي ۾ ڊي آءِ سي انچارج محمد عارف جروار ايس ايڇ او ۽ ڊيوٽي ٿاڻي انسپيڪٽر اياز علي پنهور ۽ عبدالخالق جروار پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي گينگ جي مک جوابدار صابو چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان ڦريل 13 ٻڪر ۽ 3 ٻڪريون پڻ هٿ ڪري ورتيون آهن پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن تہ وارادات ۾ ملوث گينگ جي ٻين گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڳوٺ جو مين رستو ڪيلي جي زميندارن ۽ ٺيڪيدارن پاران ڪيلي جا ٿڦ ٻن ۽ ٻيو ڪچرو روڊ تي رکڻ سبب سوڙهو ٿي ويو آهي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

هڪ نوجوان کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي مظاهرين موجب هنن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڦورن جو پيڇو ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ مبينا ڦورن کي پڪڙي بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس حوالي ڪيس پر پوليس ڦورو کي آزاد ڪري ڇڏيو رهواسين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جي جاچ ڪري سخت قدم کنيا وڃن

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

تڪليف پهتي جنهن تي افسوس آهي هن چيو تہ آئينده اهڙي قسم جو واقعو بيهر پيش نہ ايندو ايس ايس پي دادو وڌيڪ چيو تہ معاشري ۾ صحافت ۽ پوليس ٻنهي جو اهم ڪردار آهي. تنهنڪري ٻنهي ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو جيئن سماج ۾ موجود سماجي برائين ۽ ڏوهن تي ضابطو آڻي عوام کي تحفظ فراهم ڪري سگهجي هن چيو تہ ايس ايڇ او ٿلجي اسٽيشن افتخار جمالي ۽ سندس عملي پاران معذرت ڪئي وئي آهي ۽ آئينده صحافي برادري کي اهڙي قسم جي ڪا بہ شڪايت نہ ملندي ان موقعي تي صحافي برادري پاران پوليس عملدارن جي معذرت کي قبول ڪندي اميد ظاهر ڪئي وئي تہ مستقبل ۾ صحافين سان احترام ۽ قانون موجب رويو رکيو ويندو ۽ پوليس توڙي صحافت عوام جي حقن ۽ تحفظ لاءِ گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

سمورن لاڳاپيل کاتن ۽ اسٽيڪ هولڊرز کي پنهنجي ذميوارين تي مڪمل طور عمل ڪرڻو پوندو هن هدايت ڪئي تہ ممڪن حد تائين استادن کي پوليو مهم ۾ شامل نہ ڪيو وڃي.

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

زبان تان ڦري ويو ۽ ٻج ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو لال خان مريءَ الزام لڳائيندي ڏانهيو تہ محمد حسن مگسي سندس خلاف عدالت ۾ 22-اي بي تحت درخواست داخل ڪرائي پر عدالت سگهوريءَ درخواست تي ڪارروائي ڪندي سندس تي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ محمد حسن مگسي ميڊيا ذريعي منهنجي خلاف ڪوڙا ۽ بي بنياد بيان پڻ ڏئي رهيو آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي صداقت ناهي . هنن وڌيڪ چيو تہ محمد حسن مگسي ڪيترن ئي دڪاندارن ۽ واپارين سان بہ فراڊ ڪيو آهي . هنن ايس ايس پي مٽياري ، ڊي ايس پي هالا سميت اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ عدالتي حڪم جي روشني ۾ محمد حسن مگسي خلاف فوري طور ڪيس داخل ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

مڙس موج علي لنڊ کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن تہ رشيد احمد لنڊ سخت زخمي ٿي پيو وارثن موجب موج علي لنڊ ۽ رشيد احمد لنڊ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ حاضري لاءِ وڃي رهيا هئا تہ سومر موري پرسان رستي ۾ هٿياربندن مٿن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ موج علي لنڊ کي گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن تہ رشيد احمد لنڊ سخت زخمي ٿي پيو زخمي رشيد احمد لنڊ کي ڳنڀير جوکي حالت ۾ سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي واضح رهي تہ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ڪن سالن کان سڱاوتي تڪرار هلندڙ آهي جنهن دوران 3 ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن واقعي ڪاڻ علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو جڏهن تہ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو هو ۽ ڪنهن بہ جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي هئي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو جتي علاج دوران هن دم ڏئي ڇڏيو نوجوان جي چاچي منير لاشاري ٻڌايو تہ محمد عمر جي ڪنهن سان بہ ڪا دشمني نہ هئي هن چيو تہ نوجوان واقعي کان لڳ ڀڳ ٻہ ڪلاڪ اڳ گهران نڪتو هو جنهن بعد اطلاع مليو تہ هو جيمر خانڙ پرسان بيهوشي واري حالت ۾ پيل آهي منير لاشاري وڌيڪ ٻڌايو تہ نوجوان اسپتال پهچڻ وقت بہ بيهوش هو ۽ هوش ۾ اچڻ کان سواءِ دم ڏئي ڇڏيو ضروري قانوني ڪارروائي بعد نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس موجب امڪان آهي تہ نوجوان نشي آور شيءِ استعمال ڪرڻ سبب فوت ٿيو هجي جڏهن تہ موت جو اصل سبب پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد ئي معلوم ٿي سگهندو

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

اچي ويا آهن گمبٽ شهر جي مختلف بازارن ۽ دڪانن تي شين جا مختلف اگهه وصول ڪرڻ سبب خريداري لاءِ ايندڙ شهرين ۾ بيچيني وڌي وئي آهي گمبٽ شهرين جو چوڻ آهي لاڳاپيل ادارن پاران دڪاندارن خلاف ڪارروائي نہ ڪرڻ سبب اٽي کنڊ، چانور دالين گيهه تيل کير چانهه ۽ ٻين روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه دڪاندار پنهنجي مرضي سان مقرر ڪري ڇڏيا جڏهن تہ ڪيترن ئي دڪانن تي سرڪاري ريٽ لسٽون نمايان طور لڳل نظر نٿيون اچن شهرين موجب هڪ ئي شي مختلف دڪانن تي مختلف اگهن ۾ وڪرو ٿيڻ سبب عام ماڻهو کي سمجهه ۾ نٿو اچي تہ سرڪاري اگهه ڪهڙو آهي

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

گذري وڃڻ باوجود نوجوان جو پتو نہ پئجي سگهيو جڏهن تہ وارثن ۽ لاڳاپيل ادارن پاران درياهه سنڌ ۾ نوجوان جي ڳولا جاري رکي وئي ڊيبارجا چيئرمين شاهنواز ڍهر جي ڪوشش سان صوبائي گهرو وزير ضياءُ لنجار سان رابطو ڪيو ويو جنهن بعد ريسڪيو 1122 جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي ريسڪيو 1122 جي ٽيم پاران نوجوان ذوالفقار ڍهر جي درياهه سنڌ ۾ ڳولا جو سلسلو جاري آهي جڏهن تہ آخري اطلاعن تائين نوجوان جو لاش هٿ اچي نہ سگهيو هو

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران وڏي وزير سيد مراد علي شاهه لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن تي مشتمل جديد اسپتال جولاءِ 2028ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪندي منصوبي کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ ۽ تعميراتي معيار يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

ڪرايو ۽ 3 ڏينهن لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي ڪوٽڙي سائيٽ جي لميٽيڊ جي ملازمن ابراهيم علي جويو لال بخش امتياز سهتو شفيق سولنگي لياقت چانڊيو بخشل رند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ کلي ڪچهري ۾ شڪايت ڪرڻ جي سزا ڏني پئي وڃي اسان جون ٻن مهينن جون رهيل پگهارون ادا نہ ٿيون ڪيون وڃن ۽ پينشنرن کي پينشنون ادا نہ ڪيون وڃن ملازم فاقا ڪشي تي مجبور آهن انهن وڌيڪ ٻڌايو تہ اسٽيٽ انجنيئر اڪائونٽ آفيسر سب انجنيئر واٽر سپلاءِ سب انجنيئر ٻين ڊار هي ڪرپٽ آفيسر آهن انهن کي فلفور هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن هنن وڌيڪ چيو تہ سنڌ گورنمينٽ جي وقت مطابق پگهار ڏني وڃي ۽ ريگيولر نوڪري ڪندڙ ماڻهن جون حاضريون نہ ڪٽيون وڃن ۽ ويزا تي ويل ملازمن جي پگهار بند ڪري ڊيوٽي ورتي وڃي. اسان جا مطالبا تسليم ڪيا وڃن نہ تہ ٻي صورت ۾ احتجاجي ڪيمپ قائم رهندي

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

بڻائڻ واري منصوبي تي عملدرآمد جو جائزو .ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪوٽڙي جي دربار هال ۾ ضلعي رابطي واري ڪميٽي جي اهم گڏجاڻي منعقد ٿي گڏجاڻي دوران سنڌ حڪومت جي سماجي تحفظ واري ڪاتي تحت جاري ”سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي فراهمي واري نظام کي مضبوط بڻائڻ“ واري منصوبي تي عملدرآمد ۽ ان جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

اقبال اچڻ ٿڌي تي فوت جڏهن مڙس اقبال اچڻ سخت زخمي ٿي پيو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن فوتي عورت ۽ زخمي مرد گمبٽ لڳ ڳوٺ يار محمد اچڻ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا جڏهن نوجوان ناري جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

استاد اسلم چانگ گذريل ڪجهه ڏينهن کان گهريلو پريشانين سبب ذهني دٻاءُ جو شڪار هو جنهن ڪري هن اهڙو انتهائي قدم کنيو استاد جي فوت ٿيڻ بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو استاد اسلم چانگ ڳوٺ ملوڪ مجيداڻو جي اسڪول ۾ پرائمري استاد طور مقرر ٿيل هو مرحوم جي جنازي نماز هاءِ اسڪول پڪاچانگ جي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ استادن شاگردن شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

موجود هئا. مير رضا جي بزنس پارٽنر احمد پرڏي ۽ عبدالله دوستن رازق ۽ حليم جڏهن تہ مير رضا کي رائيڊز فراهم ڪندڙ ڊرائيور احسان علي پڻ ڪميشن آڏو پيش ٿيا. جوڊيشل ڪميشن مير رضا جي بزنس پارٽنر احمد پرڏي کي طلب ڪري ڪانٽس مختلف سوال ڪيا. ڪميشن پڇائو ڪيو تہ هو مير رضا کي ڪيتري عرصي کان سڃاڻي ٿو جنهن تي احمد پرڏي ٻڌايو تہ هو مير رضا کي ننڍپڻ کان سڃاڻي ٿو ۽ ٻنهي پهرين جماعت کان گڏ پڙهيو هن ٻڌايو تہ ڪاليج ۾ بہ گڏ رهيا.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

آهي شهرين ٻڌايو تہ مورو روڊ تي گٽرنالي جو ترقياتي ڪم ڪافي عرصي کان سست رفتاري سان هلندڙ آهي موٽرسائيڪل خطرناڪ طريقي سان گٽرنالي ۾ ڪلتي ٿي پيو موٽرسائيڪل سوار هڪ ڄڻو سريا پيٽ ۾ لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي پيو آهي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

مسمات راڪني الزام لڳائيندي چيو تہ جوابدارن سندن گهر تي مبينا حملو ڪيو آهي هنن چيو تہ هو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ بار بار اي سيڪشن ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن پر پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي خيرپور ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ کين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

سائيڪل سوار 50 ورهين جو مستري شوڪت آرائين ولد محمد طفيل آرائين فوت ٿي ويو ميرواهه گورچاڻي جي سومرا ڪالوني جو رهواسي 50 ورهين جو مستري شوڪت آرائين موٽرسائيڪل تي وڃي رهيو هو تہ ڪنگورو شاخ اسٽاپ وٽ تيز رفتار آلٽو ڪار ڪيس زوردار ٽڪر هنيس جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو حادثي ڪانپوءِ ڪار ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو فوت ٿيل شوڪت آرائين مسلم ليگ (ن) ڏگهڙي سٽي جي صدر محمد رمضان آرائين جو سئوٽ ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

پرسان بااثر ڌرين پاران غيرقانوني قبضا ڪيا ويا آهن جنهن سبب رستو تقريبن 10 فوٽن تائين محدود ٿي ويو آهي ان صورتحال سبب محلي واسين عام ماڻهن ۽ چوپائي مال جي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلات پيدا ٿي رهيون آهن قبضاگيرن مال جي گئوچر ۽ 66 فوٽن واري قديمي لنگهه تي بہ قبضا ڪري رستا بند ڪري ڇڏيا آهن احتجاج ڪندڙن موجب سروي نمبر 65، 66، 67 ۽ 68 وچ ۾ ۽ ڀرپاسي موجود سرڪاري گئوچر ۽ لنگهه تي بہ اڏاوتون جاري آهن قبضا ٿيل آهن پر اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار کي بار بار درخواستن باوجود ڪارروائي نہ ٿا ڪن قبضا گيرن جا ساٿاري ٻڌيل آهن مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو تہ انتظاميا شڪايتن جو ازالو ڪرڻ بدران کين آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪري رهي آهي مظاهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سرڪاري زمين گئوچر ۽ لنگهن تي ٿيل مبينا قبضن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

علي گل پنهور عبدالاحد پنهور ۽ دانيال پنهور کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي هن ٻڌايو تہ ملڪيت جي تڪرار تان فيصل گلزار پنهور جي قتل جو مبينا سبب ٻڌيو قتل ڪيس ۾ چرڪائيندڙ انڪشاف سامهون آيا آهن مقتول جي والده مسمات گلشاد پنهور جي فرياد تي ڪوٽڏيجي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ پوليس گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ياد رهي تہ گذريل مهيني 23 آگسٽ تي مقتول فيصل پنهور کي هٿيار بندن قتل ڪيو هو

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

هيڊڪوارٽر ۾ 77 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جن ۾ ليڊي پوليس اهلڪار پڻ شامل هيون جو اردلي روم ڪيو اردلي روم دوران ايس ايس پي خيرپور مسلسل غير حاضر رهندڙ ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪندڙ 40 پوليس اهلڪارن کي ڊسمس فرام سروس، 3 اهلڪارن کي جبري رٽائرڊ، 27 اهلڪارن کي ڪوارٽر گارڊ، جڏهن تہ هڪ اهلڪار جي ٻن سالن جي سروس ضبط ڪرڻ سان گڏ 6 اهلڪارن کي معمولي سزا ڏني پوليس ملازمن جي پينڊنگ شوڪاز نوٽيسز ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ اردلي روم منعقد ڪيو ويو اردلي روم دوران پوليس اهلڪارن ٽرانسفر پوسٽنگ ۽ ٻين مسئلن بابت پڻ پنهنجا عرض ۽ گذارشون پيش ڪيون جنهن تي ايس ايس پي خيرپور لاڳاپيل عملي کي پوليس ملازمن جي ڀلائي ۽ جائز مسئلن جي فوري حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون ايس ايس پي خيرپور چيو تہ جيڪو بہ پوليس آفيسر يا اهلڪار سٺي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندو ان کي انعامن سان نوازيو ويندو جڏهن تہ پنهنجن فرضن ۾ غفلت ڪندڙن خلاف ڪاتي اندر قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

بروهي، يونس منگي، حسنين چنہ ۽ غلام حسين مگنهار کان علاوه شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ذيشان ساريو حسيب لنب، عاطفه موريو ايان علي، انوار فاطمه، نسرين سولنگي ۽ ٻين نعتون پڙهيون جڏهن تہ اقراءَ پنهور، عاطفه موريو عارفه موريو اقصيٰ مغيري، دانيال انصاري ۽ ٻين شاگردن توڙي شاگردياڻين تقريرون پيش ڪري ٻنهي جهانن جي سردار حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو شان بيان ڪيو آخر ۾ پوزيشن ماڻيندڙ ٻارڙن کي انعام طور ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا ۽ ميلاد جو لنگر تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

جي هدايتن تي ميهڙ اي سيڪشن ۽ شاهه پنجو ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس پاران ڪامياب ڪارروايون ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن مظهر علي نائچ جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي ميهڙ اي سيڪشن پوليس غيرقانوني اسلحه سميت ايڪٽو ڪرمنل احمد بخش عرف ريشمي جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

کي فوري طور تي تعلقه اسپتال پهچايو ويو جتان ڪيس ڳنڀير جوکي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل ورتا. خبر فائل ٿيڻ تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو نہ ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

زخمي ٿيو آهي ۽ ڪيس علاج لاءِ سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

جي ڪوشش ۾ بجليءَ جي ٿنڀي تي چڙهي ويو جتي هو بجليءَ جي تارن سان رنجڙي پيو ۽ ڪرنٽ لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

حيدرآباد، ڄامشورو ٽلو ۽ سائيٽ مل ايريا ڏانهن ايندڙ ويندڙ گاڏيون معطل ٿي ويون جنهن سبب مسافرن کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پيو

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

ٻارن کي مزدوري کان پري رکڻ ۽ نوجوانن لاءِ فني تربيت، سکيا، روزگار ۽ معاش جا بهتر موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ PMPKL جي اهم قدمن مان هڪ آهي

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

اڳوڻو ايس ايڇ او ۽ قابل پيو پوليس اهلڪار نثار مهر ۽ ولي محمد ميراڻي ضمانت لاءِ سيشن ڪورٽ گهوٽڪي پهچي ويا. اڳوڻو ايس ايڇ او ۽ قابل پيو پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ عبدالله گهوٽو معرفت سيشن ڪورٽ ۾ پيش ٿيو جتي ٻنهي جوابدارن پاران ضمانت لاءِ درخواستون داخل ڪيون ويون عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد ٻنهي جوابدارن جون عبوري ضمانتون 9 سيپٽمبر تائين منظور ڪري ورتيون ٻئي طرف چاڏايل معاملي ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او ۽ قابل پيو جي سنڌ هاءِ ڪورٽ مان پڻ 8 سيپٽمبر تائين عبوري ضمانت منظور ٿيل آهي هوڏانهن سيشن ڪورٽ گهوٽڪي ۾ قابل پيو جو ڪيس کڻڻ جي معاملي تي قابل پيو جي وڪيل ايڊووڪيٽ عبدالله گهوٽو ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن گهوٽڪي جي صدر ايڊووڪيٽ شاهنواز وسير وچ ۾ منهن ماري ٿي پئي واضح رهي تہ نوجوان ملهڻ شر پاران آنڌل سنڌراڻي ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ مبينا تشدد ۽ تذليل جا الزام لڳائڻ بعد معاملو سامهون آيو هو جنهن تي اڳوڻي ايس ايڇ او ۽ قابل پيو کي معطل ڪيو ويو هو معاملي جي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ عدالت ۾ ٻڌڻي ايندڙ تاريخ تي جاري رهندي

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

جنهن تي ٿل پوليس مطابق فوري ڪارروائي ڪندي ڪار هٿ ڪري مٿين ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن تہ ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي تہ هي اصل ڏيتي ليتي جو مسئلو هيو ممتاز ڪوسو يونس ڪوسو وارن جا پيسا صابر لغاري جي ڀاءُ پرويز لغاري ڏي هيا جيڪي هنن کي نہ پئي ڏنا جنهن جي جواب ۾ هنن صابر لغاري کان ڪار کسي ورتي هئي.

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

وارادات، گهر جي هڪ بزرگ عورت کي يرغمال بڻائي روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦرڻ بعد جوابدار فرار ٿي ويا.

SUKKUR ELECTRIC POWER COMPANY (SEPCO)

TENDER NOTICE FOR SALE OF OLD / SCRAP / UNSERVICEABLE MATERIAL

1. SUKKUR ELECTRIC POWER COMPANY INVITES E-BIDS ON "AS IS WHERE IS BASIS" THROUGH SINGLE STAGE SINGLE ENVELOPE PROCEDURE ON NATIONAL COMPETATIVE BIDDING FROM TAX PAYER REGISTERED FIRMS FOR SALE OF OLD UNSERVICEABLE POWER TRANSFORMERS.
2. INTRESTED AND ELIGILBE BIDDER MAY INSPECT UNSERVICEABLE MATERIAL ON ANY WORKING DAY FROM PUBLICATION OF TENDER UNTIL OPENING OF TENDER DURING OFFICE HOURS AT THE BELOW MENTIONED LOCATION:

Tender No.	Date of Opening & Time
PMU/SEPCO/PTR-03/2025-26-R	28-09-2026 (Monday) at 11:30 Hrs

Tender No.	Name of Store	Item Description	Qty	Bid Security	PPRA Reference
PMU/SEPCO/ PTR-03/2025-26-R	SS&T Division SEPCO Dadu, Sindh	Unserviceable Power Transformers of various capacities (Copper Winding HV, LV & Tertiary, Core Lamination and Tank & Tube)	14 Nos.	11,055,050/-	D10765

3. STORES WILL BE SOLD ON **"TENDER WISE AS IS WHERE IS BASIS"** AND NO DISPUTE THEREON IS ENTERTAINED. FIRM SHALL QUOTE RATE FOR COMPLETE TENDER / LOT OTHERWISE THE BID WILL BE REJECTED.
4. BIDDING DOCUMENT CONTAINING DETAILED TERMS & CONDITIONS, BID SECURITY, BID VALIDITY, EVALUATION CRITERIA, METHOD OF PROCUREMENT, STORE LOCATION AND LOCATION OF SCRAP ETC IS AVAILABLE ON E-PADS V2.0 AT PPRA WEBSITE. INTERESTED BIDDERS ARE REQUIRED TO BE REGISTER ON E-PADS AND SUBMIT THEIR DOCUMENTS ON E-PADS. FOR REGISTRATION, TRAINING OR ANY OTHER INFORMATION RELATED TO E-PADS, BIDDERS HAVE TO CONTACT PPRA 1ST FLOOR FBC BUILDING SECTOR G-5/2 ISLAMABAD. BID SUBMITTED OTHER THAN E-BID WILL BE TREATED AS **"NON-RESPONSIVE"**.
5. E-BID SHALL REMAIN VALID FOR 120 CALENDAR DAYS FROM THE DATE OF BID OPENING. E-BID HAVING VALIDITY LESS THAN REQUIRED WILL BE TREATED AS **"NON-RESPONSIVE"**.
6. ALL BIDS MUST BE ACCOMPANIED BY BID SECURITY / EARNEST MONEY FROM SCHEDULE BANKS OF PAKISTAN IN SHAPE OF CDR, BANK GUARANTEE OR PAY ORDER VALID FOR 150 DAYS FROM THE DATE OF OPENING OF TENDER IN FAVOUR OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO SUKKUR AND SHALL BE SUBMITTED IN AN ENVELOPE CLEARLY MARKED WITH TENDER NO. TITLE OF PROCUREMENT, DATE & TIME OF OPENING BEFORE THE E-BID SUBMISSION DEADLINE IN THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO, ROOM: 201, 2ND FLOOR, AL SEHRA BUILDING, MINARA ROAD NEAR SESSION COURT SUKKUR OTHERWISE BID WILL BE REJECTED. BID SECURITY IN THE NAME OTHER THAN MENTIONED WILL NOT BE ACCEPTED AND SUCH BID WILL BE REJECTED BY THE DISPOSAL COMMITTEE DURING TENDER OPENING.
7. TENDER WILL BE OPENED ON E-PADS IN THE PRESENCE OF BIDDER'S REPRESENTATIVES WHO WISH TO ATTEND IN THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU, SEPCO, ROOM: 201, 2ND FLOOR, AL SEHRA BUILDING, MINARA ROAD, NEAR SESSION COURT SUKKUR.
8. THE BIDDER WHO IS NOT BLACK LISTED / NOT DEBARRED / NOT DEFAULTED IN WAPDA / NTDC / DISCOS AGAINST ANY DISPOSAL ORDER SHALL HAVE TO PROVIDE UNDERTAKING ON NON-JUDICIAL STAMP PAPER WORTH **RS. 100/-** OR ABOVE IN THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO SUKKUR BEFORE SUBMISSION OF TENDER.
9. ALL THE PROCUREMENT WILL BE GOVERNED UNDER WAPDA DISPOSAL PROCEDURE AND DISPOSAL OF PUBLIC ASSESTS REGULATIONS 2025 (AMENDED TO DATE).
10. SEPCO RESERVES ALL RIGHTS REGARDING REJECTION OF TENDER AS DEFINED IN CLAUSE-33 (1) OF PPRA RULES 2004 (AMENDED TO DATE).
11. FURTHER INFORMATION OR DETAIL CAN BE OBTAINED DURING OFFICE HOURS FROM THE OFFICE OF CHIEF ENGINEER (DEVELOPMENT) PMU, SEPCO SUKKUR, ROOM # 201 AL-SEHRA BUILDING, MINARA ROAD, NEAR SESSION COURT, SUKKUR **(PH: +92-71-9310094, FAX: +92-71-9310055, EMAIL: sepcopmu@gmail.com** / SEPCO WEBSITE **www.sepco.com.pk** AND PPRA WEB SITE **www.ppra.org.pk)**

PID(H) 60/2026

CHIEF ENGINEER (DEV.), PMU SEPCO SUKKUR

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ڇڪتاڻ برقرار، مڊٽرم امتحان اڻڄاتل مدي تائين ملتوي

شاگردن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي ٽئين ڏينهن به خوف واري فضا، تدريس معطل رهڻ سبب شاگرد گهرن ڏانهن روانا

جهيڙي تان ٻنهي ڌرين جون هڪ ٻئي خلاف ڌار ڌار ايف آءِ آرون، 29 سڃاتل ۽ 10 اڻسڃاتل ڄڻا نامزد

هاسٽلون خالي ڪرڻ وارو نوٽيفڪيشن سوشل ميڊيا تي وائرل، انتظاميا ترديدي سرڪيولر جاري ڪري جعلي قرار ڏئي ڇڏيو

ٽنڊوڄام (ٽ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ حالتون معمول تي نه اچي سگهيون. مڊ ٽرم امتحان به ملتوي، شاگرد مايوس ٿي گهرن ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا. يونيورسٽي ۾ ٿيل جهيڙي جو ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي تي ڪيس خلاف داخل. خبر موجب زرعي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

VIETNAM
TANDO JAM
ٽنڊوڄام: زرعي يونيورسٽي جا شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ شاگردن جو انتظاميه خلاف احتجاج

فيس ۾ واڌ ۽ هاسٽلن ۾ بنيادي سهولتن نه ملڻ خلاف پرامن جدوجهد تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام

شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪري هاسٽلن ۾ سهولتون فراهم ۽ رسٽيڪيشن جو فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ٽ ر) زرعي يونيورسٽي جي شاگردن جو يونيورسٽي انتظاميه خلاف بوائز هاسٽل گيٽ آڏو احتجاج نعريبازي، انهي موقعي تي شاگرد جدوجهد اتحاد جي اڳواڻن سڄل سنڌي، ايم ڪي جروار فيصل ڏاليس انعام افضل شر ۽ ٻين چيو ته يونيورسٽي اندر فيس ۾ واڌ ۽ بوائز هاسٽل ۽ گرلس هاسٽل ۾ بنيادي سهولتون نه ملڻ تي پرامن جدوجهد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ پوليس طرفان شاگردن تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ يونيورسٽي انتظاميا پاران بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سگهيون درياءَ جي ٻوڏ واري پاڻي ۾ پير ترڪڻ سبب معصوم نياڻي ٻڏي فوت

گمبٽ (ن ع) سگهيون جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ گلشير ڪلهوڙو جي رهواسي اٺن ورهين جي رهواسي معصوم نينگري مريم ڪلهوڙو سنڌو درياءَ جي ٻوڏ واري پاڻي ۾ پير ترڪڻ سبب ڪري ٻڏي فوت ٿي وئي جڏهن ته معصوم نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو امڙ کي بيهوشي دورا پئجي ويا .

ڪنڌڪوٽ: سعودي عرب ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل پورهيتن جا فائيل فوٽو

ڪنڌڪوٽ واسي ٻه نوجوان سعودي عرب ۾ روڊ حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

مديني شريف ۾ روڊ حادثي سبب عابد علي گولو ۽ انساف گولو فوت ٿي ويا

نوجوانن جي فوت ٿيڻ جي اطلاع تي گهرياتين ۾ روڄ راڙو مچي ويو

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ لڳ مليرواري علائقي ڳوٺ واحد بخش گولو جا رهواسي سعودي عرب جي مديني شريف ۾ روڊ حادثو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا عابد علي گولو ۽ انساف گولو ڏٿي تي فوت ٿي ويا مڙهه بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڌياري ويجهو چيئرمين عشر زڪوات معذورن ۾ ويل چيئر راشن ۽ سامان تقسيم ڪيو

ڪنڌياري(ن ع) ايم اين اي ميڊم شازيا سري ۽ سينيٽر قرت العين سري جي هدايتن تي چيئرمين عشر زڪوات ضلع سانگهڙ ذوالفقار علي چانڊيو ڪنڌياري پريس ڪلب حال ۾ مختلف ڳوٺن جي معذورن کي ويل چيئر راشن سولر لائيٽون ۽ مڇردانيون ڏنيون ويون مستحق خاندان ۾ امام بخش ولد شاهه محمد ڳوٺ گاجڻ وساڻ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

جاتي: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

دادو پرسان چانڊيا برادري جي خوني ٽڪرار جو ڪيس، ٻنهي ڌرين خلاف 40 ڄڻا نامزد

زميني لنگهه تان جهيڙي ۾ 8 ڄڻا مارجي ويا، 6 قتلن جو هڪ ڌر ۽ 2 قتلن جو ٻيو ڌر تي ڪيس داخل

جهلو ٿاڻي تي ٻنهي ڌرين جون ڌار ڌار ايف آءِ آرون داخل، مارجي ويل 8 ڄڻن کي به ڪيسن ۾ جوابدار ڄاڻايو

پوليس پاران ٻنهي ڌرين جا مورچا ۽ مبينا نڪاٽا مسمار، سرچ آپريشن دوران هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

دادو(رپورٽ-ولي محمد لنڊ) دادو پرسان ڪچي واري علائقي جهلو ٿاڻي جي حد ڪچي جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ خوني ٽڪرار تان 8 انساني جانيون ضايع ٿيڻ وارو معاملو اڪبر چانڊيو ۽ خان محمد چانڊيو ٻنهي ڌرين جو هڪ ٻئي خلاف جهلو ٿاڻي تي ڌار ڌار ڪيس داخل، مجموعي طور 40 جوابدار نامزد. 6 ڄڻن جي قتل جو ڪيس جاني پٽ غلام نبي چانڊيو جي فرياد تي 15 سڃاتل ۽ 3 اڻسڃاتل جوابدارن خلاف داخل ڪيو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪي پي ڪي جو وڏيرو وزير پنج ڏينهن جي دوري تي سنڌ پهتو شاندار آجيان

اوباوڙو ويجهو حامد عادل شيخ، ڊاڪٽر مسرور ۽ ٻين سهيل آفريدي جو استقبال ڪيو

سنڌ جو عوام تبديلي لاءِ تيار آهي 27 سيپٽمبر تي سڄو پاڪستان روڊن تي هوندو: سهيل آفريدي

اوباوڙو/ڪنڌڪوٽ (نمائندن وٽان) وزيراعلي خيبرپختونخواهه سهيل آفريدي پنج ڏينهن جي دوري تي سنڌ پهچي ويو ڪي پي ڪي آءِ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل بئريسٽر سلمان اڪرم راجا، ايم اين اي مخدوم زين حسين قريشي پي ٽي آءِ خيبرپختونخواهه جو صدر جنيد اڪبر صوبائي وزيرن مينا خان آفريدي، شفيع جان ايم اين اي عامر ڊوگر عادل بازئي سميت ٻيا مرڪزي اڳواڻ پڻ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: ڪي پي ڪي جو وڏيرو وزير سهيل آفريدي ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ مقتول فيصل گلزار پتو جي قتل ۾ گرفتار جوابدارن جي وارثن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(د ر)خيرپور ۾ مقتول فيصل گلزار پتو جي قتل ڪيس ۾ گرفتار مبينا جوابدارن جي وارثن عورتن ۽ معصوم ٻارن سميت خيرپور پريس ڪلب اڳيان احتجاجي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري جي سخي عبدالوهاب شاهه جيلانيؒ جي مزار تي حاضري

ربيع الاول ۾ مغرب کان فجر تائين بنا تعطل بجلي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون

68 فيڊرن تان 24 ڪلاڪ بجلي فراهم ڪئي پئي وڃي، هلندڙ سال به 68 فيڊر زيرو لوڊشيڊنگ رهندا: فيض الله ڏاهري

درگاهه کي بجلي جي سهولت فراهم ڪرڻ تي حيسڪو انتظاميا کي خراج تحسين، آفيسرن کي اجرڪ ۽ يادگاري شيلڊون پيش

حيدرآباد (پ ر) حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري حضرت سخي عبدالوهاب شاهه جيلاني رح جي مزار تي حاضري ڏني، ان موقعي تي حيسڪو چيف تمام احبابن جو ٿورو ادا ڪندي چيو ته بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ پينٽر فلاءِ اوور تي پينٽنگ ڪري رهيو آهي

بدين پوليس ڪارروائي، ڦريل چوپايو مال هٿ، گينگ جو مک جوابدار گرفتار

مير ڳوٺ مان وسايو ربهاري جا 13 ٻڪر ۽ 3 ٻڪريون ڦرڻ واري ڪيس ۾ صابو چانڊيو گرفتار

گرفتار جوابدار کان جاچ جاري، ٻين گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا

بدين (د ر) ڏڏي ٿاڻي جي حد غلام شاهه پرسان مير ڳوٺ مان ڪجهه ڏينهن اڳ وسايو ربهاري کان 13 ٻڪر ۽ 3 ٻڪريون ڦري فرار ٿيندڙ گروهه خلاف بدين پوليس اهم ڪارروائي ڪندي گينگ جي مک جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ڦريل سمورو چوپايو مال پڻ هٿ ڪيو ويو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه پرسان ڪيلي جو ڪچرو مين روڊ تي رکڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڪيلي جا ٽڙ ۽ پن روڊ تي رکڻ سبب مين رستو سوڙهو آمدرفت ۾ سخت ڏکيائيون: مظاهرين

روڊ تي وڏي مقدار ۾ ڪچرو پيل هجڻ سبب حادثا معمول بڻجي ويا، ڳوٺاڻا

پٽ شاهه (ن ع)پٽ شاهه ويجهو ڳوٺ محمود ٿهيم ۾ ڪيلي جي زميندارن ۽ ٺيڪيدارن پاران مين روڊ تي ڪيلي جا ٽڙ پن ۽ ٻيو ڪچرو رکڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران سخت نعريبازي ڪئي وئي ذوالفقار ٿهيم،نثار ٿهيم ،ضمير علي احمد ٿهيم ،علي حمد ، محمد جمن ٿهيم جي اڳواڻي ۾ ڪيل احتجاجي مظاهري ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر: لکڻ برادري جا ماڻهو لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو موٽرسائيڪل ڦرجي وڃڻ وارداتن خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور(د ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چنا سمنگ ڳوٺ جي رهواسين پاران موٽرسائيڪل ڦرجي وڃڻ وارداتن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين نديم لاشاري، لطيف ملاح، ماجد سمنگ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سندن علائقي مان موٽرسائيڪلون ڦر ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي گذريل رات پڻ هٿياربندن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر لڳ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين پراڻي سڱاوتي تڪرار تان فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي

سومر موري واري علائقي ۾ هٿياربندن ڪورٽ حاضري ويندڙن تي اڻڌاڌ فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ ڳوٺ جي چڪي مڙس موج علي لنڊ ڏٿي تي دم ڏنو ۽ رشيد سخت زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪري لاش وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

خانپور مهر (رپورٽ: سري چند ڪيورا) خانپور مهر ويجهو سومر موري واري علائقي ۾ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ ڪن سالن کان پراڻي سڱاوتي تڪرار تان هٿياربندن فائرنگ ڪري ڳوٺ جي چڪي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

شڪارپور مان پراسرار نموني بيهوشي واري حالت ۾ نينگر اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

جيمر خان پرسان بيهوشي حالت ۾ مليل 15 ورهين جي عمر ولد اشفاق لاشاري اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

نوجوان واقعي کان لڳ ڀڳ ٻه ڪلاڪ اڳ گهران نڪتو هو، ڪنهن سان دشمني ناهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

ضروري قانوني ڪارروائي بعد نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو آهي، مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

شڪارپور (د ر) شڪارپور جي جيمر خان پرسان پراسرار نموني بيهوشي واري حالت ۾ 15 ورهين جو شاگرد هٿ اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو فوت ٿي ويل نوجوان جي سڃاڻپ اٺين جماعت جي شاگرد محمد عمر لاشاري ولد اشفاق احمد لاشاري طور ڪئي وئي آهي اسپتال انتظاميا موجب نوجوان کي بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال منتقل بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ظالم حڪمران
ليوي ڀتا ٽيڪس ختم ڪرو
پيٽرول جي قيمت ڪم ڪرو
ڌرنا
جيڪب آباد: جماعت اسلامي جي سڏ تي پيٽرول اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ ۾ روزمره شين جا اگهه واپارين چوٽ چاڙهي ڇڏيا، رهواسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ شهر ۾ روزمره جي استعمال هيٺ ايندڙ کاڌي پيتي جي شين جا من پسند اگهه مقرر ڪري واپاري شهرين کان وڌيڪ رقم وصول ڪري لٽڻ لڳا آهن جنهن سبب عام خريدار سخت پريشاني ۽ مهانگائي جي اضافي بار هيٺ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو دريا ۾ ٽپو ڏيندڙ نوجوان جو لاش هٿ نه آيو، وارث پريشان


مورو (ن ع ... دادو-مورو پل ... وٽ 25 ورهين جي نوجوان ذوالفقار ولد بخشل ڌه ... مبينا طو ... درياهه سنڌ ۾ ... کيو ڏئي ڇڏيو واقعي کي 24 ڪلاڪ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن واري جديد اسپتال جي منصوبي بابت جائزه اجلاس

اسپتال جي تعميراتي ڪم، اڳڀرائي ۽ منصوبي ۾ ايندڙ رڪاوٽن جو جائزو ورتو ويو

وڏي وزير پاران جديد اسپتال جولاءِ 2028ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر

ايمرجنسي، آءِ سي يو، جديد آپريشن ٿيٽرز ۽ تشخيصي سهولتون قائم ڪيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وڏي وزير هائوس ۾ لاڙڪاڻي ۾ تعمير هيٺ 600 بسترن واري جديد اسپتال جي منصوبي بابت جائزه اجلاس ٿيو جنهن ۾ اسپتال جي تعميراتي ڪم اڳڀرائي ۽ منصوبي ۾ ايندڙ رڪاوٽن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، صحت کاتي جي سيڪريٽري طاهر سانگي، پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ، پيراگون ڪنسٽرڪٽرز اي اي ڪنسلٽنگ، لينگڊن ولسن انٽرنيشنل جي نمائندن ۽ ٻين اعليٰ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: جماعت اسلامي جي سڏ تي پيٽرول اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف ڪيل شٽر بند هڙتال جو ڏيک

ٽنڊوآدم ۾ جماعت اسلامي جي مرڪزي سڏ تي مڪمل شٽربند هڙتال

پيٽرول گئس بجليءَ جي اگهن ۽ ناجائز ٽيڪس خلاف واپارين شٽربند هڙتال ڪئي

ڪارڪنن عريف الله سيفي، عبدالغفور انصاري ، مشتاق عادل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) جماعت اسلامي جي مرڪزي سڏ تي پيٽروليم اسمن جي اگهن ۾ واڌ ، مهانگائي ۽ ناجائز ٽيڪسن خلاف مڪمل شٽربند هڙتال ڪئي وئي شهرجا مک ڪاروباري مرڪز محمدي چوڪ ، ايم اي جناح روڊ ، اسٽيشن چوڪ ، شاهي بازار، بمبئي بازار، سونار بازار ، ڪپڙا مارڪيٽ، شوز مارڪيٽ، ڪجي مارڪيٽ، پاڇي مارڪيٽ سميت ٻيا ڪاروبار مرڪز مڪمل طور بند رهيا آهن جڏهن ته روڊن تي ٽريفڪ پڻ معمول کان گهٽ آهي جماعت اسلامي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سکر ضلعي جي مختلف شهرن ۾ جماعت اسلامي پاران شٽر ڊائون هڙتال

ڪارڪنن پاران ريلي ڪڍي گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو

واپاري ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ جزوي طور شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) پيٽروليم ليوي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي پاران ملڪ گير هڙتال جي اعلان تي ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ضلعي جي مختلف شهرن ۾ پڻ ڪيترائي دڪان بند رهيا. سکر شهر جي مختلف علائقن شاهي بازار شهيد گنج گهنٽا گهر نيم جي چاڙهي، مهراڻ مرڪز صرافا بازار ۽ ٻين هنڌن تي دڪان بند رهيا، جڏهن ته مختلف واپاري ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ جزوي طور شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي، ڪجهه بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو قومي شاهراهه تان اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ، سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

شاهپورجهانيان وٽ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

وارثن پهچي اعجاز ولد علي محمد مورو واسي طور سڃاڻپ ڪرڻ بعد ڪٺائي ويا

مورو (ن ع) قومي شاهراهه شاهپورجهانيان تان هٿ آيل نامعلوم اڻڄاتل شخص جي لاش جي سڃاڻپ فنگر پرنٽس ذريعي نادرا جي رڪارڊ مان ٿي وئي آهي نادرا رڪارڊ موجب فوتي جو نالو اعجاز علي ولد علي محمد آهي فوتي جي شناختي ڪارڊ جي رڪارڊ مطابق مورو شهر جي وارڊ نمبر 03 محلو حضوري پير مورو ۽ ٻي ايڊريس ڳوٺ جان محمد پلهه امام آباد ڪوٽ سدابو مورو طور تي ٿي آهي فوتي جو لاش جو وارثن کي اطلاع ڏنو ويو جيڪي لاش جو قانوني ڪارروايون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن جي مورو جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

KANDIARI PRESS CLUB
ڪنڌياري: معذورن ۾ ويل چيئرس ورهايون پيون وڃن

سنڌ جي وحدت تي وار برداشت نه ڪنداسين، امن عالم اجتماع خلاف سازش جو مقابلو ڪنداسين: راشد سومرو

سنڌ حڪومت پنهنجا گناهه لڪائڻ لاءِ اسيمبلي ۾ بحث ڪرائي رهي آهي، اهو بحث آخري هجڻ گهرجي

70سالن کان حڪومتون ڏاهڻ ۽ ڏاهڻ وارن کان سسٽم نه هلڻ بابت پڇاڻو ٿيڻ گهرجي: جي يو آءِ اڳواڻ

جاتي(ن ع) سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ نه ڏينداسين جنهن خلاف امن عالم اجتماع ڪري رهيا آهيون اهڙو اظهار جي يو آئي سنڌ جي اڳواڻ راشد محمد سومرو جون جاتي ۾ ورڪر ڪنوينشن بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته سسٽم نه هلڻ جون ڳالهيون ڪندڙن کان پڇڻ کپي ته 70 سال حڪومتون ڪنهن هلايون ڪنهن پٺي ڏاهيون ۽ ڪنهن پٺي ڏاهيون حڪومتي ڌر جا اسيمبلي ميمبر ۽ وزيرن جا اثاثا جانچيو ته اڳ ڪيترا امير هئا ۽ هاڻ ڪيترا غريب آهن ضلعي سڄاول ۾ 22 ويلر منشيات جا ٽيڪنر غائب ٿيو وڃن انهن جي به خبر بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ هٿياربندن هٿان شهيد ٿيل اهلڪار امجد شيخ جي تدفين

آخري رسمن ۾ ڊي آءِ جي ناصر آفتاب، ايس ايس پي ۽ ٻين عملدار شرڪت ڪئي

پوليس جا شهيد قوم جا محسن آهن، سندن قربانيون ڪڏهن به رائگان نه وينديون ڊي آءِ جي

سکر (بيورو رپورٽ) فرض جي ادائيگي دوران شهيد ٿيل پوليس ڪانسٽيبل امجد علي شيخ جي نماز جنازه پوليس لائن هيڊڪوارٽر سکر ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن سميت صحافين سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز جنازه ۾ ڊي آءِ جي سکر رينج ناصر آفتاب، ايس ايس پي سکر احمد چوڌري، ايس پي هيڊڪوارٽر عبدالستار ڦل اي ايس پي يو ڪي سعد، ۽ ٻين پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي شهيد جي مغفرت بلند درجات ۽ وارثن لاءِ صبر جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

شهيد پوليس ڪانسٽيبل
امجد شيخ
سکر: پوليس ڪانسٽيبل جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

صحافي شاهنواز سومرو جي گرفتاري ۽ مبينا تشدد وارو معاملو، دادو پوليس جي صحافي برادري کان معذرت

غلط فهمين سبب واقعو پيش آيو صحافي ڀائرن کي تڪليف پهچڻ تي افسوس آهي: ايس ايس پي

ايس ايڇ او قلجي اسٽيشن ۽ پوليس عملي پاران معذرت، اڳتي اهڙو واقعو ٻيهر نه ٿيڻ جي خاطري

قلجي اسٽيشن (ن ع) قلجي اسٽيشن پريس ڪلب جي سينئر صحافي شاهنواز سومرو کي گرفتار ڪري مبينا تشدد ڪرڻ واري معاملي تي ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي، ڊي ايس پي اڪبر چنا، ايس ايڇ او قلجي اسٽيشن افتخار جمالي ۽ پوليس عملي صحافي برادري کان معذرت ڪري ڇڏي ان موقعي تي ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي چيو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ پيدا ٿيل غلط فهمين سبب جيڪو معاملو پيش آيو ان سان صحافي ڀائرن کي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ 21 سيپٽمبر کان پوليو مهم، 4 لک 39 هزار ٻارن کي ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر

پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ سمورا لاڳاپيل کاتا ۽ اسٽيڪ هولڊرز ذميواريون پوريون ڪن: ياسر ڀٽي

زيرو ڊوز ٻارن جي نشاندهي تي خاص ڌيان، هر ويڪسينيٽر پنهنجي علائقي ۾ جوابده هوندو

بدين (د ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ ڊسٽرڪٽ پوليو ايراڊيڪيشن ڪميٽي جي اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ 21 سيپٽمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن، مائڪرو پلان، ويڪسينيٽرن جي ڪارڪردگي، زيرو ڊوز ٻارڙن جي نشاندهي ۽ مهم دوران مختلف کاتن جي سهڪار جو تفصيلي جائزو ورتو ويو گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ بصر جي ٻج جي سودي تان مري برادري جو واپاري خلاف احتجاج

ٻج جو اگهه وڌڻ بعد واپاري طئي ٿيل سودو پورو ڪرڻ کان ڦري ويو: لال خان مري

محمد حسن مڱسي ڪيترن ئي دڪاندارن ۽ واپارين سان به فراڊ ڪيو آهي نوٽيس ورتو وڃي

هالا (ت ر) هالا ۾ مري برادري پاران مري اتحاد ستياري جي اڳواڻ لال خان مري جي اڳواڻي ۾ بصر جي ٻج جي واپاري محمد حسن مڱسي خلاف هالا پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي لال خان مري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پٽ شاهه موريءَ جي رهواسي واپاري محمد حسن مڱسيءَ سان بصر جي ٻج جو سودو طئي ٿيو هو جنهن لاءِ ڪيس ائڊوانس رقم پڻ ادا ڪئي هئي پر بعد ۾ ٻج جو اگهه وڌڻ کان پوءِ هو پنهنجي سودي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: سائيٽ لميٽيڊ جي ملازمن پاران پگهارون ۽ پينشنون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ لميٽيڊ جي ملازمن جو احتجاج

پگهار ۽ پينشن نه ملڻ خلاف مل سائيٽ ايريا ۾ مين آفيس آڏو ريلي

اسان جون ٻن مهينن جون رهيل پگهارون ادا نه ٿيون ڪيون وڃن: ملازم

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ لميٽيڊ جي ملازمن جو پگهار ۽ پينشنون نه ملڻ خلاف مل سائيٽ ايريا ۾ مين آفيس آڏو ريلي ڪڍي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪري احتجاج رڪارڊ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڊي سي ڄامشورو جي صدارت هيٺ ضلعي رابطه ڪميٽي جي گڏجاڻي

سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي فراهمي واري نظام کي مضبوط بڻائڻ واري منصوبي تي غور

پائيدارن وچ ۾ مؤثر رابطي باهمي سهڪار ۽ بهتر هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ تي زور

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ضلعي رابطي واري ڪميٽي جي گڏجاڻي سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي فراهمي واري نظام کي مضبوط بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر مان هٿياربند ڀاتين کي يرغمال بڻائي روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦري ويا

وچ شهر مان بخاري هائوس پرسان هٿياربند ديوان سنل ڪمار جي گهر داخل ٿي پيرسن کي يرغمال بڻايو

هٿياربند بزرگ عورت کي يرغمال بڻائي روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦري فرار ٿي ويا

ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي جون هدايتون جاري ڪيون

خانپور مهر(رپورٽ: سري چند ڪيورا) خانپورمهر ۾ ڦلڙي جي ڏينهن وچ شهر مان بخاري هائوس پرسان ماڪاهي اسٽينڊ واري علائقي ۾ ديوان سنل ڪمار جي گهر ۾ نامعلوم هٿياربندن پاران ڦرلٽ جي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار زال ڏٿي تي فوت، مڙس زخمي

اڪنامڪ ٿاڻي جي حد ۾ جهنگل هوٽل پرسان حادثي ۾ 22 ورهين جي بسمه اڄڻ ڏٿي تي دم ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي مڙس اقبال اڄڻ کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

ناري جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڀاتين ۾ ڪهرام متل

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڏانوري) گمبٽ لڳ اڪنامڪ ٿاڻي جي حد ۾ جهنگل هوٽل پرسان تيزرفتار ٽرالر جي ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل زال ۽ مڙس کي سوار هئا جنهن سبب موقعي 22 سالا بسما زال بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: خدڪشي ڪندڙ استاد اسلم چانگ جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

فيض گنج ويجهو پرائمري استاد گهريلو پريشانين کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ملو چانگ واسي استاد اسلم چانگ پاڻ کي گولي هڻي زندگي جو انت آندو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

فيض گنج(ن ع) فيض گنج جي ڳوٺ ملو چانگ واسي پرائمري استاد مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي فيض گنج جي ڳوٺ ملو چانگ واسي پرائمري استاد اسلم چانگ مبينا طور پاڻ کي فائرنگ ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي واقعي بعد استاد جو لاش سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ وڌيڪ پيو وڃي ته بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي شروع

ڪميشن مير رضا جي بزنس پارٽنر احمد پردي کي طلب ڪري ڪانئس مختلف سوال ڪيا

مير رضا جو گهر بهادر آباد پرسان هجڻ سبب هو انهي ڪاروباري معاملن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ هو

مير رضا شيلف ۾ سگريٽ جا پيڪٽ رکندو هو جن مان ڪڏهن ڪڏهن چرس پڻ ملي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي شروع ٿي وئي آهي مير رضا جي وارثن وڪيل جبران ناصر سان گڏ ڪميشن ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌ حڪومت جو فوڪل پرسن ايڊيشنل سيڪريٽري گهرو کاتي ايس ڊي پي او شاهراهه فيصل ارشد آفريدي ۽ ايس ايڇ او فيروز آباد عديل افضل پڻ ڪارروائي دوران بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

QUARTERLY PROGRESS REVIEW MEETING
FOR THE PERIOD OF APRIL TO JUNE 2026
03rd SEPTEMBER 2026
KUNDAN RESTAURANT SHIKARPUR
09:30 AM
STRONGER IMMUNIZATION, HEALTHIER TOMORROW
IMPLEMENTED BY: VITAL PAKISTAN TRUST SHIKARPUR
شڪارپور: وائيٽل ٽرسٽ پاران ڪرايل تقريب ۾ شريڪ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

دوڙ ۾ گٽر نالي ۾ موٽرسائيڪل ڪرڻ سبب نوجوان زخمي، ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل

دوڙ (ن ع) دوڙ شهر ۾ مورو روڊ تي گٽر نالي جي ڍڪڻ ۾ موٽرسائيڪل ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو سريا پيٽ ۾ لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي پيو ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ گهر تي مبينا حملي خلاف زال مڙس جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(د ر)خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پنجهٽي جي رهواسي ڪاشي پنهنجي زال مسمات راڳني سان گڏ اي سيڪشن ٿاڻي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڪاشي ۽ سندس زال بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي: تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

ميرواهه گورچاڻي ويجهو ڪنگورو شاخ اسٽاپ وٽ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ مستري شوڪت آرائين موقعي تي فوت، لاش اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، ڪار ڊرائيور موقعي تان فرار

ڏهرڪي(ن ع) ڏهرڪي: تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار فوت، ڪار ڊرائيور فرار ميرواهه گورچاڻي ويجهو ڏهرڪي ٿاڻي جي حد ۾ ڪنگورو شاخ اسٽاپ وٽ تيز رفتار آلٽو ڪار جي ٽڪر ۾ موٽر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي: ڪار ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل موٽر سائيڪل سوار مستري شوڪت آرائين

اسلام ڪوٽ ۾ سرڪاري زمينن ۽ قديمي لنگهن تي مبينا قبضن خلاف احتجاج

گئوچر ۽ قديمي لنگهه تي قبضا، رستو 10 فوٽن تائين محدود ٿيڻ سان رهواسين ۽ مالدارن کي پريشاني

اي سي ۽ مختيارڪار کي بار بار درخواستن باوجود ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (ن ع) تعلقي اسلام ڪوٽ ۾ روينيو سان لاڳاپيل مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳا آهن اسلام ڪوٽ ۾ سرڪاري زمينن، اريڪيو پراپرٽين گئوچر ۽ قديمي لنگهن تي قبضا ختم نه ٿيڻ سبب مالدار ماڻهو پريشان آهن جڏهن ته روينيو انتظاميا جي خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي گذريل ڏينهن متاثر شهرين سنيل ڪمار پرتاب، گهنشام، ليمن، سريش ۽ جيوت جڳاڻي، ميگهواڙ سميت ٻين احتجاج ڪندي الزام هنيو ته پراڻي هريجن محلي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ملڪ گير شٽر ڊائون
هڙتال
03
225
اسلام ڪوٽ: جماعت اسلامي جي سڏ تي پيٽرول اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور پوليس فيصل گلزار ڪيس جي مرڪزي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(د ر)ضلعي ڪونسل خيرپور جي مقتول انجنيئر فيصل گلزار پتو قتل ڪيس ۾ وڏي ڪارروائي قتل ۾ ملوث تي مرڪزي جوابدار گرفتار ايس ايس پي خيرپور امير سعود مڱسي موجب انجنيئر فيصل گلزار پتو جي قتل ۾ سندس مامي سميت 3 مک جوابدار گرفتارڪيا آهن جڏهن ته قتل ڪيس ۾ مقتول جو مامو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي خيرپور 77 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي ڊيوٽي ۾ غفلت سبب برطرف ڪيو

اردلي روم دوران 40 اهلڪارن کي ڊسمس، 3 کي جبري رٽائرڊ، 27 کي ڪوارٽر گارڊ ۽ هڪ جي سروس ضبط ڪئي وئي

جيڪو به پوليس آفيسر يا اهلڪار سٺي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندو ان کي انعامن سان نوازيو ويندو: امير سعود

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) ايس ايس پي خيرپور امير سعود مڱسي پاران 77 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جو اردلي روم، 40 اهلڪار نوڪري مان برطرف ايس ايس پي خيرپور امير سعود مڱسي پوليس بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ شهر جي خانگي اسڪول ۾ جشن عيد ميلادالنبي

شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ شهر جي خانگي اسڪول سڪلتا اسڪولنگ سسٽم ۽ ورلڊ ناليج پبلڪ اسڪول پاران جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وآله وسلم تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت اسڪول جي سرپرست اعليٰ دودو ديشي ڪئي. تقريب ۾ اسڪول جي چيئرمين هوش محمد ڀٽي کان علاوه مختلف مڪتب فڪر سان وابسته شخصيتن زيب علي سارين سيد علي گوهر نقوي سعيد احمد ڪولاچي، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي ۽ مور سنڌي سميت اسڪول جي استادن غلام حسين ڀٽي، ڪائنات مورين فراز جهنيال ڪلثوم سارين شازيه سيال غزالا پنهور حسينه بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

باڊهه: مقامي اسڪول ۾ ڪرايل محفل ميلاد ۾ اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ميهڙ ۾ پوليس جون ڪارروايون، 2 ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون ۽ هٿيار هٿ، جوابدار گرفتار

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ پوليس جون ڪارروايون ڦر جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار 2 ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون ۽ هٿيار هٿ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان فائرنگ سبب شهري زخمي، اسپتال منتقل، جوابدار فرار

ٽنڊو آدم (ن ع) سٽي ٿاڻي جي حد حيدرآباد روڊ تي پئسن جي ڏيتي ليتي تان جوابدار فائرنگ ڪري شوڪت سورتي ولد نظير سورتي زخمي ڪري ڇڏيو زخمي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال ۾ فوت، وارثن جو ڌرڻو

نيو پنڊ پوليس پاران مقابلي بعد 18 ورهين جي جمال لکڻ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

زخمي نوجوان کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو

اطلاع تي وارثن جو لاش رکي احتجاجي ڌرڻو معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) لکڻ برادري سان تعلق رکندڙ 18 ورهين جي جمال لکڻ جي وارثن جو موقف آهي ته نيو پنڊ پوليس گذريل رات نوجوان کي مبينا طور حراست ۾ وٺڻ کانپوءِ گم ڪري ڇڏيو هو وارثن موجب بعد ۾ پوليس طرفان ٻڌايو ويو ته جمال لکڻ مبينا پوليس مقابلي دوران فائرنگ ۾ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ نوجوان ملهڻ شر واقعي الزام ۾ ٽن جوابدارن جون ضمانتون منظور

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي نوجوان ملهڻ شر تي مبينا تشدد وارو معاملو معطل ايس ايڇ او قابل پيو سميت ٽن جوابدارن جون عبوري ضمانتون منظور خبر موجب گهوٽڪي: ڪجهه ڏينهن اڳ آندڙ سندراڻي ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ نوجوان ملهڻ شر کي مبينا طور تشدد ڪرڻ ڪيو لاهڻ ۽ تذليل ڪرڻ واري معاملي ۾ معطل بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

گهگهر ۾ ڪبوترن جي شوق نوجوان کان حياتي کسي ورتي

سجاد علي ڪبوتر پڪڙڻ جي ڪوشش ۾ بجليءَ جي ٿنڀي تي چڙهي ويو

هو بجليءَ جي تارن سان وچڙي پيو ۽ ڪرنٽ لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گهگهر ۾ ڪبوترن جي شوق نوجوان کان حياتي کسي ورتي، ملير جي علائقي گهگهر جي صابو ڳوٺ ۾ ڪبوتر پڪڙڻ دوران بجليءَ جي ٿنڀي تي چڙهيل 19 ورهين جو نوجوان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو مليل ڄاڻ موجب سجاد علي ولد طالب حسين بروڙو ڪبوتر پڪڙڻ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

مورو پوليس گذريل ڏينهن ڳوٺاڻي کان ڦر ٿيل سامان هٿ ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) گذريل ڏينهن ڦل مصر جي واهه روڊ ڳوٺ پريه وٽ ڳوٺ حاجي ملو لغاري واسي صابر لغاري کان ڪرولا ڪار ،موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر وارو ماجرو ڪار مالڪ ڦل ٿاڻي تي ٽن سڃاتل ماڻهن يونس ڪوسو،ممتاز ڪوسو ۽ راهب ڪوسو خلاف ڦر جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڪنڀي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ ريلي

مظاهرين پلي ڪارڊ کڻي سخت احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي ۽ ڌرڻو هنيو

اسان پرامن آهيون گم ٿيل قومي ڪارڪنن جي گهرن ۾ روڄ راڙو آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سنڌ سبا ڪوٽڙي سائيٽ ۽ ٻين علائقن سان ڪنڀي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ ايڊمور پمپ لڳ فلائي اوور تي ريلي ڪڍي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي ۽ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن سبب ڪوٽڙي، ڪراچي، بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

فلپ موريس لميٽيڊ جو اسڪالر ٽريننگ پروجيڪٽ 2026ع ڪاميابيءَ سان مڪمل

تماڪ پوکيندڙ برادرين جي 964 نوجوانن فني ۽ پيشه ورانه تربيت مڪمل ڪري ورتي

13 کان 17 سالن جي عمر جي 964 نوجوانن فني ۽ پيشه ورانه تربيت ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪئي

صوابي/مردان(پ ر) سماجي پائيداري ۽ تمباکو پوکيندڙ برادرين جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي عزم تحت فلپ موريس (پاڪستان) لميٽيڊ پاران صوابي ۾ گريجوئيشن تقريب منعقد ڪري اسڪالرز ٽريننگ پروجيڪٽ 2026ع جي ڪاميابي تڪميل جو اعلان ڪيو ويو 2021ع ۾ شروع ڪيل اسڪالرز ٽريننگ پروجيڪٽ، تماڪ پوکيندڙ برادرين ۾ ننڍي عمر جي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: اٽلي جو سفير مملڪتي وزير فهد هارون سان ملي رهيو آهي

حيدرآباد: علمدار چوڪ کي نيشنل هاءِ وي سان ملائڻ لاءِ روڊ جي تعمير ڪئي پئي وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.